
ABC CERTIFIED

# مهراڻ

نمبر1/2021ع

سنڌي ادبي بورڊ



# هيءَ جا
# لات "لطيف" جي

سُونهان سُڏِيُون ڏِينِ، ديواني دَرياءَ جِيُون،
ڪُوڙَ اوڏائِي ڪِينَ ڪِين رُڳو سَچُ سَودِينِ،
عِجزَ جو آڏَ رات ڪي وَٽِجُ وِهائِينِ،
ساتُ نِباهِيو نِينِ، ثابِتُ اِنهِ سِيرَ مان.

(سُر سري راڳ)

***

سمجهاڻي:

جيڪي (سالڪ) ان راهه کان واقف آهن، اهي ان ديواني (مستيءَ ۾ پربل) درياهه جون خبرون چارون رکن ٿا، اهي ڪٿهن به ڪوڙ جي ويجهو نٿا وڃن ۽ هميشه سچ جو سودو پيا ڪن. اهي اڌ رات جو اُٿي (مالڪ سان) نهايت عاجزي ۽ نوڙت جو سودو ڪن ٿا، اهڙا سات ڏٽي (ڪامل انسان) ٿي پوءِ اونهي پاڻيءَ مان پنهنجي ساٿين کي سلامتيءَ سان وٺي وڃن ٿا.

(شاهه جو رسالو) محقق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
شارح: ڊاڪٽر عبد الغفار سومرو
ڇاپو پهريون: 2016ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

ABC CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]


جلد 71 — جنوري- مارچ 2021ع — نمبر 1



**سرپرست**

**مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘**

**چيئرمين**

**ايڊيٽوريل بورڊ:**

**ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ**

**ڊاڪٽر نواز علي شوق**

**ڊاڪٽر اسد ’جمال‘ پلي**

**سيڪريٽري**

**سيد سڪندر علي شاهه**

**ايڊيٽر**

**ثمينه ميمڻ**



سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ




ٽماهي

# مهراڻ

(Regd No. NS-20)

سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، سنڌ

The "Mehran" Quarterly

Vol: 71, No 1/2021

(Established in 1955)


* An age old leading journal of Scholarship in Sindhi Language, Acknowledged in all Literary circles of Pakistan and Abroad.
* Contemporary Creative writings, History, Civilization Education, Music, Folklore, Archaeology, Lexicography, General Culture of Sindh and Translations from world Literature are the main topics of Material Usually Published in this Periodical.
* Published by *SINDHI ADABI BOARD*


* Publication Contact:

Editor, 'Mehran' Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro Sindh, Pakistan
Tele: 022-2907074
022-9213425
Fax: 022-9213422
E.mail: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiadabiboard.org

Subscription contact:
Manager
Sindhi Adabi Board's Kitab Ghar
Tilak Incline Hyderabad,
Sindh, Pakistan
Telephone: (022) 2633679

خريداريءَ لاءِ رابطو:
مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ


ساليانو چندو: اٺ سو روپيا — فون نمبر: 022-2633679 — في پرچو: ٻه سو روپيا


Printed and Published by Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Sindh University New Campus, Jamshoro, Sindh, Pakistan.



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# سوچ -لوچ

پڙهندڙ سائيو! نئين سال جي مبارڪن سان گڏ نئون ’مهراڻ‘ توهان جي هٿن ۾ آهي. اسين انهن سڀني محققن ۽ شاعرن جا شڪرگذار آهيون، جن اسان سان پنهنجو ڀرپور تعاون ڪيو آهي. محترم چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ جي رهنمائي ۽ ايڊيٽوريل بورڊ جي ميمبرن جي تعاون سان اسان جون تماهي ’مهراڻ‘ لاءِ ڪيل نئين عزم سان /نيون ڪوششون اوهان کي ڪيئن ٿيون لڳن اسان کي ضرور صلاح ۽ مشورن سان نوازيو.

**مجتا ايوارڊ ۽ شڪريه ادائي:**

تاريخ 7- فيبروري 2021ع تي ڪوٽڙي جشن آصف مصراڻي تقريب ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده چيئرمين مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ کي سنڌس علمي، ادبي خدمتن ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي تاريخي خدمتن عيوض حُسن ڪارڪردگي مجتا ايوارڊ سان نوازيو ويو آهي. اُنهيءَ سلسلي ۾ بورڊ آف گورنرس، بورڊ جي انتظاميه ۽ بورڊ جا سمورا ملازم سنڌي ادبي سنگت جا تهه دل سان شڪرگذار آهيون، جن چيئرمين صاحب کي هن ايوارڊ سان نوازيو.

**تعزيتي ميڙاڪو:**

15 فيبروري 2021ع تي ڄام شورو جي مخدوم طالب المولىٰ آڊيٽوريم ۾ بورڊ آف گورنرس جي وڇڙي ويل ٻن ميمبرن جسٽس سيد ارشاد علي شاهه، عبدالقادر جوڻيجو ۽ بورڊ آف گورنرس جي اڳوڻي ميمبر ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ ناليوارن اديبن ۽ ڪُٽنب جي ڀاتين ٻڌ سنڌن علمي ادبي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي.

**ڀڳهه ڇوڙي پند پيا:**

**محترم ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو**

تاريخ 16- ڊسمبر 2020ع تي ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو اسان کان وڇڙي ويو.

ڊاڪٽر صاحب 1- آگسٽ 1972ع تي راڻيپور لڳ ڳوٺ گل محمد ڄامڙو ضلع خيرپورميرس ۾ پيدا ٿيو. پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ بعد 1998ع ۾ شاهه لطيف چيئر ڪراچي ۾ ريسرچ آفيسر طور ڀرتي ٿيو. ان بعد جلدي 2000ع ۾ اسلاميه ڪاليج ڪراچي ۾ سنڌي ليڪچرار طور نوڪري شروع ڪيائين، پاڻ ’سنتو جا گيت‘ (لوڪ گيت) جي موضوع تي ڊاڪٽريٽ به ڪري ورتائين. سنڌن اها ٿيسز 2010ع ۾ سنڌ ثقافت کاتي شايع ڪري منظر تي آندي



ڊاڪٽر صاحب جا ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ شاعري اخبارن ۽ جريدن ۾ شايع ٿيندي رهي، سنڌن ڪتاب ’سنڌي موسيقي جا امر آواز‘ ڇپيل آهي. پاڻ وفاقي اردو يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جو استاد ۽ انچارج رهيو.

سنڌس خاص شوق ۽ نسبت سنڌي لوڪ ادب سان رهيو. سُگهڙن جي محفلن ۾ اڪثر موجود رهندا هئا، ڪافي پروگرامن ۾ صدارت ڀڻ ڪيائون، پاڻ ’سلات‘ (سنڌ لوڪ ادب تنظيم) جا سربراهه ڀڻ هئا.

**محترم رسول بخش درس**



درس صاحب جي پيدائش جهمپير ضلع ٺٽي ۾ 10- جون 1953ع ۾ ٿي. سنڌن والد جو نالو محمد اسمٰعيل درس هو، پاڻ بنيادي طور پرائمري استاد هو، ڪجهه وقت ٽريننگ (لرننگ ڪوآرڊينيٽر سپروائيزر ۽ سنڌيءَ جو سبجيڪٽ اسپيشلسٽ ڀڻ هو. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم.اي سنڌيءَ ۾ ٻي پوزيشن حاصل ڪيائون. سنڌن جيڪي ڪتاب شايع ٿيا انهن ۾: (1) سهائي جي سوڀ، (2) ساٿ جي موسم، (3) سنڌ هيرن کاڻ (ٻه جلد) شامل آهن. پاڻ ڪجهه سولو-پلي (Solo-play) ڀڻ لکيائين. ’سرسوتيءَ‘ نالي رسالي جا ڪجهه پرچا، عبدالعزيز اثر سولنگي سان گڏ ڇپرايائين. هُو بنيادي طور ڪهاڻيڪار هو، ۽ ڪهاڻي ئي ادب ۾ سنڌس سڃاڻپ بڻي.

سنڌ جو هيءُ اهم اوطاقي اديب ۽ موسيقيءَ جو ماهر 29- ڊسمبر 2020ع تي هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو.

## محترم پارس حميد



تاريخ 30- ڊسمبر 2020ع تي پارس حميد بہ هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو.

حميدالحق قاضي عرف پارس حميد 1- جنوري 1957ع تي ڳوٺ ڳاهي خان جلباڻي، خانواهڻ لڳ، تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهرفيروز ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ايم.اي (اڪنامڪس) ۽ ايل.ايل.بي هو. پاڻ سنڌ سيڊ ڪارپوريشن ۾ اسسٽنٽ ڊيريڪٽر (مارڪيٽنگ) رهيو. نماڻي مزاج جو مالڪ نثرنگار ۽ شاعر هو. سندس ٽي ڪتاب: (1) ڦهريون خواب، (2) هٽ ترين تي روشن دک، (3) ديس پرديس ڇپيل آهن. سندس نثري نظمن ۾ ڪافي شهرت ماڻي.

پارس حميد صاحب ٽماهي 'مهراڻ' جو ريگيولر شاعر هو، هُو تسلسل سان 'مهراڻ' ۾ ڇپيو، سنڌي شاعرن جي هِن لڙهيءَ ۾ سندس خال هميشہ محسوس ٿيندو.

## محترم هدايت پريم

سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو ليکڪ، ڪهاڻيڪار ۽ سنڌي ٻوليءَ جو استاد هدايت پريم تاريخ 20- جنوري 2021ع تي موڪلائي ويو.



هدايت پريم جي نالي سان لکندڙ هن اديب ۽ استاد جو پورو نالو هدايت الله آخوند آهي، 24- مارچ 1946ع تي تعلقي اوٻاوڙي ضلعي سکر ۾ پيدا ٿيو، پرائمري تعليم روهڙيءَ مان حاصل ڪيائين. اعليٰ تعليم اسلاميہ ڪاليج سکر مان ۽ ايم.اي سنڌي سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1973ع ۾ ڪيائين، سندس ٽي ڪتاب: (1) سنڌي ٻوليءَ جا محقق (ٻہ ڇاپا)، (2) ٿر جي ٻولي، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقادر جوڻيجي سان گڏ لکيل ڪتاب 1995ع ۾ 'اترادي ٻولي' 1996ع شايع ٿي چڪا آهن، ان کان سواءِ هدايت صاحب، اٽڪل 80 کن مقالا پڻ لکيا، جن جو موضوع گهڻو ڪري لسانيات، سوانحيات ۽ ادب آهي، 16 ڪهاڻيون پڻ لکيون، جيڪي مختلف رسالن ۾ ڇپجي چڪيون آهن. هڪ عدد ناول 'ازابيل' 2006ع ۾ پڻ ڇپجي چڪو آهي.

## محترم سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي

تاريخ 15- فيبروري 2021ع تي سنڌي زبان جو ڀهڳڻو شاعر سيد مرتضيٰ ڪاظمي ڏاڏاهي ولد امام الله شاهہ ڪاظمي وفات ڪري ويو. سندس وفات سان سنڌي شاعري جو هڪ باب بند ٿي ويو، ڏاڏاهي صاحب 26- نومبر 1939ع تي



ديهہ ڏاڏاهہ لڳ ٽنڊوباڳو (بدين) ۾ پيدا ٿيو ۽ انهيءَ نسبت سان پاڻ کي ڏاڏاهي لکيائين. پوءِ هُو ٽنڊوالهيار مستقل منتقل ٿي آيو. پاڻ ڪنهن بہ اسڪول ۾ تعليم نہ ورتائون. پنهنجي والد وٽ اردو، فارسي، انگريزي ۽ سنڌي گهر ۾ پڙهيا، 14 سالن جي ڄمار ۾ شاعري شروع ڪيائون ۽ حياتيءَ جي آخري ڏينهن تائين جاري رکيائون. غزل، گيت، وايون، نعت، حمد ۽ ڪافيون لکيائون. 'ڪافي' سندن پسنديده صنف هئي ۽ سندن ڪافيون سنڌ جي تمام مشهور فنڪارن ڳايون. سندن اٺ ڪتاب ڇپيل آهن: (1) سرها سهڻا گل (2) ٿورا نہ ٿورا (3) زهر زم زم (4) تون پارس آئون لوهہ (5) ڏاڏاهي جا ڏوهہ هزار (6) مان نرو تون ماهتاب (7) نہ هن پاسي بہ هن پاسي (8) ڇگو ٿيو اوهان کي بہ وسري وياسين، سيد مرتضيٰ شاهہ ڏاڏاهيءَ کي تمام گهڻا عوامي ايوارڊ ۽ 'صدارتي ايوارڊ' پڻ مليا، الله پاڪ کين بہ فرزند ۽ بہ نياڻيون عطا ڪيون.

سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين صاحب، بورڊ آف گورنرس جا ميمبر صاحبان، سيڪريٽري، بورڊ جا سڀ ملازم ۽ ٽماهي 'مهراڻ' جو سمورو سَٽ هنن سڀني سنڌي ادب جي نامور ليکڪن ۽ شاعرن جي پونيئرن سان سندن غم ۾ شريڪ آهي.

**ثمينہ ميمڻ**

ايڊيٽر 'مهراڻ'

**مرحوم غلام محمد گرامي صاحب**

سندس طرز نگارش ۾ صوري ۽ معنوي حسن ۽ لطافت آهي. ائين چوڻ ۾ ڪوبہ مبالغو نہ آهي تہ سندس طرز نگارش شاعرانہ آهي. گرامي صاحب نثر ۾ شاعري ڪري ٿو. سندس تحريرن ۾ خوبصورت ۽ حسين تشبيهون، حسين ۽ دلنشين استعارا، لطيف ۽ معنيٰ خيز ڪنايا، بي ساختہ ۽ پختہ ترڪيبون، برجستہ ۽ روح پرور جملا ملن ٿا، جي هوند شاعريءَ لاءِ استعمال ڪري سگهجن. سندس تحرير ۾ توازن ۽ تسلسل رهي ٿو، جنهن ۾ نظم جي رواني ۽ غزل جي ترنم ريزي محسوس ٿئي ٿي. گرامي صاحب 'مهراڻ' لاءِ جي گذارشون لکيون آهن، اهي 'ادب عاليہ' جو اعليٰ مثال آهن. علم ۽ فن جي گهڻو ڪري هر مسئلي تي بحث ڪيو اٿس. اندازِ بيان ۽ اسلوب تحرير اهڙو حسين ۽ دلنشين، ولولہ انگيز ۽ جاذب نگاهہ ٿئي ٿو، جو افسانيءَ ڊرامي، ناول ۽ ڪهاڻيءَ ڪان بہ وڌيڪ دلڪش ۽ روح آفرين ٿو محسوس ٿئي. سندس تحرير ۾ فڪر انگيز خيال بہ آهي، صوري تناسب بہ آهي، منطقي توازن بہ آهي، دليل جي پختگي بہ آهي، نتيجي جي صحت بہ آهي، ۽ بيپناهہ رواني ۽ برجستگي بہ آهي. سندس تحرير جي خصوصيت، جا پڙهندڙ کي متوجہ ٿي ڪري، سا استعارات ۽ تشبيهات، اشارات ۽ ڪنايات، تلميحات ۽ تمثيلات جي ڪثرت ۽ فراواني ۽ ان جي ظاهري حسن سان گڏ معنوي حسن بہ آهي، جنهن ۾ دلبري ۽ دلاويزي، دلڪشي ۽ دلفريبي موجود آهي. سندس نظريات ۽ خيالات سان اختلاف رکندڙ بہ سندس حسن بيان ڪان متاثر ٿيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهي.

**راڄ محمد پلي**

('مهراڻ' شاعر نمبر- 1-2-3/1969ع، ص 764 تان ورتل)

شاهہ شجاع، مسلمان جي حيثيت ۾، ميرن کي خدا جو نالو وٺي قرآن ڪريم تي عهد اقرار لکي ٿو ڏئي تہ مان پنجاهہ ڏينهن کان وڌيڪ نہ رهندس، نہ وري ڪا مداخلت ڪندس: هي ملڪ اوهان جو آهي ۽ پيڙهين تائين اوهان جو رهندو. اڳتي هلي اهو اقرار "ڏيان طلب" جي اشتهار وانگي ڪنهن بہ پوئواريءَ جي لائق نہ سمجهيو ويو. پنجاهہ ڏينهن جي پوري ٿيڻ کانپوءِ هو اڙ انگوڙي ڪري ويهي رهيو، ۽ پئسن اڳاڙڻ لاءِ اهي ڪارناما شروع ڪري ڏنائين. جيڪي انسانيت ۽ مذهب جي بلڪل ابتڙ هئا. پڇاڙيءَ، وڏي جهيڙي کان پوءِ ميرن وٽان رقم وٺي ويندو رهيو. انگريزن جيڪي ڪجهہ ڪيو، ان آڌار تي ڪيو. اهڙو معاهدو صديون اڳ شاهہ بيگ ارغون بہ سنڌ جي سرواڻ دريا خان سان ڪري، اوڏيءَ مهل ڪيس مارائي ڇڏيو هو. ان سمي بہ قرآن ڪريم وچ ۾ آندو ويو هو.

سنڌ سدائين معاهدن ۾ مٺي آهي، ۽ پنهنجي آزادي داءُ تي لڳائي، سيڪنهن سان سنمک ٿيندي اچي ٿي. ان طرح ڪيس اهڙو جڪڙي وس ڪان بيوس ڪيو ٿو وڃي، جو هٿ پير هلائڻ جي سگهہ بہ وڃائي ٿي ويهي، ان لاءِ انگريزن جا مڙئي معاهدا شاهد آهن، جن ۾ شاهہ شجاع وارو اقرار بہ شامل آهي. اهي معاهدا هڪ ڄار جي صورت ۾ پکڙي، سنڌ کي وڪوڙي ويا ۽ ملڪ هڪ مسلمان جي حرفت سان غير مسلم قوتن جي اري ۾ اچي ويو.

**نياز همايوني**
ڪتاب: "تازن معرڪن جي تاريخ"
(تاريخ تازه نواءِ معارڪ)
ص جهہ تان ڪنيل)

# تحقيق

ڊاڪٽر عبدالرزاق ڳهانگهرو
ڪنڊيارو

# اسلام جي تبليغ ۽ اسلام مخالفن سان حضور ﷺ جن جو سهڻو سلوڪ

اسلام ڪامل ۽ مڪمل دين آهي، اسلامي تعليمات جو مرڪز ۽ سرچشمو قرآن پاڪ ۽ سنتِ رسول ﷺ آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي، ته اسلام زندگي گذارڻ جو هڪ پاڪيزه طريقو آهي، جيڪو حضور ﷺ جي سيرت جو آئينو آهي، پاڻ ڪريم ﷺ جي جدوجهد جو مقصد انساني فلاح جي سمورن شعبن تي مشتمل آهي، ان لحاظ کان انسان جي اجتماعي نظام سان تعلق رکندڙ ڪوبه اهڙو شعبو نه آهي، جنهن جي هرهڪ حصي ۾ تبديلي آڻڻ ۽ ان کي دين الاهيءَ جو تابع ڪرڻ جي جدوجهد ڪرڻ سندس زندگيءَ جو مبارڪ مقصد هو، ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته پاڻ سڳورا پنهنجي انهيءَ انقلابي جدوجهد ۾ هر لحاظ کان ڪامياب ۽ سرخرو نظر اچن ٿا. علمي نقطهٔ نگاهه کان پاڻ سڳورن جي مبارڪ زندگيءَ جا ٻه پهلو تمام گهڻو نمايان آهن، جيڪي حقيقت ۾ هڪ ئي پهلوءَ جا ٻه جزا آهن. يعني اسلام جي تبليغ ۽ ان کي نه قبول ڪندڙن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ. انهيءَ جو عملي اظهار هڪ طرف قرآن پاڪ ۾ احڪامن جي شڪل ۾ موجود آهي ته وري ٻئي طرف پاڻ ڪريم ﷺ جي ذاتي عملي زندگيءَ ۽ سندس سنت تي مشتمل آهي. ان سلسلي ۾ تاريخي ماخذن ۽ سيرت طيبه جي ڪتابن ۾ جيڪو اڻکٽ مواد موجود آهي، سو بلڪل واضح ۽ صاف انداز ۾ بيان ڪيل آهي. هڪ سچي مسلمان جي لاءِ ان جي پيروي ڪرڻ کان سواءِ ڪو چارو ئي نه آهي. تحقيقي لحاظ کان ان ۾ واڌارو ته ڪري سگهجي ٿو، ليڪن ان ۾ گهٽتائي ڪرڻ جو ڪنهن کي ڪوبه اختيار نه آهي.

سيرت طيبه جي مطالعي مان واضح ٿئي ٿو ته پاڻ سڳورن ﷺ جن جي ولادت باسعادت جي زماني ۾ دنيا ڪفر ۽ گمراهي، جهالت ۽ ذلالت جي اونداهين ۾ وڪوڙيل هئي، اخلاق ۽ حياءَ جو نالو ۽ نشان ئي نه هو. قتل و غارت، ظلم ۽ خون ريزي عام هئي، اهڙي بدترين معاشري ۾ حضور ﷺ پنهنجي اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار جي ڪري نهايت بلند مرتبي تي نظر اچن ٿا. جيتوڻيڪ جو معاشري جو هر فرد خودغرض ۽ مفاد پرست بنجي چڪو هو، ليڪن ان هوندي به سندن نظر ۾ پاڻ ڪريم ﷺ کان وڌيڪ بهترين اخلاق ۽ ڪردار وارو ڪوبه شخص انهيءَ معاشري ۾ موجود نه هو اهوئي سبب هو، جو انهن اعليٰ اخلاقي صفتن جي ڪري مڪي جو هر فرد پاڻ ڪريم ﷺ کي صادق ۽ امين ڪري سڏيندو هو.(1)

نبوت ۽ رسالت اصولي طور تي تبليغ ڪرڻ ئي آهي، ان لحاظ کان سمورا نبي سڳورا حق جا داعي ۽ مبلغ هئا، ان صورت ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن سڀ کان وڌيڪ اعليٰ درجي جا ڪامياب ترين مبلغ ثابت ٿيا آهن، جنهن جي خاص ۽ مخصوص تبليغي انداز سان اهڙو انقلاب برپا ٿيو، جنهن جو مثال انساني تاريخ پيش نه ٿي ڪري سگهي. ان لحاظ کان سندس سموري زندگي هڪ بي مثال داعي ۽ مبلغ جي زندگي آهي. هجرت کان پوءِ جيتوڻيڪ سندن اها حيثيت نه رهي، جيڪا مڪي ۾ هئي، ليڪن ان هوندي به پاڻ اسلام جا داعي ئي هئا. محقق پاڻ ڪريم ﷺ جي دعوتي ڪاميابين جو راز صرف ۽ صرف سندن ڪامياب ۽ بااصول تبليغ ئي ٻڌايو آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جو تبليغي طريقه ڪار انساني نفسيات جي عين مطابق هو. پاڻ سڳورن جي مخالفت ۽ ڪين اسلام جي اشاعت کان روڪڻ ۽ هراسان ڪرڻ جو آغاز ان وقت کان ئي شروع ٿي ويو هو، جڏهن پاڻ سڳورن پنهنجي رسالت جو اعلان

ڪوهِ صفا کان ڪيو. انهيءَ ڏينهن کان گارگند، مسخري ۽ ٽوڪ، جسماني ايذاءُ ڏيڻ، دنياوي لالچ، معاشي ۽ معاشرتي بائيڪاٽ، تحقير ۽ تذليل، ڪوڙي ۽ بي بنياد پروپيگنڊا، بي مهل سوال و جواب، جهڙا رذيل طريقا استعمال ڪيا ويا، جن جو مقصد پاڻ سڳورن کي حق جي تبليغ کان روڪڻ ۽ اسلام جي اشاعت جي تحريڪ کي ختم ڪرڻ هو. ليڪن پاڻ سڳورا انهن سمورين مصيبتن کي خوش دليءَ سان برداشت ڪندا رهيا.(2)

حضور ﷺ جي تبليغ جو مقصد صرف تبليغ ڪرڻ ئي نه هو بلڪ تبليغ جي ذريعي الله تعاليٰ جي دين کي عام ۽ غالب ڪرڻ هو ۽ اها هڪ حقيقت آهي دين ٽڪراءَ سان عام ۽ غالب نه ٿيندو آهي، بلڪ داعيءَ جي اعليٰ اخلاقي صفتن ۽ ڪردار جو اثر مخالف کي سوچڻ تي آماده ڪندو آهي، جنهن جي ڪري هو گمراهي کي ڇڏي حق جي راهه کي اختيار ڪرڻ تي سوچڻ شروع ڪندو آهي. انهيءَ لحاظ کان جڏهن سيرت طيبه جو مطالعو ڪريون ٿا، ته اسان کي پاڻ سڳورن جي تبليغي جدوجهد ۾ درجي بدرجي ڪوشش سان گڏوگڏ، مخاطب سان سندس نفسيات ۽ عقلي معيار جي مطابق سهڻو برتاءُ ڪرڻ به سمجهه ۾ اچي ٿو. پاڻ سڳورن جي تبليغي زندگيءَ ۾ جنهن اعليٰ وصف سڀ کان اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، سا سندن رحمت واري صفت آهي، قرآن پاڪ سندن نبوت جو مقصد انهيءَ رحمت جو اظهار قرار ڏنو آهي. جيئن ارشادِ خداوندي آهي(3) :

ترجمو: يعني (اي محمد ﷺ) اسان توکي سمورن جهانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو آهي، انهيءَ رحمت جي وصف کي پاڻ سڳورن جي مبارڪ زندگيءَ ۾ نمايان طور تي سپرد ڪيو ويو هو. هڪ ٻئي آيت ۾ الله تعاليٰ انهيءَ وصف کي پنهنجي خاص رحمت جو نتيجو قرار ڏنو آهي(4):

ترجمو: يعني الله جي رحمت جي ڪري توهان ماڻهن سان نرم دل ٿيا آهيو ۽ جيڪڏهن توهان سخت دل هجو هان، ته هيءُ توهان کان پري ٿي وڃن هان. اهوئي سبب هو جو پاڻ سڳورا انهيءَ فطرتي رحمت جي ڪري اُمت جي حق کي قبول نه ڪرڻ جي ڪري پريشان ۽ بي قرار نظر ايندا هئا. پاڻ سڳورن جو فڪر اهوئي هو، ته ڪهڙي طرح سمورا انسان گمراهيءَ کي ڇڏي اسلام جي سلامتيءَ واري راهه اختيار ڪرڻ وارا بڻجي وڃن. پاڻ سڳورن جي انهيءَ فڪر ۽ بيقراريءَ کي قرآن پاڪ ۾ هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي(5):

ترجمو: يعني متان انهيءَ غم جي ڪري پنهنجو پاڻ کي هلاڪ ڪري ڇڏين. دراصل هيءُ اها بيقراري هئي، جنهن جي ڪري پاڻ ڪريم ﷺ اسلام جي مخالفن جي هر ظلم ۽ جبر کي خوش دليءَ سان برداشت ڪندا رهيا. ايتريقدر جو پاڻ سڳورن هر ان ادا کي اختيار ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهيو، جنهن جي ڪري اسلام جا مخالف اسلام جي طرف مائل ٿي ٿي سگهيا. جيڪڏهن ڪو ظلم متان ظلم ڪري ٿڪجڻ کان پوءِ حق جي دعوت ڏانهن متوجهه ٿي سگهيو ٿي، ته پاڻ سڳورن ڪين اهڙو ته ٿڪايو، جو وٽن حق جي دعوت کي قبول ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪوبه چاروئي نه رهيو ۽ جيڪڏهن ڪو شخص عفو و درگذر، احسان و ايثار، محبت ۽ شفقت جي ڪري اسلام جي طرف مائل ٿي سگهيو ٿي، ته پاڻ سڳورن اعليٰ اخلاقي صفتن کي بلند ڪردار جي سانچي ۾ اهڙو ته ورجائي ڏيکاريو، جو اهو سندن ئي شايانِ شان هو. هيءُ اخلاق جو اهو اعليٰ مقام آهي، جنهن کي قرآن پاڪ ۾ "انک لعليٰ خلق عظيم"(4) سان تعبير ڪيو ويو آهي. هڪ مسلمان ۽ رسول ﷺ جي سچي پيروڪار لاءِ اسلام جي مخالفن سان سهڻو برتاءُ حضور ﷺ جي اسوه جي روشنيءَ ۾ انهي جذبي جي بنياد تي هئڻ گهرجي. هيٺ اسان انهيءَ نقطئہ نظر کي سامهون رکندي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:

**1_خيرخواهي:**

قرآن پاڪ ۾ انبيا عليهم الصلواة والسلام جي لاءِ نُصح يا ناصح جا لفظ ڪتب آندا ويا آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو، ته نبين سڳورن جو ڪلام

ناصحاڻه ڪلام هوندو آهي، يعني انهن جي هر عمل جو اصلاح ۽ خيرخواهي هوندو آهي. جڏهن ڪنهن جو هر عمل خيرخواهيءَ جي جذبي سان هوندو آهي ته عام ماڻهو جو ان جي لاءِ پنهنجائپ جو احساس جنم وٺندو آهي، جنهن جي ڪري عزت، محبت ۽ احترام جا جذبا وجود ۾ ايندا آهن. پاڻ ڪريم ﷺ انهيءَ نفسياتي ۽ اخلاقي پهلوءَ کي اهڙي حڪيماڻه انداز سان اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش فرمائي، جو سندن بدترين مخالف به موافق بڻجي ويا. هندو سيرت نگار سوامي لڪشمن پرشاد لکي ٿو ته، مڪي جي فتح جي تاريخ ساز موقعي تي اسلام جي پيغمبر ﷺ ثابت ڪري ڏيکاريو ته پنهنجي ان دشمنن سان افضل ترين رحم جو مظاهرو ان وقت آهي، جڏهن توهان ڪانئس انتقام وٺڻ جي پوري طاقت ميسر هجي. هيءُ اهڙو اعليٰ ترين اخلاقي مظاهرو واقعو آهي، جنهن جو مثال پيش ڪرڻ کان انساني تاريخ قاصر آهي.(7)

**(2) صبر۽ تحمل:**

صبر ۽ تحمل اسلامي عمل جو بنياد ۽ اسوه رسول ﷺ جو خصوصي امتياز آهي. هيءَ اها اعليٰ اخلاقي صفت آهي، جنهن کانسواءِ ايمان ۽ اسلام جو تصور بي معنيٰ بڻجي وڃي ٿو. قرآن پاڪ ۾ اڪثر آيتون سڌي يا اڻ سڌي طرح صبر جي باري ۾ نازل ٿيل آهن. پاڻ ڪريم ﷺ جي مڪي زندگي صبر ۽ تحمل جو اعليٰ مثال آهي. پاڻ سڳورن پنهنجي مڪي زندگيءَ ۾ ڪافرن جي ظلم ۽ ستم جي مقابلي ۾ طاقت سان جواب ڏيڻ بجاءِ پُرامن نموني حبشه ڏانهن هجرت ڪرڻ جو حڪم فرمايو(8). مڪي جي قريش جي سماجي بائيڪاٽ جو جواب قطع تعلق جي بدران شعب ابي طالب ۾ قيد رهڻ کي ترجيح ڏني(9). طائف جي سفر دوران اُتان جي رهاڪن پاڻ سڳورن جي دعوت کي ته قبول نه ڪيو، بلڪ پٿرن جو وسڪارو ڪيو. ليڪن ان جي باوجود سندن خلاف بددعا جي بدران امن ۽ عافيت جي دعا ڪئي(10). صلح حديبيه جي موقعي تي تحمل جو مظاهرو ڪندي رسول الله ﷺ نه لکڻ جي به اجازت ڏني(11). آخري خطبي جي موقعي تي انهن سمورن رسمن کي ختم ڪرڻ جو اعلان فرمايو، جيڪي معاشرتي تباهيءَ جو سبب بڻجي سگهن ٿيون(11). مطلب ته پاڻ سڳورن جو انهن سمورين ناگوارين کي نظرانداز ڪرڻ جي منشا صرف هيءُ هئي، ته جيئن پاڻ سڳورا پنهنجي اعليٰ مقصد واري سفر کي جاري رکي سگهن، جنهن ۾ پاڻ سڳورا انتهائي ڪامياب نظر اچن ٿا.

**(3) مذهبي آزادي:**

اسلام عقلي مذهب آهي، ان جي دعوت ۽ تبليغ جا اصول حڪمت، دانش، وعظ ۽ نصيحت تي مشتمل آهن. اسلامي تعليمات جي روشنيءَ ۾ مذهب رضامندي خوش دلي ۽ خوداختياري جذبي جو نالو آهي. انجو تعلق قلب ۽ روح سان آهي ۽ اها حقيقت آهي ته دل ۽ روح تلوار جي زور تي تابع نٿو ڪري سگهجي. حضور ڪريم ﷺ تي ايمان آڻڻ دراصل يقين جو ٻيو نالو آهي. دنيا جي ڪابه طاقت زبردستي ۽ جبر سان ڪنهن ڪمزور ترين انسان جي دل ۾ يقين جو ذرو به پيدا نٿي ڪري سگهي. ان سلسلي ۾ اسلام جو ابدي اصول ”لااڪراه في الدين“ آهي(13). يعني دين ۾ ڪابه زبردستي نه آهي. ”قد تبين الرشد من الغي(14) چاڪاڻ ته هدايت گمراهيءَ کان ظاهر ٿي چڪي آهي(15):

ترجمو: يعني جيڪو چاهي سو قبول ڪري ۽ جيڪو چاهي سو انڪار ڪري. پاڻ ڪريم ﷺ انهي فطري اصول کي اختيار ڪندي ڪڏهن به زبردستي ڪنهن تي ايمان آڻڻ لاءِ زور نه پريو، بلڪ پاڻ سڳورن ان معاملي ۾ هر ڪنهن کي پوري آزادي عطا فرمائي ته جيئن عقل ۽ بصيرت رکندڙ شخص انهيءَ نور مان فيضياب ٿي سگهن ۽ گهٽ علم ۽ بيوقوف پلي محروم رهجي وڃي. ان حوالي سان ارشاد خداوندي آهي(14):

ترجمو: يعني جيڪڏهن تنهنجو پروردگار چاهي ها، ته زمين جي سمورن ماڻهن کي ايمان وارو بڻائي ها، ته ڇا اي پيغمبر ﷺ تون ماڻهن کي ان ڳالهه تي مجبور ڪندين ته اهي ايمان وارا بڻجن.

حضور ﷺ جن جي حياتيءَ جي آخري زماني ۾ عرب جي اڪثر قبيلن اسلام کي اختيار ڪرڻ شروع ڪيو هو. جنهن قبيلي جو سردار ثمامہ اتفاق سان مسلمانن جي هٿان گرفتار ٿي مدينہ شريف آندو ويو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪيس مسجد جي ٿنڀي سان ٻڌي ڇڏڻ جو حڪم فرمايو، پاڻ سڳورا جڏهن مسجد ۾ تشريف آور ٿيا، تہ کانئس خير و عافيت معلوم فرمايائون. ان تي ثمامہ جواب ۾ چيو، تہ اي محمد ﷺ جيڪڏهن منهنجي قتل جو حڪم فرمائيندين تہ اهو هڪ قاتل کان انتقام هوندو. جيڪڏهن احسان ڪندين تہ اهو هڪ شڪرگذار شخص تي احسان ٿيندو. ۽ جيڪڏهن رقم وٺي آزاد فرمائيندين تہ توهان جيڪي گهرندو سو ادا ڪندس. اهو ٻڌي پاڻ سڳورا خاموش ٿي ويا. ٻئي ڏينهن تي بہ ساڳئي گفتگو ٿي، ٽئين ڏينهن بہ جڏهن ساڳئي ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ پاڻ سڳورن حڪم فرمايو تہ ثمامہ جي رسي کولي ڪيس آزاد ڪري ڇڏيو. ثمامہ تي انهي توقع جي خلاف احسان ۽ ڪرم جو اهڙو تہ اثر ٿيو، جو مسجد کان ٻاهر نڪري پرسان هڪ باغ ۾ وڃي غسل ڪيائين ۽ مسجد ۾ واپس اچي زور سان شهادت جو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو(15). اهڙي قسم جا سوين واقعا حديث ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ موجود آهن تہ پاڻ سڳورن ڪڏهن بہ ڪنهن تي ايمان آڻڻ لاءِ طاقت ۽ قوت کي استعمال نہ فرمايو.

**(4) ناگوارين کي برداشت ڪرڻ:**

حضور اڪرم ﷺ پنهنجي مبارڪ زندگيءَ ۾ جنهن برداشت جو مظاهرو فرمايو، تنهن جو مثال انساني تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. پاڻ سڳورن جي مڪي زندگيءَ جو هر لمحو تہ برداشت ئي برداشت هو، ليڪن مدني دور بہ اهڙي قسم جي واقعن کان وانجهيل نہ آهي. عبدالله بن ابي مشهور منافق هو. بدر جي لڙائيءَ کان وٺي پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ ڪوبہ اهڙو موقعو نہ ڇڏيائين، جنهن ۾ منافقانہ ڪردار ادا نہ ڪيو هجائين. تبوڪ کان واپسيءَ تي جڏهن سندس نفاق واضح ٿي ويو تہ سندس پٽ جيڪو مضبوط عقيدو رکندڙ پڪو مسلمان هو، پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پنهنجي منافق پيءُ جي قتل جي اجازت گهريائين ۽ عرض ڪيائين تہ يا رسول الله ﷺ مون کي پنهنجي پيءُ جي قتل جي اجازت ڏيو، ائين نہ ٿئي جو ڪو ٻيو مسلمان جوش ۾ اچي ڪيس قتل ڪري وجهي ۽ مان وري ان کي پيءُ جي محبت ۾ قتل ڪري وجهان، ۽ گنهگار ٿي پوان. پاڻ سڳورن ڪيس قتل جي اجازت ڏيڻ جي بجاءِ فرمايو، تہ ماڻهو ڇا چوندا تہ محمد ﷺ پنهنجي ساٿين کي قتل ڪرائيندو ٿو وتي(18). ان کان علاوه نجران جي عيسائين جو پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ حاضري ڀرڻ کان پوءِ مسجد نبوي ۾ پنهنجي طريقي سان نماز ادا ڪرڻ(19). ۽ ثقيف قبيلي جي بت پرست مشرڪن جي وفد کي مسجد نبويءَ جي هڪ ڪُنڊ ۾ تنبو هڻي رهائڻ، حالانڪ مديني ۾ تنبو هڻڻ لاءِ ڪافي جڳهہ موجود هئي(20) پاڻ سڳورن جي برداشت جا اعليٰ مثال آهن. ايتريقدر جو ڪنهن صحابي سڳوري جي زبان مان هيءُ لفظ بہ اُچارجي ويا تہ سائين هيءُ تہ ناپاڪ آهي. پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو(21):

ترجمو: يعني زمين تي سندن ناپاڪائي جو ڪوبہ اثر نٿو ٿئي. مولانا مناظر حسن گيلاني پاڻ سڳورن جي انهيءَ برداشت ۽ سهڻي سلوڪ کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي، اسان اندازو نٿا لڳائي سگهون تہ ٽئل انسانذات جي انهيءَ آخري جوڙڻ واري جوڙڻ ۾ پنهنجي ڪردار کي ڪيتري حد تائين پهچايو. انسانيت جا اعليٰ ترين خيرخواه اهڙا انسان ئي ٿي سگهن ٿا.(22)

**(5) مذهبي آقائن ۽ پيشوائن جو احترام:**

اسلام باطل مذهبن جي آقائن ۽ پيشوائن کي برو ڀلو چوڻ کان منع ڪري ٿو. هيءُ هڪ اهڙو ناپسنديده عمل آهي، جيڪو مخالف مذهب رکندڙ ۾ ڪاوڙ ۽ ڪشيدگي پيدا ڪري ٿو. پاڻ سڳورن جي مبارڪ حياتيءَ ۾ ڪوبہ اهڙو مثال نٿو ملي، جنهن ۾ پاڻ سڳورن ڪنهن ۾ نفرت پيدا ڪرڻ لاءِ ڪي لفظ پنهنجي زبان مبارڪ سان ڳالهايا هجن. سندن نبوت ۽ رسالت جو اصلي مقصد جيئن تہ غير

مسلمن کي اسلام جي امن واري روشنيءَ ۾ داخل ڪرڻ هو. انڪري پاڻ سڳورن هر انهيءَ عمل کان روڪجڻ جي تعليم ڏني آهي، جنهن سان ڪشيدگي پيدا ٿيڻ جو انديشو هجي، قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي(23):

ترجمو: يعني جن کي (ڪافر) الله ڪانسواءِ سڏين ٿا، تن کي گاريون نہ ڏيو نہ تہ اهي بہ بي علميءَ سان بي ادبي ڪري گاريون ڏيندا، حضور ﷺ جن جڏهن اسلام جي دعوت شروع ڪئي، تہ ان وقت ڪعبة الله ۾ 360 بت رکيل هئا. پاڻ ڪڏهن بہ ان باري ۾ نہ سوچيائون تہ ڪو انهن بُتن کي ڀڃي پورا ڪيو وڃي بلڪ انهن بُتن جي مزاحمت ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي دعوتي ڪم کي جاري رکيو، آخرڪار اهڙو وقت بہ آيو، جو سندن هڪ ئي اشاري سان ڪعبة الله سمورن بُتن کان پاڪ ٿي ويو.(24)

**(6) عبادتگاهن جي حفاظت:**

پاڻ ڪريم ﷺ جن نہ صرف غير مسلمن جي معبودن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان منع فرمايو، بلڪ انهن جي عبادتگاهن جي احترام جو بہ حڪم فرمايو. پاڻ ڪريم ﷺ نجران جي عيسائين سان جيڪو معاهدو ڪيو، ان جو هڪ فقره هيءُ بہ هو تہ انهن جي گرجائن ۽ ڪليسائن جي حفاظت مسلمانن جي ذمي هوندي.(25) مولانا محمد تقي اميني فقهي ڪتابن جي حوالن سان نقل ڪيو آهي، تہ فقهہ جي عالمن مسلمانن کي ٻين مذهبن جي عبادتگاهن ۽ مذهبي رهبرن جي احترام جو حڪم صادر ڪيو آهي. ڪتاب الخراج ۾ آهي(26):

ترجمو: يعني يهودين ۽عيسائين جي عبادتگاهن کي نہ ڊاهو وڃي. نماز جي وقتن ڪانسواءِ ڪين ناقوس وڄائڻ کان بہ نہ روڪيو وڃي ۽ نہ ڪين سندن عيد جي ڏينهن تي صليب ڪڍڻ کان روڪيو وڃي. پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن بہ ڪنهن لشڪر کي جهاد لاءِ روانو فرمائيندا هئا، تہ ٻين هدايتن سان گڏ اهو بہ تاڪيد ڪندا هئا، تہ ڪنهن بہ عبادتگاهہ سان ڪابہ هٿ چراند نہ ڪئي وڃي.

**(8) جان ۽ مال جي حفاظت:**

اسلام ۾ انساني جان ۽ مال جي حفاظت هڪ اهڙو بنيادي حق آهي، جنهن ۾ مسلم ۽ غير مسلم جي ڪابہ تميز نہ رکي وئي آهي. ايتريقدر جو اسلام ۾ هڪ انسان جو قتل سموري انسانيت جو قتل قرار ڏنو ويو آهي. ارشاد رباني آهي(28):

ترجمو: يعني جنهن شخص ڪنهن انسان کي قتل ڪيو ۽ فساد ڦهلايو، ان ڄڻ سموري انسانيت کي قتل ڪيو. اسلام جيئن تہ انسان جي جان جي احترام ۽ پاسداريءَ جي تعليم ڏئي ٿو، بلڪ ڪنهن بہ انسان جي حقن کي غصب ڪرڻ واري جي لاءِ سخت سزا بہ مقرر ڪئي آهي. اسلام قتل جي جيڪا سزا قصاص مقرر ڪئي آهي، ان ۾ مسلم ۽ غير مسلم ۾ ڪوبہ فرق نہ رکيو آهي. ڇاڪاڻ تہ قصاص جو حڪم عام آهي.(29) پاڻ ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي:(30)

ترجمو: يعني جيڪڏهن ڪنهن معاهدو ڪيل غير مسلم کي قتل ڪيو، سو جنت جي خوشبوءِ سنگهڻ کان محروم ٿيندو، جڏهن تہ جنت جي خوشبوءِ چاليهن سالن جي پنڌ تائين محسوس ٿيندي. ٻي روايت ۾ آهي تہ جنهن معاهدو ڪيل غير مسلم تي ظلم ڪيو يا ان جي حقن ۾ ڪوتاهي ڪئي يا سندس طاقت کان وڌيڪ مٿس بار رکيو يا ان جي مرضيءَ ڪانسواءِ ڪانئس ڪا شيءِ ورتي. آءٌ قيامت جي ڏينهن خود ان جي خلاف فريادي بنجندس(31) اسلامي فقه جي روشني ۾ نقل ڪيل آهي تہ جيڪڏهن ڪو مسلمان ڪنهن غير مسلم جي ملڪيت مان شراب يا خنزير کي ضايع ڪري تہ ان مسلمان کي ان جي قيمت ڏيڻي پوندي.(32) جڏهن اسلام ۾ حرام ڪيل شيءِ جيڪا غير مسلم جي ملڪيت ۾ آهي، تنهن جي نقصان جو پورائو ڪرڻ ضروري آهي، تہ پوءِ واضح ٿئي ٿو تہ ان جي ملڪيت

جي جائز حصي کي نقصان پهچائڻ ڪيڏو نہ وڏو جرم آهي.

**(9) تاليف قلب:**

سرورِ ڪائنات ﷺ جي هڪ اعليٰ اخلاقي ۽ تبليغي خصوصيت تاليف قلب يعني پاڻ ڪريم ﷺ جو سهڻو برتاءُ، جيڪو غير مسلمن ۽ نون مسلمانن سان ان غرض سان هو تہ جيئن اهي اسلام کي شفقت ۽ رحمت تصور ڪن. قرآن پاڪ ۾ خرچ جا جيڪي موقعا ۽ جڳهون تجويز ڪيون ويون آهن، تن جي تشريح ڪندي مولانا مفتي محمد شفيع صاحب تاليف قلب جي مختلف قسمن تي روشني وجهندي لکي ٿو تہ انهن ۾ ڪجهہ شخص اهڙا هئا، جن جي متعلق اهو واضح هو تہ اهي بہ تبليغ ۽تعليم جو اثر وٺن ٿا ۽ جنگ ۽ مقابلي سان آماده ٿين ٿا. اهي صرف احسان ۽ سهڻي سلوڪ کان متاثر ٿين ٿا. پاڻ ڪريم ﷺ جي تہ چاهت اها هئي، تہ ڪنهن طرح سان خدائي خلق ڪفر ۽ گمراهيءَ کي ڇڏي اسلام جي نور سان منور ٿئي. انڪري پاڻ سڳورن هر انهيءَ تدبير کي اختيار فرمايو، جنهن سان هي ماڻهو متاثر ٿي سگهن. اهڙي قسم جي شخصن تي خرچ ڪرڻ تاليف قلب ۾ شمار ٿئي ٿو.(33) حديث ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ ان قسم جا ڪيترائي مثال ڏسي سگهجن ٿا. حنين جي موقعي تي پاڻ سڳورن غنيمت جي مال مان جيڪو واڌارو حصو عطا فرمايو، تنهن جو مقصد بہ تاليف قلب هو. پاڻ ڪريم ﷺ جي انهيءَ سهڻي برتاءَ انهن نون مسلمن کي مخلص بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.(34)

**(10) عزت ۽ احترام:**

اسلام ۾ هر انسان کي عزت ۽ شرافت حاصل آهي. ان ۾ مسلم ۽ غير مسلم نيڪ ۽ بد جو ڪوبہ فرق نہ رکيو ويو آهي. انسان جي حيثيت ۾ هرهڪ احترام جي لائق آهي. حضور ﷺ جي سيرت طيبہ ۾ انساني عزت ۽ احترام جا ڪيترا ئي مثال موجود آهن، پاڻ ڪريم ﷺ ان سلسلي ۾ مسلم ۽ غير مسلم جي فرق کان سواءِ پنهنجي اعليٰ اخلاق جو مظاهرو فرمايو. پاڻ سڳورن نہ صرف پنهنجي تعلق وارن جي بيماريءَ جي حالت ۾ سندن مزاج پرسي ڪئي، ليڪن هڪ يهودي ڇوڪري جي بغير ڪنهن مذهبي مت ڀيت جي عيادت ڪرڻ فرمائي.(35) جڏهن ڪنهن يهوديءَ جو جنازو گذرندو هو، تہ پاڻ سڳورا ان جي احترام ۾ اُٿي بيهندا هئا، تہ جيئن ساڻن همدردي جو اظهار ٿئي. سهل بن حنيف رضہ ۽ قيس بن سعد قادسيہ ۾ موجود هئا. انهن جي سامهون هڪ جنازو گذريو ان کي ڏسي ٻئي جڻا اٿي بيهي رهيا، ڪين ٻڌايو ويو تہ هيءُ هڪ غير مسلم جو جنازو آهي، ان تي ٻنهي سڳورن جواب ۾ فرمايو تہ هڪ دفعي مديني ۾ پاڻ سڳورن جي سامهون هڪ جنازو گذريو تہ پاڻ سڳورا اٿي بيهي رهيا.

پاڻ سڳورن کي ٻڌايو ويو تہ هيءُ يهوديءَ جو جنازو هو، ان تي پاڻ سڳورن فرمايو هو تہ ڇا هيءُ انسان نہ آهي(36). هڪ دفعي ڪجهہ شخص گرفتار ڪري مدينہ منوره آندا ويا. پاڻ سڳورن ڏٺو تہ انهن ۾ هڪ عورت آهي، جنهن جي مٿي تي چادر نہ آهي. پاڻ ڪريم ﷺ ڪيس پنهنجي چادر مبارڪ مٿي ڍڪڻ عطا فرمائي. ڪنهن عرض ڪيو تہ سائين هيءُ عورت غير مسلم آهي، پاڻ ارشاد فرمايائون تہ ڪجهہ بہ هجي، ليڪن نياڻي آهي(37). اهوئي عظيم اخلاق آهي، جنهن سان نفرت جي بجاءِ محبت ۽ اخوت جا جذبا وجود ۾ اچن ٿا.

**(11) عفو ۽ درگذر:**

عفو ۽ درگذر اسوه رسول ﷺ جي اها نمايان صفت آهي، جنهن پاڻ ڪريم ﷺ کي سموري انسانيت جو رهبر ثابت ڪيو آهي. سندن فرمان مبارڪ آهي:(38)

ترجمو: يعني تہ الله تعاليٰ برائيءَ کي برائي سان نہ ٿو ڌوئي بلڪ برائي کي ڀلائي سان صاف ڪري ٿو. برائي سان برائي نہ ٿي مٽجي. هيءُ اها عمده تعليم آهي، جنهن جي ڪري اسلام جا مخالف پاڻ ڪريم ﷺ جي سامهون ڪنڌ نوائڻ تي مجبور ٿي ويا. انساني تاريخ ۾ فتح مڪہ جو واقعو پاڻ ڪريم ﷺ جي لازوال عفو و درگذر، فراخدلي ۽ وسيع قلبي جو روشن مثال آهي. انهيءَ موقعي تي

جڏهن ڪنهن اصحابي سڳوري جي زبان مان هيءُ لفظ نڪتا، ته اچ بدلي ۽ انتقام جو ڏينهن آهي. جڏهن پاڻ سڳورن هيءُ لفظ نڪتا ته اچ بدلي ۽ انتقام جو ڏينهن آهي. جڏهن پاڻ سڳورن هيءُ لفظ ٻڌا ته (39).

ترجمو: يعني اچ رحم جو ڏينهن آهي، ۽ جڏهن سندن جاني دشمن کي پيش ڪيو ويو ته پاڻ سڳورن فرمايو:

ترجمو: يعني اچ توهان تي ڪابه ميار نه آهي. الله توهان جي گناهن کي معاف فرمائي. هُو سڀ کان وڏيڪ رحم ڪرڻ وارو آهي. "اذهبوا و انتم الطلقاء"(40) وڃو توهان سمورا آزاد آهيو، اهڙيءَ طرح خيبر ۾ زهر ڏيڻ واري يهودي عورت کي معاف فرمايو(41).

پنهنجي چاچي حضرت حمره رضه قاتل وحشي سان درگذر جو معاملو فرمايو، جڏهن هن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي آغوش ۾ پناهه ورتي ۽ اسلام قبول ڪيو. پاڻ سڳورن ڪيس صرف ايترو فرمايو ته جڏهن تون منهنجي سامهون اچين ٿو ته مون کي منهنجو چاچو ياد اچي وڃي ٿو(42). حضرت حمزه رضه جي جيري کي ڪڍي چٻاڙڻ واري عورت هنده کي معاف فرمايو. فتح مڪه جي موقعي تي جڏهن هوءَ نقاب ڍڪي آئي، ته جيئن پاڻ سڳورا کين سڃاڻي نه سگهن ۽ کي امن ملي وڃي. ليڪن پاڻ سڳورن سڃاڻڻ جي باوجود ڪيس معاف ڪري ڇڏيو(43). اُحد جي لڙائيءَ ۾ سندن چهري مبارڪ کي زخمي ڪرڻ وارن جي لاءِ مغفرت جي دعا گهريائون(44) جڏهن ڪين دشمن جي لاءِ بد دعا گهرڻ لاءِ عرض ڪيو ويو ته فرمايائون ته مان دنيا ۾ زحمت لاءِ نه بلڪه رحمت جي لاءِ آيو آهيان(45)، اِفڪ جي واقعي ۾ حضرت عائشه رضه تي بهتان مڙهڻ ۾ منافقن جو سردار عبدالله بن ابي سرفهرست هو، ليڪن پاڻ سڳورن هميشه ساڻس رحم ۽ ڪرم جو معاملو فرمائيندا رهيا. جڏهن هو مري ويو ته پاڻ سڳورن ان جي ڪفن ۾ پنهنجو پهرياڻ ڏنو. ۽ مغفرت جي لاءِ دعا گهري. حضرت عمر رضه جڏهن بار بار روڪڻ تي ڪيو، ته رحيم ۽ ڪريم نبي ﷺ جن فرمايو(46):

ترجمو: يعني مون کي اختيار ڏنو ويو ان ڪري مون نماز پڙهائڻ کي ترجيح ڏني، جيڪڏهن مون کي معلوم ٿي وڃي ته ستر دفعا مغفرت گهرڻ کان پوءِ به هن کي معافي ملي ويندي، ته مان ايترا دفعا مغفرت جي دعا گهران هان. عڪرمه ابوجهل جو پٽ مڪي جي فتح جي موقعي تي يمن ڀڄي ويو. سندس گهرواري مسلمان ٿي وئي هئي. سندس ڪوشش سان عڪرمه به مسلمان ٿي ويو. هوءَ ڪيس پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ ساڻ ڪري آئي. حضور ﷺ جن خوشيءَ مان ايترو ته تيزي سان عڪرمه ڏانهن وڌڻ لاءِ اُٿيا، جو سندن جسم مبارڪ تان چادر لهي وئي، ۽ سندن زبان مبارڪ تي هيءُ لفظ جاري رهيا: مرحبا باالراکب المهاجر(47) اي هجرت ڪرڻ وارا سوار تنهنجو اچڻ مبارڪ آهي، اهڙي رحم ۽ ڪرم، عفو ۽ درگذر جي باري ۾ مشهور مشترق عالم ٿورانبري پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته غير ضروري معاملن ۾ پنهنجي ذاتي توهين کي برداشت ڪرڻ ۽ اسلام جي پيغمبر جي همت ۽ حوصلي واري صفت ظاهر ڪري ٿي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن بي مثال ۽ منفرد شخصيت جا مالڪ هئا(48).

**تجزيو:**

موجوده دور ۾ مسلم اُمت نازڪ مرحلن مان گذري رهي آهي. اسلام جا مخالف پنهنجي طاقت ۽ قوت سان اسلام کي مٽائڻ جي لاءِ پنهنجي سمورين صلاحيتن ۽ قوتن کي اهڙيءَ طرح ڪتب آڻي رهيا آهن، جهڙي طرح شروعاتي دور ۾ مڪي جي مشرڪن اسلام کي مٽائڻ جي لاءِ استعمال ڪيون. اهڙي نازڪ صورتحال ۾ اسان جي نجات ۽ فلاح جو واحد رستو صرف ۽ صرف اسوه رسول ﷺ کانسواءِ ٻيو ڪوبه نه آهي. جيڪڏهن اسان اسوه رسول ﷺ کي ڇڏي ڪفر جي طريقه ڪار مطابق انهن سان مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته انهن کي ڪڏهن به شڪست نٿا ڏئي سگهون. قرآني

تعليمات مان اها ڳالهه واضح طرح سان واضح آهي تہ ڪفر ڪڏهن بہ طاقت ۽ زبردستيءَ سان نہ ٽٽي سگهيو آهي. بلڪ انبيا عليهم الصلواة والسلام جي اسوه جي بنياد تي اعليٰ اخلاق وصفن سان نامراد ٿيو آهي. قرآن پاڪ جو هيءُ واضح اعلان:

ترجمو: يعني توهان ئي مٿانهان هوندو، جيڪڏهن توهان سچا مؤمن آهيو، اسان کي هر وقت ياد ڏياري ٿو تہ اسان ايمان جي بنياد تي انهن اعليٰ اخلاقي صفتن کي پيدا ڪرڻ جي جدوجهد ڪريون ۽ جڏهن اهي اعليٰ اخلاقي صفتون انفرادي ۽ اجتماعي طور تي مسلمانن جي زندگيءَ ۾ نمودار ٿينديون، تہ ڪفر وٽ حق جي راهہ کي اختيار ڪرڻ کان سواءِ ڪو چارو باقي نہ رهندو. الله تعاليٰ اسان کي دين جي صحيح سمجهہ ۽ فهم عطا فرمائي. آمين

## حوالا۽ اشارا:


1. علامہ عبدالرحمٰن ابن خلدون: 'سيرة النبي ﷺ' (اردو) مترجم ڊاڪٽر حافظ حقاني ميان قادري، الفيصل ناشران ڪتب لاهور، 2001ع، ص 159
2. 'دائره معارف اسلاميہ'، جلد 19، (اردو) دانش گاهہ پنجاب لاهور، 1986ع، ص 134
3. الانبيا/آيت 107
4. آل عمران، آيت 109
5. الڪهف، آيت 19
6. القلم، آيت 48
7. سوامي لڪشمن پرشاد، 'عرب کا چاند' (اردو)، مڪتبہ تعمير انسانيت لاهور، ص 162
8. مولانا صفي الرحمٰن مبارڪپوري، 'الرحيم المختوم' (اردو) المڪتبہ سلفيہ لاهور، 2003ع، ص 132
9. نجاب الله صديقي، 'اسلام کا نظامِ مجاصل' (اردو) مڪتبہ چراغ ڪراچي، 1944ع، ص 272
10. مولانا وحيد الدين خان، 'تعميرِ انقلاب' (اردو) فضلي سنز لاهور، 1984ع، ص 36
11. طاهر محمود اشرفي، 'رواداري سيرت طيبه کي روشني مين' (اردو) عمر پبليڪشنز، 2000ع، ص 32
12. ايضاً، ص 33
13. البقره، آيت 256
14. ايضاً
15. الڪهف، آيت 29
16. اليونس، آيت 99
17. ابوالفرج عبدالرحمٰن، 'اخلاقي النبي ﷺ' (اردو) عبدالرحمٰن حبيب گنج لاهور، ص 49-50
18. صحيح بخاري، جلد اول، ڪتب الجنائز، ص 343
19. ڊاڪٽر ظهور احمد اظهر، 'فصاحت نبوي' (اردو) اسلامڪ پبليڪيشنز لاهور، 1982ع، ص 371
20. قاضي زين العابدين ميرني، 'نبيّ عربي' (اردو) جيد برقي پريس دهلي، 1358، ص 137
21. مقالات سيرت/پروفيسر عبدالماجد، 2004ع، وزارت مذهبي امور اسلام، ص 87
22. مولانا مناظرا احسن گيلاني، 'مسلمانون کي فرقہ بنديون کا افسانہ' (اردو) اداره اسلاميات لاهور، 1976ع، ص 44
23. الانعام، آيت 108
24. قاضي محمد سلمان منصورپوري، 'رحمة اللعالمين' (اردو)، جلد اول، شيخ غلام علي اينڊ سنز لاهور، ص 118
25. حڪيم ابوالبرڪات عبدالرؤف داناپوري، 'اصح السير'، (اردو)، نورمحمد ڪارخانہ تجارت ڪتب ڪراچي، 1922ع، ص 473
26. امام يوسف، 'ڪتاب الخراج'، ص 143، بحوالہ مولانا تقي اميني، 'اسلام اور جديد دور کي مسائل'، ص 335
27. ايضاً.
28. المائده، آيت 32
29. البقره، آيت 189
30. مجيب الله ندوي، 'اسلام کي بين الاقوامي اصول و تصورات' (اردو) مرڪز تحقيق ديال سنگهہ ٽرسٽ لئبرري لاهور، 1990ع، ص 20

31. مولانا صلاح الدين، 'بنيادي حقوق' (اردو) اداره ترجمان القرآن لاهور، 1978ع، ص 44
32. مولانا سيد ابوالاعليٰ مودودي، 'اسلام رياست ۾ ذمين جي حقوق' (اردو)، اداره ترجمان القرآن لاهور، ص 16
33. مفتي محمد شفيع عثماني، 'تفسير معارف القرآن' جلد 4، (اردو)، اداره معارف ڪراچي، 1996ع، ص 401
34. محمد احمد باشميل، 'غزوه حنين' (اردو)، مترجم: اختر فتح پوري، نفيس اڪيڊمي ڪراچي، 1988ع، ص 271-274
35. علامہ شبلي نعماني، 'سيرة النبي ﷺ' جلد اول (اردو) اسلامي ڪتبخانہ لاهور، ص 300
36. فتح الباري شرح صحيح بخاري، جلد 3، ص 214
37. 'سيرت النبي صلي الله عليه وآله وسلم' ص
38. مولانا وحيدالدين خان 'ڪاروانِ حيات' (اردو) فضلي سنز ڪراچي، ص 185
39. ابن القيم الجوزي 'زاد المعاد' (جلد اول) (اردو) مترجم: ڊاڪٽر مقتدي حسن الازهري، ادبيات لاهور، ص 423
40. محمد احمد هاشمي، 'فتح مڪہ' (اردو) مترجم: اختر فتح پوري، نفيس اڪيڊمي ڪراچي، 1984ع، ص 294
41. محمد احمد باشميل، 'فتح خيبر'، (اردو) مترجم: مولانا اختر فتح پوري، نفيس اڪيڊمي ڪراچي، 1985ع، ص 196
42. سيد سلمان ندوي، 'خطباتِ مدراس' (اردو)، اداره اسلاميات لاهور، 1982ع، ص 119
43. ڊاڪٽر خالد علوي، 'انسان ڪامل' (اردو)، الفيصل اردو بازار لاهور، 2001ع، ص 667
44. 'سيرة النبي ﷺ' جلد 6، ص 82
45. 'سيرة النبي ﷺ' جلد 6، ص 82
46. صحيح بخاري، جلد اول، ڪتاب 'الجنائز'، ص 343
47. ابراهيم العمادي، 'خاتم النبيين' (اردو) مڪتبہ سلطاني ممبئي، 1950ع، ص 177
48. مقالات سيرت/رشيد احمد جالنتري، 1989ع، وزارت مذهبي امور اسلام آباد، ص 270

## نئون ڪتاب






**ڊاڪٽر نوازعلي شوق**
ڪراچي



# قاضي قادن جو ڪلام•

## قاضي قادن جي ڪلام جي مختصر سمجهاڻي

(1)

اسين ٻانهان تون ڌڻي، پاڻو پاڻ هِي ڄاڻُ
مَندي ٿُر ميزانُ، ليکو ڪندين ڪَن سين.

يا الله! اسين تنهنجا ٻانها آهيون، تون ئي اسان جو مالڪ آهين (۽ اسان جو هر ڪم بہ تون) پاڻ ڄاڻين ٿو.

(منهنجا مولا پنهنجن ٻانهن تي مهر جي نظر ڪر) گناهن ۽ ثوابن جي تارازي ۾ تور ڪندين تہ ڇوٽڪارو مشڪل آهي.

(2)

انان ٻِي ٻَنا. ڳَرِيِن، ٻَنا ان منجهاوَ،
راڄُ تنهنجو راڄيا، ٻيا راوَ ٻِي راوَ.

(اي مالڪ!) تون ئي ڪٽي مان ڪيچ ٿو ڪرين.

اي سائين! حقيقت ۾ هر جاءِ تي تنهنجو ئي راڄ آهي. تون ئي اصل راڄ ڌڻي آهين. ٻيا سڀ هن جڳ ۾ ننڍا راوَ (راءِ) آهن.

(3)

جي گهر گهڙي نہ ڪِين، سائين تو ديدار
ڪيهي حُجَ ڪَرين، سيئِي پنهنجي رَب ڏانهہ

اي مالڪ! جيڪي تنهجي ديدار لاءِ هڪ گهڙي بہ التجا نٿا ڪن، سي تُنهنجي (قرب ۽ ڪرم جي) ڪهڙي منهن سان حُجت ڪري سگهن ٿا!

(4)

ڏِنئِين پاڻ واڪاڻ ڪي، جِيَ تُنهنجي واتِ
بندا خالق نہ گهرين، ڪَرين پرائي تاتِ

(اي بندا تنهنجي خالق ۽ مالڪ) پنهنجي حمد ۽ ثنا لاءِ توکي تنهنجي وات ۾ زبان ڏني آهي. پر تون پنهنجي پالڻهار سان لئون لڳائڻ بدران ٻين (غير الله) جي ويٺو تات ڪرين.

(5)

جي مون ڏِيئين لکَ ڌڙ، ڌڙِ ڌڙِ لکَ سِران
سِرَ سِرَ لکَ مُهان ٿيئن، مُهہ مُهہ لکَ ڄِڀان
سَڀِي ڄڀان تِکِيان، تکڙيان لوان
صِفتِ تُنهنجي راڄيَا! تو هئون ڪيئن ڳَران!

اي منهنجا مالڪ! جي تون (مِهر ڪري) مون کي لکين ڌڙ ڏين ۽ (اهڙي جسم جي) هر هڪ ڌڙ تي لکين سر هجن ۽ هر سر ۾ وري لکين وات هجن ۽ هر وات ۾ لکين زبانون هجن ۽ اهي سڀ زبانون تيزيءَ سان ڳالهائين (تنهن هوندي بہ) اي راڄ ڌڻي، تنهنجي صفت ۽ ساراهہ جو حق ادا ڪري نہ سگهندس.

(6)

تون آڌارُ سُڌارُ تون، تون آڌائو اڌ
تون ئي اکڙين ۾، تون ئي اندر هَڌ
ڳل لڳي ڳالهہ ڇوان، ڪيهي حاجت سَڌ

(اي منهنجا مولا!) تون ئي منهنجو اجهو اوٽ آهين. تون ئي منهنجو هادي ۽ حامي آهين. (تون هر هنڌ موجود آهين) منهنجي اکين ۾ ۽ منهنجي ساري جسم ۾ سمايل آهين. (تون تہ مون سان ساهہ پساهہ ۾ گڏ آهين) توکي ڳل لڳي (دل جي) ڳالهہ ڇئي سگهان ٿو، توکي سڏ ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ آهي. (ڇو تہ تون ساهہ جي رڳن کان بہ وڌيڪ ويجهو آهين).

(7)

آهہ الاهان، ڪو مَ لاهيو ڪَنڌِين،
ويا ڪاڄَ هَٿان، وَڌ آڻيندو وڏو ڌڻي.

(اي الله جا ٻانهؤ!) الله پاڪ جي (رحم ۽ ڪرم) مان ڪنڌن بہ آسور نہ لاهيو. توهان جا جيڪي ڪم نہ ٿي سگهيا آهن، سي سڀ ڌڻي سگورو پورا ڪندو.

---

• نوٽ: هي مضمون مهراڻ 2020/4ع ۾ آيل محترم نواز علي شوق صاحب جي مضمون سان ملائي پڙهندا. - ايڊيٽر

پنائي فرمايو آهي:

وهوم لاهي، آسرو الله مان.

(8)

تون چئہ الله هيڪڙو، وائي ٻي مَ وار
سو ئِي ڏِيو ٻار، جو نہ اُجهامي ڪَنهِين.

اي غافل انسان! تون دل ۽ زبان سان) چئہ تہ بيشڪ الله هڪ آهي، ٻي ڪا (اجائي) ڳالھ نہ ڪر. تون اهڙو ڏيئو ٻار، جيڪو ڪڏهن نہ وسامي.

(9)

تون چئہ الله هيڪڙو، وائي ٻي مَ سِکُ
سَچو اکرُ مَنَ ۾، سوئي لِکيو لِکُ.

(اي غافل انسان!) تون دل ۽ زبان سان چئہ تہ بيشڪ الله هڪ آهي. ان کان سواءِ ٻي ڪا ڳالھ نہ سک، وحدانيت وارو سچو اکر من ۾ آڻي، اهو ئي لکندو رھ.

(10)

وائي ٻي مَ ٻُلُ، مِروُئان موران پَکئان
بالله سَندو سَچَئين، هُو هُلاچو هُلُ.

اي غافل انسان! جيڪڏهن تون غور ڪرين تہ توکي معلوم ٿيندو تہ جيت جٽيا ۽ پکي پکڻ وحدانيت واري ٻولي ٻولين ٿا. الله پاڪ جو قسم هر هنڌ جيڪو هُل ۽ غوغاءُ آهي، سو سڀ سائين جي صفت ۽ ساراھ آهي.

(11)

ايڪ قصرَ، دَرَ لڪَ، ڪوڙين سَهسين ڪڙڪيَان
جان ئي ڪَرِين پَرڪَ، تان ئي سَجڻ سامُهان.

هيءُ سارو جڳ هڪ وڏي محل مثال آهي. ان هڪ محل جا لکين در ۽ ڪروڙين هزارين دريون آهن. تون جتان بہ نهاريندين تہ اتان ئي توکي جانب جو جلوو نظر ايندو.

(12)

سوئِي هيڏان، سوئِي هوڏان، سو ئِي سو وَسي
تهين سندي سوجهري، سوئي سو پَسي.

(هن جڳ جو جيڪو خالق ۽ مالڪ آهي) هيڏانهن هوڏانهن يعني هر طرف اهو ئي موجود آهي. انسان ان جي نُور جي ذريعي ان کي پسي سگهي ٿو.

(13)

واحِدُ هَنڌين دائرين، هيڪڙو ميئِي،
جنهين جان جُدا ڪِي، پَسندا سيئِي.

هر جاءِ، هر هنڌ، هر ماڳ اهو هڪ خدا موجود آهي. ان جو ديدار اهي ئي ڪري سگهندا، جيڪي حق جي خاطر قربان ٿيندا.

(14)

سائر ڏيئي لت، اوچي نيچي ٻوڙئي
هيڪائين هيڪ ٿئو، وئي سَڀ جهت.

درياھ دهشت ۾ اچي ٻوڙ ٻوڙان لائي هيناهين توڙي مٿاهين ٻوڙي ڇڏي. هيڪائي هيڪ لڳي پئي آهي ۽ سڀ طرف تر ٿي ويا آهن. هر طرف لس ليٽ لڳي پئي آهي.

(وحدت واري درياءَ، ڪثرت واريون سڀ نشانيون ختم ڪري ڇڏيون آهن).

(15)

اکرَ ٻيا وِسارِ، الفُ اڳيون ئي ياد ڪَر
سو تون ڏيئو ٻارِ، جو نہ اُجهامي ڪَڏهِين.

اي طالب! ٻيا سمورا اکر وساري ڇڏ، رڳو سڀ کان اڳيون اکر "الف" (الله جي نالي جو پهريون اکر) ياد ڪر. تون اهو ئي ڏيئو ٻار، جيڪو ڪڏهن نہ وسامندو.

(16)

جُون جُون پاڙھ ۽ لِکَ، ڪوڙين ڪُتيبان پڙهين،
ايءَ سَيائِي سِڪَ، جان جان پريان نہ مڙين.

جيستائين تون لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ رڌل آهين ۽ ڪوڙين ڪتاب وينو پڙهين انهن جي ذريعي منزل ماڻي نہ سگهندين. اهڙي واٽ تي هل جيڪا توکي منزل مقصود تي رسائي.

(17)

ڪوڙين ڪِتابان پڙهين، جُزان جانڪِيتان
سُوڙي ساجاء نہ ٿِئي، پَهتي ري پريان.

اي طالب! تون ڀل ڪروڙين ڪتاب حصا حصا ڪري پڙهين، پر ان هوندي بہ محبوب جي مهر کانسواءِ توکي مڪمل ڄاڻ حاصل ٿي نہ سگهندي.

(18)

زيران زبران آيتان، اڪران انت نه پارَ
هڪڙي ئي ايمان ۾، لهين سيئي سارَ.

زيرن زبرن آيتن ۽ اڪرن جو ڪو انت شمار نه آهي. اڻ ڳڻ ڪتابن ۾، اڻ ڳڻ زيرون، زبرون، اکر ۽ آيتون آهن. جيڪڏهن تنهنجو ايمان پختو آهي، ته تون انهن مڙني کي سمجهي سگهين ٿو. (توحيد کي سمجهڻ سان ئي تون سڀ ڪجهه سمجهي سگهين ٿو). شاهه لطيف فرمايو آهي:

ڪوڙين ڪتابن ۾، حرف مڙيو ئي هيڪ
جي تو نظر نيڪ، ته بسم الله ئي بس ٿئي.

(19)

ڪَنزُ، قُدوري، ڪافِيَهه جي پڙهي پروڙين سَڀ
ڪَر مَندي ماڪوڙي ڪوهَه ۾ پيئي ڪَڇي اَڀ.

اي طالب! ڪَنزُ، قُدوري ۽ ڪافيه (فقهه ۽ صرف نحو جا ڪتاب) سڀيئي پڙهين ۽ پروڙين (ان هوندي به تنهنجي علم جو اهو حال چئبو) جڻ مندي ماڪوڙي کوهه جي تري ۾ ويهي آسمان جي ڪچ ڪري رهي آهي. (فقهه ۽ نحو جو ڪو ڪيڏو به ماهر چو نه هجي، پر حقيقت لهڻ ۾ ان جي حيثيت مندي ماڪوڙي جهڙي آهي جيڪا کوهه جي تري ۾ آسمان جي ڪچ ماپ ڪري رهي هجي).

(20)

ڪَنزُ، قُدُوري، ڪافِيَهه، ڪي ڪين پڙهيام
سو پار ئي بيو، جان ئِي پرين لڌام.

ڪنز، قدوري ۽ ڪافيه (فِقهه ۽ صرَف نحو جا ڪتاب) انهن مان مون ڪوبه نه پڙهيو. (جاڪاڻ ته طريقت واري واٽ ۾ هر قسم جو علم وسارڻو پوي ٿو. ڪنز، قدوري ڪافيه ڪا حيثيت نه ٿا رکن) اهو پارُ ئي ڪو بيو هو، جنهن جي ذريعي محبوب سان وصال ٿيو.

(21)

سيئي سيلُ ٿِيام، پڙهيام جي پاڻَ لئي
اکرَ اڳيان اُڀري، واڳون ٿِي وَريام.

جيڪي اکر مون، پنهنجي مطلب خاطر پڙهيا، سي منهنجي آڏو ڀالا ٿي بيٺا. (نه صرف ڀالا پر) اهي ساڳيا اکر وري واڳون ٿي مون تي وريا. (ڳجها راز سمجهڻ واري راهه ۾ ظاهري علم هڪ پردو ۽ حجاب هوندو آهي).

(22)

لوڪان نحوُ صَرفُ، مون مُطالعُ سُپرين
سو ئِي پڙهيو سو پڙهان، سو ئِي سو حَرفُ.

عام ماڻهو نحو ۽ صَرف وارو علم حاصل ڪرڻ لاءِ مغز ماري ڪن ٿا، پر آءٌ پنهنجي محبوب جي منهن مبارڪ وارو مصحف پڙهڻ ۾ رڌل آهيان. اهو ئي حرف، اهو ئي مصحف وري وري پيو پڙهان.

(23)

پتو ڦِٽو پيٽ ۾، وَڏي مُلان ماءَ
ڏائين ڏِني ڏوڙ ۾، الله اوري آءَ

پتو پيٽ ۾ ڦسي پيو آهي، مُلان پيو ماس ڪوري، هُن ڏوڙ ۾ ڏِني هنئي آهي (اڻ جاڻائي سبب ڏکو هنيو آهي) شل الله منهنجي آس اگهائي (مون کي صحتياب ڪري).

(24)

علت وڃيس ئي نا، عادت ڪڏهين نه جاءِ
اٺُ ڪٽڪين ڇڏيو، چُڻ جواسا کاءِ.

(هيءَ حقيقت آهي ته) علت وڃي نه ٿي سگهي، عادت به هرگز وڃي نٿي سگهي (اُٺ جو مثال وٺو، اهو به پنهنجي عادت نه ٿو ڇڏي) اُٺ کي ڪٽڪ جي فصل ۾ ڇڏيو ته (هُو سائي ۽ مٺي ڪٽڪ ڇڏي) ڳولي ڳولي ڪانڊيرا کائيندو. (چڱين خصلتن وارو چڱا ڪم ڪندو، بڇڙين عادتن وارو بڇڙا ڪم ڪندو.)

(25)

توڙي وڃي رُوَمَ، ناهِ نصيبُون اڳرو
ماني مٿي ٿومر، جئن جو لکيو چٽي ۾.

جيڪڏهن ڪٿي ڪو رُوم وڃي، پر جيڪو نصيب هوندس اهو ئي ملندس، ان کان وڌيڪ ڪونه ملندس، مانيءَ مٿان ٿوم (جيڪا اڳ کائيندو هو، اها ساڳي کائيندو رهندو چو جو اهو ئي سندس مقدر ۾ لکيل آهي).

(26)

سيڃاڻي تي سِينهَن، ڏونهَيِن وسَن جهنگ ۾،
سي ڪڙ ڪاوَن ڪِيئن، ماسُ جنهين کي لِکيو.

شهباز ۽ شينهن، ٻئي جهنگ ۾ رهن ٿا. اهي ڪڙُ ڪيئن کائيندا، جو انهن جي خوراڪ ئي گوشت آهي.

(27)

ڪَڏي ڪاڄوراءِ، جَني ٻج نہ پوکيو
راهون روُح رُڃَندِيُون تني کي ڪِياءِ.

جن زمين مان ڪک ڪهڙ ڪڍي (زمين مان لاهہ ڪڍي، زمين صاف ڪري، سنوت ۾ آڻي) ٻج نہ پوکيو، تن کي دل تي اُن جون راهون ڪيئن ملنديون!

(28)

هَر هَر فال ڪرينديان، راڙِي ڳِڻِي وِها
وڄ پُڇو سانوڻ سُتِيان، لابي لنگهڻ آ.

جيڪي هر هر فالون پائين ٿا (اجايو وقت وڃائين ٿا)، تن ڪان راهڻ (پوکڻ) جي مند گذري وئي (وقت تي ٻج پوکڻ جي مند گذري وئي). جيڪي سانوڻي جي مند ۾ سُتيون رهيون (لاپارو ڪري، ان ڪو نہ ميڙيو) تن ڪان پڇو تہ لنگهڻ (فاقو) ڇا ٿيندو آهي.

(29)

تان تان سُورهيہ سَيڪو، جان جان مَهَہ نہ مِڙَن،
رُڪَ وهنديءَ سامُهُون، سُورهيہ سي جاوَن.

تيستائين هر ڪو پاڻ کي سُورهيہ سمجهي ٿو، جيستائين (جنگ جي ميدان ۾) جهونجهار اچي گڏ نہ ٿين (انهن سان مقابلو نہ ٿئي). سُورهيہ سيئي سڏبا، جيڪي جنگ جي ميدان ۾ ڪُڏي پون ۽ پنهنجي سُورهيائي جو ثبوت ڏين.

(30)

ڏرٽي ڇَڏَ مَ ايئن، پنج ئي اپ ڪارڙا
جت پَڙا مڙندا پيئن، تِتِ ليندي مڙ سانهہ ڪَرَ.

ڪجهہ خوف ڪر، ايئن نہ ڇڏ تہ پنج ئي اپ ڪارا آهن. (جنگ جي) ميدان تي مُڙس هڪٻئي سان مقابلو ڪندا، اتي سندن پهلواني جي خبر پئجي ويندي تہ ڪيرُ ڪيتري پاڻي ۾ آهي.

(31)

ٻُڪ پاڻيءَ منجهہ، ٻاٻيها ٻڏي مُئا
جي تو پوري سمجهہ، تان تون ڳيرو نہ ٿيوين.

ٻاٻيها ايڏا تہ نازڪ آهن جو پاڻيءَ جي ٻُڪ (ٿورڙي پاڻي) ۾ ٻڏي مري وڃن ٿا. جيڪڏهن توکي ڪا سمجهہ پوي، سياڻو ٿئين تہ جيڪر ڳيرو نہ ٿئين (پاڻ کي ڪمزور ۽ ڪاهل نہ بڻاءِ، سخت جان ۽ بهادر بڻج، ڇو تہ هن دنيا ۾ گهڻا ڏک ڏسڻا پون ٿا.)

(32)

جي اُتر جي لاهِ، سَڄڻ سَڀِ پَرکِيا
ري پنهنجي ڪَنئِي، سُيَر ٻري نہ باهِ.

اُتراڏي دوستن کي بہ آزمايوسين، لاڙي دوستن وٽ بہ لڙي وياسين (آخر انهيءَ نتيجي تي پهتاسين تہ) پنهنجي محنت ۽ همت ڪانسواءِ مڃ مڇي نہ سگهندو (ڪاميابي) حاصل نہ ٿيندي.

(33)

تِکو تيڏو ئي وهي، جيڏو مُنهن مهراڻ
ڏيهہ سيوئي هڪڙو، ڌِيرَ لتوسين پاڻ.

مهراڻ (درياءُ) اوترو ئي تکو ۽ تيز وهندو، جيترو ان جو منهن موڪرو هوندو. هيءُ جهان هڪ ئي آهي. (هن وڏي جهان ۾) وڏي ڌيرج سان پاڻ کي سجاتو سين.

(34)

تارُن جيئن ترين، پُسائِين مَ مولهِيا
پڙُ مَ لڄائِين، تنهہ سچي ديوانَ ۾.

(وڏا تارُو) تارُن وانگر ترندا آهن ۽ پنهنجا مولهيا نہ پُسائيندا آهن. اُهي امينن جي ڪچهريءَ ۾ پاڻ نہ لڄائيندا آهن.

(35)

جان جان ڪَنڌيءَ ڪانهَہ، تان تان تُرَهي تاتِ ڪَرَ
ڪَپَرَ سَندِي دانهَہ، مَتِ اوچتِي اُلهي.

جيستائين (درياهہ جي) ڪنڌيءَ تي ڪانهن جا ٻُوڙا بيٺل آهن، تيستائين تون (پار اُڪرڻ لاءِ ڪانهن جي ٻُوڙن مان) ترهو تيار ڪري وٺ. ڇو جو ٿوري غفلت ڪندين، تہ ٿي سگهي ٿو تہ متان ڪپر اوچتو ڪڙڪاٽ ڪري ڪِري نہ پوي.

(36)

سَنجهي سِڀي تُرهڙو، غافلَ ڇو نہ وڌوءِ
جَہ هِين لهَرِين گر ٿِئين، تڏهين سَنياريوءِ.



ڊاڪٽر الطاف جوکيو
محرابپور

# حرف رويءَ جي روشنيءَ ۾ مولوي احمد ملاح جي هڪ اکر جي تبديليءَ وارن قافين جو جائزو

**(A Review of Molvi Ahmed Mallah's changing single letter Rhymes in the light of 'Harf e Ravi')**

**جائزي جو پس منظر**

مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ جي خاص خوبي اها رهي آهي تہ هن جا لفظ رديف يا قافيا اهڙا ڪم آندل آهن، جيڪي ٻين جي شاعريءَ ۾ عام ناهن. يعني مولوي صاحب اهڙن قافين جو استعمال ڪندو آيو آهي، جن پاسي ٻين شاعرن جو ڌيان ئي نہ ويندو هجي. اهو انداز ٻوليءَ جي مهارت سان ئي سلهاڙيل آهي. مولوي صاحب هڪ ئي وقت سنڌي ٻولي ۽ عربي ٻوليءَ جو ڄاڻو هيو، اهو ئي سبب آهي جو ڪافي لفظ پنهنجي مهارت سان گهڙيا بہ اٿس. اهو هڪ الڳ موضوع آهي، جنهن تي الڳ سان ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي. هتي مولوي صاحب جا اهڙا قافيا جاچڻ مقصود آهي، جن جا پهريان اکر تبديل ڪري ڪم آندا ويا آهن.

هن مضمون کي صرف 'قافيي' تي مرڪوز رکيو ويو آهي. عام طور، اها وصف ڪئي ويندي آهي تہ ڪنهن شعر /نظم جي آخر ۾ اهڙن مختلف لفظن جو استعمال، جن جا آخري آواز پاڻ ۾ يڪسان هجن، جيئن : سڏُ، ڪڏُ وغيره .

**جائزي جو عمل**

لغوي لحاظ کان 'قافيو' عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، ان جو اشتقاق هيٺين ريت رکجي ٿو:

قافيو) ثقا /قفو= 'هن پيروي ڪئي (پٺيان هلڻ. صنايع بدايع موجب ڪنهن شاعريءَ ۾ يا رديف کان اڳ ڪم ايندڙ، اهڙا هڪٻئي پٺيان ايندڙ مختلف لفظ، جيڪي پڇاڙيءَ جي آوازن ۾ هم آواز هجن: جيئن: سرهاڻ، مهراڻ، سرواڻ، درواڻ، نرماڻ، حلواڻ، ڪلياڻ وغيره. قافيي جي آخر ۾ جيڪو اکر /حرف بار بار ڪم ايندو آهي، تنهن کي 'حرف روي' سڏيو ويندو آهي. مثال طور، مٿين قافينير 'ڻ' حرف روي آهي، جڏهن تہ 'ڻ' کان اڳ 'الف' پڻ دهرايل آهي، جنهن کي 'ردف' ڪوٺيو ويندو آهي.

علم قافيا موجب، حرف روي، قافيي جو بنياد هوندو آهي. ان کان پهريان چار حرف اچي سگهن ٿا، جن کي 'اصلي حرف' ڪوٺيو ويو آهي، جڏهن تہ حرف روي کان بعد بہ حرف اچي سگهن ٿا، جن کي 'وصلي حرف' چيو وڃي ٿو. انهن مڙني جو هڪ قافيي ۾ آڻڻ لازمي نہ هوندو آهي، ليڪن قافيي جي سڃاڻپ لاءِ حرف روي جو استعمال ضروري ڄاتو ويو آهي. جيڪڏهن قافيي جو مدار صرف حرف روي تي آهي تہ اهو 'روي مجرّد' ٿو سڏجي. (هاشمي، 2006) اها بہ ڳالهہ اهم ڄاتي وئي آهي تہ قافيي جو گهٽ زور حرف کان وڌيڪ آواز / اچار تي هوندو آهي، جيئن : سبحانُ - مانُ - سلامُ .

آواز /اچار /تلفظ جي بنياد تي قافين جا اهڙا معيار بہ ملن ٿا، جنهن ۾ اکرن کي پاسي رکيو ٿو وڃي، مثال طور: خوابُ هن ۾ واؤ معدولہ /واؤ اشمام ڪم آڻجي ٿو، ليڪن ان جو آواز، تلفظ ۾ شمار نہ ٿو ڪيو وڃي، ان سبب ڄاڻايل لفظ جو اچار ٿي ٿيندو: 'خابُ !' ان خيال کان 'خوابُ ۽ بابُ'، 'خوانِي ۽ مانِي' هم قافيہ ۽ پڻ هم وزن چئي سگهجن ٿا، توڻي جو انهن جي اکري ڳنڍپ ۾ فرق آهي. (هاشمي، 2006)

**قافيي جو هنڌ**

قافيي جو هڪ متعين هنڌ ٿيندو آهي، ڪنهن شعر ۾ مختلف جڳهن تي ڪم ايندڙ مقفيٰ لفظ قافيو نہ سڏبا آهن. سنڌي ڪلاسيڪل بيت ۾ سورٺي واري سٽر جي اڌ ۾، ۽ دوهي جي آخر ۾ ڪم ايندو آهي.

ڪافيءَ جي ٻن سٽن واري ٿلهه ۽ وراڻيءَ جي آخر ۾ ڪم ايندو آهي. ان ڪان سواءِ ڪافيءَ جي بندن وارين سٽن ۾ الڳ سان آخر ۾ ڪم ايندو آهي. عروضي صنفن موجب، غزل جي مطلع ڪان علاوه، بند جي پهرين سٽ ڇڏي ٻيءَ ۾ قافيو ڪم ايندو آهي، جڏهن ته بار بار بيهاريل ساڳيو لفظ /لفظن جو مجموعو 'رديف' سڏجي ٿو. مثنويءَ جي هر بند جي پنهي سٽن ۾ قافيو ڪم ايندو آهي. رباعيءَ جي ٻن سٽن ۽ آخري سٽن جي آخر ۾ بيهندو آهي. مخمس /مسدس /مثمن جي آخري ٻن سٽن کي ڇڏي، پهرين سٽن جي آخر ۾ بيهندو آهي، جڏهن ته آخري ٻن سٽن جو قافيو وري مٿين سٽن ڪان هٽي ڪري، پاڻ ۾ هم قافيه ٿي بيهندا آهن. بهرحال 'قافيي' جو ڪنهن به شعر يا بيت ۾ هڪ مقرر هنڌ ٿئي ٿو .ان سبب هر مقفيٰ لفظ، قافيو نه سڏبو.

**قافيو، اکر ۽ اعراب جي روشنيءَ ۾**

- قافيي جي لفظن جي آخري اعراب) زبر، زير، پيش (۽ حرف علت) مد، 'و' مجهول /معروف ۽ 'ي' مجهول /معروف (ساڳي هجي،
- قافيي جو آخري اکر /حرف ساڳيو هجي، جنهن کي 'حرف روي' ڪوٺيندا آهن، توڙي جو اهو به حرف علت: 'ا، و ۽ ي' مان ٿي سگهي ٿو، جيڪو صورتخطيءَ جي لحاظ ڪان ڊگهي سُر (Long Vowel) ۾ ڪم ايندو آهي. عربي لفظ 'روي'، 'روا' مان ورتل آهي، جيڪو لغت موجب ان رسيءَ کي چئبو آهي، جنهن سان اٺ تي سامان ٻڌو وڃي. حرف روي جا به قسم ٽين ٿا.
- اضافي طور، قافيي جو ماقبل (Second last) حرف /اکر ۽ اعراب به ساڳي هجي.

قافيي بابت انتهائي مختصر ويچار ونڊڻ بعد هتي مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ آواز ڪان هٽي ڪري 'قافين جي استعمال' جو اهڙو انداز جاچڻ مقصود آهي، جن ۾ هڪ اکر جي تبديليءَ سان قافيا بيهاريا ويا آهن. مولوي صاحب قافيا ۽ رديف ڪمال جا ڪم آندا آهن. اهڙن لفظن جو استعمال به ڪيو اٿس، جيڪي عوامي ٻوليءَ ۾ ڳالهائبا آهن ۽ شايد لغت ۾ به اهڙن لفظن کي جڳهه نه ملي، ليڪن مولوي صاحب ڪم آڻي، انهن لفظن کي زندگي بخشي آهي

**حرف روي ۽ ان جي حرفن جو بيان**

حرف روي ان اکر کي چيو ويندو آهي جيڪو ڪنهن قافيي واري لفظ جي آخر ۾ ايندو هجي، ليڪن قافيي جي جوڙجڪ ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته 'حرف روي' ڪان اڳ جيڪي اکر ٽين ٿا، تن جا نالا پڻ رکيا ويا آهن ۽ 'حرف رويءَ' بعد به چار اکر ٽيندا آهن، جن جا نالا پڻ طئي ڪيل آهن. حرف رويءَ ڪان اڳ چار ۽ حرف رويءَ بعد چار، يعني نوَن اکرن جا نالا ڄاڻايل آهن. ان حوالي سان مرزا قليچ بيگ لکي ٿو ته "قافيي جا مڙئي نوَ اکر ٿا ٿين، پر رواج ۾ اڪثر ست ايندا آهن. قافيي جو پويون اکر جو ضرور وري وري اچي ٿو، تنهن کي 'روي' ٿا چون .جي روي ڪان چار حرف اڳي ايندا آهن، انهن جا نالا ترتيبوار هي آه: 'ردف'،' قيد'،' تاسيس' ۽ 'دخيل' ۽ جي روي ڪان چار حرف پوءِ ايندا آهن، تن جا نالا ترتيبوار هي آهن: 'وصل'، 'خروج'، 'مزيد' ۽ 'نائر. (قليچ، 2016: 72)

**حرف روي ڪان اڳ ايندڙ قافيي جي اکرن بابت**

مرزا قليچ بيگ ڄاڻائي ٿو ته "قافيي جو پويون اکر، جو ضرور وري وري اچي ٿو، تنهن کي 'روي' ٿا چون. جي روي ڪان چار حرف اڳي ايندا آهن، انهن جا نالا ترتيبوار هي آهن: 'ردف'، 'قيد'، 'تاسيس' ۽ 'دخيل' روي ڪان اڳيون اکر جي حرف علت ساڪن هوندو يعني 'الف' يا 'و' يا 'ي' ساڪن هوندو ته انهيءَ کي 'ردف' چئبو، جيئن ته ايمان، عثمان ۽ حيران ۾ 'ن' روي آهي، ۽ ٻيو ڪو حرف صحيح آيو ته انهيءَ کي 'قيد' چئبو، جيئن ته 'درد -سرد' ۾ 'د' روي آهي ۽ 'ر' قيد آهي. وري روي ڪان اڳي ساڪن الف ۽ روي جي وچ ۾ جيڪو حرف ايندو، تنهن کي 'دخيل' چئبو ۽ انهيءَ ساڪن الف کي 'تاسيس' چئبو، مثلاً باور، داور ۽ خاور۾ 'ر' روي آهي، 'و' دخيل آهي، 'الف' تاسيس آهي." (قليچ، 2016: 72)

مٿين وضاحت کي هيٺين نڪتن ۾ سؤلو ڪري سگهجي ٿو:

**ردف بابت :** قافيي ۾ حرف روي کان اڳ ساڳئي هڪ حرف علت) ا، و ۽ ي (هجڻ کي بهتر سمجهيو ويو آهي،‘اهڙو حرف علت حرف رويءَ کان اڳ ۽ بلڪل گڏ اچي ته ان کي ردف چئبو، جيئن:

**الف ـ ردف** :ساهہ -گاهہ -شاهہ -ماهہ) ...ان قافيي ۾ ’هہ‘ حرف روي آهي ۽ ان کان اڳ ۽ گڏ آيل الف ردف سڏبو، جيئن ته ان الف تي ڪا به اعراب نه هوندي آهي، ان سبب ان کي الف ساڪن ٿا ڪوٺين، ليڪن اصولي طور ساڪن ڪوٺڻ مناسب ناهي.“

**ردف ـ واؤ(معروف واؤ ۽ مجهول واؤ)**

(شورُ -مورُ -بورُ) ...ان قافيي ۾ ’ ر ‘حرف روي آهي ۽ ان کان اڳ ۽ گڏ‘ واؤ مجهول ’جو حرف، ردف سڏبو).

(ٻوٽُ -سُوٽُ -ٽُوٽُ) ... ان قافيي ۾ ’ ٽ ‘حرف روي آهي ۽ ان کان اڳ ۽ گڏ‘ واؤ معروف ’جو حرف، ردف سڏبو).

**ردف ـ يي (معروف يي ۽ مجهول يي)**

(پيرُ -ڏيرُ -سيرُ) ...ان قافيي ۾ ’ ر ‘حرف روي آهي ۽ ان کان اڳ ۽ گڏ‘ يي مجهول ’جو حرف، ردف سڏبو).

(پيِرُ -مِيرُ -ڪِيرُ) ...ان قافيي ۾ ’ ر ‘حرف روي آهي ۽ ان کان اڳ ۽ گڏ‘ يي معروف ’جو حرف، ردف سڏبو).

**نوٽ:** ردف سان گڏ جيڪڏهن‘ نون گهُڻي ’جو استعمال ٿئي ته ان کي‘ ردف زائد ’ٿو ڪوٺجي، جيئن :

**ردف زائد :** سانگُ -نانگُ -ڪانگُ) ... ان قافيي ۾ ’گ‘ حرف روي آهي ۽ ان کان اڳ آيل الف، ردف سڏبو، جڏهن ته ’نون گهُڻي‘ جو حرف ’الف‘ سان سلهاڙيل آهي، ان سبب ان کي ردف زائد ڪوٺبو. ائين ٽئي حرف علت) الف، واؤ ۽ يي (واري ردف سان سلهاڙيل ’نون گهُڻو‘ ردف زائد سڏبو).

**قيد بابت :** حرف علت کان سواءِ، جيڪڏهن حرف روي کان اڳ ڪو متحرڪ يا ساڪن حرف ايندو ته ان کي ’قيد‘ سڏيو وڃي ٿو، جيئن :

**متحرڪ حرف سان:** شَهَرُ -قَهَرُ -زَهَرُ (ان قافيي ۾ ’ر‘ حرف روي آهي ۽ ان کان اڳ ۽ گڏ ’متحرڪ حرف‘ قيد سڏبو.)

**ساڪن حرف سان :** دَردُ -فَردُ -مَردُ -سَردُ) ان قافيي ۾ ’ر‘ حرف روي آهي ۽ ان کان اڳ ۽ گڏ ’ساڪن حرف‘ قيد ڪوٺبو).

**تاسيس بابت :** عربي علم قافيہ موجب، تاسيس صرف حرف علت: ’الف‘ کي ڪوٺيو ويو آهي. حرف روي کان اڳ يعني گڏ ساڳيو ’حرف علت: ا، و ۽ ي‘ ايندو ته اهو ته سڏبو ’ردف‘، پر جيڪڏهن ’روي ۽ ڪنهن حرف‘ کان اڳ حرف علت: ’الف‘ ايندو ته ان کي تاسيس چيو ٿو وڃي. جڏهن ته ٻيا حرف علت ’و ۽ ي ‘ کي ڇا ٿو چيو وڃي؟ ان بابت ڪا وضاحت نه ٿي ملي، ان بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته هر ٻوليءَ جو مزاج نرالو ٿئي ٿو، جنهن جي استعمال تي ئي معيار جوڙيا ويندا آهن. سنڌي ٻوليءَ جو صرفي ڍانچو نرالو ٿئي ٿو ان ڪارڻ اهو تصور ڪرڻ گهرجي ته تاسيس رڳو ’الف‘ نه پر ’واؤ مجهول ۽ معروف‘ ۽ ’يي مجهول ۽ معروف‘ به ٿي سگهن ٿا. سنڌي ٻوليءَ نسبت، تاسيس جي دائري هيٺ لفظن جو اهڙو دائرو ڏجي ٿو:

**الف ـ تاسيس:** گهائِل -مائِل -سائِل -قائِلُ... (ان قافيي ۾ حرف روي ’ل‘ آهي ۽ ان کان اڳ آيل حرف علت ’الف‘ کي تاسيس ڪوٺجي ٿو، جڏهن ته حرف روي ۽ ’الف تاسيس‘ جي وچ ۾ آيل ’همزي‘ کي دخيل چئبو).

**تاسيس واؤ(معروف واؤ ۽ مجهول واؤ)**

چوڏو -اوڏو -توڏو -گوڏو ’واؤ‘ (حرف روي، ان کان اڳ ’واؤ مجهول‘ تاسيس ۽ ٻنهي جي وچ ۾ ’ڏ‘ دخيل سڏبو).

جهُومَرُ -سُومَرُ -ريُومَرُ 'ر' حرف روي، ان کان اڳ 'واؤ معروف' تاسيس ۽ ٻنهي جي وچ ۾ 'م' دخيل آهي).

**تاسيس يي (معروف يي ۽ مجهول يي)**

(ويکَرِ -نيکَرِ -ٻيکَرِ 'ر' حرف روي، ان کان اڳ 'يي مجهول' تاسيس ۽ ٻنهي جي وچ ۾ 'ڪ' دخيل آهي).

(ڊِيهَڙُ -سِيهَڙُ -ٽِيهَڙُ) 'ڙ' حرف روي، ان کان اڳ 'يي معروف' تاسيس ۽ ٻنهي جي وچ ۾ 'ه' دخيل آهي)

**نوٽ:** تاسيس سان گڏ 'نون گهٽو' سلهاڙيل ايندو تہ ان کي تاسيس زائد ڪوٺبو، جيئن: چونرو (آخري 'و' روي، اڳيون 'و' تاسيس ۽ ان سان سلهاڙيل 'نون گهٽو' تاسيس زائد آهي .جڏهن تہ روي ۽ تاسيس جي وچ ۾ 'ر' دخيل آهي).

**دخيل بابت :** حرف روي ۽ تاسيس جي وچ ۾ جيڪو حرف اچي ٿو تہ ان کي 'دخيل' چون ٿا. مثال ۾ مٿيان تاسيس جا ئي مثال ڪٽي ڏسي سگهجي ٿو، جيئن:

**الف تاسيس سان** :گهائِل -مائِل -سائِل -قائِلُ (حرف روي ۽ 'الف تاسيس' جي وچ ۾ آيل 'همزي' کي دخيل چئبو).

'واؤ' مجهول ۽ معروف سان

چوڏو -اوڏو -توڏو -گوڏو.. (حرف روي 'واؤ تاسيس' جي وچ ۾ 'ڏ' دخيل آهي).

جهُومَرُ -سُومَرُ -ريُومَرُ... (حرف روي ۽ 'واؤ تاسيس' جي وچ ۾ 'م' دخيل آهي).

**يي مجهول ۽ معروف سان**

ويکَرِ -نيکَرِ -ٻيکَرِ... (حرف روي ۽ 'يي تاسيس' جي وچ ۾ 'ڪ' دخيل آهي).

ڊِيهَڙُ -سِيهَڙُ -ٽِيهَڙُ... (حرف روي ۽ 'واؤ تاسيس' جي وچ ۾ 'ه' دخيل آهي).

**نوٽ** :دخيل سان گڏ جيڪڏهن 'نون گهُٽي' جو استعمال ٿئي تہ ان کي 'دخيل زائد' ڪوٺبو، جيئن: چانور'ر' (حرف روي ۽ اڳيون 'ا' تاسيس آهي، ان سان گڏ 'نون گهُٽو' تاسيس زائد آهي. جڏهن تہ تاسيس ۽ روي جي وچ م 'و' دخيل آهي).

**دخيل زائد :** سارنگُ -مارنگُ -نارنگُ .. (ان قافيي ۾ 'گ' حرف روي آهي ۽ ان کان اڳ آيل الف، تاسيس سڏبو، جڏهن تہ 'نون گهُٽي' جو حرف 'الف' سان سلهاڙيل آهي، ان سبب ان کي دخيل زائد ڪوٺبو. ائين ئي حرف علت) الف، واؤ ۽ يي (واري ردف سان سلهاڙيل 'نون گهُٽو' دخيل زائد سڏبو).

***(نوٽ :** مبادا هتي اهڙا لفظ بہ لکيا ويا هجن جن جي صورتخطيءَ ۾ فرق هجي يا مستعمل نہ هجن، ليڪن هتي اصل مراد لفظن جو پيراميٽر ڏيڻ آهي. مٿيان مختصر پيراميٽر بيهارڻ بعد ڪافي سنڌي لفظن جا اهڙا فارميٽ آهن، جن تي اجا ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي).*

مرزا قليچ بيگ جي ڏنل وضاحت ۽ مٿئين پيراميٽر تحت لفظن جي ورچ مان قافيي جي ساڳين اکرن بابت هينيان نڪتا ملن ٿا:

- قافيي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ حرف، 'روي' هجي؛
- حرف رويءَ کان اڳ هڪ حرف علت هجي. رويءَ کان اڳ ۽ گڏ هجي تہ ردف سڏبو؛
- حرف رويءَ کان اڳ ۽ ڪنهن حرف کان بہ اڳ ڪو ساڳيو حرف علت هجي تہ اهڙي حرف کي تاسيس سڏبو؛
- قافيي ۾ روي کان اڳ حرف علت کان سواءِ، ڪو ساڳيو حرف هجي تہ ان کي قيد چئبو؛
- قافيي ۾ تاسيس ۽ حرف رويءَ جي وچ وارو حرف بہ ساڳيو هجي .اهڙي حرف کي دخيل چئبو؛

- قافيي جا ساڳيا اکر /حرف هڪ کان ٽن تائين ٿين ٿا، البت 'نون گهڻو' اضافي ٿيندو .

حرف رويءَ جي خيال کان قافيي جا ڇهه قسم ٻڌايا ويا آهن:

- جنهن قافيي ۾ حرف تاسيس هجي ته ان کي موسَس چئبو، جيئن :زاهد ۽ واجد...
- جنهن قافيي ۾ حرف دخيل هجي ته ان کي مدخول چئبو، جيئن :ظاهر -ماهر...
- جنهن قافيي ۾ حرف ردف هجي ته ان کي مردَف چئبو، جيئن :قرار -زوار...
- جنهن قافيي ۾ حرف قيد هجي ته ان کي مقيَد چئبو، جيئن :مرد -فرد...
- جنهن قافيي ۾ وصل، خروج، مزيد ۽ نائره مان ڪوبه هجي يا سڀ هجن ته ان کي' مصوله 'چئبو.
- جنهن قافيي ۾ صرف روي هجي ته ان کي مجرّد چئبو. (هاشمي،2006 )

**حرف روي کان بعد ايندڙ قافيي جي اکرن بابت**

مرزا صاحب 'حرف روي' کان بعد ۾ ايندڙ حرفن /اکرن جي بيان ۾ هيئن لکيو آهي ته:"روي کان پوءِ يا ان جي پٺيان جيڪي چار حرف ايندا، تن مان پهرئين کي 'وصل'، ٻئي کي 'خروج'، ٽئين کي 'مزيد' ۽ چوٿين کي 'نائره' سڏبو. مثلاً : لڏي ويوس، چڙي ويوس، گڏي ويوس. انهن ۾ ڇڏي واري 'ي' آهي روي ۽ انهيءَ کان اڳيون اکر 'ڏ' آهي قيد ۽ انهيءَ کان پويون پهريون اکر 'و' آهي وصل، 'ي' آهي خروج، 'و' آهي مزيد ۽ 'س' آهي نائره." (قليچ، 2016: 72)

عام طور تي مرزا صاحب جا ڄاڻايل قافيي جا آخري حرف 'ويوس' جيڪي منفصل صورت ۾ آيا آهن، تن کي 'رديف' ۾ شمار ڪيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته ڄاڻايل مثال 'مرڪب فعل' جي صورت جو آهي. البت، متّصل صورت وارا فعل قافيي ۾ شمار ٿيندا آهن. ڄاڻايل پيراميٽر اصل ۾ عربي ٻوليءَ جي نسبت بيهاريل آهي. هڪ حوالي سان سنڌي ٻوليءَ سان ڀيٽ ۾ اچي سگهي ٿو ته جيئن عربي صرف موجب 'ضمير ۽ زمان' نسبت فعل جون صورتون تبديل ٿينديون آهن، تيئن سنڌي ٻوليءَ ۾ به 'ضمير ۽ زمان' نسبت فعل جو ڪافي صورتون جڙنديون آهن. ممڪن آهي ته قافيي ۾ 'ضمير ۽ زمان' نسبت جيڪا صورت بيهي ٿي ته ۾ فعل کان هٽي ڪري جيڪي اکر 'ضمير ۽ زمان' نسبت اضافي بيهن ٿا ته ان کي قافيي ۾ 'حرف روي' بعد ايندڙ حرف تصور ڪيا ويا هجن. جيئن: 'ڏنو ماڻءِ' (مون توکي ڏنو -(ڏنومانوَ) مون توهان کي ڏنو) ڏنومانس (مان هن کي ڏنو -(ڏنومانن) مون هنن کي ڏنو) وغيره .

مذڪوره لفظن ۾ ' ڏنو'، مصدر 'ڏيڻ' ۽ امر 'ڏي' مان، ماضيءَ جي صورت ۾ آهي. ان لحاظ کان ڏنو وجي ته هر لفظ جو قافيو 'ڏنو' سان بيهاري سگهجي ٿو، باقي ان بعد 'ضمير' جا صيغا قافيي جي بعد وارا اکر چئي سگهجن ٿا .

هر ٻوليءَ جا مزاج ۽ صيغا پنهنجا ٿين ٿا، ممڪن آهي ته عربيءَ ۾ اهڙن ضميري ڳنڍن جي حد ڇئن اکرن تائين هجي، جنهن تي الڳ سان غور ڪرڻ جي گهرج آهي، ليڪن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن فعل سان ضميري ڳنڍ جا اکر به وڌ ۾ وڌ چار ٿي ٿين ٿا. خيال خاطر ضمير سان سلهاڙيل، زمان مستقبل جا چند لفظ ڏجن ٿا، جنهن ۾ 'ڏيندو' تائين ته زمان مستقبل جي صورت ۾ ڳڻي سگهجي ٿو، باقي ضمير جون صورتون آهي، جيئن:

- ڏيندوساڻءِ / ڏيندوماڻءِ (مان توکي ڏيندس) هن ۾ 'س، ا، ن ۽ همزو' چار اکر ضميري آهن.
- ڏيندوسانوَ /ڏيندومانوَ (مان توهان کي ڏيندس) هن ۾ 'س، ا، ن ۽ و' چار اکر ضميري آهن.
- ڏيندوسانس /ڏيندومانس (مان هن کي ڏيندس) هن ۾ 'س، ا، ن ۽ س' چار اکر ضميري آهن.
- ڏيندوسانِن) ،مان هنن کي ڏيندس (هتر ۾ 'س، ا، ن ۽ ن' (وينجن) چار اکر ضميري آهن.

اهڙي انداز سان فعل بالواسطہ ۽ فعل ہٹو بالواسطہ سان بہ چند لفظ بيهن ٿا :ڏيارينڊس ڏيارينڊم، ڏيارينڊوسانءِ ڏيارينڊومانءِ، ڏيارينڊوسانوَ ڏيارينڊومانوَ، ڏيارينڊوسانس ڏيارينڊومانس، ڏيارينڊوسانڻ / ڏيارينڊومانڻ، ڏيارائينڊس، ڏيارائينڊم، ڏيارائينڊوسانءِ، ڏيارائينڊومانءِ، ڏيارائينڊوسانوَ، ڏيارائينڊومانوَ، ڏيارائينڊوسانس ڏيارائينڊومانس، ڏيارائينڊوسانڻ ڏيارائينڊومانڻ وغيره.

مٿي ڏنل سنڌي لفظن جا مثال اهڙا آهن جن ۾ بنيادي لفظ 'ڏيارينڊو يا ڏيارائينڊو' آهي، جڏهن تہ ان بعد جيڪي ضميري اکر بيهن ٿا سي وڌ ۾ وڌ چار ٿين ٿا .ان نسبت قافيي جي بنيادي لفظ سان جيڪي ضميري اکر اچن ٿا، سي 'حرف روي' کان بعد وارا اکر ٿيندا. مرزا صاحب جا ڄاڻايل مثال 'لڏي ويوس /چڙهي ويوس' ۾ مرڪب فعل 'لڏي وڃڻ' ۽ 'چڙهي وڃڻ' مان ورتل صورت 'ويوس' حرف روي جا اکر نہ ٿيندا، ڇاڪاڻ تہ اهو لفظ ئي الڳ آهي ۽ منفصل صورت ۾ ڪم آيو آهي

**لفظي پڇاڙيءَ (suffix) وارا قافيا**

جيڪڏهن ڪي لفظ پڇاڙيءَ (suffix) سان بيهاريا ويا آهن، جيئن: خدمتگار، پروردگار، طلبگار، مددگار، پرهيزگار، آبادگار، آزمودگار، سازگار، روزگار وغيره، تہ ان ڪي مسلسل قافيي ۾ آڻڻ يا ان ۾...'گار' پڇاڙيءَ جي حرفن کي 'حرف رويءَ' بعد اکر سمجهڻ بہ مناسب ناهي، ڇاڪاڻ تہ اها پڇاڙي ڪيڻ سان 'خدمت' يا 'طلب 'وغيره جا لفظ هم قافيا نہ ٿيندا.

**قافيي جون' زيرون زبرون'**

قافيي جي اعراب يا حرڪتن بابت مرزا قليچ بيگ لکي ٿو تہ: "قافيي سان ڇهہ اعراب يا حرڪتون تعلق رکن: رويءَ کان اڳي واري پهرئين اکر جي حرڪت کي 'توجيهہ' چوندا آهن ۽ انهيءَ جو موافق يا هڪجهڙو هئڻ ضروري آهي: مثلاً دلبَر ۽ صابِر هم قافيي نہ ٿيندا. ردف ۽ قيد کان اڳي واري حرف جي حرڪت کي 'حذوَ 'چوندا آهن، انهي جو بہ مختلف ٿيڻ روا ناهي. مثلاً هِند ۽ بَند هم قافيي ٿي نہ سگهندا. تاسيس واري ساڪن حرف علت جي مٿان آيل زبر کي 'رس' چوندا آهن ۽ دخيل واري حرف تي آيل حرڪت کي 'اشباع 'چوندا آهن. روي ۽ وصل گڏ ايندا تہ انهن جي اڳيان آيل حرڪت کي 'مجري' چوندا آهن. انهيءَ جو اختلاف درست ناهي. اگرچ ڪي روا رکن ٿا، جيئن: آهستہ ۽ دستہ، وصل خروج گڏ، توڙي خروج ۽ مزيد گڏ ايندا تہ انهن جي مٿان آيل حرڪت کي 'نفاذ 'چوندا آهن ۽ اهو بہ سدائين هڪجهڙو هئڻ گهرجي".

**روي کان اڳ ايندڙ حرفن تي اعراب**

- قيد واري اعراب کي 'توجيهہ' ٿو چئجي.
- قيد يا ردف کان اڳ واري اعراب کي' حَذوَ 'ٿا چون.
- تاسيس واري ساڪن حرف علت سان آيل زبر کي 'رس' چئجي ٿو.
- دخيل واري حرف تي آيل اعراب کي 'اشباع' ٿا چوندا آهن.

**روي کان پوءِ ايندڙ حرفن تي اعراب**

- روي ۽ وصل گڏ ايندا تہ انهن جي اڳيان آيل حرڪت کي' مجرئ 'چوندا آهن.
- وصل ۽ خروج گڏ، توڙي خروج ۽ مزيد گڏ ايندا تہ انهن تي آيل حرڪت کي' نفاذ 'چئبو.

مٿيون اهي اعرابون ڏسيون ويون آهن، جن جي تبديليءَ سان قافيي جو نقص ظاهر ٿئي ٿو.

**حرف رويءَ جي روشنيءَ ۾ مولوي صاحب جي هڪ اکر جي تبديليءَ وارن قافين جو جائزو**

مولوي صاحب جي قافين جو انداز ٻين شاعرن کان ان حوالي سان بہ نرالو آهي تہ سندس قافين ۾ مڪرر حرفن جو تعداد وڌيڪ ٿو ملي. گهڻي قدر اهڙا قافيا ڪم آندا اٿس، جن ۾ صرف اڳيون اکر تبديل رهي ٿو .هتي بہ سندس اهڙن قافين کي حرف رويءَ جي دائري ڏسجي ٿو.

**حرف روي سوڌو اٺن ساڳين حرفن وارو قافيو**

گُلبدن، منهنجي بدن ۾، باهه پڙڪائيندو وَت،
ڪر پيچي، ڪاني ڪجل سان، ڪان ڪڙڪائيندو وَت.
اِي اٽيون اکيَن ته 'احمد' ڏک اندر مان آرپار،
پاڻ ڪي ٽوري ٽيڻ سان، ڪينَ ٽڙڪائيندو وَت.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيو، 136)

هن غزل جي مطلع ۽ مقطع ۾ 'پڙڪائيندو، ڪڙڪائيندو ۽ ٽڙڪائيندو' جا قافيا ڪم آندل آهن، ان کان علاوه ٻين مصرعن ۾ 'لڙڪائيندو، وَڙڪائيندو، ٻڙڪائيندو، چڙڪائيندو ۽ ڦڙڪائيندو' جا قافيا آهن، جنهن ۾ صرف اڳيون اکر تبديل ڪري قافيا استعمال ڪيا ويا آهن.

ظاهري طور 'پڙڪائيندو' ۾ آخري حرف 'و' آهي، جنهن کي 'روي' تصور ڪري سگهجي ٿو، ليڪن اصولي طور هن قافيي ۾ 'ء' همزو حرف روي آهي؛ ڇاڪاڻ ته بنيادي لفظ 'پڙڪاءِ ڪڙڪاءِ ٽڙڪاءِ لڙڪاءِ - وڙڪاءِ ٻڙڪاءِ چڙڪاءِ ڦڙڪاءِ' آهي، جڏهن ته ...' يندو 'وارا اکر صيغي موجب ٻيهن ٿا .يعني حرف روي کان پوءِ ايندڙ اکرن کي 'ي، ن، د ۽ و' ترتيبوار: 'وصل'، 'خروج'، 'مزيد' ۽ 'نائره' سڏبو. جڏهن ته 'همزي' حرف رويءَ کان اڳيئن 'الف' کي ردف ڪوٺبو. باقي اڳيان ٻه اکر 'ڙ ۽ ڪ' اضافي آهن .ان کان علاوه هن قافيي ۾ رويءَ کان پوءِ وصل، خروج، مزيد ۽ نائره مان ڪوبه هجي يا سڀ هجن ته ان کي 'مصوله' چئبو. تلهي ليکي 'پرڪائيندو ـٽڙڪائيندو' وارا قافيا 'مردف مصوله' جي مرڪب اسم سان سڏيو ويندو.

مٿئين قافيي ۾ رويءَ سان گڏ 'الف' ردف هجڻ سبب، ان کي 'مردَف' سڏبو. ردف کان اڳ واري اعراب جنهن کي 'توجيهه' ٿو ڪوٺيو وڃي، تنهن جو رواج سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ ڪونهي ۽ نه وري ڪا ان جي ڳهرج پيش اچي ٿي .

**حرف روي سوڌو ستن ساڳين حرفن وارو قافيو**

ڦَٽو سک سومرا، منهنجو سُتي ساريام سانگيئڙا،
ڪڏهن ايندم، وَني ويندم، منجهان هن ڪوٽ ڪانگيئڙا.
اباڻا اڄ نه اڳيين هنڌ، ويا 'احمد' اُني اُڪري،
ڪٽي مارنگ، ونئي مارڳ، ويا ٻي ماڳ مانگيئڙا.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيو، 64)

هن غزل جي مطلع ۽ مقطع ۾ 'سانگيئڙا، ڪانگيئڙا ۽ مانگيئڙا' جا قافيا ڪم آندل آهن، ان کان علاوه ٻين مصرعن ۾ 'جهانگيئڙا، وانگيئڙا، ڀانگيئڙا ۽ ڏانگيئڙا' جا قافيا آهن، جنهن ۾ صرف اڳيون اکر تبديل ڪري، معنوي لحاظ کان، ڏاڍو سهڻو استعمال ڪيو آهي .

هن قافيي ۾ اصولي طور 'سانگي، ڪانگي، جهانگي وغيره' ۾ ...' ئڙا 'جو بار بار اضافو ٿيل آهي، ان سبب 'ي' حرف روي آهي. باقي ان بعد 'ء'، 'ڙ' ۽ 'ا' ترتيبوار: 'وصل'،' خروج' ۽ 'مزيد' آهن. 'ي' حرف روي کان اڳيون 'الف' تاسيس ۽ ان سان سلهاڙيل' نون ڳهڻو 'تاسيس زائد ۽' گ 'دخيل سڏبو.

مٿئين قافيي ۾ حرف روي نسبت، ٽي اسم ملن ٿا: 'موسَس، مدخول ۽ مصوله'، ان سبب هن کي ٻه مرڪب نالي 'موسَس مدخول مصوله 'جي نالي سان پڪاربو.

**حرف روي سوڌو ڇهن ساڳين حرفن وارو قافيو**

ڏِس خُلاصي خاص خِلوت، خار خُر، ڪائيندو وَت،
لنئون لڳڻ کي وَني لڳي، جيڪا لڳي لائيندو وَت.

هَٽ ٻَڌي سامهون هِنئين تي، عرض 'احمد' پوءِ ڪجي،
پاڻ پَرچن يا نہ پرچن، پاند تون پائيندو وت.
(ڪليات احمد، پاڳو ہيون، 135)

هن غزل جي مطلع ۽ مقطع ۾ 'ڪائيندو، لائيندو ۽ پائيندو' جا قافيا ڪم آندل آهن، تن ڪان سواءِ 'ڏائيندو، ڇائيندو، گهائيندو، نائيندو، ٽائيندو ۽ ڳائيندو' جا قافيا آهن، جنهن ۾ صرف اڳيون اکر تبديل ڪري، معنوي لحاظ ڪان، ڏاڍو سهڻو استعمال ڪيو آهي.

هن قافيي ۾ پڻ بنيادي لفظ 'ڪاءِ' سبب، حرف روي 'همزو' ٿيندو. جڏهن تہ ان بعد ايندڙ ...'يندو' وارا اکر ترتيبوار: 'وصل'، 'خروج'، 'مزيد' ۽ 'نائره' سڏبا. حرف روي' ء ' ڪان اڳئين حرف علت واري 'الف' کي ردف ڪوٺبو.

مٿيون قافيو حرف روي سان گڏ 'ردف' سان سلهاڙيل آهي، ساڳئي وقت ان ۾ رويءَ بعد وصل، خروج، مزيد ۽ نائره اچي ٿا وڃن، ان سبب هن قافيي تي بہ مرڪب نالو' مردف مصولہ 'رکجي ٿو .

صبح سان اچ واءُ صبا کي، سير سوريندي ڏٺم،
گس گهٽيون ڇانيا گلن سان، گنج گهوريندي ڏٺم.
آهہ 'احمد' جي اِتي، آخر اجاريندو عجيب،
بدسلوڪن کي پتر بي سود پوريندي ڏٺم.
(ڪليات احمد، پاڳو ہيون، 345)

غزل جي مطلع ۽ مقطع ۾ 'سوريندي، گهوريندي ۽ پوريندي' جا قافيا ڪم آندل آهن، تن ڪان سواءِ' اوريندي، ڦوريندي، چوريندي، ڪوريندي، توريندي، ڏوريندي ۽ جهوريندي' جا قافيا سهڻي انداز سان استعمال ٿيل آهن

ان قافيي ۾ 'سور، پور، گهور وغيره ' بنيادي لفظ آهن، ان سبب قافيي 'سوريندي' ۾ حرف روي 'ر ' ئي ٿيندو ۽ ان ڪان بعد وارا اکر...' يندي' ترتيبوار: 'وصل'، 'خروج'، 'مزيد '۽ 'نائره 'سڏبا. 'ر' حرف روي ڪان اڳ 'واؤ مجهول' ردف سڏبو.

مٿيون قافيو حرف روي سان گڏ واؤ مجهول يعني 'ردف' سان سلهاڙيل آهي، ساڳئي وقت ان ۾ رويءَ بعد وصل، خروج، مزيد ۽ نائره بہ اچي ٿا وڃن، ان سبب هن قافيي تي بہ مرڪب نالو 'مردف مصولہ ' رکجي ٿو .

**حرف روي سوڌو پنجن ساڳين حرفن وارو قافيو**

اَپر اُڪنڊي عمر، آهيان، اڪين مان آب اوهيڙا،
وساير، مينهن ماتم جا، ٿيَم مُنهڙي تي موهيڙا.
اَپُونئين هت آهيان، 'احمد' اباڻن پاس آباديون،
ٻُتم هن ٻن ڪَنن سان، ڏوٽيَن جا ڏُور ڏوهيڙا.
(ڪليات احمد، پاڳو ہيون، 63)

مٿئين غزل جي مطلع، مقطع ۽ مصرعن ۾ 'اوهِيڙا، موهِيڙا، سوهِيڙا، ڏوهِيڙا، روهِيڙا، ٻوهِيڙا، ڪوهِيڙا ' جا قافيا بہ ڪمال سان بيهاريا ويا آهن.

ان قافيي ۾ 'اوهيڙو /اوهيڙا'، 'موهيڙو /موهيڙا' وغيره جمع صورت ۾ رکيل آهن. اهي لفظ وڌيڪ صورت ۾ ڪونہ ٿيندا، ان سبب آخري 'الف' حرف روي تصور ڪبو. جڏهن تہ 'ي معروف' تاسيس آهي ۽ 'ڙ' کي دخيل چئبو .ان سبب ان قافيي کي 'موسَس مدخول' چئبو.

مٿين لفظن 'جدا يا خدا' ۾ 'ا 'حرف روي آهي ۽ 'د' قيد آهي. ان سبب ان قافيي کي 'مقيّد 'چئبو.

**حرف رويءَ وارو قافيو**

سڄڻ منهنجو سدا سهڻو، سٺيءَ جو ڦل آهاهاها،
منو محبوب مَن مُهڻو، مٺيون بي مُل اهاهاها.
اَحد کان ڪُل، نہ 'احمد' رُل، گهڙي بيا گُل، نہ بلبل، پُل، .
ڪرم سان ڪُل، بچان بلڪل، بچان بلڪُل آهاهاها.

(ڪليات احمد، پاڳو پيون، 81-82)

مٿئين غزل جي مطلع، مقطع ۽ مصرعن ۾ 'ڦُل، مُل، صُل، هُل، ڪُل، ٿل، بُل، گُل، ڦُل، پُل' سهڻي سٽاءَ سان ڪم آندا اٿس.

مٿين لفظن' ڦُل يا مُل' ۾ صرف هڪ حرف 'ل 'ساڳيو آهي، جيڪو حرف روي ٿو سڏجي، ان سبب ان قافيي کي' مجرّد 'چئبو.

جَت نہ رَت پائي، نہ پَت پائي، پرن کهڙي تہ پَت،
تِن جَتن جيڏيون، جَڏي ڪئي جان، ويندس جت بہ جَت.
اَڏ تِرچن آهُڙن کي، آهہ سان 'احمد' اڏار،
بَر ڪندا چا برهہ کي، پڇڻو نہ منجهہ برسات سَت.

(ڪليات احمد، پاڳو پيون، 119)

مٿئين غزل جي مطلع، مقطع ۽ مصرعن ۾ 'پَت، جَت، رَت، پَت، وَت، مَت، پَت، ٿَت ۽ سَت' سهڻي سٽاءَ سان ڪم آندا اٿس.

مٿين لفظن 'پَت يا جَت' ۾ صرف هڪ حرف 'ت 'ساڳيو آهي، جيڪو حرف روي چئجي، ان سبب ان قافيي کي' مجرّد 'چئبو.

مولوي صاحب جا ڪم آندل قافيا، مختلف هنرمنديءَ جا اعليٰ نمونا آهن. 'ذو قافيتين' جا نمونا ان کان الڳ آهن، ان کان سواءِ قافين ۾ تجنيسن جي حرفت بہ ڪاريگريءَ سان ڪم آندي وئي آهي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ مولوي صاحب جي قافين کي مختلف زاوين سان ڏٺو وڃي، تہ جيئن ڪم آندل ڪاريگري ظاهر ٿي سگهي. مٿي حرف رويءَ جي روشنيءَ ۾ ترتيبوار صرف اهڙن قافين جي چونڊ ڪئي وئي، جيڪي 'هڪ اکر جي تبديليءَ 'سان ڪم آندا ويا آهن .

**حاصل مطلب /نتيجو**

مولوي صاحب جي هڪ اکر جي تبديليءَ وارن قافين جي جائزي بعد جيڪو حاصل مطلب رهيو، ان کي هيٺين نڪتن ۾ بيان ڪجي ٿو:

- قافيي مان مراد اهڙا مختلف لفظ جن جا آخري حرف /آواز، هم آواز هجن .
- قافيي جي آخري اکر کي 'حرف روي' ٿو ڪوٺجي. عربي لفظ 'روي'، 'روا' مان ورتل آهي، جيڪو لغت موجب ان رسيءَ کي چئبو آهي، جنهن سان اٺ تي سامان ٻڌو وڃي. علم بيان موجب 'حرف روي' اهو آهي، جنهن سان قافيي کي پابند ڪيو وڃي، جيئن: عليم، ڪريم، قدير وغيره ۾ 'م' حرف روي آهي.
- حرف روي کان اڳ اکرن کي چئن نالن سان سڏيو ويو آهي: ردف، قيد، تاسيس ۽ دخيل.

- حرف روي سان گڏ ۽ اڳ جيڪڏهن ڪو حرف علت 'ا، و ۽ ي' ٿو اچي ته ان کي 'ردف' ٿو ڪوٺجي، جيئن: ساهه -گاهه -شاهه -ماهه وغيره ۾ 'حرف علت: الف' ردف آهي.
- حرف روي سان گڏ ۽ اڳ جيڪڏهن ڪو حرف صحيح ٿو اچي ته ان کي 'قيد' ٿو ڪوٺيو وڃي، جيئن: 'درد-سرد -فرد' ... ۾ 'ر' قيد آهي.
- حرف رويءَ سان گڏ نه، پر هڪ حرف جي وٿيءَ سان ڪو حرف روي ٿو اچي ته ان کي 'تاسيس' چيو ويو آهي، جڏهن ته رويءَ ۽ تاسيس جي وچ واري حرف صحيح کي 'دخيل' ٿو ڪوٺيو وڃي.
- حرف رويءَ جي خيال کان قافيي جا ڇهه قسم ٻڌايا ويا آهن :موسَس، مدخول، مرڏف، مقيّد ۽ مجرد .حرف روي کان بعد ايندڙ حرفن واري قافيي کي 'مصولہ' ڪوٺيو ويو آهي .
- حرف روي کان بعد به اکر اچي سگهن ٿا، جن جا ترتيبوار نالا 'وصل'، 'خروج'، 'مزيد' ۽ 'نائره' آهن.
- حرف روي کان بعد وارا اکر متصل ٿي سگهن ٿا، منفصل نه ٿيندا. منفصل صورت ۾ 'رديف' سڏبو. متصل صورت ۾ ضميري پڇاڙيون يا اهڙا صيغا ٿي سگهن ٿا، جن جو بنيادي لفظ هم قافيا بيهي، جيئن: 'پڙڪائيندو -ڪڙڪائيندو' لفظن ۾ بنيادي لفظ 'پڙڪاءِ' ئي آهي، ان سبب 'همزو' حرف روي ٿيندو، جڏهن ته ...'يندو' وارا اکر ترتيبوار: 'وصل'، 'خروج'، 'مزيد' ۽ 'نائره 'سڏبا.
- مولوي احمد ملاح جا ڪم آندل قافيا، حرف رويءَ جي روشنيءَ ۾ 'حرف رويءَ سوڌو اٺن اکرن' جي دهراءُ کان وٺي 'هڪ اکر /حرف روي' جي دهراءُ وارا قافيا ترتيبوار رکي رويءَ کان اڳ 'ردف، قيد، تاسيس ۽ دخيل' ۽ پوءِ وارن 'وصل'، 'خروج'، 'مزيد' ۽ 'نائره' اسمن جي جاچ ڪئي وئي.

**حوالا/ذريعا**


1. رستماڻي ضرار، پروفيسر (2017) ڪليات احمد) مولوي احمد ملاح (ڀاڱو پهريون ۽ ٻيون .ڪنڊيارو : روشني پبليڪيشن.
2. فيروزالدين (1979) فيروز اللغات -عربي اردو، لاهور: فيروز سنز لميٽيڊ.
3. مرزا، قليچ بيگ (2016) علم عَروض، ڄام شورو: مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي .
4. هاشمی، حمید اللہ شاہ، پروفیسر (2006) فن شعر و شاعری اور روح بلاغت (علم قافیہ) اعجاز پبلشنگ ہاؤس دریا گنج دہلی۔

ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ
لاڙڪاڻو



# منهنجو دوست منگهارام ملڪاڻي ۽ ساڻس ٿيل خط و ڪتابت

IN THE MEMORY OF MY FRIEND MANGHARAM MALKANI

موت جا بي رحم هٿ، جڏهن ڪنهن جانيءَ جي جدائيءَ جو باعث بڻيا آهن، تڏهن چاهيندڙن جو من بہ نپوڙيو محسوس ٿيندو آهي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي جي موت جو ٻڌي هڪ نہ پر هزارين ماڻهن کي ڏک رسيو هوندو. سنڌ ۽ هند جي هيءَ ادبي شخصيت پرلوڪ پڌارجڻ کان پوءِ بہ اسان جي ادبي دنيا ۾ عزت ۽ احترام سان ياد ڪئي ويندي. هيءُ فاني جهان تہ سڀني کي ئي ڇڏڻو آهي، پر پوءِ بہ ڪيترا ماڻهو موت کي مات ڏئي ڇڏيندا آهن. منگها رام ملڪاڻيءَ لڳ ڀڳ مني صدي سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جا گهڙا ڀريا آهن. سرڳواسيءَ ادبي چمن جي جا آبياري ڪئي آهي، اها ڪڏهن بہ نظرانداز ڪري نہ ٿي سگهجي. هن جا لڳايل ادبي گل ۽ ٻوٽا اڄ ڄاڻي مدي تائين علم ادب جي دنيا کي هڳاءُ بخشيندا رهندا. گذريل پنج سال ڄڻ ڪالهوڪي ڳالهہ لڳن ٿا .

مون کي ياد ٿو پئي تہ ڊاڪٽري جي مقالي کي مڪمل ۽ جامع بڻائڻ لاءِ سنڌ ڪانسواءِ هند جي عالمن، اديبن ۽ دانشورن سان رابطو قائم ڪيو هيم. هڪ مفصل سوالنامو ٺاهي پنهنجي دوست جسونت ڪمار ۽ پيڻ پوپٽي هيراننداڻي ڏانهن موڪليو هيم. هن منهنجي سوالنامي کي سائيڪلو اسٽائيل ڪري سموري ڀارت جي سنڌي بزرگ عالمن ۽ اديبن ڏي ڏياري موڪليو هو.

سرڳواسي منگهارام ملڪاڻيءَ انهيءَ سوالنامي جي موٽ ۾ مون سان لکپڙهہ ڪئي هئي. اها لکپڙهہ مون 'پرڏيهي عالمن جا خط' جي سري سان هفتيوار 'آزاد' ۾ شايع ڪرائي هئي.

منگهارام ملڪاڻيءَ کي جيتوڻيڪ مون ڪڏهن ڏٺو بہ ڪونہ، پر پوءِ بہ جڏهن خط پٽ لکندو هو، تڏهن اهو تاثر ملندو هوم تہ اسان ڄڻ هڪ پورو ڄڳ گڏجي گذاريو آهي .

ڪاليج ۾ استاد هئڻ واري نسبت مان ڪيس اڻ ڄاتو سڪون ملندو هو، آئون تہ وري ڪراچيءَ جي ڪاليج جو استاد آهيان، جنهن شهر ۾ هن پوري جوڀن ۽ جوانيءَ جا ڏينهن گذاريا هئا. سندس سڪ ۽ محبت جو اهو عالم هو جو وقت بوقت جي سندس ڪتاب ڀارت ۾ شايع ٿيندا هئا، انهن جي هڪ هڪ ڪاپي ڏياري موڪليندو هو. مون هڪ خط ۾ ڪيس ٻڌايو هو تہ هند توڙي سنڌ جا ڪيترا سنڌي عام ۽ اديب اڪثر ڪري اڌوريون ۽ هڪ طرفيون تاريخون مرتب ڪري رهيا آهن. هندو عالم جڏهن قلم هٿ ۾ کڻي ٿو تہ مسلمان ليکڪن کي نظرانداز ڪري وڃي ٿو ۽ ساڳي نموني مسلمانن کي وري ادبي تاريخ کي پاڪ صاف ڪرڻ جو گهڻو اونو آهي. انهيءَ ڪري اسان جون ادبي تاريخون اڌوريون ۽ اڻ پوريون ٿي پيون آهن. تاريخ کي مڪمل ۽ جامع بڻائڻ لاءِ مون سوچيو آهي تہ آئون هتي ورهاڱي کان اڳ جي غير مسلم ليکڪن جي ادبي خدمتن کي ڪتابي صورت ڏيان. مون ڪيس اها صلاح بہ ڏني هئي تہ هند ۾ جڏهن ڪا ادبي تاريخ لکي وڃي ۽ ان ۾ سنڌ جي مسلمان ليکڪن کي مناسب جاءِ نہ ملي سگهي تہ ان کي پوري ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ ساڳي منصوبي تي ڪم ٿيڻ گهرجي ۽ پوءِ ادبي تاريخ جو هڪ گڏيل ڇاپو ڪيڻ گهرجي. سرڳواسي منگهارام ملڪاڻي منهنجي تجويز جي پوئين حصي سان تہ اصولي طور اتفاق ڪيو، پر پهرين حصي سان شديد اختلاف ڏيکاريو. انهي سلسلي ۾ اتم ڏانهن خط لکي ڪانئس بہ منهنجي منصوبي تي راءِ ڏيڻ جي دعوت ڏني. شري اتم تہ اهو خط پنهنجي اخبار ۾ شايع ڪري، پنهنجي ڪا راءِ نہ ڏني، پر

منگهارام ملڪاڻي مسلسل انهي ڳالھ تي زور ڏيندو رهيو تہ مون کي ادبي تاريخ، مذهبي بنيادن تي مرتب ڪرڻ نہ گهرجي. انهي ڪان اڳ جو آئون ساڻس راءِ تي متفق ٿيان، ورهاڱي کان اڳ جي هڪ سؤ چوڏهن غير مسلم شاعرن جو ڪلام ۽ احوال مرتب ڪري چڪو هوس.

انهيءَ ڪتاب تي 'جهڙا گل گلاب جا' نالو رکي هڪڙي ڪاپي سنڌالاجيءَ جي حوالي ڪري چپ ڪري ويهي رهيس. پوءِ اهو فيصلو ڪري ڇڏيم تہ سنڌ ۾ جڏهن جامع ادبي تاريخ مرتب ڪئي ويئي تہ پاڻ وٽ گڏ ڪيل غير مسلم ليکڪن جي معلومات ڪٺي انهيءَ ڪم ۾ ڪتب آڻبي، پر افسوس سان چوڻو ٿو پئي تہ سنڌ ۾ رڳو ڳالهيون ڪبيون آهن، عمل ڪرڻ اسان سکيو ئي ڪونهي. انهيءَ جي پيٽ ۾ پارتي سنڌي پهرين ڪم ڪندا آهن، ۽ پوءِ بہ ڳالهيون نہ پر ڳالھ! مثال اسان جي اڳيان آهي، سنڌ ۾ اها چئو پچو هلي تہ هن سال کي سنڌي ڊرامي جي هڪ صدي پوري ٿيڻ ڪري 'ڊرامي جو سال' ڪري ملهائجي. اسان ڳالھ ڪري ويهي رهياسين. خير سان ڊسمبر بہ گذري ويو. ليڪن ڀارت ۾ هن سال ۾ ڊرامي تي سيمينار ٿيا ۽ اتي عالمن ۽ اديبن وڏي ڌام ڌوم سان ڊرامي جو سئو سالہ جشن ملهائيو. هڪڙو ٻيو مثال بہ ڏسو. پنهنجي تحقيقي ڪم دوران مان رڳو اهڙن ڀارتي عالمن، شاعرن ۽ اديبڙن سان رابطو قائم ڪري نہ سگهيس. جن جي ايڊريس ڪانہ هئي يا جي پرلوڪ پڌاري چڪا هئا، پر گهڻو ڪري منهنجا خط اتان جي ڪيترن ئي عالمن کي پهتا ۽ ڪيترين ئي اخبارن ۾ شايع ٿيا. آئون ائين تہ ڪونہ چوندس تہ مون ڀارتي عالمن ۽ اديبن کي نوان موضوع ڏنا، پر ايترو ضرور چوندس تہ جنهن منصوبي ۽ مقصد کي آڏو رکي مون، ڏانهن خط لکيا هئا، هنن انهيءَ ڏس ۾ ڪتاب لکي ڇپرايا. اتي تازي شايع ٿيل ڪتاب "ساهتيہ- ڪلا درسني"، انهيءَ جو هڪ مثال آهي. اتي ورهايل منهنجي 'سوالنامي'، مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيل منهنجي خطن ۽ هن ڪتاب کي هڪ ئي وقت ذهن ۾ رکي ڏسڻ سان ڳالھ سمجھ ۾ اچي وڃي ٿي.

سرڳواسي منگهارام ملڪاڻي بہ انهي ساٿ جي سرواڻن مان هڪ هو، جيڪي ڳالهين بدران ڪم ڪندا آهن، جن جي زندگي ادب هوندو آهي ۽ ادب زندگي هوندي آهي. منگهارام ملڪاڻي جون لياقتون ۽ صلاحيتون علم ادب جي رڳو هڪ صنف تائين محدود نہ هيون. جيتوڻيڪ هو بنيادي طور تي ڊرامي جي دنيا جو هيرو هو، پر شاعري، مضمون، صحافت ۽ تنظيم جي ميدانن ۾ بہ پاڻ ملها يائين

سندس زندگي سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي تاريخ جي ڪهاڻي هئي. هُو مني صديءَ تائين اسان جي علم ادب جي عظميت جو مينار بڻيو رهيو ۽ آخرڪار موت جي آغوش ۾ لڪي ويو.

منگهارام ملڪاڻيءَ 24 ڊسمبر 1896 ع تي حيدرآباد ۾ اڌارام ملڪاڻيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري ۽ ثانوي تعليم حيدرآباد مان ئي ورتائين، جنهن جو ذڪر پنهنجي هڪ ڪتاب 'ساهتڪارن جون سمرتيون' ۾ بہ ڪيو اٿس، هن ڪتاب ۾ پنهنجي هندو توڙي مسلمان استادن جو ذڪر اهڙي تہ نموني ڪيو اٿس، جو پڙهڻ ڪانپوءِ منگهارام ملڪاڻي جي من وارو ماڻهو ظاهر ٿي بيهي ٿو. پاڻ مئٽرڪ جي امتحان ۾ سڄيءَ سنڌ ۾ ٻوٽون نمبر ۽ پنهنجي اسڪول ۾ پهريون نمبر آيو. ان ڪانپوءِ ڪاليجي تعليم ڪراچيءَ جي 'ڊي.جي. سنڌ ڪاليج' مان ورتائين. گريجوئيٽ ٿيڻ ڪانپوءِ ڇھ مهينا پوني واري زرعي ڪاليج مان زراعت جي عملي تعليم بہ ورتائين.

منگهارام، ملڪاڻين جي هڪ مڃي مانيءَ واري خاندان جو فرد هو. هن تعليم پنهنجي پيٽ پالڻ لاءِ نہ پرانسان بڻجڻ لاءِ ورتي هئي. انهيءَ ڪري گريجوئيٽ ٿيڻ ڪانپوءِ پورا پنج سال پنهنجيون ٻنيون سنڀاليائين. پر 'زمينداري ڪٽنب جو فرد زميداري رعب ۽ خصوصيت کان بلڪل خالي هيڪاري ڪلا ۽ ادب جو شيدائي' ڪيئن ٻيو اتي گهاري سگهي؟ نيٺ سندس من جي مراد پوري ٿي ۽ 'ڊي.جي. سنڌ ڪاليج' جي انتظاميہ وارن کيس پنهنجي ڪاليج ۾ انگريزي جي استاد ٿيڻ جي آڇ ڏني، ۽ هن وڃي اتي

پارٽي اديبن جي ڏس پتي ڏيڻ جو وسيلو بڻيو، پيڻ پوپٽي هيرانندڻيءَ وري ادبي ۽ علمي معلومات وٺي ڏيڻ جو ڪارڻ بڻي ۽ ڪاڪو منگهارام ملڪاڻي وري هڪ ٻيو محاذ سنڀاليو. اهو محاذ هو منهنجي ادبي منصوبن جي تاريخي ۽ ادبي اهميت جو جائزو.

سائين منگها رام ملڪاڻيءَ منهنجي ادبي ڪم ۾ نهايت دلچسپي ڏيکاري ۽ مونکي سختيءَ سان منع ڪئي ته آئون "فرقيوار ادبي تاريخ" لکڻ کان باز اچان. آئون پي.ايڇ.ڊي کان سواءِ غير مسلم اديبن تي تفصيل سان ڪم ڪرڻ ٿو چاهيان ۽ ان لاءِ مون وٽ جواز به آهي. بهرحال ڪاڪي منگها رام ملڪاڻي منهنجي ادبي منصوبن تي پارٽي اديبن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، اخبارن ۾ رايا ڏنا ۽ ٻين دوستن خاص ڪري "اتم" کي هن ڏس ۾ راءِ ڏيڻ تي زور ڀريو. پاڻ جيڪي خط لکيائون اهي هيٺ ڏجن ٿا:

A/15 علي پور، ڪلڪتو 27

26 جنوري 1976

سدا سلامت

دوست مهربان پناهڻ صاحب

توهان جو خط پڙهي بيحد خوشي ٿي ته توهين ورهاڱي کان اڳ واري "غير مسلم ادب" تي تحقيقات ڪري رهيا آهيو. افسوس آهي جو صحت سالم نه هئڻ ڪري جواب ڏيڻ ۾ دير وڌي اٿم. ساڳي پيريءَ ۽ بيماريءَ ڪارڻ آئون اوهان کي ان تحقيقات ۾ مدد ڪرڻ کان مجبور آهيان ۽ معافي طلب آهيان.

آئون نهايت شڪرگذار آهيان جو اوهان منهنجي "سنڌي نثر جي تاريخ" جي قدر شناسي ڪئي آهي ۽ ان مان ڪجهه مواد حاصل ڪيو آهي. ان ڪتاب ۾ مون اديبن ۽ سندن تصنيف سان گڏو گڏ، پبلشرن، مگزينن ۽ سندن ايڊيٽرن وغيره جو به ذڪر ڪيو آهي. وڌيڪ معلومات ڏيڻ کان لاچار آهيان، جنهن لاءِ وري به معافي وٺان ٿو، پر هڪ ادبي دوست جو نالو ۽ سرنامو موڪليان ٿو، جنهن سنڌي ادب جي اونهي کوجنا ڪئي آهي ۽ توهان کي مدد ڪري سگهندو.

مسٽر اي جي اتم 4- اي هيرا آباد مينشن، سيٽلڊيو روڊ، ماهم بمبئي 16 (انڊيا)

"ڪراچيءَ جي ادبي تاريخ" تي پي.ايڇ. ڊي لاءِ مقالو تيار ڪري رهيا آهيو، تنهن جي ڪاميابيءَ لاءِ دعائون!

توهان ڪراچي ڪاليج ۾ ليڪچرار آهيو، تنهن ناتي منهنجا ڏنڏي پائي ٿيا. آئون "ڊي جي سنڌ ڪاليج" ۾ انگريزيءَ پروفيسر هوس.

وڌيڪ قرب سان منگهارام ملڪاڻي

سدا خوش هجو.

❁

A/15 بلڊيو روڊ علي پور، ڪلڪتو، 27- 25 فيبروري 1926

دوست مهربان پناهڻ صاحب

توهان جو ٻيو خط پڙهي مونکي گهڻو افسوس ٿيو آهي ته ٽپالي سرشتو جاري ٿيڻ بعد به، توهان جي پهرين خط جو جواب توهان کي ڪونه پهتو آهي، جو مون بروقت ڏنو آهي. توهان کي منهنجي پيريءَ ۽ بيماريءَ جو اونو آهي، تنهن لاءِ احسانمند آهيان پر تنهن هوندي به مان توهان جي کوجنا جي ڪارج ۾ مدد ڪريان ها. پر حقيقت هيءَ آهي ته مون وٽ ڪوبه وڌيڪ مصالحو موجود نه آهي. جيڪا به تحقيقات مون سالن جا سال ڪئي هئي سا "سنڌي نثر جي تاريخ" ۾ ڏيئي ڇڏي اٿم. ان ۾ ليکڪن ۽ سندن تصنيفن سان گڏو گڏ ميگزنن، ايڊيٽرن، پبلشرن ۽ ادبي ادارن جي جيڪا معلومات مونکي ملي سگهي سا درج ڪئي اٿم. ان ڪتاب مان توهان کي ڪجهه واهر حاصل ٿي آهي، سو ٻڌي خوش ٿيو آهيان. پر وڌيڪ تفصيلوار حقيقتن لاءِ هيٺين شخصن جا نالا ۽ سرناما ڏيڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪرڻ کان مجبور آهيان.

1- مسٽر موتي رام رامواڻي معرفت "پارتواسي" ايڊيٽر گاجرا 36-38 اگياري لين، فورٽ بمبئي -1 (انڊيا)

2- مسٽر گوبند مالهي 6- بي، راڪي بلڊنگ ايم جي روڊ، ڪانديولي بمبئي 27 (انڊيا)

توهين انهن دوستن کي لکندا ته اميد آهي ته چڱو ئي کوجنا ڀريو مواد ملي ويندو.

وڏيڪ قرب سان،
منگها رام ملڪاڻي
سدا سلامت

*

ڪلڪتو ستين مئي 1976
دوست مهربان پناڻ صاحب
اميد ته منهنجو ٻيو ڪارڊ به اوهان کي پهتو هوندو ۽ ٻن وڏيڪ عالمن جا سرناما موڪليا هئم (خاص ڪري موتيرام راماڻي) تن وٽان توهان کي ڪجهه گهربل تفصيل مليا هوندا. تنهن بعد توهان جو ٻيو خط به مونکي مليو آهي، جنهن ۾ پروفيسر پنجواڻي ماڙيوالا کي سفارش ڪرڻ لاءِ لکيو اٿو. پر انهن پروفيسرن، توڙي پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ کي ادبي تاريخ جي ايتري معلومات نه آهي جو توهان کي مدد ڪري سگهن. مالهي، اتم ۽ راماڻي ئي توهان جي گهرج کي قدر پوري ڪري سگهندا، جنهن ڪان مان پڻ نا واقف آهيان. توهان وڏيڪ لکيو آهي ته مان پنهنجي حياتيءَ جو احوال لکي موڪليان، جو هن خط رستي موڪليان ٿو ۽ ان سان گڏ سنڌ ۾ نڪتل پنهنجو فوٽو به موڪليان ٿو. اصلي فوٽو مون وٽ موجود نه آهي، جنهن ڪري اخباري فوٽو ٿو موڪليان.

پر مون توهان جي رٿيل غير- مسلم اديبن جي تاريخ تي غور ڪيو آهي ۽ سمجهان ٿو ته توهان جي رٿا بيحد ڪشادي ۽ غير عملي آهي، هڪڙو ته غير مسلم اديبن بابت لکڻ سان ڪتاب جو تاريخي سلسلو ڪٽجي ويندو ۽ اهو اڻ پورو رهجي ويندو. ڇو جو مسلم ۽ غير مسلم ليکڪن جون تصنيفون هڪ ٻئي سان ڳنڍيون پيون آهن ۽ هڪ ٻئي جي پورت ڪندڙ (Complementary) آهن ۽ الڳ ڪري نٿيون سگهجن. صرف غير مسلم اديبن جي تاريخ اڌوري ٿيندي، نه مڪمل. توهان جي تاريخ ڪن چند اديبن جو احوال ٿيندو ۽ نه ادبي تاريخ. ٻيو ته اوهين ليکڪن جون سوانح عمريون اهڙيون تفصيلوار ڏيڻ چاهيو ٿا جو اهو رسالو تاريخ (History) سان گڏو گڏ (Biographies) بنجي پوندو ۽ مقدار ڪان ٻاهر نڪري ويندو. ادبي تاريخ ۾ ليکڪن جي حياتيءَ تي مختصر چٽڪا لکڻ ضروري آهن. پر توهان ته زندگيءَ جي احوال سان گڏ ڪٽنب ۽ اولاد جو احوال به گهريو آهي، جو موڪليان ٿو. اهي صرف منهنجون صلاحون آهن ته ادب تي وڏيڪ زور ڏيو، سوانح، پبلشر، ڇاپخانا، ادارا وغيره ڪتاب ۾ آڻڻ گهٽايو. آخرين فيصلو وري به توهان تي ئي ڇڏيل آهي، مرضيءَ جا مالڪ آهيو.

منهنجو جنم حيدرآباد سنڌ ۾، 24 ڊسمبر 1896ع ۾ ٿيو هو. منهنجو ڏاڏو ديوان شيوڪرام ان زماني جي روايت موجب، دٻدٻي وارو مختيارڪار هوندو هو ۽ پوءِ حيدرآباد جو پهريون ديسي سٽي مئجسٽريٽ بڻيو. سندس رهڻي ڪهڻي شاندار هوندي هئي ۽ جيڪب روڊ تي سرڪاري هاءِ اسڪول سان لڳو لڳ هڪ شاهي حويلي اڏايائين جنهن ۾ چيروليءَ جي چٽساليءَ جو ڪم فنڪار ڪاريگرن ڪان ڪرايائين. طارق اشرف ڪان معلوم ٿيو اتم ته ان مڪان ۾ هاڻ (Art Exhibition) برپا ڪيل آهي. منهنجو پتا ديوان اڌارام هڪ زبردست زميندار هوندو هو، جنهن جون ٻنيون ٽنڊي محمد خان پرسان ٽن ٽپن ۾ چار هزار ايڪڙن تي پکڙيل هيون. هو نئين زماني جو زميندار هو جنهن پنهنجي ديهن ۾ زرعي سڌارا ڪيا ۽ هارين کي سهولتون ڏنيون.

سنڌي تعليم مون گهر جي سامهون، پرئڪٽسنگ اسڪول ۾ حاصل ڪئي، جتي شاعر محمد صديق ”مسافر“ منهنجو استاد هوندو هو. انگريزي تعليم گهر جي پرسان، سرڪاري هاءِ اسڪول ۾ ورتيم، جتي منهنجا آدرشي استاد هوندا هئا: نانا غلام علي صاحب ۽ مسٽر وليرام ٽڏاڻي، جي مئٽرڪ پاس ڪيل هوندي به انگريزيءَ ۾ ماهر هوندا هئا. آئون ٻنهي جو لاڏلو شاگرد هوندو هوس ۽ جيڪا به انگريزيءَ جي ڄاڻ پرايم سا ٻنهن استادن ڪان. غلام علي صاحب کي پوءِ ”خانبهادر“ جو لقب عطا ٿيو، ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال مقرر ٿيو ۽ آخر ۾ تعليم کاتي جو ڊائريڪٽر بڻيو. وليرام صاحب ماستري ڇڏي وڪالت پاس ڪئي ۽ حيدرآباد جو قابل وڪيل هو. عجب آهي ته وڏي هوندي، ٻنهي استادن سان منهنجو گهاٽو دوستيءَ جو ناتو ٻجهي ويو ۽ سندن آخرين دم تائين هڪ ٻئي سان

اڪثر ملندا جهلندا هئاسون ۽ خط ڪتابت ڪندا هئاسون.

مئٽرڪ امتحان ۾ مان سڄيءَ سنڌ ۾ چوٿون نمبر آيو هوس، ۽ پنهنجي هاءِ اسڪول ۾ پهريون نمبر، جنهن لاءِ مون کي انعام مليو هو. ان روڪڙ انعام سان مون (S.J Co-operative Society) تان ويهه انگريزي ڪتاب چونڊي خريد ڪيا ۽ پتا وٽان مليل ڪن ڪتابن سان گڏي پنهنجي "هوم لئبرري" ٺاهيم، جا رفتي رفتي وڌي هزارن جي تعداد کي پهچي ويئي.

ڪاليجي تعليم ڪراچيءَ واري ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ پرايم، جتي مونکي ٽيون آدرشي استاد مليو: پروفيسر صاحب سنگهه شاهاڻي، جنهن کي اسان شاگردن هڪ انگريز پرنسپال خلاف اسٽرائيڪ ڪرائي، پهريون ديسي پرنسپال ڪرايو. شاهاڻي صاحب نه صرف مشهور قلمدان هو، پر انگريزيءَ ۾ خاص مهارت رکندڙ هو. انگلش لٽريچر ڪلاس روم ۾ ڏيندو هو، هن جو به لاڏلو شاگرد هوندو هوس. هن پرنسپاليءَ جي ايام ۾ آرٽس ۽ سائنس کان سواءِ انجنيئرنگ ڪاليج ڪڍيو، لاڪاليج کوليو، ڪامرس ڪاليج برپا ڪيو. مطلب ته چڱي چوکي سنڌ يونيورسٽي قائم ڪري ڇڏيائين!

گريجوئيشن ڪرڻ بعد ڇهه مهينا پوني واري زرعي ڪاليج مان عملي تعليم ورتي، پنج سال مون پتا جون زمينون سنڀاليون، پر آن جي چورين ۽ پرائين زالن پچائڻ جا نبيرا ڪري آئون بيزار ٿي پيس. جيتوڻيڪ پڙهڻ جو ڪم ان اڪيلائي ۾ ٿي شروع ڪيم ۽ لاڙي محاورو به چڱوئي سکي ورتم. هڪ ڏينهن اوچتو پرنسپال شاهاڻيءَ وٽان نوتو آيم ته پنهنجي جهوني ڪاليج ۾ اچي انگريزيءَ ۾ فيلو بڻج. انڌو گهري الله کان ٻه اکيون! آئون نهه پهه وڃي نوڪريءَ تي چڙهيس ۽ ڪجهه وقت بعد مون کي ليڪچرار مقرر ڪيائين. پرنسپال بوٽاڻيءَ پنهنجي ايام ۾ مونکي اسسٽنٽ پروفيسريءَ جو اضافو ڏنو ۽ بمبئيءَ ۾ لنڊن ڪانپوءِ پرنسپال آڏواڻيءَ پنهنجي برپا ڪيل جئه هند ڪاليج ۾ پروفيسر ۽ آخر انگريزي شعبي جو اڳواڻ مقرر ڪيم. ڪي سال بمبئي يونيورسٽيءَ جي انگريزي توڙي سنڌي بورڊ آف اسٽڊيز جو چونڊيل ميمبر ٿي ڪم ڪيم. اهڙي طرح 37 سال پنهنجي پسنديءَ واري پيشي ۾ ڪاٽي، 1926ع ۾ رٽائر ڪري، هاڻي ڪلڪتي ۾ موهني پٽ جي ڪٽنب ۾ اچي پيري ۾ آسائش ورتي اٿم. ڌيءُ مينا گهوٽ سوڌي لنبن ۾ نوڪري ڪندي آهي.

ادبي پيشي ڪانسواءِ، منهنجو ٻيو شغل ناٽڪ آهي، ننڍيءَ چمار ڪان وٺي مون ڪيترين ئي ٻولين ۾ سوين ناٽڪ ڏٺا آهن. 40 ننڍا ناٽڪ سنڌيءَ ۾ لکيا آهن، انهن ۾ اداڪاري ڪئي اٿم، هدايتڪاري ڪئي اٿم، ناٽڪ لاءِ خاص شونق تڏهن جاڳم جڏهن 1923ع ۾ حقيقت پسند ناٽڪ جي باني خانچند درياڻيءَ سان ٻانهن ٻيلي ٿي، حيدرآباد ۾ 'رابندرناٽ ناٽڪ منڊلي' برپا ڪئي سون، جنهن جو مهورت مها ڪويءَ ٽاگور پنهنجي مبارڪ هٿن سان ڪيو هو. اين. ايڇ. اڪيڊمي جي هال ۾، ٽاگور جي حضوريءَ ۾، سندس ئي انگريزي ناٽڪ چترا (Chitra) ڪري ڏيکاريم، جنهن ۾ مون سان گڏ دوست ٺهلرام آڏواڻي پارٽ ڪيو هو. ٻئي صبح سويل جينمل پرسرام نياپو مُڪو ته ڪوي اسان ٻنهي کي نيرڻ لاءِ نينڊ ڏني آهي! ڏڪندا، ڏڪندا، نارائڻ محل ۾ پهتاسون ته ڪويءَ ناشتو ڪندي فرمايو: 'مون پنهنجو 'چترا' انگريزي ۾ گهڻن ئي هنڌ اسٽيج تي آنڊل ڏٺو آهي، پر توهان جنهن اتساهه ۽ نزاڪت ۾ مشڪ اچارن سان ڪري ڏيکاريو، اهڙو اڳ ڪونه ڏٺو اٿم! شل وڌو ويجهو!" اهو شيءِ موقعو عمر ۾ وسرڻ جو نه آهي. ان ڪانپوءِ مون کي 'ايڪتا جو آلاپ' ترجمو ڪرڻ لاءِ رابندرناٽ منڊليءَ وٽان انعام مليو ۽ پڻ 'ڪن جي خطا' ناٽڪ دليان جوڙڻ لاءِ تازو ڪلڪتي ۾ منهنجي ننڍي ناٽڪ 'پريم جي سيجا' کي ڇاپيٽيءَ ۾ انعام جڙيو. 1929ع ۾ 'سنڌي نثر جي تاريخ' لاءِ 'ساهتيہ اڪادمي' وٽان پنج هزار انعام مليو ۽ 1972ع ۾ ساڳيءَ اڪادميءَ مونکي فيلوشپ جو خطاب ڏنو.

مترجم: حاڪم علي شاهہ بخاري
دادو



# دنيا جو پهريون لکيل قانوني ضابطو

پهرين پچار: سچ پچ تہ زندگي لکن بلک ڪروڙن سالن جي جانگزا مرحلن مان گذري، بچي ۽ سانڊجي آيل سوکڙي آهي. چون ٿا تہ لڳ ڀڳ 13 هزار سال اڳ، اٽڪل ويهہ لک سال قديم هوئٽهار ماڻهو (Homo Habilis) جي زماني کان هلندڙ اشتراڪي سٽل چوڳي (Foreger) معاش جو ننگ ڏڙنگ، بي گهر، هٿين سکڻو، ميڙ چوند آجيوڪا ۽ رين بسيري لاءِ آزرتو انساني سماج، التباسي هونگڙيون ڏيندڙ زرعي ثقافتي انقلاب سان مليو. زرعي انقلاب بابت Yuval Noah Harari پنهن جي ڪتاب Sapiens جي صفحي 90 تي لکي ٿو: "The Agriculture revolution certainly enlarged the sumtotal of food at the disposah of human kind, but.... the average farmer worked harder than the average forager and got a worse diet in turn. The Agriculture revolution was history's biggest fraud."

نئين سماج جيڪا نيرنگي آندي ان سان گذارش ڪشادو ٿيو، پورهئي جي ورڇ ٿي، آستاني رهائش شروع ٿي، هڪ فڪا جي زوجگي جو رواج پيو، ضرورت کان وڌيڪ اسباب ۾ واڌارو ٿيو، ذاتي ملڪيت جي ڄَٽ پئي، واندڪائي وڌڻ ڪري خيالي چِٽڪاري ۾ اضافو ٿيو.

بهرحال، موجبي ۽ سالبي جي ميلاپ سان سماج پهچ سجيهہ ۽ سگهاري ٿي پر سگهوئي ان جي خمير ۾ سمايل ڏوس جا پُرلو پٽرا ٿيڻ لڳا. انڪري معاشري ۾ بي چيني، بي ضابتگي ۽ لاتعلقي وڌڻ لڳي. انفراديت اجتماعيت کي ڌمڪائڻ لڳي، انڪساري آڏو اُيمان مان آڪڙجي بيٺو، چڱائي کي برائي للڪارڻ لڳي. سڀ کان وڌيڪ اهو تہ سماجي قدر جن موجب ماڻهو کي پنهنجي ذاتي لياقت ۽ فضيلت جي بنياد تي پرکيو ويندو هو/يا پرکڻ گهرجي، سو هاڻي اسباب، اختيار ۽ ناڻي سان تڙڻ لڳو. اهڙين ناروا حالتن ۾ قانون کي مجاز وسيلو سمجهي مناسب ضابطا جوڙڻ جي ضرورت ڪئي وئي، چئن سون سالن ۾ هڪبئي پويان چار ضابطا بحال ٿيا، جن مان سڀ کان پهرين ضابطي جو ترجمو هن گڏ پيش آهي.

**اول ۾ اڪر ضابطي ۽ ان جي مُغلِن بابت:**

هن ضابطي (Code) لاءِ چيو ويو آهي تہ اڄ تائين جي تحقيق مطابق اهو دنيا جو پهريون قانوني ضابطو آهي. هن ۾ ڪل 40 قلم هئا، جيڪي مٽيءَ جي تختين تي ميخي (Cuneiform) لکت ۾ اُڪريل هئا. هن وقت تائين مختلف آثارن جي کوٽاين، خاص ڪري اُر (UR) مان 29 تختيون ملي سگهيون آهن، جن جو ترجمو ڪيو ويو آهي، انڪري سمجهجي ٿو تہ باقي 11 تختيون يا تہ وقت گذرڻ سان ڀڄي ڀُري ويون يا ڪنهن اهڙي قديم ماڳ ۾ آهن جتي اڃا کوٽائي نہ ٿي آهي. شامل ترجمي جي ٽن شقن جا ڪجهہ حصا ڊٺل ڊاٺايا ويا آهن. هي ڳالهہ سوچڻ جهڙي آهي تہ هن ضابطي قانون جي پذيرائي کان ڄاڻي واڻي گريز يا موسو مغربي عالمن جي ڏرائتي سوچ جو حصو آهي. هن ضابطي کان اٽڪل ٽي صديون پوءِ حمورابي (1792-1750BC) جو جيڪو ضابطو هو سو مذڪوره ضابطي جي سڌاريل ۽ وڌايل صورت آهي، پر ان جي عالمن هميشہ اتساهي آجيان

پئي ڪئي آهي. انهن ٻن ضابطن کان سواءِ وچتي ٻيا ٻه ضابطا (۱) ايشنا (Eshnunna) جو قانون (cr.1930 BC) ۽ Isin جي Lipid-Ishtar جو ڪوڊيڪس (ca. 1870 BC) ٻه آهن. پڙهندڙ ڄاڻن ٿا ته سميري (Sumerians) بنيادي طور عراق جا رهاڪو نه هئا ۽ سنڌن ٻولي به پرپاسي واري ڪنهن به ملڪ جي ٻوليءَ سان ملندڙ نه هئي. بهرحال ڪن اُڌارچت اديبن ۽ عالمن سميرين جي اصليت اوپر ۽ ڪن اُتر- اوپر جي ڄاڻائي آهي، حقيقت ۾ سميرين بابت 'مَلوها' جي حوالي سان تفصيلي تحقيق جي سخت ضرورت آهي.

اُر-نمو (Ur-nammu) 2112-2004B ٿئين سميري خاندان جو حاڪم هو، مهذب دنيا جي سڀ کان آڳاٽي ۽ پرپور تهذيب سميري آهي جيڪا عراق (Mesopotamia) جي سرزمين تي اُسري ۽ پوءِ ان جي بنياد تي اڪادي، بابُلي ۽ متي وغيره دور قائم ٿيا. سميرين جو هڪ شاهڪار ڪارنامو اهو آهي جو هنن 3500-3000 Bc دوران دنيا جي پهرين لکت ايجاد ڪئي. سنڌن حڪومت لاءِ Paul G.Babri پنهنجي ڪتاب Atlus of the world Archaeology, 2009 ۾ لکي ٿو ته:

"A new power arose on the region based on the city of Ur. Known as the Ur III dynasty form its position in the Sumerian king lais, it was formulated by Ur- Nammu in 2021 BCE and reached its height during the reign of his son shulji (2094-2047 BCE)

اُرنمو (Ur-Nammu) جي قانوني ضابطي (Code of Law) جو ترجمو:

1. جيڪڏهن ڪو شخص 'خون' ڪري ته ان کي لازمي مارڻ گهرجي.
2. جيڪڏهن ڪو شخس 'ڦُر' ڪري ته ان کي لازمي ماريو وڃي.
3. جيڪڏهن ڪو شخص 'اغوا' جو مرتڪب ٿئي، ان کي قيد ڪجي ۽ کانئس 15 شيڪلس به وصول ڪجن.
4. جيڪڏهن ڪو غلام شخص ٻئي غلام شخص سان شادي ڪري، ۽ آزاد ڪيو وڃي (ته به) هو اصل خاندان کي نٿو ڇڏي سگهي.
5. جيڪڏهن ڪو غلام شخص ڪنهن آزاد شخص سان شادي ڪري ته ڪيس پهريون ڄاول پٽ مالڪ کي ڏيڻو آهي.
6. اگر ڪو شخص ڪنهن ٻئي جوان شخص جو حق ڀڃي سندس جوان زال سان مجامعت ڪري ته اهي لازمي ان شخص جي هڇيا ڪن.
7. جي ڪنهن شخص جي زال ڪنهن ٻئي شخص جي پويان هلي وڃي، ۽ اهو ساڻس مجامعت به ڪري ته ان عورت کي ماريو وڃي، پر مرد کي ڇڏي ڏجي.
8. جي ڪو شخص هيجان ۾ ڪنهن ٻئي شخص جي ڪنواري ٻانهيءَ جي عصمت دري ڪري، ته اهو شخص پنج شيڪل ڀري ڏئي.
9. جي ڪوشخص پنهن جي پهريون دفعو پرڻيل زال (First time Wife) کي طلاق ڏئي ته عيوض ۾ عورت کي هڪ مينا (Mina) چاندي (ضرور) ڀري ڏي.
10. جي ڪو شخص پنهنجي بيوه زال کي طلاق ڏئي ته اهو ........... زال کي اڌ مينا (Mina) چاندي ڀري ڏي.
11. جي ڪو شخص اهڙي ڦُلانوتي عورت، جا سندس زال به نه هجي، سان مجامعت ڪري ته ان لاءِ ڪنهن عيوضي جي ضرورت نه آهي.
12. خالي عبارت ته آهي.
13. جي ڪنهن شخص تي (ڪن ترجمن ۾ جادوگريءَ جي) تهمت آهي ته هو لازمي پاڻي پريکيا (Water ordeal) وسيلي سچائي ثابت ڪري ته پوءِ مدعي کي ٽي شيڪل ڀرڻا پوندا.
14. جي ڪو شخص ڪنهن ٻئي زال تي وِيچار جا الزام هڻي ۽ درياه پرک (River ordeal) مان اها

بي ڏوهه ثابت ٿئي ته مدعيءَ کي ⅓ مينا پرٺو پوندو.

15. جي ڪو هوٺهار نياڻو سهري جي گهر اچي ۽ مسهرس پنهنجي نياڻي ڪنهن ٻئي کي ڏئي ڇڏي ته سهرو آسري ۾ رهايل نياڻي کي عُروسي سامان تي ڪيل خرچ جي ٻيڻ پري ڏئي.

16. جيڪڏهن .......... (عبارت ڀڳل) اهو توري ۽ هن کي ٻه شيڪل چاندي ڏي.

17. اگر ڪو غلام شخص شهر ڇڏي ڀڄي وڃي، ۽ ٻيو ڪو شخص ان کي موٽائي وٺي اچي ته مالڪ کي موٽائيندڙ شخص کي ٻه شيڪل ڏيڻ گهرجن.

18. جي ڪو شخص ڪنهن ٻئي جي اک ڪڍي وجهي ته ان لاءِ ڪيس ½ (اڌ) مينا چاندي ڏيندو.

19. جي ڪو شخص ڪنهن ٻئي جو پير ڪپي وجهي ته ان لاءِ ڪيس ڏهه شيڪل ڏيڻا آهن.

20. جي ڪو شخص جهيڙي ۾ ڏنڊي سان ڪنهن ٻئي جو عضوو ڀڃي يا ڇچري وجهي ته ڪيس هڪ مينا چاندي پري ڏيڻو پوندو.

21. جي ڪو شخص ٽامي جي چاقو سان ٻئي جو نڪ وڍي وجهي ته ڪيس ⅔ (ٻه ڀاڱي ٽي) مينا پري ڏيڻو آهي.

22. جي ڪو شخص ڪنهن ٻئي جو ڏند ڀڃي وجهي ته ان لاءِ ڪيس ٻه شيڪل چاندي ڏيڻو پوندو.

23. خالي ڪابه عبارت نه آهي.

24. (عبارت ڀڳل) جيڪڏهن هن وٽ ڪو غلام نه آهي ته ڏهه شيڪل چاندي ڏئي جي چاندي نه آهيس ته پنهنجي ڪا ٻي شيءِ ڏئي.

25. جي ڪنهن شخص جي غلام عورت پنهنجي مالڪياڻي سان برابري ڪندي بي ادبي ڪري ته هن جي وات تي هڪ quart (¼ گيلن) لوڻ

26. جي ڪا غلام عورت، پنهنجي مالڪياڻي جي اختيار سان ڪنهن ٻئي شخص کي ماري ڪُٽي ته عبارت ڀڳل).

27. خالي..... عبارت نه آهي.

28. جيڪڏهن ڪو شخص شاهد طور پيش ٿيو هجي، ۽ هي ڪُساڪي نڪتو ته ان کي پندرهن شيڪل چاندي پرٽا پوندا.

29. جي ڪو شخص شاهد طور داخل ٿيو پر پنهن جي قسم نامي تان ڦري ويو ته ڪيس دعوي/ مقدمي جو سڄو خرچ پري ڏيڻو پوندو.

30. جي ڪنهن شخص لڪ چوري ڪنهن ٻئي شخص جي زمين آباد ڪري ڪا شڪايت ڪئي ته اها ٻڌڻ جوڳي نه هوندي ۽ سندس ڪيل خرچ به اجايو ويندو.

31. جيڪو شخص ڪنهن ٻئي شخص جي ٻني ٻوڙائي ته اهو هر اِڪُر (iku) زمين/ايراضيءَ لاءِ ٽي ڪور (kur) جَوَ پري ڏيندو.

32. جي ڪو شخص پنهنجي پوک لائق ٻني ٻئي کي آباد ڪرڻ لاءِ ڏئي، پر اهو بنا آباد ڪرڻ جي واپس ڪري ته هو ٽي ڪور في اِڪو (iku) زمين تي پري ڏئي.

لفظ: Shekel سڪون/وزن آهي

Mina ڪو ڏاتو/سِڪو آهي

Iku ڪا ايراضي آهي

Kur ڪو وزن يا ماپو آهي.

**رسول بخش تميمي**
جاتي



# مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح

سونهاري سنڌ، سوين صدين کان مختلف جاگرافيائي حدبندين ۾ ڪڏهن ڪشادي تہ ڪڏهن صفا سوڙهي صورت ۾ قائم رهندي پيئي اچي. سنڌ جي ٻولي سنڌي بہ ڪنهن هڪ صورت ۾ قائم معلوم نٿي ٿئي، ۽ نہ ئي انجي بڻ بنياد بلبت سواءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي ڪنهن بہ محقق، دانشور يا ماهر لسانيات سندس اصليت متعلق ڪا راءِ قائم ڪئي آهي. سنڌ ۾ سنڌي ڪانسواءِ عربي ۽ فارسي پڻ هتان جي عوامي توڙي سرڪاري ٻولي رهي آهي. عربي ۽ فارسي مان وري فارسي گهڻو عرصو عوامي ۽ سرڪاري ٻولي رهي. سنڌ جو پهريون تاريخي ڪتاب 'فتح نامون سنڌ' بمعروف چچ نامو بہ اسان وٽ فارسي لباس ۾ روشناس ٿيو. سنڌ جي عالمن، استادن، توڙي دانشمند حڪمرانن پڻ فارسيءَ کي وڌ کان وڌ پنهنجائپ ڏني. اڄ بہ سنڌ فارسي کان وانجهيل ڪينهي. البت ڪلهوڙا دور حڪومت ۾ فارسي ٻولي جو سنڌ ۾ عروج هو، جنهن ۾ سنڌ جو گهڻو ڪري سارو علم و ادب فارسيءَ ۾ نروار هو. جيئن ڪلهوڙا دور کي علم و ادب جو سونهري دور چيو وڃي ٿو. اهڙي طرح ڪلهوڙا دور کي فارسي زبان جو سونهري دور بہ چئي سگهجي ٿو. انهيءَ ئي دور ۾ سنڌ ۾ علم جا آفتاب، علم و عمل جا سمنڊ نروار ٿيا، انهن ۾ ميون ابوالحسن ٺٽوي، مخدوم عبدالرحمٰن کهڙائي، مخدوم محمد قائم مدني، مخدوم محمد معين ٺٽوي، مخدوم محمد حيات سنڌي، مخدوم محمدي کهڙائي، مخدوم ابوالحسن ڏاهري، مخدوم عبدالروف ڀٽي، مخدوم عبدالله واعظ ٺٽوي، سيد عبداللطيف ڀٽائي، مخدوم محمد زمان لنواريءَ وارو، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، ميرعلي شيرقانع ٺٽوي، غلام علي 'مداح' ٺٽوي، فقير الله علوي، مخدوم ابوالحسن صغير ٺٽوي ۽ ٻيا سوين علم جا روشن ستارا جن سنڌ جي ادب کي معراج عطا ڪيو. انهن عالمن، محققن، مجتهدن، مفسرن، مؤرخن، تذڪره نگارن، تاريخدانن، شاعرن، عربي ۽ سنڌيءَ سان گڏ فارسيءَ ۾ علم جا واهڙ واهيا. انهن عالمن قرآن فهمي، حديث شناسي، فقہ ۽ نظم ۾ بينظير ڪارناما سرانجام ڏنا. حقيقت ۾ سنڌي ادب مان ڪلهوڙا دور ۾ سرجيل فارسي زبان ۾ سنڌي ادب کي ڌار ڪجي تہ سنڌ ۾ فارسيءَ جا اهڃاڻ صغير حيثيت ۾ وڃي رهندا، جيڪي ڳڻڻ ۾ نہ اچي سگهندا، پر جيڪڏهن ڪلهوڙا دور جي فارسي ادب مان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ڪشالي ۽ ڪاوشن کي ڌار ڪبو تہ بہ باقي کي چند ڪتا وڃي بچندا. جيتوڻيڪ مخدوم صاحب جي هن مهل تاءِ بچيل ذخيري ۾ گهڻو حصو عربيءَ جو آهي. ليڪن فارسيءَ ۾ سندن ڪشالو بہ ڪو گهٽ ڪينهي. جيئن تہ منهنجو هي مقالو محمد هاشم ٺٽويءَ متعلق آهي. انڪري سندس باري ۾ ٿورن صفحن ۾ وڌ کان وڌ مختصر انداز ۾ جامع احوال ڏيڻ جي ڪوشش ڪبي.

سونهاري سنڌڙي، جنهن تي سنتونديءَ جي حوالي سان سنڌ نالو پيو، تنهن هن وقت تاءِ ڪي ٿورا ڏاها ۽ وڏا ماڻهو پيدا ڪيا آهن، تن ۾ مخدوم نوح سرور، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، سيد عبداللطيف ڀٽائي، ميرعلي شير قانع ٺٽوي، مرزا قليچ بيگ، حاجي احمد ملاح، علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ جناب نبي بخش خان بلوچ جا نالا مٿين قطار ۾ سونن حرفن ۾ ڳتبا رهيا، جن سنڌ جي علم و ادب کي تاابد جاودان ڪري ڇڏيو.

اسان جي سگوري سنڌ جو سدا بهار عالم ۽ مفسر، مجدد، مجتهد، مجاهد شاعر، جنهن لاءِ شاهہ

عبداللطيف ڀٽائي فرمايو:

”راڳي منجهان رند، لتم عبداللطيف چئي،
ڪا جا وڳي تند، اوڳر ٿيس انجي.“

حضرت مخدوم محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمان بن عبداللطيف بن عبدالرحمان بن خيرالدين السندي البتورائي ثم البهرام پوري ثم التتويْ 1 مخدوم محمد هاشم ذات جو پنهور هو،(2) پنهور بنو حارث بن عبدالمطلب هاشمي قريشي جي اولاد مان آهن.(3) جناب ڊاڪٽر بلوچ جي چوڻ مطابق پنهور مال جي پرورش ڪندي پنهور سڏيا ويا، جيڪي اسلام جي اوائلي دور ۾ سيوهڻ جي اتر ۾ آباد ٿيا ۽ سندن اميرن جي رياست ’پنهوارڪي‘ قائم رهي، آخري دور ۾ سندن رياست ’سامتاڻي‘ تاءِ محدود ٿي، بوبڪ ۽ دادو جي وچ وارو علائقو.(4) مخدوم محمد هاشم جو والد پڻ عالم هو، جيڪو الائي ڪهڙن سببن ڪري سيوهڻ علائقي کي ڇڏي درڪ پرڳڻي جي ٻنوري (موجوده ضلعي ٺٽي) ۾ اچي رهيو، جتي مخدوم صاحب تاريخ. 10 ربيع الاول 1104ھ مطابق 19 نومبر 1692ع خميس جي رات ڄائو. سندس ڄمڻ جو سن هيٺئين عربي فقري مان نڪري ٿو: انبت الله نباتا حسنا (1104ھ) (5) لاڙ کي لاکيڻو لال نصيب ٿيو، جنهن ڄڳ جرڪائي ڇڏيو، ولات واسي ڇڏي. ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ سنڌ جي شاهجهان ميان غلام شاھ ڪلهوڙي جي وقت جو بخت هو جنهن ۾ محي الدين پيدا ٿيو. ابتدا ۾ ڪيس پهريون درس پنهنجي گهر ۾ ئي حاصل ٿيو، جنهن ۾ اڳ ۾ ئي علم و عمل اوتون لاهيو بيٺو هو. صالح ۽ نيڪ بخت فرزند کي نوراني علم جي روشني پنهنجي گهر ۾ حاصل ٿي جو مولانا عبدالغفور پٽ کي ناظره ۽ حفظ جو منو شربت تہ خود پياري حافظ بنائي ڇڏيو. ان سان گڏ مخدوم صاحب فارسي، صرف ونحو ۽ فقہ جي ابتدائي تعليم بہ پنهنجي والد وٽ پڙهيو.(6) مخدوم صاحب جو ذهن علمي اجارو سو، اڳتي وڌڻ لاءِ قلم کڻڻ لڳو. تنهن سمہ ٺٽو، دمشق ۽ بغداد ثاني جي حيثيت ۾ دنيا ۾ وڏي چنگ چڙهيل هو. اليگزينڊر هئملٽن 1699ع ۾ ٺٽو ڏٺو، هو لکي ٿو تہ: هي شهر دينيات، فلسفي ۽ سياست جي علومن ڪان گهڻو مشهور آهي. هت چار سؤ مدرسا آهن، جن ۾ مٿين شعبن کان سواءِ ٻيا مضمون پڻ پڙهايا ويندا آهن.(7) مخدوم صاحب جي روح ريلو ڏنو سو، اچي ٺٽي ننگر ۾ سهيڙيو، ۽ مخدوم محمد سعيد وٽ عربي تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪيائين. ڇهن مهينن جي قليل عرصي ۾ اهي سڀ ڪتاب باشرح پورا ڪيائين، جيڪي رواجي حالتن ۾ شاگرد ڇهن سالن ۾ پورا ڪندا آهن، ان ڪري هن ذهين ۽ ڀاڳوند شاگرد جي عزت وتڪريم وڌي ويئي، شهر جا وڏا عالم عجب کائڻ سان گڏ عزت ۽ احترام ڪرڻ لڳا.(8) مخدوم عبدالروف جي مشهور شاگرد مخدوم ضياءُ الدين کان علم حديث ۽ باقي ڪتاب پڙهي نون سالن جي عرصي ۾ فارسي ۽ عربي علوم جي تڪميل ڪري فارغ ٿيو.(9) مخدوم صاحب وڌيڪ علم حديث ۽ تفسير حرمين شريفين جي سفر 1135ھ 1722ع دوران حجاز مقدس جي عالمن شيخ عبدالقادر حنفي مڪي، شيخ عيد بن علي مصري ۽ شيخ ابو طاهر محمد مدني جيڪو بعد ۾ شاھ ولي الله دهلويءَ جو پڻ استاد رهيو، کان حاصل ڪري سندون حاصل ڪيون.(10) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، مخدوم صاحب کي علامہ رحمت الله ٺٽوي جو شاگرد ڄاڻايو آهي.(11) مخدوم صاحب جي پوٽي مخدوم ابراهيم مٺئي وارو پنهنجي ڪتاب ”القسطاس المستقيم“ ۾ مخدوم معين کي مخدوم هاشم جو حديث جي علم ۾ شاگرد لکيو آهي. مخدوم محمد هاشم ۽ شاھ ولي الله دهلوي ٻئي علم حديث ۾ شيخ ابو طاهر محمد مدنيءَ جا شاگرد هئا ۽ مخدوم معين، علم حديث شاھ ولي الله کان حاصل ڪئي، سو مخدوم هاشم جو بہ شاگرد ٿي ٿي سگهي ٿو نہ کي استاد. ڊاڪٽر عبدالرسول جي تحقيق موجب مخدوم صاحب علم قراءت مديني شريف ۾ شيخ علي بن عبدالملڪ الداروي المالڪي: (المتوفي: 1145ھ/ 1733ع) وٽ پڙهيو هو. علم فقہ ۽ حديث علامہ شيخ محمد بن عبدالله مغربي فارسي مدني مالڪي (وفات 1141ھ- 1729ع) وٽ پڙهيو.(12)

مخدوم صاحب، علم جي تحصيل ڪرڻ بعد پنهنجي جنم ڀومي ٻنوري موٽي آيو، ان دوران سندس والد ماجد رحلت ڪري چڪو هو. مخدوم ڪڇھ

عرصو ٻنوري ۾ رهڻ بعد ڀر واري ڳوٺ بهرام پور ۾ اچي مدرسو قائم ڪيو. جتي درس وتدريس سان گڏ وعظ و نصيحت ڪرڻ لڳو. جتي هڪ ته محدود ماحول ۽ علائقو ٻيو جاهل پيرن ۽ مت موڙهيل وهمن وسوڙيل ماڻهن کي مخدوم صاحب جون شريعت مطابق زندگي گذارڻ واريون تقريرون ۽ پابنديون ڪين آئڙيون سو سندس مخالفت شروع ڪري ڏنائون.(13) ٻئي پاسي الله تعاليٰ کي به هن نيڪ بندي کان دين لاءِ وڏو ڪم ڪرائڻو هو، جيڪو شايد ٺٽي جهڙي علمي مرڪز ۾ ئي ٿيڻو هو. ان ڪري مخدوم بهرامپور کي ڇڏي اچي سُرهاڻين جي شهر ننگر ٺٽي جا وڻ وسايا، جتي اڳ وڏن عالمن ۽ علم جو چرچو چؤطرف هو. اهو ائين ٿيو جو علم سان ڀريل پيالي ۾ مصري جون تڙون پئجي ويون يا ائين ڪٿي چئجي ته تارن ڀري رات ۾ چوڏهين جو چنڊ پنهنجي پوري جوبن سان نڪري نروار ٿيو. مخدوم صاحب سموري خاندان سميت لڏي ٺٽي اچي سڪونت پذير ٿيو. جتي مسجد خسرو (مسجد دابگير) جي ويجهو هڪ زبردست مدرسي جو بنياد رکيائين ۽ پنهنجي دلي خواهش مطابق ڪم ڪرڻ لڳو.(14) ٺٽي جي ”اگر محلي“ ۾ اهو دارالعلوم هاشميه جي نالي سان معروف ٿيو. گڏوگڏ هاشمي مسجد پڻ جوڙائي جيڪا مدرسي جي لڳ هئي. مدرسي ۾ هزارن علم جي طالبن علم پرايو ۽ سون جي تعداد ۾ عالمن پڳون ٻڌيون ۽ علميت ۾ ناماچار پئدا ڪيو. هاشمي مسجد ۾ ويهي سوين لازوال تصنيفون مڪمل ڪيون، فقهي مسئلن جي حل لاءِ فتوائون جاري ڪيون. ٻپهري جو روزانو درس حديث ڏنو. مخدوم صاحب، جامع خسرو ۾ هر جمع تي واعظ فرمائيندو هو. جيتوڻيڪ ان وقت ٺٽي ۾ وڏا وڏا عالم، فاضل، شاعر ۽ صوفي رهندا هئا.(15) ليڪن مخدوم صاحب جي حلقه علم و ادب جو رنگ ئي ٻيو هو. مخدوم صاحب جي علميت هنڌين ماڳين مشهور ٿي ويئي ۽ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهوري پئجي ويئي. تان جو ڪلهوڙي حاڪم ميان غلام شاهه جي دربار شاهي تاءِ وڃي رسي ۽ ميان غلام شاهه ڪلهوڙو پڻ سندس معتقد بنجي ويو.(16) مخدوم صاحب رڳو ظاهري ۽ ڪتابي عالم نه هو، هو طريقت ۽ روحانيت ۾ به سند يافته صاحب دل بزرگ هو. سن 1135هه 1722ع ۾ حج جي سعادت حاصل ڪيائين. واپسيءَ ۾ حضرت ابوالقاسم نقشبنديءَ جي ڏس تي حرمين شريفين کان ورندي سن 1136هه 1723ع ۾ هندستان جي سورت بندر ۾ قيام پذير بزرگ سيد سعدالله سورتي جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جتي هڪ سال جو عرصو عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهيو ۽ خلافت جو خرقو ڍڪي اجازت جي سند وٺي ماهه صفرالمظفر 1137هه- 1724ع ۾ پنهنجي ماڳ ٺٽي موٽي آيو.(17) مخدوم صاحب اگرچه مريد ۽ دستِ بيعت ته سيد سعدالله قادريءَ جوهو، پر ابوالقاسم نقشبندي ٺٽويءَ سان به عقيدت رکندو هو.(18) ٺٽي ۾ تنهن وقت گهڻيون ئي غير شرعي ۽ بدعتي رسمون عام ٿي ويون هيون. اهڙين رسمن کي ختم ڪرڻ جي پنيان پيو.(19) ڪلهوڙي حاڪم ميان غلام شاهه، ٺٽي مان بدعتن جي پاڙ پٽڻ لاءِ ڪيس پروانو پڻ ڏنو ۽ ڪيس سنڌ جو قاضي القضات مقرر ڪيو.(20) مخدوم صاحب جي ناميارن شاگردن جو هڪ وسيع حلقو هو. مخدوم صاحب پنهنجي زماني جو هڪ مصلح عالم، فاضل، مشائخ، اعليٰ مدرس، جيد، مجدد، مفسر، مفڪر، مصنف ۽ مجاهد هو، سندس علم ۽ درس جي هاڪ عرب و عجم، سنڌ و هند ۾ مشهور هئي. پاڻ عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن ۾ تعليم ڏيندو هو، سندس ڪيترا ئي شاگرد عالم، فاضل، فقيه، محدث ۽ مفسر ٿي فارغ ٿيا.(21) هتي ڪجهه وڏيڪ ناميارن ۽ هاڪارن شاگردن جا نالا ڳڻائجن ٿا. 1- سيد شهمير شاهه مٽياروي، 2- مخدوم ميئڏنه نصرپوري، 3- مخدوم عبدالرحمٰن بن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، 4- مخدوم سيد محمد صالح شاهه جيلاني گهوٽڪي وارو سندس ڪنيت، ابوجمال، ۽ لقب ”متقي“ هو 5- مخدوم ابوالحسن صغير ٺٽوي مدني، سندس نالو غلام حسين بن محمد صادق نقشبندي آهي. هي شاگرد مديني ۾ وڃي رهيو جتي سنڌ جي عالم محمد حيات سنڌيءَ جي وفات بعد سندس جاءِ تي پڙهائيندو هو. سندس ڪجهه ڪتاب پڻ لکيل آهن، 6- مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي 7- شاهه فقيرالله علوي شڪارپوري، مخدوم صاحب کان

حديث، فقه ۽ طريقت جي ملسلن اوراد ۽ اذڪار وغيره ۾ اجازت حاصل ڪئي هئي. 8- مخدوم عبدالله نرئي وارو- هن عالم وڏو نالو ڪمايو. ڪڇ جو راجا به سندس معتقد هو، هن جو اولاد ڪراچي ۾ رهي ٿو- هن ڪيترائي اهم ڪتاب لکيا، سندس تربت ڪڇ ۾ ڳوٺ سٽريون تعلقي نرئي ۾ آهي. 9- مخدوم عبدالخالق ٺٽوي، هي مخدوم صاحب جو شاگرد ۽ مريد هو. درسگاهه هاشميه ۾ نائب معلم هو هن هڪ ڪتاب مطلوب المؤمنين تحرير ڪيو. . 1- مخدوم نورمحمد نصرپوري، هي مخدوم صاحب جو قابل شاگرد هو، هي محدث ۽ صوفي هو. علم هيئت ۽ نجوم جو ڄاڻو هو، ميان غلام شاهه جي لشڪر ۾ قضا جي عهدي تي به فائز رهيو. 11 - شيخ الاسلام مراد سيوهاڻي، شيخ مراد انصاري، قصيده برده شريف ۾ مخدوم صاحب ڪان اجازت ورتي هئي. مولانا دين محمد وفائي جي لکڻ موجب شيخ الاسلام، حضرت خضر عليہ السلام سان به ملاقي ٿيندو هو. شيخ جو فرزند شيخ حسين سنڌي سيوهاڻي ۽ پوٽو شيخ محمد عابد سنڌي به وڏا بزرگ ۽ محدث ٿي گذريا آهن. 12 ميان عزت الله ڪيريو، چوٽيارين جو رهاڪو هو. ڪيس پنهنجي چاچي ميون محمد مبين سفارشي خط لکي مخدوم صاحب ڏانهن مدرسي هاشميه ۾ پڙهڻ لاءِ اماڻيو، اهو خط اڃا تاءِ چوٽيارين جي بزرگن جي پوين ۾ عبدالحڪيم نالي شخص وٽ مديني منوره ۾ موجود آهي. 13- حافظ آدم طالب علم ٺٽوي، جن بزرگن مخدوم صاحب کي غسل ڏنو، انهيءَ خلمت ۾ حافظ آدم به شامل هو. 14- نور محمد خستہ ٽڪڙائي، هن شاگرد شاعريءَ ۾ مشهوري ماڻي. ان ڪان علاوه شيخ عبدالحفيظ بن درويش العجيمي المڪي، سيد عبدالرحمٰن بن محمد اسلم الحنفي المڪي ۽ محمد بن محمد اشرف بن آدم السنڌي النقشبندي جا نالا پڻ مليا آهن.(22) زماني جي دست برد سببان لاتعداد شاگردن جا احوال ۽ نالا ناپيد آهن.

مخدوم صاحب هڪ عالم باعمل، ولي ڪامل، عاشق رسول، امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو قائل ۽ عمل ڪرائيندڙ هو. سندس باري ۾ معروف تاريخدان ميرعلي شير قانع ٺٽوي لکي ٿو: مخدوم محمد هاشم سنت جماعت جي مذهب جي تقويت ۽ دين متين جي رسمن زنده ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن جي ڏينهن ۾ سندس ڪوشش سان اهڙا وڏا ڪم سرانجام ٿيندا هئا، جيڪي سچي دين جي تائيد جو ڪارڻ هوندا هئا. مشرڪن ۽ دين جي دشمنن تي سندس عمل چڱيءَ طرح جاري هو. سندس وقت ۾ گهڻ ۾ گهڻ سوين نمي (ڪافر) ايمان سان مشرف ٿيا. نادر شاهه بادشاهه ۽ احمد شاهه جهڙن وقت جي بادشاهن سان خط وڪتابت جو رستو ڪليل رکندو هو ۽ سندس استدعائن تي دين جي تقويت متعلق دل گهريا احڪام جاري ٿيندا ۽ چڱيءَ طرح عمل ۾ ايندا هئا. مطلب ته سندن وجود غنيمت هو.(23) مخدوم دين متين جو وڏو خادم هو. هن بي ريا عالم، دين جي سربلنديءَ لاءِ وڏيون چوٽون ڪاڏيون وقت جي حاڪمن سان لکپڙهه جاري رکي، دين اسلام لاءِ صحيح ۽ سچا احڪام جاري ڪرايا. شرعي مسئلن بابت مخدوم صاحب جا وقت جي عالمن سان اختلاف رهندا هئا. مخدوم معين سان ته باقاعده ڪتابي صورت ۾ سوال جواب لکيا ويا. شريعت جي پابندي لاءِ مخدوم صاحب، هڪ اڏول ڪفن پوش مجاهد جيان ميدان ۾ آڏي ڊال ڪين ڊاري، مگر سڏي ترار وهائي، غير شرعي ڪم بند ڪرائي ڇڏيا، ان ڪري جاهل مشائخن، صوفين، عالمن ۽ ٽوڻن ڦيڻن وارن مخدوم جي سخت مخالف ڪئي. پر هن خدا رسيده بندي خدا ڳاهي بزرگ ڪنهن جي به پرواهه نه ڪندي پيغام حق رائج ڪرائي بدعتن جي بيخ ڪني ڪئي. شريعت جي هر هڪ عمل تي پوريءَ طرح ڪاربند رکڻ لاءِ قلمي توڙي عملي طرح ڪم ڪيو. جو وَضُو ۽ غسل لاءِ به شرعي مقدار تي پاڻيءَ جي استعمال لاءِ احڪام ڏيئي هاشمي ڪُوزا (ڪرا) ٺهرايائين. مخدوم صاحب نه فقط باعمل عالم هو، پر هڪ ڪامل ولي پڻ هو. مخدوم صاحب، هڪ صاحب دل بزرگ جون مُڇون زبردستي ڪترائي ڇڏيون، جيڪي شرعي لحاظ ڪان ناجائز هيون. جنهن تي هن انتهائي ڪاوڙ ۾ اچي چيو ته آئون اوهان جي سار لهندس. مخدوم صاحب حسبِ دستور ٽپهريءَ جو درس حديث پئي ڏنو ته ان بزرگ تڪليف پهچائڻ لاءِ مخدوم صاحب تي باطني توجه ماريو. مخدوم صاحب

كي خبر پيئي تہ حسبنا الله چئي، پنهنجي هٿ سان توجه كي بي اثر كيو. ان وقت ئي تڏي ۽ هيٺ زمين ۾ سوراخ بہ ٿيو ليكن مخدوم صاحب سكون ۽ سلامتيءَ سان رهيو ۽ درس جاري ركيائين.(24) تكلمہ مكالات الشعرا جو خالق لكي ٿو تہ: مخدوم صاحب پنهنجي استاد مخدوم ضياءُ الدين جي مرشد مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ سان تمام گهڻي عقيدت ركندو هو. ان حد تاه جو سندس ويهڻ واري كٽ كي بہ چنبيندو ۽ صاف كندو هو. هڪ ڏينهن مخدوم ابوالقاسم وضو پئي كيو. پاڻهن ڌوئڻ مهل پاڻي ٺونٺ كان هيٺ ٿي وڌائين جيكو هيٺ كارائي ۽ هٿ ڏانهن ٿي ويو. مخدوم صاحب عرض كيو تہ فقه جي كتابن موجب پاڻي هٿ ۽ كارائيءَ كان مٿي ٺونٺ طرف وڃڻ گهرجي. مخدوم ابوالقاسم فرمايو، تہ مون جناب رسول الله ﷺ جن كي اهڙيءَ طرح وضو كندي ڏٺو آهي. مخدوم هاشم صاحب عرض كيو، تہ حسب روايت فقه جو اهو طريقو آهي، اڳتي اوهان جي مرضي. مخدوم ابوالقاسم ان وقت حضور انور ﷺ ڏانهن توجہ كيو، پوءِ چيائين تہ حضور انور ﷺ جن فرمايو تہ جيكڏهن اوهان ان نموني كندي ڏٺو آهي، تہ اوهانجي نظر ۽ ڏسڻ ۾ غلطي ٿي سگهي ٿي، پر جيئن مخدوم هاشم چوي ٿو، ائين عادت بنائي. ان مان مخدوم صاحب جي بيباكي حق گوئي ۽ شان ڏسڻ گهرجي، جو اهو امر نہ فرض هو نہ واجب، رڳو احتياط هو ۽ مخدوم ابوالقاسم رح جي تصوف ۽ مقاشفي جو بہ كمال آهي، جو حضور انوار ﷺ جن كان جواب وٺي سگهيو.(25) هڪ ٻيو واقعو جنهن ۾ مخدوم صاحب جي دربار رسالت مآب ﷺ ۾ مقبوليت جو اندازو لڳائي سگهجي. هڪ صاحب مخدوم صاحب كان كو مسئلو لكايو. ان كي تصديق لاءِ مخدوم صاحب جي استاد مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي وٽ كٽي ويو، جيكو مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جو مريد هو. ان مسئلي ۾ مخدوم ضياءُ الدين جو رايو كجھ ٻي طرح هو، سو دستخط نہ كيائين. رات جو خواب ۾ رسول الله ﷺ جن كي ڏٺائين حضور اكرم ﷺ جن حكم فرمايو تہ: جيئن محمد هاشم چئي ٿو اوهين پڻ اها ئي فتويٰ ڏيو.(26)

مخدوم صاحب، عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن ۾ كتاب تصنيف كيا. انهن جو تعداد سَون ۾ آهي هن وقت جيكي كتاب دستياب آهن تن جو تعداد 82 آهن، جڏهن تہ اٽلپ كتابن مان بہ 82 كتابن جا حوالا مختلف كتابن ۾ ملن ٿا. انهن هڪ سؤ چوهٺ كتابن مان گهڻا عربيءَ ۾ ٻي نمبر تي فارسي ۽ ٽي نمبر تي سنڌيءَ ۾ تصنيف ٿيل آهن. ڊاكٽر عبدالجبار جوڻيجو جي لكڻ موجب مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جا عربي كتاب جامع الازهر- مصر ۾ پڙهيا ويندا هئا ۽ پڙهايا وڃن ٿا.(27) مخدوم امير احمد بذل القوه جي مقدمي ۾ كتابن جو تعداد ٽن سَون كان مٿي ٿو ٻڌائي.(28) مولانا غلام رسول مهر، تعداد ساڍا ٽي سؤ ڄاڻايو آهي.(29) مخدوم جا كتاب شرعي مسئلن، سيرت، تاريخ، علم حديث ۽ ٻين موضوعن تي لكيل آهن، جيكي نثر ۽ نظم ۾ آهن. مخدوم صاحب يگانو ۽ يكتا نثرنگار هو، تہ سگهارو نظم نگار پڻ هو. هڪ فارسي شعر جو نمونو:

من درد مندم حضرتا، فرياد رس يا مصطفيٰ
پاره شد بهر خدا، فرياد رس يا مصطفيٰ!

مخدوم صاحب، جو عربي ۽ سنڌي شعر پڻ مثالي ۽ دلپذير آهي. ان سان گڏ بامعنيٰ ۽ بامقصد نہ كي لغو ۽ واهيات. جيئن اڄكلھ جي نام نهاد مهان شاعرن جو كلام آهي. مخدوم صاحب با اصول ۽ اعليٰ ظرف تنقيد نگار پڻ هو. سنڌ جو سدا سونهارو عالم ڊاكٽر بلوچ صاحب، مخدوم صاحب جي اصلاحي تنقيد نگاريءَ بابت لكي ٿو تہ: مخدوم صاحب پنهنجي طرفان اصلاح كري تنقيد جو در كوليو.(30) هن شرعي مسئلن ۽ سنڌ وطن تي كيل بيجا تنقيد جو ڀرپور جواب ڏنو ۽ "مدح نامو سنڌ" نالي هڪ كتاب لكيو. جنهن ۾ سنڌ جو شان بيان كيائين. ان كان اڳ كنهن ائين نہ كيو.(31) مخدوم صاحب هڪ وڏو كتب خانو پڻ جوڙيو هو، جنهن ۾ تمام گهڻا قلمي نسخا گڏ كيائين. سوين كتاب تصنيف كرڻ لاءِ وڏو علمي خزانو گهرجي جيكو مخدوم صاحب وٽ هو، جنهن ۾ دنيا جا قديم ترين قلمي نسخا موجود هئا. هن عاليشان كتبخاني ۾ چوٿين صدي هجري كان اڳ جا ۽ ٻارهين صدي تاءِ

وقت جي عالمن ۽ تاريخدانن نہ ڇٽي باقي سو سندس عمل تہ سچ وانگيان روشن آهي، جيڪو سيني کي نظر پيو اچي.

لاکا لک سجڻ، پر ڦُلاٽيءَ ڦير پيو.

## حوالا:


1- اتحاف الاکابر- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، قلمي- عربي- ص 2.

2- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي- ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، ص 59.

3- معيار سالڪان طريقت، قلمي- ميرعلي شير قانع ٺٽوي، ص 203.

4- رهاڻ هيرن ڪاڻ، جلد پهريون- ڊاڪٽر بلوچ، ص 59، 60.

5- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي- ڊاڪٽر عبدالرسول قادريءَ ص 61.

6- ايضاً، ص 63.

7- Alexander Hamilton. "New Account of the east Indies in Pinkerton`s Travels. Vol:III.p.p 304-9

8- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي- ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، ص 63.

9- ايضاً، ص 63.

10- ايضاً، ص 66- 67.

11- مصلح المفتاح- سيدعلي محمد شاهہ دائري وارو- مرتب ڊاڪٽر بلوچ- ص 44.

12- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي- ڊاڪٽر قادري- ص، 68.

13- الوحيد سنڌ آزاد نمبر، جون 1936ع، ص 32.

14. بناء الاسلام- مرتب، محمد يوسف ابڙو "شاڪر" ص 7.

15- تحفت الڪرام- ميرعلي شير قانع ٺٽوي- ص 565.

16- الوحيد سنڌ آزاد نمبر، جون 1936ع- ص 32.

17- ايضاً، ص 33.

18- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي- ڊاڪٽر قادري- ص 73.

19- الوحيد سنڌ آزاد نمبر- ص 32.

20- ايضاً، ص 32.. 33.

21- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي- ڊاڪٽر قادري- ص 81.

22- ايضاً- 81 کان 88 تائين.

23- تحفة الڪرام- ميرعلي شيرقانع ٺٽوي- ص 565- 566.

24- تڪملہ مڪالات الشعرا- فارسي- ص 43.

25- ايضاً 44.

26- ايضاً 45.

27- سنڌيون- ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو- ص، 61.

28- بذالقوه- عربي- ص، 11.

29- تاريخ ڪلهوڙا- غلام رسول مهر- ص، 888.

30- مصلح المفتاح- مقدمو- ڊاڪٽر بلوچ- ص، 28- 28.

31- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي- ڊاڪٽر قادري- ص 149.

32- "مخدوم محمد هاشم جون علمي ادبي خدمتون"- مقالو، ماهوار ڇهہ ماهي سنڌي ادبي سنڌالاجي- حافظ حبيب سنڌي- ص، 17.

33- "هاشميہ لائبرري"- مقالو، ماهوار "نئين زندگي"، جولاءِ 1959ع، ص 28.

34- الوحيد سنڌ آزاد نمبر، ص، 33.

35- سنڌ ۾ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون، سنڌي ترجمو، ص، 79.

36- مناقب مخدوم محمد هاشم (قلمي فارسي)- ص 1- 4.


37- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي. ڊاڪٽر قادري- ص، 182.



ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ
حيدرآباد

# محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ناٽڪن ۾ سماج سڌاري جو پيغام

محمد عثمان ڏيپلائي گهڻ پاسائين شخصيتن جو حامل شخص هو، سندس نالو هڪ ڪُهنه مشق صحافي، ايڊيٽر، پبلشر ۽ قابلِ قدر اديب طور مشهور آهي، ٿرپارڪر جي هڪ ننڍي ڳوٺ ڏيپلي ۾ جنم وٺندڙ هن نيڪ ۽ پُرخلوص انسان سڄي ڄمار صحافتي ۽ ادبي خدمتن کي ارپي ڇڏي. ڪيترائي ناول، ڊراما، ڪهاڻيون، مضمون ۽ ٻيا ليک لکيائين، جن جو مقصد فقط ۽ فقط سنڌي سماج ۾ سڌارو



آڻڻ هو. هن سماج جي پراڻن روڳن، جهالت، پيري مريدي، وهم پرستي، ضعيف الاعتقادي، طبقاتي سوچ، وڏيرا شاهي ۽ سرمائيداري نظام خلاف جنگ جوٽي پنهنجو قلم کان 'جهاد باالسيف' جو ڪم ورتو ۽ ان ۾ ڪاميابي ماڻي. تحقيق ادب اهوئي آهي جنهن معرفت انهيءَ ڌرتيءَ جي خطي جي، سماجي پسمنظر جي، سياسي ۽ معاشي حالتن جي عڪاسي ٿئي. ماڻهن جي خواهشن، دلي اُمنگن، محبتن، نفرتن، مذهبن، عقيدن، سوچن جي خبر پوي، نيڪيءَ ۽ بديءَ جو فرق واضح ٿئي. ٻين لفظن ۾ ادب جو واسطو انساني سماج سان مضبوط ۽ مربوط نموني جڙيل آهي، جنهن جي ڪري دنيا جي هر ادب ۾ انهيءَ سماج جو عڪس چٽو هجي ٿو. ڏيپلائي صاحب هڪ اعليٰ سجاڳ ليکڪ جي حيثيت ۾ پنهنجي تحريرن ۾ ادب جي سماجي ڪارج واري اصول تي قائم رهيو، هن پنهنجين تخليقن وسيلي هتان جي ماڻهن جي ڏکن سکن، بکن بدحالين، ريتن رسمن ۽ اڻٽي وهٽي جي پچار ڪئي ۽ ساڻن ٿيل عقوبتن تي فقط آواز ڪونه اُٿاريو بلڪ هڪ سماج سُڌارڪ اڳواڻ ۽ رهبر جيان ڪين منفي قوتن مان نجات حاصل ڪرڻ جا گس ڏسيا. لاتعداد مسئلن ۽ مونجهارن جا حل ڏسيا، هن حياتيءَ کي جيارڻ لاءِ تبديليءَ جو فڪر ڏيئي ادب جي موقف جي سهڻي وضاحت ڏني. هن مقالي ۾ ڏيپلائي صاحب جي لکيل ناٽڪن معرفت سندن سماج سڌاري جي پيغام تي روشني وڌي ويئي آهي.

ڏيپلائي صاحب جا ڪل 14 ناٽڪ لکيل آهن، جن مان ستن ناٽڪن جو مجموعو 'ناٽڪ' جي نالي سان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران 1985ع ۾ شايع ٿيو، (هيءُ ڪتاب بي.اي اليڪٽو Elective جي نصاب ۾ شامل آهي.)

ناٽڪ/ ڊراما لکڻ ۽ خاص طرح معياري لکڻ هڪ تمام وڏو فني ۽ ادبي مرحلو آهي، ڇو جو ناٽڪ فقط لکيو نٿو وڃي، بلڪ اسٽيج، ريڊيو يا ٽي.وي ذريعي پيش ڪيو ٿو وڃي جنهن جا الڳ لوازمات هجن ٿا. منگهارام ملڪاڻيءَ هن ڏِسَ ۾ لکيو آهي ته:

"ناٽڪ نويسيءَ جو فن ساهت جي ٻين شاخن کان لکڻ ۾ اهنجو آهي، جو اهو رنگ پومڻيءَ (Stage) تي ناٽڪ پيش ڪرڻ جي فن سان ڳنڍيو پيو آهي."(1)

ناٽڪ/ڊرامو صرف لکڻ ۽ پيش ڪرڻ ڪافي نه آهي، پر انهيءَ ۾ موضوع، مواد، مقصديت، ٻوليءَ جو استعمال، سماج جي مسئلن جي نمائندگي ۽ معياري پيشڪش نه هوندا ته اهو ڪڏهن به ادبي يا فني طور ڪا جاءِ والاري نه سگهندو.

ڏيپلائي صاحب جي لکيل ناٽڪن ۾ هينيان ناٽڪ آهن، جن جا موضوع ۽ ڇپائيءَ جا سال هن ريت آهن:

| | | |
|---|---|---|
| 1. غيرت عرف نورجهان جو پٽ | تاريخي ۽ انقلابي ڊرامو | 1941ع ۾ ڇپيو |
| 2. شاهدي | مزاحيه ۽ اصلاحي ڊرامو | 1955ع جي مهراڻ رسالي ۾ ڇپيو |
| 3. اسلام تي مقدمو | اسلام بابت حڪمرانن جو رويو ڊرامو | عبرت جي سلسلي تحت 1949ع ۾ ڇپيو |
| 4. سچائي موڙي | اصلاحي ڊرامو | ناٽڪ ڪتاب 1985ع ۾ ڇپيل ۾ شامل |
| 5. مرزا غازي بيگ | تاريخي ڊرامو | اسلاميه دارالاشاعت طرفان 1949ع ۾ ڇپيو |
| 6. واپيئڙو | اصلاحي ناٽڪ | 1956ع جي مهراڻ جي پهرين پرچي ۾ شايع ٿيو ۽ ناٽڪ 1985ع جي ڪتاب ۾ پڻ شامل آهي. |
| 7. ڏُڪار | مزاحيه ۽ اصلاحي ڊرامو | 4 ڊسمبر 1956ع اسلامي دارالاشاعت شايع ڪيو ۽ ناٽڪ ڪتاب ۾ پڻ شامل آهي. |
| 8. نجومي | مزاحيه ۽ طنزيه اصلاحي ڊرامو | ٽماهي مهراڻ جي 1955ع جي چوٿين پرچي ۾ شايع ٿيو. |
| 9. آزاد چوڪ | انقلابي ڊرامو | اسلاميه دارالاشاعت 1945ع ۾ شايع ڪيو |
| 10. ڪانگريس ناٽڪ | انقلابي اصلاحي ڊرامو | اسلاميه دارالاشاعت 1945ع ۾ شايع ڪيو |

ان ڪانسواءِ 'ٻنجائتي پنچٽي' (60 صفحا)، ڊاڪٽر ناٽڪ (16 صفحا)، 'ڪورٽ ناٽڪ' (111 صفحا)، ڪانگريسي چار، (125 صفحا) ۽ ڪانگريس (200 صفحا) پڻ آهن. مٿي آئون اڳ ۾ ڄاڻائي آيو آهيان ته 'ناٽڪ' جي عنوان سان ڏيپلائي صاحب جي ستن ڊرامن جو مجموعو 1985ع ۾ ڇپيو آهي، 132 صفحن جي هن ڪتاب ۾ جيڪي ناٽڪ شامل آهن، انهن جي مختصر ڪهاڻي مڪالمن جو جائزو هيٺ پيش ڪيان ٿي ته جيئن پڙهندڙ سٺن تحرير جي مقصديت ۽ پيغام کي ڄاڻي سگهن.

غيرت عُرف نورجهان جو پٽ ناٽڪ ستن پردن تي مشتمل آهي جنهن ۾ دهلي ۽ لاهور جي علائقي جو ذڪر آهي، جهانگير بادشاهه جي دور جي هن سچي واقعي کي ليکڪ سهڻي اسلوب ۽ مڪالمن سان بيان ڪيو آهي. ڪهاڻيءَ مطابق بنگال جو گورنر سيف الله ڪان اتفاقي قتل ٿي وڃي ٿو، هو مقتول جي وارثن کي خون بها ڏيڻ جي بجاءِ قيد ۾ رکندو آهي، جي ڪنهن طرح سان قيد مان ڀڄي بادشاهه جهانگير وٽ لاهور پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ٿا وڃن. جتي ڪانتا جي مدد سان ملڪ نورجهان ۽ جهانگير وٽ انصاف لاءِ ٻاڪارين ٿا ۽ ڪين انصاف پلئه پوي ٿو خود راڻي نورجهان پنهنجي هٿن سان پاليل پٽ سيف الله کي گولي هڻي ٿي ۽ خون ناحق جو بدلو خون

قرار ڏيئي رڻبير کي سندس پٽ اِندر جي خون جو بدلو ڏياري ٿي. ڪانتا جي پٽ اجيت سنگهه کي بہ پنهنجي پيڻ سُندريءَ جي عزت بچائڻ سبب ڪيل قتل تي معاف ڪري ڪيس منصب ڏنو وڃي ٿو، ڇو جو سندس هٿان ٿيل خون عزت جي بچاءُ ۽ غيرت سببان ٿيو هو. ليڪڪ انهيءَ ڪري هن ناٽڪ جو هڪ منفرد نالو غيرت عرف نورجهان جو پڻ رکيو آهي. ناٽڪ جو مڪالما ڪجهہ هن ريت آهن:

**جهانگير:** (سيف الله کي) مون توکي ان لاءِ نواب بنائي موڪليو هو تہ تون ڪلين تہ هزارن کي روئاري ڪلين! تون هلين تہ لاشن کي لتاڙيندو هلين! تون ڪيڏين تہ رعيت جي خون سان ڪيڏين توکي نورجهان جو پڻ هجڻ جو فخر آهي تہ اِندر کي منهنجي پٽ هئڻ جو فخر آهي. خدا جو قسم رعيت منهنجا ٻچا آهن! هو غريب آهن تہ بہ منهنجا آهن."

جهانگير تاج لاهي سيف الله جي لاش کي چنبڙي چوي ٿو تہ:

"سيف الله تون مون کي پٽن برابر هئين، منهنجيون اکيون تولاءِ سدائين اشڪبار رهنديون منهنجي دل توکي دائما ياد ڪندي رهندي. 'شهنشاهہ' توسان انصاف ڪيو، پر جهانگير تولاءِ سدائين اشڪبار رهندو." (ص 24-25)

هيءُ تاريخي واقعو ڏيپلائي صاحب کي پسند هو ڇو جو هن ۾ غريب لاءِ عزت، انصاف پسندي ۽ غيرت واري حياتي جيئڻ جو سبق آهي. جنهن جي ڪري ان کي ڊرامائي تشڪيل ۾ آندائين.

**سجائي موڙي:** ناٽڪ 16 ايڪٽن تي مشتمل آهي جنهن ۾ ڪراچي ۽ لنڊن جا منظر آهن، هن ناٽڪ جي ڪهاڻي هڪ نوجوان مجيد ۽ سنڌ جي خيرخواهہ سيٺ يعقوب جي گرد گهمي ٿي، سيٺ يعقوب سنڌ ۾ ڊارين آفيسرن جي اچڻ تي پريشان آهي ۽ هو سوچي ٿو تہ، ڪاش! سنڌ جا قابل نوجوان پڙهي اڳيان اچن ۽ ضلعن جون انتظامي واڳون سنڀالين ۽ علم جي سفر کي عام ڪن. انهيءَ ڪري هو پنهنجي پئسي مان پيرن، مولوين ۽ مرشدن کي ڏيڻ جي بجاءِ اسڪولن ۾ ٻارن جي تعليم تي خرچ ڪندو آهي ۽ نوجوانن کي تعليم لاءِ اسڪالرشپس ڏيندو آهي. مجيد نالي نوجوان جو پرڏيهہ ۾ پنهنجي چاچي جي خرچ تي تعليم حاصل ڪندڙ آهي، پر اوچتو پنهنجي چاچي جي وفات بعد تعليم وچ ۾ ڇڏي ٿو، پر سيٺ يعقوب جو ڏنل اسڪالرشپ جو اشتهار پڙهي ساڻس رابطو ڪري اسڪالرشپ حاصل ڪري پڙهائي جاري رکي ٿو. ٻن سالن بعد هُو سيٺ يعقوب کي سندن ڏنل پئسا واپس ڪرڻ ويندو آهي تہ سيٺ يعقوب ڪانئس اهوئي استفسار ڪندو آهي تہ ڇا هن سندس ڏنل موڙي سجائي ڪئي؟ يا ٻئي ڪنهن علم جي اُڃايل جي اُڃ اُجهائي؟ ڪنهن کي پيرن تي بيهاريو؟ ۽ جڏهن کين ناڪار ۾ جواب ملي ٿو تہ سخت ناراضگيءَ سان کيس سمجهائيندي چيو ٿو تہ،

**سيٺ يعقوب:** مجيد ڇا تو ڪوبہ اهڙو بيڪس ڳوليهي نہ لڌو جنهن کي بيڪسيءَ جي اوڙاهہ مان ٻاهر ڪڍين؟"

جڏهن مجيد سندن چوڻ تي عمل ڪري ڪنهن فرد جي تعليم ۾ مدد ڪري ڏنل موڙي سجائي ڪندو آهي تہ سيٺ يعقوب کي دعا ڏيندي چوي ٿو تہ، "خدا تنهنجي عهدي ۾ برڪت وجهي اڄ آئون پنهنجي ڏنل موڙي سجائي سمجهندس ها بلڪل سجائي! جيڪڏهن منهنجي موڙي رڳو هڪ اهڙو ماڻهو بيدار ڪيو جنهن کي ضلع جي ماڻهن تي ضابطو هجي ۽ هُو انهن کي سڌارڻ جو پڪو عهد ڪري تہ اهڙي سجائي موڙي ٻي ٿي نٿي سگهي.

هن ڊرامي معرفت ڏيپلائي صاحب ڪيترا سال اڳ سنڌي قوم کي سجاڳ ڪيو آهي. تہ توهان جي نجات جو ذريعو توهان جي ترقيءَ جو حل فقط تعليم ۾ ۽ اعليٰ تعليم ۾ آهي ۽انهيءَ سان گڏ سرنديءَ وارن کي آگاهي ڏني اٿن تہ توهان وٽ قابل نوجوانن جي ڪمي ناهي، اٿو اکيون کوليو! سندن مدد ڪريو! پنهنجي سرمايي کي ڪارائتو ڪتب آڻيو، غور ڪريو، اوهان جو اصل سرمايو نوجوان سنڌي نسل آهي، سنڌي سماج جي بهتر اوسر لاءِ هنن جو سڌرڻ ۽ ترقي يافتہ ٿيڻ تمام ضرروي آهي.

**شاهدي:** هيءُ اصلاحي ۽ طنزيہ ناٽڪ هڪ ايڪٽ جو آهي، جنهن ۾ ڪورٽ جو منظر پيش ٿيل آهي، 1955ع ۾ مهراڻ رسالي ۾ ڇپيو هو. موجوده وقت 'ناٽڪ' ڪتاب ۾ ڏنل آهي، هيءُ ناٽڪ سنڌي ناٽڪ جي سؤ سال

جشن ۾ اسٽيج تي پيش ڪيو ويو هو، جو ڏيپلائي صاحب بذاتِ نفس نفيس آڊيٽوريم ۾ اچي پاڻ ڏٺو هو ۽ ڪين گهڻو پسند آهي، جنهن جو پاڻ پوءِ هڪ انٽرويو ۾ اظهار پڻ ڪيو هئائون. انهيءَ وقت جن اداڪارن هن ناٽڪ ۾ اداڪاريءَ جا شاندار جوهر ڏيکاريا انهن ۾ محبوب عالم، اي آر بلوچ، يعقوب ذڪريا، سڪندر بلوچ ۽ ٻين جو ڪم اهميت وارو هو.

هيءُ ناٽڪ هڪ ڪوڙي شاهدي ڏيندڙ پيشه ور شخص جي باري ۾ آهي، جو پنهنجين اٽڪلن، هيرا ڦيرين ۽ حاضر دماغيءَ سان ڪيس کي پنهنجي فائدي ۾ ڪري ڪاميابي حاصل ڪرائي ٿو. ڏيپلائي صاحب موجب ته اسان جي سماج ۾ اها ڪيڏي وڏي اوڻائي آهي جو قرآن جا ڪوڙا قسم کڻي ڪوڙا شاهد حرفتون ڪري هيلا هلائي سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ کي سچ ثابت ڪن ٿا.

انصاف گونگو ٻوڙو آهي، انتظاميہ جون مصلحتون ۽ مجبوريون آهن ته وڪيلن جون ڪيسن کٽڻ لاءِ اٽڪلون ۽ چالبازيون آهن، مطلب ته ڪوڙ کي سهڻائيءَ سان سچ ۾ تبديل ڪيو ٿو وڃي. رئيس محمد احسان خان جي رئيس علي تي پنجن هزار قرضن جي دعويٰ آهي ۽ هن جي وفات کان پوءِ سندس وارث اهي پئسا ڏيڻ لاءِ نابري ڪري ٿو ڇڏي ۽ پئسن جي ادائگي کان بچڻ لاءِ وڪيل ڪري ٿو جو عدالت ۾ پيشه ور شاهد کي ڪوڙي شاهدي ڏيڻ لاءِ پيش ڪري ٿو. جنهن هنن ڌرين مان ڪنهن کي به ڪڏهن ڏٺو به نه هو، پر هو پنهنجي جوابن سان عدالت کي اهڙا ته من گهڙت جواب ڏيندو آهي جو عقل حيران ٿي ٿو وڃي، ۽ وري عدالت سگهوريءَ ۾ وقت جي ڪميءَ سبب گهڻيون پيشيون به ٿي نٿيون سگهن ۽ ڪيس جو فيصلو ڪوڙي شاهد جي شاهديءَ جي روشنيءَ ۾ ڪيو ٿو وڃي، جو صرف ڏهن روپين جي نوٽ تي ايترا من گهڙت جواب پيش ڪندو آهي.

مثال طور: عدالت ۾ جڏهن شاهد کان پڇيو وڃي ٿو ته، "رئيس ڪڏهن جيل ڪاٽيو هو؟"

**شاهد**: سائين! اڄڪلهه ملڪ جو ڪهڙو چڱو مڙس ۽ سڌاري جي چاهنا رکندڙ اهڙو آهي جنهن جيل نه ڪاٽو هجي، هي پير ڏسو، هي مير ڏسو، هي وزير ڏسو، هي ليڊر ڏسو، هي رئيس پڳٽ ڏسو، هي محبان وطن ڏسو، هي خادمِ خلق ڏسو، سڀ پيا جيل وڃن. منهنجي خيال موجب اهو شخص قوم جي خدمت ۾ پڪو ئي نه ٿيو آهي، جنهن جيل نه ڪاٽو آهي." (ص 57)

مطلب ته ڏيپلائي صاحب سماج ۾ انصاف پلئه نه پوڻ ۽ عدالتي نظام جي ناقص طريقي کي مزاحيہ ۽ طنزيہ نموني وائکو ڪيو آهي.

**نجومي:** هن اصلاحي ناٽڪ ۾ 5 ايڪٽ آهن جن ۾ فٽ پاٿ ۽ گهر جا منظر ڏنل آهن، جنهن ۾ وسواس جي وسوڙيلن ۽ اعتقاد جي ڪمزورن کي هوشيار ڪيو ويو آهي. نجوميت جي دعويٰ ڪندڙن ۽ ابوجهه عوام کي لٽيندڙن جو نقشو چٽيو ويو آهي. اهي انساني نفسيات تي مضبوط مهارت رکندي اٽڪلن ۽ حربن سان ڪين پيا ڦريندا آهن. مت موڙهيلن کي خوش ڪرڻ جا گُر ۽ حربا وٽن گهڻا هوندا آهن، جنهن جي ڪري ڪمزور عقيدي وارن جو وڏو انگ سندن ڪوڙين سچين نالن جي آسري ۾ پيو ٺڳبو آهي.

هن ناٽڪ ۾ امام الدين نجومي پنهنجي پاٽيجي جي گولا ۾ پريشان آهي پر سندس نجومت ڪيس ڪابہ اطلاع نٿي ڏئي. آخر گهڻي وقت کان پوءِ سندس پاٽيجو وٽس لنگهي ايندو آهي. جيڪو ڪانئس نجومت جا گُر سکي مامي کان به وڌيڪ پڙ ٿي ويندو آهي. مامو ڪيس سمجهائيندو آهي ته "ٻچا انهيءَ ۾ منهنجو ڪوبہ ڪمال ڪونهي. سادا ۽ ميرا ڪپڙا، وڏي ڏاڙهي ۽ سجدي جو نشان ڏسين ته سمجهه سيٺ آهي ۽ سيٺ معنيٰ سنو، حاجي معنيٰ سون، ديندار معنيٰ پرمٽ، پوءِ انهن سڀني مفت جي ڪمائن ۾ هرڪو نوڪر ۽ پائيوار به ڪندو آهي، "مطلب ته ڪيس ٻين ماڻهن جي ڏنتن ڏاڙين ۽ خواهشن جا جواب به سيکاريندو آهي، پر ضرور چوندو آهي ته هيءُ ڏنتو گندو آهي ۽ ڪُتن وانگر پيٽ پرٽو آهي، پاٽيجو ڪريم ڪيس ورندي ڏيندو آهي ته،

**ڪريم**: ها ماما سمجهان ٿو، زمين ۽ آسمان جون ڳجهيون اهي ڇا هٿندا جن جا پاڻيجا گهر ٿي وڃن ته پتو نه پوين! پر پلو ٿيئي پوکن جو، جي پوڇڻ تي اچن ته ڳئونءَ کي به خدا بنايو ڇڏين، وري بگڙن ته خدا جي نبيءَ کي به ڦاهيءَ تي چاڙهيو ڇڏين."

نانڪ جي آخر ۾ نجومت تي پاڙڻ ۽ اهو عمل عام ڪرڻ تي امام الدين ندامت وچان هن ريت چوي ٿو ته:

**امام الدين**: جيڪو شخص مالڪ کي ڇڏي وڃي ماڻهن کي عالم الغيب ڄاڻي سوال ڪري! ان کي پوندو سامهون نه هوندو ته پيو ڇا هوندو! هِت به پوندو ته هُت به پوندا! ڀڄا سمجهون ٿا، پر پيٽ بکيو به پرٽو آهي." (ص 65-67 ۽ 71)

هن نانڪ ۾ ڏيپلائي صاحب هڪ سچي مسلمان جيان شرڪ کان پليو آهي، فالون، ٽوٽا، ڌورا، تعويذ، نجومي ۽ مرشدن جا عمل سندس موجب ته ايمان کي ڪمزور ۽ شيطانيت کي تقويت ڏيندڙ آهن، جن سان ماڻهو جي عمل، ناڪاره ۽ سست ٿي آسرن تي پيو خود کي ڦرائي ۽ ضايع ڪري، هُو سنڌي سماج کي باعمل، باهمت ۽ مضبوط ڏسڻ جو خواهان هو ۽ سنڌي قوم ۾ موجود ڪمزور ويساهن کي ختم ڪري ڪين يقين جي قوت ڏيڻ چاهيائين، جنهن جي لاءِ هن طنزيه ۽ مزاحيه انداز ۾ اصلاح ڪئي آهي، قرآن پاڪ جي سوره البقره ۾ آيل ڳئونءَ جي پوڄڻ وارو واقعو حضرت عيسيٰ عليه السلام جو ڦاهيءَ تي چاڙهڻ ۽ عالم الغيب خدا پاڪ کي نه مڃڻ ۽ انهيءَ جا دنيا ۽ آخرت جا نقصان ٿيڻ، شرڪ واري جي معافي قبول نه ٿيڻ، يا بقول ليکڪ (هِتي هُتي (دنيا ۽ آخرت) ۾ پوندا ڪاٺڙ) مطلب ته هن مختصر نانڪ ۾ ليکڪ هڪ وڏو ديني ۽ سماج سڌاري جو پيغام ڏنو آهي.

**ڏڪار**: هيءُ نانڪ ڏهن پردن تي مشتمل طنزيه ۽ مزاحيه آهي، جنهن ۾ لاهور ۽ حيدرآباد جا منظر پيش ڪيا ويا آهن. هي ون يونٽ جي دور جو ڊرامو آهي، جڏهن سنڌ کي 'سابق سنڌ' لکيو ويندو هو ۽ پنجاب حڪومت جي وزيرن ۽ سيڪريٽرين کي سنڌي اخبارون ترجمانن جي وسيلي پڙهڻ کان پوءِ به هتي جي حالتن جي ڪابه همدردي ۽ سمجهه نه هئي. هو ڏڪار کي 'ڊُڪار' ۽ پوءِ 'ڊڪار' ڪري وٺن ٿا. سندن موجب ته ڪين سخت بدهاضمو آهي. انهيءَ لاءِ ڪين هاضمي جون دوائون وڏي تعداد ۾ موڪليون وڃن. وزير به وزيرن ۽ سيڪريٽرين جي ميٽنگ ٿيندي آهي، جنهن ۾ اهو فيصلو ڪن ٿا ته ڏڪار تي هيترو پنج لک خرچ دوائن جي صورت ۾ ڪرڻ کان پوءِ به اخبارن جي اها ساڳي رڙ ڇو آهي؟ اهي حڪومت تي چٽر ڇو پيون ڪن؟

نيٺ ٽر مان مير حاجي محمد بخش صاحب اسلام آباد وفد وٺي مسئلو بيان ڪرڻ ويندو آهي، مير صاحب کي لاڳاپيل وزير هن ريت چوندو آهي:

**وزير**: خير اسين چئون 'ڊڪار' ۽اوهين چئو 'ڊُڪار'، ڳالهه ته ساڳي ئي. سنڌي ۽ پنجابي ڀيئي ٻوليون سنڌو درياهه جي پيدائش آهن، انڪري هڪجهڙيون آهن ۽ اسان جي تهذيب ۽ ثقافت سڀ هڪ آهي تڏهن ته اسان وادي مهراڻ جو اتحاد ون يونٽ بنايو، بس هڪ خدا، هڪ رسول، هڪ قرآن، هڪ ڪعبو، هڪ ون يونٽ." (ص 89)

مير صاحب: "جناب اوهان کي ڪنهن غلط معنيٰ ۽ مطلب ٻڌايو آهي، ڏڪار معنيٰ 'قحط' اُتي مينهن نه پوڻ سبب سخت قحط پيو آهي، پوکون نٿيون ٿين، گاهه ڪونهي اَناج ڪونهي." (ص 89)

بهرحال گهڻي هُل هلاچي ۽ اخباري آوازن ۽ وزيرن کي ڏڪار جو مفهوم سمجهائڻ بعد حڪومت ٽر ۾ ڏڪار ڊڪليئر ڪرائي حڪومتي امداد موڪلي.

آخر ۾ پردي جي پويان آواز اچي ٿو ته، "هاڻي سنڌ سجاڳ آهي، اهو ڏينهن پري نه آهي جو سنڌ غلاميءَ مان نڪري وري به پاڪستان جي نقشي تي هڪ خودمختيار صوبي جي حيثيت ۾ جلوه گر ٿيندي.

آزاد سنڌ زنده باد! سنڌ کي غلام بنائيندڙ مرده باد، سڀاڳهي سنڌ آباد! (ص 100 ) آخر ۾ شاهه لطيف جي سر سارنگ جي بيت سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار جون صدائون اچن ٿيون.

هن ناٽڪ معرفت سنڌ جي ڏتڙيل حالت ۽ خاص طور ون يونٽ جي خلاف ڏيپلائي صاحب آواز اُٿاريو، هُن ون يونٽ خلاف جيڪا ادبي مزاحمتي تحريڪ هلائي هيءُ ناٽڪ انهيءَ جو اهم حصو آهي. جنهن ۾ ليکڪ ڄاڻايو آهي تہ ون يونٽ جي ڄار کي پکيڙڻ لاءِ ڪيئن منهب جي آڙ ورتي ويئي ۽ 'عظيم پنجاب' سنڌ کي پنهنجي تسلط هيٺ رکڻ لاءِ ڪهڙا طريقا استعمال ڪيا، ڪيئن لاپرواهيون ڪري ڪين پريشانين جي ڪُن ۾ وڌو، هيءُ اهوئي دور هو جتان سنڌي قوم ۽ سنڌ لاءِ مسئلا پيدا ٿيا.

ڏيپلائي صاحب انهن مسئلن تي لکيو ۽ خوب لکيو، هو سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي قوم ۽ سماج جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جو خواهان هو.

**واپيئڙو:** چار ايڪٽن جو هيءُ ناٽڪ ڀُڄ ۽ ڪڇ جي علائقي جي مسجدن ۽ مندرن ۽ بازارن جي منظر جي ڏيکن تي مبني آهي، هن ناٽڪ وسيلي ناٽڪ نويس وحدانيت جي پرچار ڪئي آهي، هيءُ ناٽڪ هڪ بلڪل منفرد انداز ۽ ٻوليءَ ۾ پيش ڪيل آهي، ٿري ۽ ڪڇي ٻوليءَ جي ميلاپ سان لکيل هيءُ ناٽڪ سچن ۽ عبرت انگيز مڪالمن تي مشتمل آهي، جنهن جو اصل موضوع شرڪ کان بچاءُ، منهبي بحث مباحثن سان پيدا ٿيل نفرتن کي پنجو ڏيڻ آهي، هن ناٽڪ جي ٻولي کي قدر ڏکي آهي، ٻوليءَ جي سمجهڻ لاءِ ڏيپلائي صاحب شروع ۾ ڪجهہ هدايتون ۽ اشارا پڻ ڏنا آهن.

موضوع جي حوالي سان اهو چوندس تہ هن ناٽڪ ۾ ڏيپلائي صاحب مسلمانن ۽ هندوئن جي منهبي عقيدن ۾ مبالغہ آرائيءَ جي بيانن کي ننديو آهي ۽ غلط رسمن جي چنبڙاڻ ڪندي پنهنجو مؤقف واضح طور بيان ڪيو آهي، اهو ڄاڻايو اٿن تہ جهڙيءَ ريت مسلمان بادشاهہ پيرن جي ڪرامتن کي بيان ڪرڻ ۾ مبالغو ٻہ ڪٽهن ڪٽهن ڪن ٿا تيئن هندو ٻاوا سري مهاراج جي مندر ۾ پارپتي ديوي ۽ شري گنيش جي قصي ۾ وڌاءُ پڻ ڪن ٿا. 1939ع ۾ ٿر ۽ ڀڄ جي علائقن ۾ وهمن ۽ وسوسن ۾ جڪڙيل انسانن لاءِ هي وحدانيت جو اثر انگيز درس ليکڪ چواڻيءَ تہ هر دؤر جو آواز آهي، نثر جي حوالي سان هن ناٽڪ جي ٻولي ڪجهہ هنڌن رائج ڪتابي ٻوليءَ کان مختلف آهي، پر ناٽڪ نويسيءَ جي لحاظ کان جنهن علائقي ۽ ماحول جو نقشو چٽيو ويو، انهيءَ لحاظ کان هي مڪالما دل کي سيبائيندڙ ۽ اسٽيج تي پيشڪش ۾ وزنائتا آهن، جيئن مثال طور هيٺ هڪ حوالو ڏيان ٿي، انهيءَ جو رائج سنڌي ۾ مطلب پڻ پيش ڪيو اٿم.

**پرسومل:** قبلا سائين! ڪڇون نڪين پڇون، ني انتر مين پيا لڇون، آن مسلمانين ۾ واپي، ني اسان هنڌ وئين مين آريا سماجهي ٻنهي گڏجي ٻاءِ ڪٽي ٻاري آئي، ساري ملڪ مين فساد ڪٽي وڌائين."

(**پرسومل:** قبلا سائين! ڪڇون نڪي پڇون بس اندر ۾ پيا لڇون، اوهان مسلمانن ۾ وهابي تہ اسان هندوئن ۾ آريا سماجي ٻنهي گڏجي ڪٽي باهہ ٻاري آهي ساري ملڪ ۾ فساد ڪٽي وڌا آهن).

هيءُ ناٽڪ موضوع جي حوالي سان مضبوط، ماحول جي عڪاسيءَ ۾ وڻندڙ ٻوليءَ جي لحاظ کان خاص انهيءَ علائقن جي ٻولي سمجهندڙن کي گهڻو لطف اندوز ڪندو پر هڪ اهم موضوع تي لکيو ويو، جنهن ۾ انيڪ سهڻا پهاڪا چوڻيون ۽ ٻوليءَ جا مثال آهن، جيئن ٿوري ڪيتي گهڻي برڪت، انڌير نگري چرپٽ راجا، نڪا ڪئي هم نڪا تم ڪئي ۽ پيا آهن.

**مرزا غازي بيگ:** ٻن ايڪٽن تي مشتمل تاريخي موضوع جي اوٽ ۾ صحافتي آزادي ۽ پاسخاطريءَ لاءِ لکيل ناٽڪ آهي، جنهن ۾ ظالم حاڪم وٽ مظلوم عوام جي پڪار پهچايل آهي. قنڌار جي شڪارگاهہ ۽ مرزا غازي بيگ جي درٻار جا منظر ڏنل آهن.

مرزا غازي بيگ ڊرامو اڪبر بادشاهہ جي دور جي عڪاسي ڪري ٿو. هن دور ۾ سنڌ جي ڪجهہ حصي تي قنڌاري حاڪم مرزا غازي بيگ حڪومت ڪندو هو، جنهن جي ماتحتن ۽ عملدارن سنڌ ۾ ظلم جي بازار گرم ڪري ڇڏي هئي، هڪ باهمت شعر سرويچ سجاولي هن ظلم خلاف عام هنڌن تي شعر و شاعري ڪري اهي

ظلم وائکا ڪري ٿو، جنهن تي مرزا غازي بيگ جو ويجهو عملدار شهباز خان ڪيس مار ڪڍي ٿو. شاعر اها شڪايت مرزا وٽ روبرو کڻي ايندو آهي ۽ مرزا مرڳو ڪيس بغاوت جي الزام ۾ قيد ڪرائي سندس زبان ڪٽڻ جو حڪم ڏئي ٿو. شاعر کي زبان ڪٽجڻ کان اڳ آخري دفعو ڳالهائڻ ۽ خواهش ٻڌائڻ جو حڪم ڪيو ويندو آهي، جنهن تي هُو هڪ ڏکيي مسدس سوز ۽ وقار سان بادشاهه جي دربار ۾ پيش ڪندو آهي. انهيءَ مسدس ۾ بادشاهن کي ظلم کان پلڻ ۽ عوام جا سور ٻڌائڻ جي هدايت هجي ٿي، بادشاهه عادل هو. هُو متاثر ٿي سرويچ کي اعليٰ منصب ڏيندو آهي ۽ ڪيس هدايت ڪندو آهي ته منهنجي ملڪ ۾ جتي به ڪٿي ڪامورن جا ظلم ڏسين مون کي اطلاع ڏج تون باهمت، سچار آهين.

هن ڊرامي معرفت ڏيپلائي صاحب آگهي ڏني آهي ته سمجهدار حاڪم اهي آهن جيڪي ملڪ جي اديبن، عالمن، شاعرن ۽ مفڪرن کي مان ڏيندڙ آهن ڇو ته اهي انسان ذات جي ڀلي لاءِ ڪوشان هجن ٿا ۽ وقت جي حاڪمن کي آئينو ڏيکارين ٿا، سچ ۽ حق جي آواز کي دٻائڻ وارو حاڪم ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهندو. ماضي حال ۽ مستقبل جي ميلاپ سان هن ناٽڪ معرفت ملڪي انتظام سڌارڻ جي صلاح ليکڪ ڏني آهي 1962ع ۾ سرويچ سجاوليءَ جي ڏکيي مقبول مسدس ’عبرت‘ جون ۾ شايع ٿي جنهن کي ڪجهه ڦيرڦار سان ڏيپلائي صاحب هن ڊرامي ۾ آندو. هيءُ ڊرامو 25 آڪٽوبر 1965ع جي مسلمان اخبار ۾ شايع ٿيو هو. مسدس جو هڪ بند هيٺ ڏجي ٿو:

سلام ان کي ڏين ٿا سنڌي، سڀئي ساري، ٻڌو اي سائين،
سلام سان گڏ فغان ڪن ٿا، هنجون سي هاري، ٻڌو اي سائين.


گهٽائي حاڪم ڪنن کان ٻوڙا، اکين کان انڌا، زبان جا ڪوتا،
ڇئونِ سچ ٿا، لڳين مچ ٿو، ڪين ٿا هڪدم وڏا اکوتا،
ڪجي ته هاڻي ڀلا ڪجي ڇا، اهو ٻڌائي ٻڌو اي سائين،
چيو هي ’سرويچ‘ جو به جيڪي، لڙڪ وهائي ٻڌو اي سائين.

ڏيپلائي صاحب وقت جي آواز کي لبيڪ چوندڙ ليکڪ هو. هن هر ٻرندڙ مسئلي تي لکيو ۽ لکڻ مهل هن ڪڏهن به مصلحت کان ڪم نه ورتو، محمد ابراهيم جويو صاحب موجب ته ”نيڪي ۽ بديءَ جي دائمي جنگ ۾ ڏيپلائي صاحب رڳو قلم کان ئي ڪم نه ورتو، پر سندس زبان هن جهاد ۾ سندس قلم کان وڌيڪ مضبوط ۽ مستند رهي.“(7)

ڏيپلائي صاحب پنهنجي لکيل سڄي ادب ۾ هرهنڌ مضبوط ساڃهه وند ۽ بيدار رهيو. هُن مزاحمتي ادب تخليق ڪيو ۽ سماجي ڳُڙجن کي فوقيت ڏني، سنڌي سماج جي بنيادي مسئلن کي پرکيو پروڙيو ۽ عام جي اڳيان آندو، دنيا جي سماج جي مشترڪ قدر يعني انسانيت جي پرچار انساندات جو پلو اهوئي سندس لکڻين جو مقصد هو جو هن پنهنجي لکيل ناٽڪن ۾ پڻ واضح طور آندو آهي.

## حوالا:


1. ڏيپلائي، محمد عثمان، ’ناٽڪ‘ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، 1985ع، ص 24-25
2. ساڳيو حوالو، ص 47-48
3. ساڳيو حوالو، ص 57
4. ساڳيو حوالو، ص 65-67-71
5. ساڳيو حوالو، ص 100
6. جويو، محمد ابراهيم/ تاج جويو (ترتيب) ’انسان دوست اديب ۽ بيباڪ صحافي محمد عثمان ڏيپلائي‘، سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم، حيدرآباد، 2003ع، ص 299



**ڊاڪٽر مخمور بخاري**
هالا

# بيدل سائين جي ڪافيءَ جو فني جائزو

ڪنهن به شعري خيال جو اظهار ڪنهن نہ ڪنهن شعري هئيت ۾ ئي ٿيندو آهي. خيال پاڻ سان پنهنجو ظاهري ڍانچو/گهاڙيٽو به کڻي اچي ٿو. شعر چوندڙ کي ان لمحي ۾ ڪٿي خبر نہ به هجي تہ هو پنهنجي خيالن کي ڪهڙن شعري گهاڙيٽن ۾ اظهاري رهيو آهي، پر ان جي ادراڪ ۾ ڪهڙو ڪجهہ اڳ به موجود هوندو آهي. ڪنهن به شعري هئيت جي جڙڻ ۾ ان علائقي جي سياسي، معاشي، مذهبي ۽ سماجي حالتن جو عمل دخل ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هڪ فرد جو تعلق هر حال ۾ سڌي يا اڻسڌي طرح انهن حالتن سان آهي، جن جو اثر ان تي پوي ٿو. يعني هڪ فرد جي ذهني واڌ ويجهہ ۾ انهن حالتن جو به اهم ڪردار آهي. اهڙي طرح ڪنهن به شعري هئيت جي جڙڻ ۽ عام مقبول ٿيڻ ۾ ان جي ٻڌندڙن توڙي پڙهندڙ جي ذهني حالت، پسند ۽ ناپسند جو اهم ڪردار آهي. سنڌي، سرائڪي شاعريءَ ۾ ڪافيءَ جي صنف گهڻي عام مقبول رهي آهي، هن خطي جي تاريخ جا ورق ان ڳالهہ کي وزنائتو ثابت ڪن ٿا تہ "ڪافي" بنيادي طور هتان جي ڏُتڙيل، پيڙهيل ۽ حڪمرانن جي عوام دشمن پاليسين جي نتيجي ۾ ذهني خلفشار ۾ مبتلا ماڻهن جي لاءِ ذهني آسودگي جو سبب بڻي آهي، ڇاڪاڻ جو هي صنف گهڻي ڀاڱي ڳائي پيش ڪئي وڃي ٿي، يعني هن جو تعلق راڳداريءَ سان آهي، تنهن ڪري انساني نفسيات موجب جهونگار/ راڳ/ ساز انسان جي ذهن تي تکڙو ۽ جهجهو اثر پيدا ڪري ٿو. نثر جي ڀيٽ ۾ شعر وڌيڪ اثر ڪندڙ هوندو آهي، ڇاڪاڻ جو منجهس اجائي ڊيگهہ بجاءِ مختصر لفظن ۾ خيالن جي گهرائي تہ موجود هوندي آهي پر گڏوگڏ سندس آواز لسا، مترَ ۽ مترنم به هوندا آهن، جنهن ڪري شعر کي ساز جي ميلاپ سان جهونگاري سگهجي ٿو.

'ڪافي' سنڌي، سرائڪي شاعري جي هڪ عام مقبول صنف آهي، جنهن جي ڀرپور اپياس سان ان دؤر جي سياسي، معاشي، مذهبي ۽ اخلاقي حالتن کي به سمجهي سگهجي ٿو. هن صنف جو تعلق جيئن تہ سنگيت وديا سان آهي ان ڪري ان جي شاعرن ان ۾ ڪيترائي هيئتي تجربا پڻ ڪيا آهن، خاص طور قافيَن جي مٽ سٽ سان ان ۾ نوان نمونا به ايجاد ڪيا اٿن، جيڪي گهڻي ڀاڱي ڪامياب به ٿيا آهن. ڪافيءَ ۾ اهڙا هيئتي تجربا سڀ کان اول سچل سرمست ڪيا. هن مروج يڪي، ڏيڍي، ٻيڻي، ٽيڻي ۽ چئوٽي ڪافي جي گهاڙيٽن اندر قافيَن جي مٽ سٽ سان 68 کن نوان گهاڙيٽا قائم ڪيا، جن کي سندس دؤر ۽ ان کان پوءِ جي وقت جي شاعرن قبول ڪندي پنهنجي ڪافيءَ ۾ پڻ انهن نمونن کي اختيار ڪيو.

هنن صفحن ۾ سچل سائينءَ جي عقيدتمند فقير قادر بخش بيدل جي سنڌي، سرائڪي ڪافيءَ جي سمورن گهاڙيٽن کي پيش ڪنداسين ۽ گڏوگڏ اهو پڻ ڏسنداسين تہ بيدل سائين، سچل سائينءَ جي گهڙيل گهاڙيٽن مان خود ڪيترا اختيار ڪيا آهن ۽ ڪيترا گهاڙيٽا پنهنجي ڪافيءَ ۾ نوان گهڙيا آهن.

بيدل سائين، سرمست بادشاهہ جو وڏو عقيدتمند هو. درازي شاهہ جي رحلت وقت هو 14 ورهين جو هو، پر باوجود ان جي هن جيڪو اثر سچي سائينءَ جو ورتو اهو ايترو تہ گهرو آهي جو جڻ بيدل بادشاهہ جي فڪري تربيت ئي سچل جي نظر هيٺ ٿي آهي. اهي ئي رندي خيال، منصوري مام، روحاني راز، حق جو نعرو، مستي ۽ سرمستي، "حق موجود" جي حالت، انسانيت جي ڳالهہ، وطن سان پيار، پنهنجو مرتبو سڃاڻڻ جي تلقين جهڙا موضوع ۽ مضمون ٻنهي وٽ ساڳيا آهن. سچل سائين چئي ٿو:

نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار

بيدل بادشاهه ان ڳالهه کي وري هن طرح ٿو اچاري:

ٻانهپ ٻولي ناهه ڪا، نور آهيان نروار

سچل سائين:

ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي
مان جو ٿي آهيان، سو ٿي آهيان

بيدل سائين:

جو ٿي آهيان، سو ٿي آهيان، ٻول نه ٻيو ڪو ٻانيان

سچل سائين پنهنجي هڪ ڪافيءِ ۾ اظهاريو آهي ته: فقط هڪ ئي واحد آهي جيڪو هر جاءِ تي آهي، منصور ٻه ٻاڻ آهي ته ان کي مارڻ وارو به ٻاڻ! جيڪو ڪجهه آهي اهو سمورو هڪ جو ئي ڪيل آهي، ان ۾ ڪو ٻيو ئي نه ٿو سگهي. چئي ٿو:

جــيءَ آئــين ٻلــي آئــين، ڪهــن منــزل مــون ٻهچــائين تــون
ٿــو مــوٽي سِــرَ وڍائـين تــون

سرمد کي ڏيئي لت ڪُهائيءَ، سوريءَ تي منصور چڙهايئي
شــيخ عطــار جــو سِــر وڍايئــي، هيــڏي پنــڌ پُچــائين تــون

زڪريا کي ڪَرت چيرايئي، يوسف کي منجهه کوهه وجهايئي
شــمس مُلــن هٿــان مــارايئي، عاشــق ٿــو آزمــائين تــون

جٿيــو ڪُفــر صــعنان وجهــايئي، بُلــي شــاهه کــي ذبــح ڪرايئــي
جعفــر کــي دريــاءَ ٻــوڙائي، ڪِــن کــي پــار لنگهــائين تــون

گهــاٽي ۾ بــلاول پيڙايئــي، شــاهه عنايــت ميــدان مــارايئي
ڪرمــل کــي هــن حڪــم هلايئــي، ڦيــرؤ ڪَنــڌ ڪپــائين تــون

قاســم ڌُرن ســاڻ ســتايئي، موســيٰ کــي بــي سُــهاڳ وتــايئي
آڪيــداس تعزيــر ڏوائــي، ســو اچ ســاڳيو آهــين تـــون

ســچل ســنڌا پنــڌ پچــائي، گهوريــو پنهنجــو ســر گهُمــائي
انهــيءَ واري ڳالهــه ڳالهــائي، عاشــق ڏس آزمــائين تـــون

بيدل سائين ان خيال کي وري هوبهو سرائڪي ۾ پيش ڪيو آهي. چئي ٿو:

برهــــ ٻلـــي تـــون آئـــين، آءِ ويـــران وســـايوئي

ڪنــزاً مخفيــاً هــو مــدت، ان عــرف ڪــر خــوب مشــورت
بــــرزخ جــــامع وحــــدت ڪثــــرت، واه انســــان بنــــايوئي

آدم نـــو عتـــاب ڏيوايـــوءِ، اس نـــون زورا زور رُوايـــو
ڪس نــون طــور طوفــان ويکايوءِ، ڪس نــون اگــن ســتايوئي

نـال يعقـوب ڪيـا ڪيـتوءِ آخـر، يوسـف ملهـہ وڇـايوءِ بـازر
يـونس نــون گهــت مڇــيءَ انــدر، ســبحانڪ پڙهـــايوئي

ذڪريـا نــون زور وڪـايوءِ، مــر يحــيٰ معصــوم کهـايوءِ
ڪـڏا ايـوب نـون ڪـرم پڇـايوءِ، ڪـڏا جـر جـيس جلايـوئي

ارنــي ارنــي موســيٰ کهنــدا، لَــن ترانــي ســوزش ســهندا
روح الله فلــڪ تــي رهنــدا، احمــد ســر ســمجهايوئي

ميـر حسـن نـون زهـر پلايـوءِ، شـاهہ حسـين شـهيد ڪرايـوءِ
عابـد ڪنـون خـوب آب وهـايوءِ، صـابر سـتر سـهايوئي

ڪــٿ آکينــدائين اعظــم شــاني، ڪٿــان انــاالحق عيــاني
قــم بــاذني رمــز ربــاني، آک مويــا نــون جيويــائي

سوين هزارين گذر گئي غازي، سڀ دي نال تو کيلي بازي
ڪتــي موحــد ڪتــي مجــازي، هــر هــڪ نــال نيــايوئي

بيـدل نـال تـو لاتـي يـاري، شـڪر ڪرينـدا سـؤ سـؤ واري
منگــدا تــو ڪنــون مــدد ڪــاري، شهنشــاهہ ســڏايوئي

هنن ٻنهي شاعرن جي وچ ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي هڪجهڙايون موجود آهن، پر اڄ منهنجو اهو موضوع ناهي. هت فقط اهو ڏسڻ چاهيان ٿو تہ بيدل سائين سنڌي، سرائڪيءَ ۾ چيل پنهنجي ڪافيءَ جي گهاڙيٽن ۾ ڪهڙي ۽ ڪيئن تبديلي آندي آهي. ڇاڪاڻ تہ ذڪر هيٺ سموري دؤر ۾ ڪافيءَ جو هي ٽيون وڏو شاعر آهي، هن کان پهرين جهجهي تعداد ۾ سنڌي سرائڪي ڪافي سچل سائين ۽ نانڪ يوسف جي ملي ٿي، جيڪا فني فڪري حوالي سان بہ اهم آهي. هن کان پهرين درازي شاهہ جي ڪافيءَ جو فني جائزو آئون پنهنجي پي. ايڇ. ڊي ٿيسز ’سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر‘ ۾ وٺي چڪو آهيان، ۽ فڪري اپياس هڪ ٻئي مقالي: ’سچل سرمست جي ڪافيءَ جو پنهنجي دؤر جي حالتن ۾ اپياس‘ جي سري هيٺ ڪري چڪو آهيان. ڊاڪٽر تنوير عباسي جي ترتيب ڏنل نانڪ يوسف جي رسالي جي نئين ڇاپي وقت ضميما تيار ڪندي فقير سائينءَ جي ڪافيءَ جي فني ۽ فڪري اڏام جا ڪيترا ئي حوالا محفوظ ڪيا اٿم، جنهن بابت ڪنهن ٻئي محفل ۾ گفتگو ڪبي، اڄ هت بيدل سائين جي ڪافيءَ ڏانهن هلؤن ٿا.

سچل سرمست جي سنڌي سرائڪي زبان ۾ چيل يڪي ڪافي ۾ ارڙهن، ڏيڍي ڪافي ۾ پنڌرهن، ٻيٽي ڪافي ۾ ارڙهن، اڍوٽي ڪافي ۾ ٽي، ٽيٽي ڪافي ۾ ست، چئوٽي ۽ پنجوٽي ڪافي ۾ هڪ هڪ نمونا ملن ٿا تہ گڏوگڏ سرمست سائين جهولٽي ڪافيءَ جا بہ پنج نمونا جوڙيا آهن، جڏهن تہ بيدل سائين وٽ اسان کي يڪي ڪافي جا چوڏهن، ڏيڍي ڪافي جا چوڏهن، ٻيٽي ڪافيءَ جي ايڪيهہ، اڍوٽي ڪافيءَ جو هڪ، ٽيٽي ڪافيءَ جا ٽي ۽ چئوٽي ڪافيءَ جو فقط هڪ گهاڙيٽو نظر اچي ٿو. جن مان ٻارهن نمونا ساڳيا سچل سائينءَ جي ڪافيءَ وارا آهن ۽ باقي 49 نمونا بيدل سائين جا پنهنجا جڙيل آهن.

بيدل سائينءَ جون ڪافيون سترهن مختلف سُرن ۾ چيل آهن، جن ۾ روپ جهنگلي ۾ 42، بروي ۾ 35، بلاولي ۾ 62، آسا ۾ 16، سسئي ۾ 17، ديسي ۾ 5، سارنگ ۾ 9، پورب ۾ 8، جوڳ ۾ 56، نٽ ڪلياڻ ۾ 13،

ڪامود ۾ 14، بهاڳ ۾ 2، سهڻيءَ ۾ 7، بسنت ۾ 12، هوريءَ ۾ 1، گنوري ۾ 3 ۽ مالڪوس ۾ 6 سنڌي سرائڪي ڪافيون شامل آهن.

سُرن جي ترتيب ۾ سهڻي ۽ هوري جو بہ ذڪر اچي ٿو. ان بابت محترم اختر درگاهي لکي ٿو: "سسئي ۽ هوري راڳ يا راڳڻيون ناهن، سسئي هڪ داستان جو نالو آهي، جڏهن تہ هوري موسيقيءَ جي هڪ صنف آهي جيڪا ڏرپد جو هڪ قسم آهي جنهن ۾ شري ڪرشن مهراج جي زندگيءَ جي رومانوي پهلوءَ کي اجاگر ڪيو ويندو آهي، بيدل سائينءَ بہ صرف هڪڙي ڪافي هوري روپ ۾ چئي آهي جنهن ۾ پڻ پوربي ۽ سرائڪي ٻولين جا آميزش سان شري ڪرشن مهراج جو عشقيہ بيان ڪيو اٿائين.... بيدل سائين جي رسالي ۾ شامل 17 سُرن راڳ راڳڻين مان 11 سُر شاهہ لطيف جي رسالي وارا ۽ 16 سُر سچل سائين جي ڪافين وارا آهن، جڏهن تہ بيدل سائين هڪڙو راڳ نئون متعارف ڪرايو آهي، جيڪو آهي "نٽ ڪلياڻ". (بيدل سائين جو رسالو، ص123).

بيدل سائين جي ڪافين جي گهاڙيٽن جي اڀياس لاءِ مانواري اختر درگاهي جي ترتيب ڏنل "بيدل سائينءَ جو رسالو" (2011) کي اڳيان رکنداسين. هن رسالي ۾ سائينءَ جون ڪل 317 ڪافيون شامل آهن. جنهن مان 87 ڪافيون سنڌيءَ ۾ آهن. هن هيٺ هاڻ اسان بيدل سائينءَ جي انهن سمورن ڪافين جي گهاڙيٽن جو تعارف سندس شعري مثالن سان پيش ڪنداسين:

**ڪافي پهرين:**

هن قسم جي ڪافين ۾ اڪثر ٿلهہ ۽ بند ٻن پدن ۽ هڪ هڪ سٽ جا ٿين ٿا. بيدل سائين ڪافيءَ جي هن عام مروج گهاڙيٽي ۾ ٿلهہ ۽ بندن جي قافين ۾ مٽ سٽ سان چوڏهن ڪن نمونا جوڙيا آهن:

1. هن قسم جي ڪافين جو ٿلهہ توڙي بند ٻن ٽڪن ۽ هڪ سٽ جو آهي، ٿلهہ ۽ بند جي ٻئي پد ۾ قافيو آيل آهي.

ٿلهہ: تون تہ اهو ساڳي آهين، ذات مقدس پاڪ

بند: مار نغارو وحدت وارو، بيدل ٿي بيباڪ

رسالي ۾ موجود ڪافي نمبر: 1، 2، 3، 15، 23، 24، 26، 27، 28، 29، 30، 38، 45، 48، 58، 59، 60، 69، 72، 93، 98، 101، 103، 107، 108، 109، 111، 112، 115، 119، 120، 121، 122، 123، 125، 128، 130، 131، 132، 147، 149، 150، 157، 161، 163، 167، 171، 173، 178، 180، 186، 188، 189، 196، 205، 209، 228، 229، 230، 231، 235، 236، 237، 245، 252، 254، 256، 261، 262، 263، 267، 268، 269، 270، 271، 272، 275، 277، 278، 279، 282، 283، 285، 288، 291، 292، 303، 305، 308، 311 ۽ 317 هن گهاڙيٽي تي چيل آهن. هي گهاڙيٽو سچل سائين جي سنڌي سرائڪي ڪافي ۾ پڻ ملي ٿو. هن گهاڙيٽي تي چيل ڪافي 119، 120 ۽ 121 ۾ قافين جو تڪرار ڪافي ۾ هڪ لئہ پيدا ڪري ٻنهہ خوبصورتي پيدا ڪيو بيٺو آهي. مثال طور:

عشق لڳا سانون، مايا مايا مايا

عشق دا مهٺا وچ سيالين، چم اسان سر چايا چايا چايا
چاڪ سڏاوڻ، ذات چپاوڻ، بيدل يار دا رايا رايا رايا
(ڪ: 119)

سهڻي اڳون ساڏي آزي، آزي آزي
روز ازل ڪنون روح اساڏا، رمز انهي وچ راضي، راضي راضي
راهہ انهي وچ ڪلندي ڪيلن، سالڪ سر دي بازي، بازي بازي
(ڪ: 121)

2. هن نموني جون ڪافيون اڳين ڪافين جهڙيون آهن، فرق فقط ايترو آهي تہ هنن ۾ قافيي ڪان پوءِ رديف آندل آهي. مثال:

راءِ پنهنجـــي يـــار پيـــارو، آيـــو هـــن اســـرار ۾

معنيٰ ملڪ ڪؤن آيو سهڻو، صورت جي سنسار ۾

رسالي ۾ ڪافي نمبر: 14، 61، 62، 84، 86، 87، 97، 190، 191، 195، 197، 198، 201، 202، 221، 222، 266، 302، 304، 306، 307 ۽ 316 هن گهاڙيٽي تي چيل آهن.

3. هن قسم جي ڪافين جو نمونو اڳئين ڪافيءَ جهڙو آهي فرق فقط اهو آهي تہ هن جو ٿلهہ هڪ پد ۽ هڪ سٽ وارو آهي جنهن ۾ رديف پڻ آيل آهي. رسالي ۾ فقط اها هڪ ئي ڪافي شامل آهي. سچل سائين وٽ پڻ اهڙو نمونو ملي ٿو. مثال:

عشق دي لڳڙي تار مينون

باغ بسنت بهار بيرنگي، ڪليا گل گلزار مينون

(ڪ: 99)

4. هن قسم جي ڪافين جو ٿلهہ توڙي بند ٻن پدن ۽ هڪ سٽ وارو آهي. ٿلهہ جو پهريون پد ۽ بند جو ٻيو پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن. مثال:

آيو پهري ويس، صورت جو بيـــرنگ نيـــارو

ذات چپاوت لوڪ پلاوت، لالن ڪيڙو لبيس

ڪافي نمبر: 21، 25، 36، 39، 40، 46، 47، 51، 53، 56، 57، 63، 64، 65، 66، 76، 77، 79، 88، 91، 92، 104، 106، 113، 114، 116، 117، 126، 136، 151، 152، 153، 165، 172، 175، 181، 182، 183، 192، 193، 194، 217، 223، 233، 251، 265، 276، 284، 290، 295، 301 ۽ 310 هن گهاڙيٽي تي چيل آهن. هن قسم جون ڪافيون سچل سائين جون بہ ملن ٿيون.

5. هن نموني جي ڪافيءَ جو ٿلهہ توڙي بند ٻن پدن ۽ هڪ سٽو آهي. ٿلهہ جو پهريون ٻيو ۽ بند جو ٻيو پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن. مثال:

صورت حق دي هي انسان، اسم جسم دا چوڙ گمان

اپنـــي شوقؤن يـــار سڏاوي، نالا هنـــدو مسلمـــان

رسالي جون ڪافيون نمبر 129، 138 ۽ 219 هن گهاڙيٽي تي چيل آهن. هن قسم جون ڪافيون سچل سائين وٽ بہ ملن ٿيون.

6. هن قسم جي ڪافين جو ٿلهہ ڏيڍو آهي جنهن جا ٽي پد آهن جڏهن تہ بند ٻن پد هڪ سٽ وارو آهي، ٿلهہ جي وراڻي يعني ٽيون پد بند جي ٻئي پد سان هم قافيہ آهي. مثال:

رڪندي خون ڪرڻ دا رايا، ڪرندي ساهہ گهنڻ دا سعيا

چشما ڪـــرڙي چال

ناوڪ نـــاز دا لڳـــڙا سانون، چڪ ڳئـــي قيـــل مقـــال

رسالي ۾ ڪافي نمبر: 127 ۽ 187 هن گهاڙيٽي تي چيل آهي. سچل سائين جون پڻ اهڙيون ڪافيون ملن ٿيون.

ڪٿ ڪا پنڇي ساچ کهو تم
ايهان سون ڪيوين ڪر آئي هو

عرش اوپر آشيان تمهارا، ڪونسي دام ڦسائي هو

13. هن نموني جي ڪافين جو ٿلهه چئن پدن ۾ ٻه سٽو ۽ بند ٻه پد هڪ سٽو آهي. ٿلهه جو پهريون، ٽيون ۽ بند جو ٻيو پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن جڏهن ته ٿلهه جو ٻيو ۽ چوٿون بند پاڻ ۾ هم قافيه آهن. رسالي ۾ اهڙيون ٻه ڪافيون 146 ۽ 286 نمبر تي رکيل آهن. مثال:

جسم دي پول نه پلين، تونهين روح روحاني
جسم دي پول نه پلين، تونهين نور نوراني

جسمئون ڌار تون ڀهون گذاريا، چول اڳي وانگين چلين

هن ڪافي جي خوبصورتي ان جي ٿلهه ۾ سمايل آهي. اهڙي قسم جا ٿلهه بيدل سائين جي ٻين ڪافين ۾ پڻ آيل آهن.

14. رسالي ۾ 78 نمبر تي رکيل هي ڪافي پڻ اڳيئين ڪافي جهڙي آهي فرق فقط اهو آهي ته ٿلهه جي ٻئي ۽ چوٿين پد ۾ قافيي کان پوءِ رديف آيل آهي. مثال:

عشق سندو آثار نه ڪي ڳجهو رهندو
برهه سندو بيمار نه ڪي ڳجهو رهندو

شوق جو شعلو قولڙن فعلون نت ٿيندو نروار

**ڏيڍي ڪافي:**

ڪافيءَ جي هن مروج گهاڙيٽي جو بند ڏيڍو ٿيندو آهي جڏهن ته ٿلهه جون مختلف شاعرن مختلف صورتون جوڙيون آهن. بيدل سائينءَ جي ڪلام ۾ اسان کي ڏيڍي ڪافي ٻه جهجهي تعداد ۾ ملي ٿي جنهن جي ٿلهه جي پدن ۽ سٽن ۾ توڙي ٿلهه ۽ بند جي قافين جي مٽ سٽ سان ڪيترائي نوان نمونا جوڙيا آهن.

1. هن قسم جي ڪافين جا ٿلهه ٻه پد هڪ سٽو ۽ بند ٽن پدن وارو ڏيڍ سٽو ٿئي ٿو. ٿلهه جو پهريون پد بند جي ٻئي پد سان ۽ ٿلهه جو ٻيو پد بند جي وراٽي يعني ٽئين پد سان هم قافيه آهي. مثال:

آءُ پلي يار آئين، وڳو ڍڪي انساني
آئي تنهنجي ٽيون سرهايون، سهسين رنگ سمائين
جوءِ وسائي جاني

رسالي ۾ شامل ڪافي نمبر: 22، 70، 71، 102، 110، 246، 257، 258، 259، 260، 264، 287، 293، 296 ۽ 309 هن گهاڙيٽي تي چيل آهن.

2. هن قسم جي ڪافي به اڳيئين ڪافيءَ جهڙي آهي. جنهن جي ٿلهه جي ٻئي پد ۽ وراٽي ۾ قافيي کان پوءِ رديف آيل آهي. مثال:

هوت سگهي لهه سار، اچي سڪائين جي

رائي رُج ۾ رس ڪوهيارل، آءُ ٻڌي ٻاڪار
پنهنجي اڄاين جي

هن قسم جون ڪافيون رسالي ۾ 49، 52، 55، 67، 68 ۽ 91 نمبر تي رکيل آهن.

3. هن قسم جي واحد ڪافيءَ جو نمونو به اڳيئين ڪافيءَ جهڙو آهي. فرق فقط اهو آهي ته هن ۾ قافين سان گڏ رديف به شامل آهي. مثال:

اچي پياسي اسي يار، محبت جي مهرياڻ ۾

ڪيلي عشق اروپ جي بازي، لڪيون چپيون دل ڪسي يار
صورت جي سامان ۾
(ڪ: 50)

4. رسالي ۾ شامل ڪافي نمبر 247 جو نمونو پڻ اڳئين ڪافين جهڙو آهي جنهن ۾ فرق فقط اهو آهي ته ٿلهه جي ٻئي پد ۽ بند جي وراڻيءَ ۾ آيل قافيو ٻيهر دهرائجي ٿو جنهن ڪري هن ڪافيءَ ۾ موسيقيت ۽ لئه ڪجھ سرس نظر اچي ٿي. مثال:

نين لڳي رانجهو نال سنئيان، عشق ٻڳي سڀ اولي اولي
ذات صفات هڪا جا ڪيتي، وحدت والي خيال سنئيان
ڳئي دوئي دي ٻولي ٻولي

5. رسالي ۾ شامل ڪافي نمبر 220 جو ٿلهه ٻه پد هڪ سٽ ۽ بند ٽن پدن وارو ڏيڻو آهي. ٿلهه جو پهريون پد بند جي وراڻيءَ سان هم قافيه آهي جڏهن ته بند جو پهريون ۽ ٻيو پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن هر بند جا قافيه جدا جدا آهن. مثال:

اپنا پيد ڪين پاوءِ، ڏوهان دا پيد تو پايا

عرش آڪاس جڳت پاتالين، تو وچ جي تون آپ سنڀالين
رهين جڳت سماءِ

6. هن قسم جي ڪافين جو نمونو ٻه هوبهو مٿئين ڪافيءَ جهڙو آهي فقط ٿلهه جي پهرين پد جي بجاءِ ٿلهه جي ٻئي پد ۾ آيل آهي. رسالي ۾ ڪافي نمبر 94، 95، 124، 135، 162، 177 ۽ 232 هن نموني جون آهن. سچل سائين وٽ پڻ اهڙي ڪافيءَ جو نمونو ملي ٿو. مثال:

چلو ري سنئيان چرچا ويکين، آپ چمن مين آيا

آيا شاهه حسن دا جاني، باغ صفاتي وچ سيلاني
رانجهن پيا ڪو رايا

7. ڪافي نمبر 148 جو نمونو ساڳئي مٿئين ڪافيءَ جهڙو آهي فقط ٿلهه جي ٻنهي پدن ۾ قافيو آيل آهي. مثال:

شاهه دريا لهر وچ آيا، بيرنگي وچئون رنگ بنايا

موج مهيت دي ڪيتا پسارا، اندر باهر يار نيارا
آپ وچ آپئي آپ سمايا

8. هن ڪافيءَ جو نمونو 6 نمبر واري نموني جهڙو ئي آهي. فرق فقط اهو آهي ته هن جي هر بند جو ٻيو پد پاڻ ۾ هم قافيه آهي. رسالي ۾ شامل ڪافي نمبر 105 ۽ 238 هن طريقي جون آهن. مثال:

معشوقان دي مار، عام ڪيا چاڻن

خلعت عشق دي پهرن خاصي، شاهه حسن دا شان
صحيح سڃاڻن

9. رسالي ۾ شامل ڪافي نمبر 94 جو گهاڙيٽو مٿي بيان ڪيل 6 نمبر وارو ساڳيو آهي. جنهن ۾ فقط ٿلهه جي ٻئي پد ۽ وراڻي جي قافيي ڪان پوءِ رديف آيل آهي.

10. رسالي ۾ شامل ڪافي نمبر 273 ۽ 274 جو ٿلهه ٻه پد هڪ سٽ ۽ بند ٽن پدن وارو ڏيڻو آهي. ٿلهه جي پهرئين ۽ بند جي ٻئي پد ۾ قافيي سان گڏ رديف به آيل آهي جڏهن ته ٿلهه جو ٻيو پد بند جي وراڻيءَ سان هم قافيه آهي. مثال:

نين لڳي نروار ڙي سئيان، عشق دا مهڻان سر تي چئسان

پار چناهان رانجهو وسدا، ڪوڪان مين او وار ڙي سئيان
رين انڌيري مين ٻيلي ويسان

11. رسالي ۾ شامل ڪافي نمبر 143 جو ٽلهه توڙي بند ڏيڍو آهي. ٽلهه جي پهرين سٽ ۾ هڪ پد ۽ ٻئي سٽ ۾ ٻه پد آيل آهن ٽلهه جو ٽيون پد بند جي وراڻي سان هم قافيہ آهي. جڏهن تہ بند جو پهريون ۽ ٻيو پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن ۽ هر بند جا قافيہ الڳ آهن. مثال:

من تن لڳن لڳي ڳنئيان دليان
هڻ ول نهين وليا، ڪون انهان موڙي

صورت دا سنيگار ڪريندي، آکي دليان وچ آپ ڪويندي
جنهان دي گهوري ڪوري

12. رسالي ۾ موجود ڪافي نمبر 249 ۽ 250 جو ٽلهه هڪ پد ۽ ٻن سٽن وارو آهي. جڏهن تہ بند ڏيڍو اٿس. ٽلهه جو پهريون پد بند جي ٻئي پد سان هم قافيہ ۽ ٽلهه جو ٻيو پد بند جي وراڻيءَ سان هم قافيہ آهي. هن ڪافيءَ جو حسن قافين جي تڪرار ۾ سمايل آهي. مثال:

مين تہ نڪارڻي آهيان آهيان
رانجها تون بخش گناهہ
هير نماڻي عيبن هاڻي، پلئہ تساڏي پئيان پئيان
تخت هزاري دي شاهہ

13. ڪافي نمبر 244 ساڳي مٿئين ڪافيءَ جهڙي ئي آهي پر ان ۾ قافين جو تڪرار نہ آهي.
14. رسالي ۾ موجود ڪافي نمبر 248 جو ٽلهه هڪ پد ۽ ٽن سٽن وارو آهي. جڏهن تہ بند ڏيڍ سٽو آهي. ٽلهه جي پهرين پد جي اڌ تي قافيو آيل آهي جيڪو بند جي وراڻيءَ سان هم آواز آهي. ٽلهه جا باقي ٻہ پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن ۽ بند جو پهريون ۽ ٻيو پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن هر بند جا قافيا علحده آهن. هن ڪافيءَ جو ٽلهه بنهہ منفرد آهي. مثال:

مين تہ سيلاڻڻ ٿيان جوڳي دي نال
اکيان ڪنيان نون ڪون بچاوي
اکيان ڦٽيان نون ڪون چٽاوي
جوڳي تخت هزارئون آيا، مرلي انهين دي شور مچايا
لنئيان برهہ ديان ٻهيان

**ٻيٽي ڪافي:**

ڪافيءَ جي هن مروج گهاڙيٽي جا بند چئن تڪن ۽ ٻن سٽن جا ٿيندا آهن جڏهن تہ مختلف شاعرَ ان جي ٽلهہ ۾ تبديليون ڪندا رهندا آهن. بيدل سائين جي سنڌي سرائڪي ڪلام ۾ ٻيٽي ڪافيءَ جا ڪيترائي نمونا ملن ٿا.

1. ڪافي نمبر 35، 81، 89، 90 ۽ 169 جو ٽلهه ٻن پد هڪ سٽ وارو ۽ بند چئن پدن ٻن سٽن وارو آهي. ٽلهه جو ٻيو ۽ بند جو ٻيو ۽ چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن. مثال:

حسن بسنت بهار بيرنگي، چمن ڪليا چوڌاري

نقش نگار عجائب ٻٽيا، هار سينگار هزاري
گلبدن گلزار مين آيا، هر جا ٿي هُبڪاري

2. ڪافي نمبر 43، 44 ۽ 216 جو ٽلهہ ٻن پد هڪ سٽ وارو ۽ بند چار پد ٻن سٽن وارو آهي. ٽلهہ جو پهريون، ٻيو ۽ بند جو چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن جنهن سان رديف پڻ آيل آهي. جڏهن تہ بند جو پهريون، ٻيو ۽ ٽيو پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن. هر بند جو قافيو جدا آهي. سچل سائين وٽ پڻ اهڙي قسم جون ڪافيون ملن ٿيون. مثال:

نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي، سڪ رمز وجود وڄاوڻ دي

اکران دي وچ جوئي اڙيا، عشق دي چاڙهي مول نہ چڙهيا
اثباتي دا علم جو پڙهيا، موج انهين سر ساوڻ دي

ڪافي نمبر 298 ۽ 299 جي ٽلهہ ۽ بند جي چوٿين قافيي سان گڏ رديف آيل نہ آهي.

3. ڪافي نمبر 166، 168، 170، 179، 199، 200 ۽ 211 جو نمونو مٿين ڪافين جهڙو ئي آهي. فرق فقط اهو آهي تہ قافيو رڳو ٽلهہ جي پهرين پد ۾ آيل آهي.

4. ڪافي نمبر 159 ۽ 218 مٿين ڪافين جهڙيون آهن جنهن ۾ فقط قافيو ٽلهہ جي پهرين پد جي بجاءِ ٻئي پد ۾ آيل آهي.

5. رسالي ۾ موجود ڪافي نمبر 133، 134 ۽ 141 جو ٽلهہ ٻہ پد هڪ سٽو ۽ بند ٽئن پدن ٻن سٽن جو آهي. ٽلهہ جو پهريون پد ۽ بند جو ٻيو ۽ چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن سچل سائين وٽ بہ هن قسم جون ڪافيون ملن ٿيون. مثال:

رک تون سرت سڄاڻ، تہ تون ماهر ٿيوين

معنيٰ مين محبوب اسان نون، ڪئي هي بات بيان
هي جڳ سارا ظهور همارا، غير دا چوڙ گمان

6. ڪافي نمبر 239، 240 جو ٽلهہ ٻہ پد هڪ سٽو ۽ بند ٽئن پدن ٻن سٽن وارو آهي. ٽلهہ جو ٻيو ۽ بند جو ٻيو ۽ چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن ۽ رديف ساڻ اٿن. مثال:

رانجهو نال مين تخت هزار ويسان، هڻ ٽنيان جهنگ سيال ڪنون

جنهن دي شوق چڙايا روح ساڏا، اهين ڪثرت والي ڪشال ڪنون
تنهن دي نينهن دا نت نباهہ منگان، دل چاتم ملڪ مال ڪنون

7. ڪافي نمبر 297 جو ٽلهہ هڪ پد هڪ سٽ وارو ۽ بند هڪ پد ٻن سٽن وارو آهي. ٽلهہ ۽ بند جي ٻئي پد ۾ قافيو ۽ رديف آيل آهي. سچل سائين وٽ پڻ اهڙيون ڪافيون ملن ٿيون. مثال:

سنئيان ويکو رنگ پياري دا
کيهي ڪيهي عجائب آکان
شاهن شاهہ نياري دا

8. ڪافي نمبر 83 جو ٽلهہ ٻہ پد هڪ سٽو ۽ بند چار پدن وارو ٻہ سٽو آهي. ٽلهہ جو پهريون ۽ بند جو چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن ۽ رديف بہ شامل آهي. بند جو پهريون ٻيو ۽ ٽيون پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن. مثال:

رمز چوان يا مام چوان، گهور سڄڻ جي هزارين گهايا

رخ سڄڻ جو گل گلابي، بلبل ويک ٿيوي بيتابي
نرگس چمشان نين شرابي، چشم چوان يا بادام چوان

9. رسالي ۾ شامل ڪافي نمبر 142 ۽ 144 جو ٽلهہ ٻہ پد هڪ سٽو ۽ بند چار پد ٻہ سٽو آهي. ٽلهہ جو پهريون ۽ بند جو ٽيون پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن ۽ ٽلهہ جو ٻيو ۽ بند جو چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيہ ۽ هر بند جو پهريون ۽ ٻيو

پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن. هن ڪافيءَ ۾ موجود ٽلهہ جي پهرين ۽ بند جي ٽئين پد وارو قافيوٽلهہ جي ٻئي ۽ بند جي چوٿين پد جي پهرين لفظ طور ٻيهر اچاريو ويو آهي، جيڪا بيدل سائينءَ جي ڪافيءَ جي قافين جي هڪ نرالي خصوصيت ڳڻي سگهجي ٿي. مثال:

وهہ نور عجب جيهي ٽرندي، ٽرندي سي مول نہ مڙندي

بيدل برهہ جنهان چم چاتا، سوز گداز دا قدر سڃاتا
يار سر نيزي اوهي ٽرندي، ٽرندي وچ لهرين لڙهندي

10. ڪافي نمبر 215، 289 ۽ 294 هوبهو مٿين ڪافين جهڙيون آهن. جنهن ۾ اڳين ڪافين جيان قافين جو ورجاءُ آيل نہ آهي.

11. ڪافي نمبر 75 جو ٽلهہ ٻہ پد هڪ سٽ وارو ۽ بند چار پد ٻن سٽن وارو آهي. ٽلهہ جو پهريون ۽ ٽيون پد پاڻ ۾ هم قافيہ ۽ ٽلهہ جو ٻيو ۽ بند جو چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن. مثال:

دم دم دلبر ڪاڻ، سڪ سهڻي کي سير گهڙڻ جي

ميهر ڪاڻ سهڻي مستاني، سرڪي پيتائين سهيون سڃاڻي
ڄاڻي ٿو رب ڄاڻ، مسيخ لڳي هس مرڻ جيئڻ جي

12. ڪافي نمبر 12 جو ٽلهہ ٽن پدن وارو ڏيڍو ۽ بند ڇهن پدن وارو ٽِنو آهي. ٽلهہ جو ٻيو ۽ بند جو چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن. مثال:

سر حقيقت وارو، سالڪ ڪو سمجهي
راز رباني وارو

آهہ ظهورو حسن جو هر جا، هر سو در هر شي
معنيٰ انهيءَ مام جي، پاڻ نہ ڪو پرجهي

13. هن قسم جي ڪافين جا ٽلهہ ۽ بند چار چار پد ۽ ٻن ٻن سٽن وارا آهن. ٽلهہ توڙي بند جو ٻيو ۽ چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن. رسالي ۾ 9، 10، 11، 13، 16، 18، 82، 160، 174، 204، 207، 212 ۽ 312 نمبرن تي رکيل ڪافيون هن نموني جون آهن جيڪي غزل جهڙيون لڳن ٿيون. مثال:

جوشئون جلائي جسم کي، جيءَ ۾ کي پائج جهاٽڙيون
ريءَ درد سپ ڳالهيون ڦڪيون، وهہ واهہ برهہ جون باٽڙيون

جي تو طلب تڪرار آ، گونڌر گذارج راتڙيون
تو سر سگهو ٿيندين ادا، بيشڪ برهہ برساتڙيون

هن ڪافيءَ ۾ تصغيريت جو بهترين مثال موجود آهي. ٻيا قافيا اٿس لاتڙيون، اِثباتڙيون، درجاتڙيون ۽ تاتڙيون.

14. ڪافي نمبر 4، 5، 6، 7، 8، 17، 37، 43، 85، 118، 156، 206، 224 ۽ 313 مٿين ڪافين جهڙيون آهن جنهن ۾ فقط قافيي کان پوءِ رديف آيل آهي.

15. ڪافي نمبر 281 مٿين ڪافين جهڙي آهي. فقط ٽلهہ هڪ پد ۽ ٻن سٽن جو اٿس جنهن ۾ قافيو ٽلهہ جي ٻئي پد ۾ آيل آهي.

16. رسالي ۾ شامل ڪافي نمبر 210 مٿين ڪافين جهڙي آهي. فرق فقط اهو اٿس تہ هن جي بند جو پهريون ٻيو ۽ ٽيو پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن جڏهن تہ هر بند جا قافيہ جدا آهن. مثال:

محبت دي مار اوکي، سمجهن کڏان سياڻي
عشق دي چال الٽي، قاضي ملان کيا جاڻي

ملان پڙهن ڪتابان، مسئلا ڏسن شتابان
سڀ عمر وچ حجابان، غافل دي ڏينهن وهاڻي

17. ڪافي نمبر 74 جو نمونو هوبهو مٿين ڪافين جهڙو آهي. فرق فقط اهو آهي ته هن جي ٿلهه جو پهريون ۽ ٽيو پد هم قافيه پڻ آهن.

18. ڪافي نمبر 145 ۽ 155 اڳ ڄاڻايل 14 نمبر ۾ آيل گهاڙيٽن جهڙيون آهن فقط بند جو پهريون، ٻيو ۽ ٽيو پد پاڻ ۾ پڻ هم قافيه آهن. مثال:

تيري ليئي مين دلبر، ڦرندا جو دربدر هون
رندي و عاشقي مين، مشهور وچ شهر هون

تيري گلي ۾ آندي، نت نت مين ڦيرا پاندي
ڪيون ڪر تون مک ڇپاندي، درسن ڪي منتظر هون

19. ڪافي نمبر 176 ۽ 203 مٿي ڄاڻايل ڪافين جهڙيون آهن. جنهن جو ٿلهه فقط هڪ پد ٻن سٽن وارو آهي ۽ هن جي ڪافين سان گڏ رديف آيل نه آهي.

20. رسالي ۾ شامل ڪافي نمبر 225 جو ٿلهه توڙي بند چار پد ۽ ٻن ٻن سٽن وارا آهن. ٿلهه جو ٻيو، چوٿون ۽ بند جو چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن. جنهن سان گڏ رديف به شامل آهي. ٿلهه جو ٽيون پد بند جي ٽي پد سان هم قافيه آهي جڏهن ته بند جو پهريون ۽ ٻيو پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن. مثال:

وو بيرنگي آدم، بن ڪي آيا ري
روپ ڪا اوڙهه نقابه احد و عبد سڏايا ري

فقهه مشائخ قاضي، ملان مومن نيڪي نمازي
ڪهان وو مست خرابه بسمي انگ لگايا ري

21. رسالي ۾ شامل ڪافي نمبر 243 جو ٿلهه هڪ پد ۽ ٽن سٽن وارو آهي جڏهن ته بند چار پد ٻن سٽن جو آهي. ٿلهه جا پهريان ٻه پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن ۽ رديف به شامل اٿس. جڏهن ته ٿلهه جو ٽيون ۽ بند جو ٻيو ۽ چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن ۽ رديف به شامل آهي. مثال:

سانون عشق تيڏا تڪرار لڳا
مينون برهه تيڏا ماهي يار لڳا
هڻ بٽ گتيان ٻيان ڳالهيان جي

وهه واهه روشن رخسار اتي، ظالم ڪوليان زلفان ڪاليان جي
بانڪي نين خماري مست ڦرن، نت خون ڪرن متواليان جي

**اڌوڙي ڪافي:**

بيدل سائين جي ڪلام ۾ هن گهاڙيٽي واري هڪ ئي ڪافي ملي ٿي جنهن جو ٿلهه هڪ پد هڪ سٽ وارو ۽ بند هڪ هڪ پد وارو اڌوڙو آهي يعني ٻن سٽن ڪان پوءِ ٽي يا چار مختصر لفظ وراڻي طور استعمال ڪيا ويا آهن. ٿلهه، بند جي وراڻي سان هم قافيه آهي. ۽ بند جون ٻئي سٽون پاڻ ۾ هم قافيه آهن. جڏهن ته هر بند جا قافيه جدا جدا آهن. مثال:

سهڻي نال لڳي ساڏي ياري

زلفان وت ڪيها ڪام ڪريندي
بسيهر وانــگر ڏنـگ مريـنـدي
زخم انهان دا ڪاري

**ٽيڻي ڪافي:**

هن قسم جون ڪافيون عام جام ڇپيون وجن ٿيون جنهن جا بند ڇهن پدن وارا ٽيڻا ٿين ٿا جڏهن ته ان جو ٿلهه ٻه يا چار پدن جا ٿين ٿا. بيدل سائينءَ جي ڪلام ۾ اسان کي ٽيڻي ڪافيءَ جا ٻه نمونا ملن ٿا جن ڇئني ۾ قافين جي مڻ سڻ ٿيل آهي.

1. ڪافي نمبر 139 ۽ 140 جو ٿلهه هڪ سٽو ٻن پدن وارو آهي. ۽ بند ٽن سٽن ڇهن پدن وارو اٿس. ٿلهه جو ٻيو ۽ ڇهون پد پاڻ ۾ هم قافيه ۽ بند جو پهريون، ٻيون، ٽيون ۽ چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن. هر بند جا قافيه جدا آهن. مثال:

تو ساڏي نال پيارا، ڪڏان ٿيسين چشمان چار وي

تينون راتيان ڏينهن ساريان، جند جان سدا مين واريان
خون ناب اکين ٿون هاريان، نہ تہ باهه برهه دي ٻاريـان
ڪـڏان ڪن تساڏي پوسي، ساڏي دلبر درد پڪار وي

2. ڪافي نمبر 80، 100، 241 ۽ 242 به مٿين ڪافين جهڙيون آهن. فرق فقط اهو آهي ته هنن جو ٿلهه هڪ هڪ پد وارو ٻه سٽو آهي جيڪو بند جي ڇهين پد سان هم قافيه آهي ۽ بند جو ٻيو ۽ چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن. مثال:

دم الله عشق ڪيتي مين چائي
دم الله نينهن دي مين ها نپائي

عشق آدم دي نال ڪيا ڪيتا، نيڻئون نير وهايا
ابــراهيم نــون زوران زوري، آتــش وچ ســٽايا
اسماعيل نـون ذبح ڪريندا، بڻايا برهـہ ڪاسائي

**چئوڻي ڪافي:** بيدل سائين جي ڪلام ۾ اسان کي چئوڻي ڪافيءَ جا پڻ ٻه نمونا ملن ٿا جنهن جي پهرئين نموني جي ڪافي نمبر 158 جو ٿلهه هڪ پد وارو هڪ سٽو آهي ۽ بند هڪ هڪ پد وارو چار سٽو آهي. ٿلهه بند جي چوٿين پد سان هم قافيه آهي ۽ بند جو پهريون ٻيو ۽ ٽيون پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن. مثال:

مينون تساڏي يار چنتا لڳ ڪڙي هي

انـــدر ٻهـــان مينـــون ٻهــڻ نـــہ آوي
ٻـــاهر ڦـــران تيـــڏا برهـــہ ســـتاوي
فـــوج حســـن دي چڙهـــہ چڙهـــہ آوي
جـوڙ ڪـري جنسـار جـذبي دل جـڙي هـي

2. رسالي جي ڪافي نمبر 300 پڻ مٿين ڪافيءَ جهڙي آهي. فقط ٿلهه هڪ هڪ پد وارو ٻه سٽو آهي. ٿلهه جون ٻئي سٽون اڳئين ڪافي جيان بند جي چوٿين سٽ سان هم قافيه آهي.

اسان متي بيدل سائين جي يڪي، ڏيڍي، ٻيٽي، اڌوٽي، ٽيٽي ۽ چئوٽي ڪافيءَ جي مختلف گهاڙيٽن جو ذڪر ڪيو آهي ان مان هڪ ڳالهه اها به چٽي ٿي بيٺي آهي جتي سچل سائين ڪافيءَ ۾ 68 گهاڙيٽا جوڙيا جن مان فقير قادر بخش بيدل فقط 13 استعمال ڪيا ۽ باقي 41 نمونا هن پاڻ جوڙيا آهن، جنهن مطابق اسان هنن ٻنهي شاعرن جي ڪافيءَ جا گهاڙيٽا ڳڻينداسين ته اُهي 109 ٿيندا هي انگ فقط ٻن شاعرن جي ڪافين جي گهاڙيٽن جي مطالعي بعد ظاهر ٿيو آهي، جنهن مان سنڌي سرائڪي ڪافيءَ جي فني وسعت جي پڻ خبر پئي ٿي. ڪافيءَ ۾ هن قسم جا تجربا اهوئي شاعر ڪري سگهي ٿو جنهن جي موسيقي ۽ پنهنجي ٻوليءَ تي پوري پوري گرفت ٿئي ٿي. لفظن جي ذريعي موسيقي پيدا ڪرڻ لساني حوالي سان به اوکو ڪم آهي. ڇاڪاڻ شعر ۾ جاذبيت، بي ساختگي، رواني، ردم پئدا ڪرڻ لاءِ لفظن جي چونڊ اهڙي رکڻي پئي ٿي جنهن کي اچاريندي وقت زبان ڪٿي به اٽڪي نه ٿي ۽ بيدل سائين جي ڪافين ۾ اهڙا ڪوڙ سارا مثال ملن ٿا، جن جو متي مختلف جاين تي ذڪر ٿي آيو آهي. سندس ڪافين ۾ اسان کي تصغيريت جو به مثال ملي ٿو. بنيادي طرح تصغيريت ڪنهن به اسم کي ننيو ڪري ڏيکارڻ جو نالو آهي. بيدل سائين توڙي ٻين ڪن شاعرن اسمن سان گڏ فعلن جون به تصغيري صورتون جوڙيون آهن.

بيدل سائين اهڙا مثال قائم ڪري پنهنجي قافين ۾ ڪٿي ڪٿي ويتر خوبصورتي پئدا ڪئي. ڪن ڪافين جي ٽلهه ۾ اهڙي دلپذير بناوت جوڙي اٿس:

عشق دي چال
چالڙي ميان

ديدان والڙي ڌاڙي، راهه مسافر ماري
لٽ نيتي دلڙي، چيريان دي چمڪار

ساڳي طرح اتر جي لهجي موجب "آن" جو صيغو گڏائي ڪن لفظن جون جمع جون صورتون به ٺاهيون آهن. بيدل سائين جي سرائڪي ڪافي ۾ اهڙو سهڻو مثال موجود آهي. چئي ٿو:

نت نهاران مين راهان، راهان وي

ان ڪافي جا ٻيا قافيا آهن آهان، واهان، ٻانها، دانهان،
ڪوران ڪسيان، واهڙان، هت ڪلي ٿيا گمنام ميان

بيدل سائين جي ڪافيءَ ۾ خوبين ۽ نين شعري ۽ لفظي بناوتن ۽ گهاڙيٽن جو وڏو جهان موجود آهي. هن ڪان اڳ مانواري بيدل مسرور، بيدل سائينءَ جي ڪافين جي قافين تي تفصيل سان لکي هن هڪ اهم موضوع کي اجاگر ڪيو آهي. هنن صفحن ۾ سائينءَ جي ڪافيءَ جي گهاڙيٽن ۾ ڪيل تبديلين بابت مطالعو ڪيو ويو آهي. جنهن موجب اهو چئي سگهجي ٿو ته: بيدل سائين فني ۽ فڪري حوالي سان سنڌي، سرائڪي ڪافيءَ جو سگهارو شاعر آهي.

برهه جون بار بدناميون، چمي چشمن تي چاياسي
بزرگيءَ کون پهچي بيدل، رنديءَ جا رنگ رچايا سي

**مولانا عبدالرحمٰن جمالي**
عمرڪوٽ



# مولانا عزيزالله ساند رحه*

سنهو سهڻو بدن، ڊگهو قد، سانورو رنگ، ڊگهو نوڪدار نڪُ، سنها چَپ، تيز اکيون جن مان ذهانت پئي بَکي، گول چهرو، جنهن تي نمايان سونهاري، بلند وڏندڙ آواز جنهن مان دهشت جو اظهار پيو ٿئي سليقيدار رفتار تيز، ڊگها هٿ سنهيون آڱريون، موتين جهڙا سهڻا اکر مجلس جو مور، جهڙي مجلس انهيءَ انداز سان گفتگو، غريب تي مهربان، چرئي ۽ ٻارَ تي خاص ڌيان ڏيڻ وارو، سخي طبيعت، اهو آهي مولوي عزيزالله رحه ساند، جميعت العلماء هند ۽ جميعت العلماء اسلام ضلع ٿرپارڪر جو ناظم اعليٰ، ماهنامہ 'قراني ولهيت' جو ايڊيٽر جميعت العلماء صوبي سنڌ جي مجلس عاملہ جو رُڪن، مدرسۂ مظهر العلوم عربيہ ولهيت جو مهتمم.

**ساند ذات:**

مولوي عزيزالله رحه جي ذات ساند آهي، ساند ذات اصل راجپوت سوڍن مان مسلمان ٿيل آهي. 'سوڍا' راجپوت نسل جي هڪ شاخ آهي، منجهانئس ڪيتريون ئي مسلمان ذاتيون آهن. جهڙوڪ: سنگراسي ڏوهٽ وغيره جيڪي اصل 'سوڍن' مان آهن. جيڪي پوءِ مسلمان ٿيون، ساند ذات سڄي سنڌ ۾ پکڙيل آهي، ٿوري گهڻي ڦيرگهير سان تقريباً ساڳئي نالي سان سڃڻ ۾ اچي ٿي.

اُتر ۾ 'ساند' ذات کي 'ساوند' سڏيو وڃي ٿو، اتي ساند جي سرداري 'ڪاڪيپوٽن' جي حوالي آهي، پنهي راڄن جو گڏيل سردار ڪاڪيپوٽو آهي.

وچولي ۾ 'ساند'، 'ساند' سڏبا آهن. هتي ساندن جي رهائش نواب شاهہ، ٽنڊي آدم ۾ معلوم آهي، سندن وڏن جي نالي ڪي ريلوي اسٽيشنون بہ آهن، جهڙوڪ: الهڏنو ساند وغيره.

**ٿرجا ساند:**

ٿر ۾ وري ساند پنهنجو پاڻ کي 'سائوند' سڏائيندا آهن، ٿر جا 'سائوند' پنهنجيءَ ذات کي 6 (ڇهن) مکيہ شاخن ۾ ورهائيندا آهن، سڀني ساندن کي انهن ڇهن پاڙن مان ڪنهن بہ هڪ ڏانهن منسوب ڪندا آهن. (1) آسڙ (2) ڀنا (3) وِڄڙ (4) وِسَ (5) جنا ۽ (6) پنسي.

اها تقسيم ساندن جي چوڻ موجب سندن وڏن جي نالن جي پٺيان آهي، سائوند پنهنجي وڏي جو نالو ٻڌائيندا آهن ۽ ان جا چار پٽ: 1. آسَڙُ 2. ڀُنُو 3. وِڄڙ ۽ 4. وِيسو ٻڌائيندا آهن.

پر اها تقسيم صرف ٿر جي ساندن کي معلوم باقي اُتر ۽ وچولي وارا ساند ان کان يڪسر غير واقف آهن.

---

* هيءُ مضمون گهڻو وقت اڳ (88-1987ع) ۾ 'مهراڻ' جي مشاهير نمبر لاءِ، محترم معمور يوسفاڻي صاحب، مولانا عبدالرحمٰن جمالي صاحب کان علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن جي فرمائش تي تڏهن خصوصاً لکرايو، جڏهن معمور يوسفاڻي صاحب ٽماهي 'مهراڻ' جي ايڊيٽوريل بورڊ جا ميمبر هئا. هينئر ٻئي بزرگ خلد آشيان آهن تہ محترم ڪرم الله پلي هيءُ مضمون خاص مهراڻ لاءِ 'يوسفاڻي لئبرري' مان عنايت ڪيو آهي. (ايڊيٽر)

**اسلام:**

ساندن جو وڏو ڪهڙي دؤر ۾ مسلمان ٿيو، انهيءَ لاءِ ساندن کان پڇڻ سان اهو معلوم ٿيو آهي ته سندن وڏو حضرت بهاؤالدين زڪريا جي تبليغي اثر جي نتيجي ۾ مسلمان ٿيو، هو پنهنجي پائرن کان سگابنديءَ جي معاملي ۾ ناراض ٿي، دائرهء اسلام هيٺ آيو ۽ ساڻس گڏ سندس پٽ به مشرف اسلام ٿيا.

**آسَڙ:**

مولوي صاحب عزيزالله ساند صاحب جو تعلق 'آسَڙ' شاخ سان آهي، سندس وڏا جي 'ولهيٽ جا ميان' جي لقب سان ملقب آهن، سي سڀ انهيءَ شاخ مان آهن.

**ولهيٽ جا ميان:**

ساند ذات ۾ ٻه ڳوٺ سندن درويشي ۽ علم جي ڪري مشهور آهن، اهي ڳوٺ آهن ولهيٽ (ميئن واري) ۽ ٻهه (ميئن واري).

ولهيٽ جو ڳوٺ، صوفي، ميرپورخاص روڊ لڳ عمرڪوٽ کان اولهه طرف عمرڪوٽ تعلقي ۾ آهي. ولهيٽ جي ڳوٺ جي ناري توڙي سنڌ ۾ علمي ساک آهي، هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي اهل الله پيدا ٿيا آهن، ۽ ڪيترائي عالم. اڄ به هن ڳوٺ ۾ علم جي لاٽ روشن آهي. مدرسه جو اصل بنياد 1265هه کان اڳ پيل آهي.

1. ميان نصير محمد ساند 2. ميان حبيب الله ساند 3. ميان عبدالرحيم ساند 4. ميان ابوالقاسم ساند ۽ 5. ميان احمد ساند جن اهل علم ۽ صاحب ولايت ٿي گذريا آهن. اهي سڀ بزرگ مولوي صاحب عزيزالله ساند جي ڏاڏاڻيءَ پيڙهيءَ ۾ شامل آهن.

**جنم:**

مولوي صاحب عزيزالله ساند جو جنم سندن ٻڌائڻ موجب 1902ع ۾ آهي. سندن جاءِ ولادت 'ولهيٽ' ئي آهي. سنڌ نسب نامو هن ريت آهي: مولوي عزيزالله پٽ حاجي محمود پٽ محمد صابر پٽ دين محمد پٽ حاجي صالح. مولوي صاحب پنهنجي پيءُ جو وچون پٽ هو، حاجي محمود کي ٽي پٽ هئا: 1. عبيدالله 2. عزيزالله ۽ 3. لقمان.

**تعليم:**

مولوي صاحب جي ابتدائي تعليم مولوي عبدالحق سمي وٽ ٿي مولوي عبدالحق صاحب، مولوي محمد عثمان قرانيءَ جو ابتدائي شاگرد هو. اعليٰ شاعر، بهترين مقرر، سٺو ڪاتب، سندس هڪ غير مطبوعه تصنيف به آهي. مولوي عبدالحق صاحب جو ڳوٺ چوڙ لڳ 'گوئڏاٿو' آهي. هُو صاحب تعليم ڏيڻ جي شغل لاءِ گهر ٻار سميت ولهيٽ ۾ رهندو هو. ٽيئي ڀائر عالم ۽ فاضل هئا ۽ خدا جي قدرت سان ٽيئي گڏوگڏ فقط هڪ هڪ هفتي جي وڇوٽيءَ سان گذر ڪري ويا، مولوي عبدالحق سمي صاحب جن جي وفات 1918ع ۾ ٿي.

مولوي صاحب عزيزالله ساند جن جي پنهنجي استاد محترم جي وفات وقت عمر 15-16 ورهيه هئي، پاڻ رحه پنهنجي والد بزرگوار جي چوڻ پٽاندر مولانا محمد عثمان قرانيءَ جي مدرسي ۾ داخل ٿيا.

**شادي:**

پاڻ رحه اڃان درميانه ڪتاب پئي پڙهيا ته سندن سهري بزرگ ميان عبدالرحيم ساند جن ڪين گهرائي سندن شادي ڪرائي ڇڏي. ميان حاجي عبدالرحيم رحه پنهنجي وقت جو پير هو. ناري جا اڪثر ماڻهو وٽس فيض لاءِ جوق در جوق ايندا هئا. صاحب ذڪر هستي هئا، سندن مرشد ۽ استاد مشهور عالم خواجه حسن جان سرهندي جن هئا.

مولوي صاحب جي صرف هڪ نياڻي هئي جنهن جي نسبت مولوي صاحب عزيزالله رحه سان ٿي. انهيءَ ڪري مولوي صاحب ميان عبدالرحيم رحه، ميان صاحب کي پنهنجي ئي گهر رهايو، چنانچه مولانا عبدالرحيم ساند صاحب جن جي وفات پڇاڙا سڄي گهر جو بوجهه مٿس پيو.

**شادي بعد بہ تعليم:**

مولوي عزيزالله رحہ جن شاديءَ بعد بہ تعليم جاري رکي، مولوي عبدالحق مرحوم جي وفات بعد وڏيري عبدالستار ساند پنهنجي پٽ مولوي محمد علي جي پڙهائڻ لاءِ مولوي عبدالرحمٰن زنگي کي مدرسہ ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو. ان بعد ڳوٺ جو هڪ ٻيو عالم مولوي عبدالمطلب ساند مدرسي ۾ مدرس ٿيو.

مولوي عزيزالله مرحوم سندن نائب جي حيثيت ۾ مدرسي ۾ پڙهائيندا هئا ۽ رهيل تعليم وٽن پوري ڪري دستار بند ٿيا.

**مرشد:**

ميان حاجي عبدالرحيم ساند رحہ جن خواجہ حسن جان سرهندي جا مريد ۽ خليفا هئا، تنهنڪري ميان عزيزالله رحہ جن بہ خواجہ صاحب سان عقيدت جي واٽ رکيو آيا، سندن والد محترم مٽيارين جي پير حاجي غلام مجدد جان المعروف 'حاجي پيرزاده' جي خاندان جو مريد هو، تنهنڪري پاڻ رحہ پنهنجي والد بزرگوارن جي مرشد سان بہ تعلق استوار رکيو.

پير غلام مجدد مرحوم خلافت تحريڪ جي باني مان هو، مٿن مولانا حسين احمد مدني رحہ ۽ مولانا شوڪت عليءَ سان گڏ ڪراچيءَ ۾ ڪيس هليو ۽ کين بہ سال سزا آئي. ساڻن گڏ سندن خليفي مولوي عبدالقيوم پلي کي بہ بہ سال سزا آئي ۽ ٻئي بہ سال قيد ڪاٽي حيدرآباد جي ناراجيل مان آزاد ٿيا.

انهيءَ وقت مولوي صاحب اجا ننڍي ڄمار جي ڪري جي خلافت تحريڪ جي ناميارن ڪارڪنن مان نہ هو، پير صاحب جو واسطو آل انڊيا سطح جي تحريڪن سان هو. تنهنڪري مولوي صاحب رحہ جن جو واسطو آزاديءِ هند جي پروانن سان، ٿيڻ هڪ لازمي امر هو، جن جو سرخيل مولانا محمود الحسن ديوبندي رحہ هو جو شيخ الهند جي نالي سان مشهور آهي. انڪري پير صاحب رحہ جن پنهنجي پُٽ (مولانا غلام الرسول جان سرهندي) کي تعليم لاءِ ڏاڀيل ۾ موڪليو. هي مدرسو مولانا شبير احمد عثماني صاحب برپا ڪيو جنهن ۾ مولانا انور شاهہ ڪشميري ۽ مولانا اعزاز علي ديوبنديءَ جهڙا جيد عالم ۽ بي نظير اولياء تعليم ڏيندا هئا. مولوي صاحب جن جي پير صاحب سان نسبت هئڻ ڪري تحريڪ سان لاڳاپو ٿي ويو.

**جميعت العلماء ناره:**

حضرت قرانيءَ صاحب جن جي حڪم سان سندن شاگردن هڪ جماعت ناهي جنهن کي "علماءِ ناره" جي جماعت جي نالي سان موسوم ڪيو ويو، جنهن جو صدر مولانا قراني رحہ جن کي چونڊيو ويو.

انهيءَ جماعت جي مقصدن ۾ بدعتي جماعتن جي بيخ ڪني ڪرڻ بہ هو، جو تہ 1917ع کان پوءِ ٿرپارڪر ۾ قادياني، اسٽيشنون قائم ٿيون جن پنهنجي تبليغ شروع ڪري ڏني هئي. جنهنڪري علماء ڪرام کي انهن جي مقابلي لاءِ تنظيم جي صورت ۾ منهن ڏيڻو پيو. مولوي عزيزالله رحہ انهيءَ جماعت جو ناظم هو.

| | |
|---|---|
| صدر: | مولوي محمد عثمان قراني رحہ |
| نائب صدر: | مولوي محمد علي جوٽيجو رحہ ڳوٺ محمد عالم پلي |
| ناظم: | مولوي عزيزالله ساند رحہ ولهيٽ |
| نائب ناظم: | ميان احمد ساند رحہ ولهيٽ |

جڏهن تہ هي جماعت علماءِ ناره جي جماعت هئي جنهن جو مقصد دين جي خدمت اجتماعي طور ڪرڻ هو. هن جماعت ۾ مولانا قرانيءَ جا سمورا شاگرد جيڪي ناري ۾ پکڙيل هئا، شامل ٿي ويا.

**جميعت العلماءِ هند:**

انهيءَ دور ۾ جميعت العلماءِ هند سموري هند ۾ 'علمائن جي جماعت' جي طور سان ڪم ڪري رهي هئي. ان وقت ان جو صدر مولانا ڪفايت الله ديوبندي هو جو تہ شيخ الهند جن وفات ڪري ويل هئا. صوبہ سنڌ ۾ هن جماعت جو صدر مشهور عالم حضرت مولانا محمد صادق کڏي (ڪراچي) وارو ۽ مشهور اهلِ قلم ۽ اهلِ علم حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ناظم هو.

**جميعت العلماءِ هند سان ادغام:**

'جميعت العلماءِ ناره' کي مولانا قرانيءَ جي حڪم پٽاندر 'جميعت العلماء هند' سان منسلڪ ڪيو ويو. سندس تنظيم هيٺين ريت 1930ع ڌاري ٿي.

صدر: مولانا قراني

نائب صدر: مولانا محمد علي جوڻيجو رحہ

ناظر: مولوي عزيزالله ساند صاحب ولهيٽ

نائب ناظر: ميان احمد ساند ولهيٽ

**حضرت قراني رحہ جي وفات:**

انهيءَ تنظيم کان پوءِ حضرت مولانا مولوي محمد عثمان قراني رحہ جن وفات ڪري ويا تقريباً 1355ھ بمطابق 1935ع ڌاري. مولانا محمد عثمان قراني رحہ سنڌ جي ناميارن عالمن سان هو، هن پنهنجي تعليم جي تڪميل سنڌ جي مشهور قاضي خاندان جي هڪ فرد مولانا لعل محمد متياريءَ واري وٽ متيارين ۾ ڪئي. ان بعد پنهنجي ئي ڳوٺ محمد عمر پنيرو ۾ 15 رجب 1315ھ بمطابق 1895ع ڌاري مدرسو جاري ڪيائين. سندس انهيءَ مدرسي ۾ الله پاڪ ايتري برڪت وڌي جو سنڌ، بلوچستان، جوڌپور رياست جا ڪيترائي ناميارا شاگرد ٿيا جن پنهنجن علائقن ۾ علم جي خدمت ڪئي اڄ تائين ڪندا اچن پيا.

مولانا مسلسل 40 سال انهيءَ مدرسي ۾ تعليم ڏني، سندن فارغ التحصيل عالمن جي لسٽ 150 کان مٿي آهي. سندن مختلف استادن ۾ وقت جا وڏا وڏا عالم اچي وڃن ٿا. حديث جي دوره ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ 3 مهينا ديوبند به ويا هئا.

**نئين سر تنظيم:**

مولانا قراني جي وفات بعد سندن جاري ڪيل تحريڪ جي از سر نو تنظيم ڪئي ويئي:

صدر: حضرت مولانا محمد علي جوڻيجو

نائب صدر: مولانا حاجي عبدالڪريم ميمڻ چيلهه وارو

ناظر: مولانا عزيزالله ساند، ولهيٽ

نائب ناظر: مولوي ميان احمد ساند صاحب ولهيٽ

انهيءَ وقت هندوستان جي آزاديءَ وارين سيني پارٽين پنهنجو ڪم انتهائي زور سان ڪرڻ شروع ڪيو هو، مسلم ليگ ۽ ڪانگريس گڏيل ڪوششون ڇڏي جدا جدا پليٽفارم تي اچي چڪيون هيون. جميعت العلماء هند به سياست ۾ گهڙي چڪي هئي، جيئن ته هن جماعت جو وجود مدارس عربيءَ جي شاگردن ۽ عالمن تي هو ۽ اهي برصغير سڄي جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙيل هئا، انهيءَ ڪري هن جماعت جو آواز ملڪ جي هر حصي ۾ پهچي ويو ٿي، پر هن جو تعلق عوامي نه هو، خاص علماء ۽ تعليم وارا ديندار شخصيتون ته سندس معاون هيون. انهيءَ ڪري جميعت جي اڳواڻن کي سياسي پليٽفارم لاءِ ملڪ جي ٻن جماعتن مان ڪنهن به هڪ سان ساٿ ڏيڻ جو خيال پيدا ٿيو.

هاڻي سوال اهو هو ته ڪانگريس سان ناهه ڪجي يا مسلم ليگ سان؟ ان تان مسلمان عالمن ۾ اختلاف ٿي پيا.

ڪن جو خيال هو ته ڪانفريس سان ناهه ڪجي ان گروهه جو اڳواڻ مولانا حسين احمد مدني هو، چونڪ مولانا حسين احمد مدنيءَ جي حيثيت شيخ الهند جي شاگردن ۾ مٿي هئي. پاڻ رحہ شيخ الهند صاحب جا رفيق، خاص هئا ۽ رازدار پڻ، ساڻس گڏ مالٽا جي قيد ۾ به هئا. مولانا جي وزير جنگ سلطنت ترڪيه سان ملاقات ڪرائڻ وارا به پاڻ رحہ هئا. ترڪيءَ مان مدد ۽ خطوط هندوستان جي آزاديءَ جي تحريڪن ڏانهن آڻڻ ۽ مرڪز (جيڪو هند مان بدلائي مدينه منوره ۾ ڪيو ويو هو). احڪام پهچائڻ جو سمورو ڪم مولانا مدنيءَ

معرفت ٿيندو هو. مولانا مدنيءَ جي روبرو انور پاشا شيخ الهند کي حڪم ڪيو ويو ته آزاديءَ هند جو ڪم غير مسلم تحريڪن سان گڏجي ڪريو.

انهيءَ ڪري مدني رحه جو خيال هو ته آزاديءَ لاءِ سياسي پليٽفارم تي به گڏجي ڪم ڪجي، چونڪ هندوستان جي وڏي جماعت ڪانگريس هئي، انهيءَ ڪري مولانا جو خيال هو ته جميعت کي ڪانگريس سان منسلڪ ڪجي، مولانا سان جماعت جا وڏا وڏا ارڪان شامل الراءِ هئا جن ۾ مولانا ڪفايت الله به شامل هو.

مخالفن جو خيال هو ته جيئن ته اسانجي جماعت هڪ اسلامي نظريي جي آهي، مسلم ليگ ۾ مسلمان گهڻا آهن ۽ اڪثريت وارا صوبا به مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ويا آهن. انهيءَ ڪري اسان کي مسلمانن سان تعاون ڪرڻو پوندو. انهيءَ جماعت جو سرغنه مولانا اشرف علي ٿانوي رحمة الله عليه هو، ان سان قاري محمد طيب مهتمم مدرسه مولانا شبيراحمد عثماني، مولانا ظفر احمد عثماني، مفتي محمد شفيع جهڙا وڏا عالم به شريڪ هئا.

**جميعت العلماءِ سنڌ:**

خوشقسمتيءَ سان شيخ الهند جي مقرر ڪيل سڄي هندوستان جي ڇهن آزاديءَ جي مرڪزن مان چار اچيون ٿا وڃن، ڪڏو (ڪراچي)، امروٽ، پير جهنڊو ۽ ۾ چونڊي شريف، مولانا محمد صادق ڪڏي وارو رحه شيخ الهند جي خاص رازدارن مان هو. مولانا محمد صادق جي حڪم سان انگريزن جي اها پيادل فوج، جيڪا عراق ۾ ترڪي جي فوج سان وڙهڻ بلوچستان رستي سان ويئي ٿي. سا سردار نورالدين مينگل جي هٿان 'وڍ واري علائقي' ۾ برباد ٿي ويئي ۽ بچيل فوج به مجبوراً ڪراچيءَ موٽي آئي.

سردار نورالدين مولانا محمد صادق رحه جو شاگرد هو. ان ڪان سواءِ بلوچستان ۾ مولانا صاحب جا ڪيترائي شاگرد جڳهه جڳهه تي پکڙيا پيا هئا. اهڙو ڪم مولانا محمد اسحاق گنگي 'گهوڙي لس ٻيلي واري' به مولانا جي حڪم سان ڪيو.

اهڙو مجاهد شيخ الهند جي تحريڪ جو رازدار جميعت العلماء سنڌ جو صدر هو. انهيءَ ڪري مولانا ڪڏي وارو، مولانا مدنيءَ جا حامي هئا ته اسان کي ڪانگريس سان گڏجي، سياسي طور انگريزن جو مقابلو ڪرڻ کپي. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ جميعت العلماء سنڌ جا اڪثر علماءِ ڪرام انهيءَ ڪانگريس سان شموليت جي خيال سان متفق هئا.

مولانا مدني رحه مدرسئہ مظهرالعلوم ڪڏي ۾ آيا، جميعت العلماء سنڌ جي ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ جميعت ٿرپارڪر پاران مولانا عزيزالله ساند صاحب ۽ مولوي محمد مبارڪ پلي رحه شريڪ ٿيا.

اجلاس جي شروع ٿيڻ سان حضرت مدني رحه پنهنجيءَ تقرير ۾ ڪانگريس ۾ شامل ٿيڻ جي فائدي ۾ پنهنجا 19 دليل پيش ڪيا ۽ پنڊال ۾ موجود مندوبين کان راءِ طلب ڪئي ته هٿ مٿي ڪري پنهنجي راءِ ڏين ته جميعت کي ڪانگريس سان شامل ٿيڻ کپي يا نه؟

انهيءَ وقت جميعت جي جميع ارڪانن مان ٿرپارڪر جو نوجوان محمد مبارڪ پلي اٿي بيٺو، جنهن چيو ته "حضرت! اسان کي ٻڌو وڃي ته اسين پنهنجي راءِ پيش ڪريون! مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ ۾ مسلم قوم کي ڪهڙا فائدا آهن؟ اميد ته اسان اوڏهن کان وڌيڪ دليل پيش ڪري سگهنداسين، انهيءَ قول جي تائيد ۾ مولانا عزيزالله رحه به آواز ملايو. انهيءَ بعد پير حاجي غلام مجدد سرهندي مٽيارين وارو به اُٿيو. مولانا عبدالقيوم بختيارپوري به انهن بزرگن ۾ شامل رهيو. لاڙ جا اڪثر عالم جميعت العلماء ٿرپارڪر جا حامي هئا ۽ اُتر جا عالم مولانا ڪڏي واري ۽ حڪيم صاحب جي راءِ جا هئا. مجموعي طور سنڌ جا گهڻا عالم ڪانگريس ۾ شامل ٿيڻ جي حق ۾ هئا. انهيءَ ڪري مولانا مولوي عزيزالله ساند ۽ سندن جماعت ميٽنگ هال مان نڪري ويئي.

جميعت العلماء ٿرپارڪر جو جميعت العماء صوبي سنڌ سان اختلاف ٿي پيو، جنهنڪري صوبهٔ سنڌ جي ناظر حڪيم سيوهاڻي رحہ ٿرپارڪر جي تنظيم ڪي ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو.

**صوبهٔ سنڌ طرفان ٿرپارڪر لاءِ نئون تنظيمي ڍانچو:**

ٿرپارڪ ۾ عمرڪوٽ جي مشهور زميندار ۽ عالم مولانا مولوي قاضي نورمحمد صاحب کي حڪيم صاحب ضلعي ٿرپارڪر جي جميعت جي نئين سر تنظيم ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيو، قاضي صاحب مولانا محمد علي صاحب کي زور پريو، (جو پاڻ قاضي صاحب اجلاس ۾ شريڪ نہ ٿيو هو) تہ هو مولانا ڪڻوي رحہ سان شامل ٿي ڪم ڪري، پر مولانا جي ئي سياست هئي جنهنڪري ميٽنگ هال ۾ مولوي مبارڪ ۽ مولانا عزيزالله رحہ جن پيش ڪئي هئي، سو مولانا محمد علي رحہ انڪار ڪيو.

قاضي صاحب جي ڪوشش سان جميعت ٿرپارڪر جي تنظيم هن ريت عمل ۾ آئي:

مولوي صاحبزاده محمد اسمٰعيل جان سرهندي (پير ابراهيم جان سرهندي جو والد) صدر

مولوي قاضي نورمحمد رحہ ناظر

۽ بيا ٿرپارڪر جا نوجوان ۽ ننڍا عالم گڏ ڪري نئون ڍانچو تشڪيل ڏنو ويو. مولوي محمد علي صاحب، مولوي عزيزالله ساند صاحب، مولوي عبدالحڪيم صاحب، مولوي عبدالڪريم صاحب ۽ ٻين جميعت جي سرڪرده اڳواڻن تي چاڇري ۾ ڪيس ڪيو ويو.

**جميعت العلماءِ اسلام هند سان تعلق:**

چونڪ جميعت العلماء هند مرڪز ۾ ٻہ حصا ٿيجي ويئي هئي. مولانا شبير احمد عثماني مرڪز ۾ جميعت العلماء هند جي مقابل جميعت العلماء اسلام نالي سان هڪ تنظيم قائم ڪئي.

انهيءَ ڪري مولانا محمد علي ٿرپارڪر جي پنهنجي حمايت جي دوستن سان گڏ پير غلام مجدد سرهندي جي چوڻ سان مرڪز ۾ جميعت العلماء اسلام هن سان رابطو قائم ڪيو.

**رسالهٔ قراني جو اجراءُ:**

حضرت مولانا محمد عثمان قرانيءَ جي وفات بعد جميعت جي اڳواڻن مان مولانا عبدالحڪيم ميمڻ صاحب رحہ جن راءِ ڏني تہ جماعت جي ڪم کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ ان جي آواز کي دنيا جي ڪنڊڪڙڇ تائين رسائڻ لاءِ رسالو جاري ڪجي، مولوي صاحب جي راءِ کي وزن ڏنو ويو ۽ هڪ ماهنامو جاري ڪيو ويو. جنهن جو نالو 'قراني' رکيو ويو. ان جو ايڊيٽر مولوي عزيزالله ساند ۽ نائب ايڊيٽر ميان احمد ساند صاحب، ناظر مولوي محمد مبارڪ پلي رحہ، جڳهہ اشاعت ڳوٺ ولهيٽ مقرر ڪرڻ ۾ آئي.

**رسالہ جي پاليسي:**

رسالي جي پاليسيءَ ۾ اتحاد بين الاحناف، بدعتي فرقن جي مخالفت، اسلامي تعليم جي اشاعتِ عام جهڙا عنصر شامل رهيا. رسالي جي پهرين پرچي جي ايڊيٽوريل ۾ لکيو ويو تہ "هن رسالي جي ڪڍڻ جو مقصد اتحاد بين الاحناف آهي، ديوبندي ۽ بريلوي ٻئي حنفي آهن، ٻنهي کي هڪٻئي تي حملا نہ ڪرڻ کپن، ڪوبہ ديوبندي وهابي ناهي ۽ ڪوبہ بريلوي بدعتي ڪونهي، مدارسﷺ عربيءَ جي سنڀال ڪرڻ، ديني تعليم کي زور وٺائڻ، هن رسالي جي خاص مقصدن ۾ شامل آهن.

**باطل فرقن جو مقابلو:**

رسالي جي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت قاديانين جو زور هو، انهيءَ ڪري رسالي ۾ انهن جي ترديد تي خاص زور ڏنو ويو، انهن جي خلاف جلسا ڪرايا ويا جن جو احوال بہ رسالي ۾ ملي ٿو. عمرڪوٽ جي شيعن ۽ احناف درميان مناظري جو احوال بہ ملي ٿو. جنهن ۾ شيعن پاران مناظر محمد بشير ۽ سنين طرفان مولانا عبدالحق رباني هو.

**نبي سر جو مناظرو:**

نبي سر ۾، قاديانين خلاف مناظرو ٿيو، جنهن لاءِ مولانا عبدالحق معمار کي امرتسر مان گهرايو ويو، قاديانين پنهنجي پاران مباهلا جي چئلينج پيش ڪئي پر وقت سِر نہ آيا تنهنڪري هي مناظرو ٿي نہ سگهيو، اهڙي نموني سان رسالي مان ان وقت جي سرگرمين جو پتو پوي ٿو.

**لنواري:**

سنڌ صوبي ۾ لنواري شريف هڪ اهم علمي مرڪز رهي آهي، حضرت مخدوم محمد لنواري وارو بہ هن ئي خاڪ جي پيدائش هو، حضرت جن جي مريدن مان مخدوم عبدالرحيم مگريہ گرهوڙي بہ مشهور ٿي گذريو آهي. سنڌ جي علمي لئبرري مان لنواريءَ جي لئبرري اڄ بہ پهريون نمبر آهي. انهن جي خاندان مان مخدوم گل محمد جي وقت اهڙا شعر ڇپيا ۽ اهڙيون دعوائون سامهون آيون، جن تي علماء ڪرام طرفان اعتراض اُٿيا. مولوي احمد ملاح اهڙين ڳالهين کي عالمن جي سامهون آندو جن حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ انهن ڳالهين کي بند ڪرايو وڃي. ”انگريز ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ واري پاليسيءَ تي عمل ڪندا هئا. جنهنڪري حڪومت عوام جي ڳالهہ کي بلڪل رد ڪري ڇڏيو ۽ عالمن کان ضمانت وغيره ورتي ويئي. انهيءَ ڳالهہ عوام کي طيش ۾ آندو. نتيجو ستياگرہ تائين پهتو.

**جميعت العلماء ٿرپارڪر:**

جميعت العلماء ٿرپارڪر بہ اعلان ڪيو تہ مجاهد تيار ٿين، انهيءَ اعلان سڄي ضلع ۾ باهہ ٻاري ڇڏي. رضاڪار ڀرتي ٿيڻ لڳا. مولوي صاحب عزيزالله ساند جن انهن جي قيادت ڪئي. جهنڊو تيار ڪيو ويو، مولوي نورمحمد نظامانيءَ جي شعر کي سيج طور ڪم آندو ويو، هرهڪ رضاڪار جي ساڄي ڪلهي تي ڪاري ڪپڙي تي لکيل هو تہ:

اسين قربان ڪعبہ تان، وڃي جي سِرُ تہ بسم الله.

اهڙيءَ ريت ٿرپارڪر جا رضاڪار جڏهن پهتا تہ هو سيني کان نمايان ڏسجڻ ۾ پئي آيا ۽ سندن گرفتاريون بہ ٿيڻ شروع ٿيون، مولانا مولوي عزيزالله ساند صاحب کي حيدرآباد جيل ۾ بند ڪيو ويو. ڪجهہ عرصي بعد لنواري جي حج بند ٿيڻ بعد کين آزاد ڪيو ويو.

**جيل ۾ تبليغ:**

حيدرآباد جيل ۾، مولوي صاحب رحہ کي قيدين کي ديني سکيا ڏيڻ جو ڪم سونپيو ويو، پاڻ رحہ خون ۽ ڌاڙي جي ڏوهارين جي بيرڪن ۾ وڃي کين درس و هدايت ڏيندا هئا. مولانا صاحب جن چوندا هئا تہ سندن تعليم جي ڪري هنن جي مصنوعي زندگين ۾ انقلاب اچي ويو ۽ هو باقاعدہ روزي ۽ نماز جا عامل بڻجي ويا.

**مسلم ليگ ۾ شموليت:**

مولوي صاحب جن جميعت العلماء هند کان جدا ٿيڻ بعد جميعت العلماء اسلام جي واسطي سان مسلم ليگ ۾ شامل ٿيا، ڇو تہ سندن مرشد پير غلام مجدد سرهندي مٽياروي بہ مسلم ليگي ليڊرن مان هئا.

ٿرپارڪر ۾ مسلم ليگ جو ليڊر خانبهادر غلام محمد خان وسان هو، سندس مقابلي ۾ مرحوم غلام حيدر شاهہ هو، انهيءَ ڪري 1946ع جي چونڊ ۾ مولانا صاحب جن، خانبهادر وسان جي حمايت ڪئي، جيڪو ڪامياب ٿيو، انهيءَ بعد مولوي صاحب جن جي حمايت مسلم ليگ سان هميشہ شاملِ حال رهي.

**سياست کان رٽائر ٿيڻ:**

پاڪستان جي وجود بعد مسلم ليگ ئي اڪيلي سياسي پارٽي هئي. ميدان ۾ ٻي ڪابہ سياسي پارٽي نہ هئي، انهيءَ ڪري مسلم ليگ ۾ ڌڙي بندي شروع ٿيڻ لڳي.

سازشن ۽ ڏاه ناهہ جا عجيب ڪرشما ظهور پذير ٿيا. سچا ڪارڪن، حالتن جي بي مهري سبب ماڻڙي ڪري ويهي رهيا، پير غلام مجدد صاحب جن سياست کان ڪناره ڪش ٿي حيدرآباد ۾ هڪ ڇڏيل بنگلي کي ’فقيرانہ جهونپڙيءَ‘ جو شرف عطا ڪيو، انهيءَ ڪري مولانا مولوي عزيزالله ساند صاحب رحہ پڻ سياست کان رٽائرڊ ٿي وري دوباره مدرسي جي ڪم ۾ جنبي ويا.

1949ع ۾ سندس پائيٽو مولوي عبدالسميع ساند فارغ التحصيل ٿيو، جنهن کي مدرسي ۾ ’مدرس‘ ڪري رکيائين، ۽ پاڻ رحہ پنهنجي جهونن دوستن حافظ غلام محمد هاليپوٽي ۽ حافظ جان محمد پلي کي سڏي چيائون تہ ”پنهنجو ڪم هاڻي مدرسي جي خدمت آهي.“ هڪ ڪکن جي مسجد کي بنياد بنائي، مدرسي جي نئين سر احياءُ ڪيائون.

**مدرسي جي مسجد جي تعمير:**

مدرسي جي مسجد جيڪا ڪکائين هئي سا شهيد ڪرائي پڪي مسجد جو بنياد رکيائين ۽ ٽي پڪيون ڪوٺيون شاگردن جي رهائش لاءِ پڻ اڏڻ ۾ آيون. اهڙيءَ ريت مدرسو پنهنجن اجراء جي پنجن سالن ۾ (1954ع) پڪي مسجد ۽ پنجن ڪوٺين سان معمور ٿيو. سنڌ جي هرهڪ حصي کان سواءِ بلوچستان ۽ راجستان جا شاگرد پڻ اچڻ لڳا. ٿوري ئي وقت ۾ هڪ ننڍو مدرسو دارالعلوم جي جاءِ وٺي بيٺو.

**بيماري:**

1956ع تائين مولوي صاحب رحہ جن ٺيڪ ٺاڪ ۽ چاق نوبنا هئا، تنهن بعد گهٽي ڪم ڪرڻ ڪري سندن صحت ڪِرڻ لڳي، ’سِلهہ‘ جهڙي خطرناڪ بيماري کين ’موروثي‘ طرح ورثي ۾ آئي. سندن دوستن گهٽ ڪم ڪرڻ جو کين مشورو ڏنو. پر پاڻ شاگردن جي پُورائي لاءِ ويهي نہ سگهيا. 40-45 ماڻهن جي ماني، پوشاڪ رهائش دوا درمل جي بندوبست لاءِ هر جڳهہ تي پهچندا هئا. پاڻ رحہ نہ صرف پنهنجي مدرسي پر چونڊي (تعلقي جيمس آباد) واري مولوي محمد ابراهيم خاصخيليءَ جي مدرسي شير خان چانڊيئي جي ڳوٺ مولوي رسول بخش جي مدرسي جي بہ سنڀال ڪندا هئا. سندن صحت تي هيتري ڪم جو اثر پوڻ لازمي هو، پاڻ رحہ ڪجهہ عرصو ڪم صفا بند ڪري ڇڏيو. 1957ع کان 1960ع تائين مولوي صاحب جن جي ڪم ۾ وقفو پئجي ويو.

**ٻيهر سياست ۾:**

1960ع بعد وري جميعت العلماء اسلام جي قيادت وري اُڀري آئي. مولانا غلام غوث هزاروي صاحب جن جميعت جون واڳون سنڀاليون. وري پراڻا ساٿي ڳولي ڪڍيائون. تنهنڪري 1963ع ۾ جميعت العلماء اسلام ضلع ٿرپارڪر جي تنظيم ٿي ۽ پاڻ رحہ (مولوي عزيزالله ساند) ضلع ٿرپارڪر جا ناظم اعليٰ مقرر ٿيا.

**جميعت العلماء اسلام ٿرپارڪر:**

| | |
|---|---|
| مولوي محمد اسحٰق ولد مولانا محمد علي جوڻيجو | صدر |
| مولوي علي اصغر شاهہ ڪاروڙو | نائب صدر |
| مولوي عزيزالله ساند ولهيٽ | ناظم اعليٰ |
| مولوي عبدالسميع ساند صاحب | نائب ناظم |

**استعفيٰ:**

ايوب خان جو دؤر هو، محترمہ فاطمہ جناح ايوب خان جي مقابلي ۾ آئي هئي، جمهوريت لاءِ تڙپ شروع ٿي وئي. مولوي صاحب جا پراڻا ساٿي، ايوب خان جي سياست ڪري ٿَڪي چڪا هئا. مولانا عبدالحق رباني محترمہ فاطمہ جناح جي ورڪ ۾ لڳي ويو وساڻ صاحب بہ ايوب خان جي مخالف ليگ ”ڪائونسل مسلم ليگ ۾ شامل هو. سوال هو تہ عورت سربراهہ حڪومت ٿي سگهي ٿي يا نہ؟ مولوي صاحب رحہ جن صدر جميعت العلماء اسلام ٿرپارڪر کي خط لکيو تہ ”منهنجي صحت ٺيڪ ناهي، جمار بہ اجازت نٿي ڏي، ازانسواءِ

حالتون اهڙيون اچي بيٺيون آهن جو هڪ طرف عورت آهي ته ٻئي پاسي جابر، چنانچه منهنجي اوهان سان صرف همدردي آهي سا آهي باقي آءٌ اوهان جو سياسي سهارو نٿو بڻجي سگهان. انهيءَ ڪري منهنجي استيعفيٰ منظور ڪري نئون انتخاب ڪرائيندا.“

مولوي محمد اسحٰق صدر جميعت ٿرپارڪر، بذاتِ خود ولهيٽ مدرسي ۾ آيو، چيو ته اوهين پل ڪم نه ڪريو پر تبرڪ طور اوهان جو نالو اسان لاءِ مفيد آهي، انهيءَ ڪري اوهان جي استيعفيٰ منظور نه آهي. وقت فيصل آهي، هرهڪ انسان ان جي وهڪري ۾ وهندو آهي، پر ڪي انسان اهڙا آهن جي حالات جو مقابلو ڪندا آهن. اهڙا انسان هئڻ ڪان ٿورا هوندا آهن پر ٻين لاءِ مثال بڻبا آهن، مولوي صاحب رحه به اهڙن انسانن مان هو، رمضان 1386ھ آهي. اسان چند رفيق مولوي صاحب جي فرزند ميان اسحٰق سميت ”انصاف هوٽل حيدرآباد ۾ ٽڪيل آهيون. ٽي.بي سينٽوريم ڪوٽڙيءَ جي سپرنٽنڊنٽ جي چوڻ مطابق مولوي صاحب کي ٻئي ڏينهن تي داخلا ملڻي آهي. چند ڊاڪٽر دوست، مولوي صاحب کي ٽي.بي سينٽوريم ۾ داخلا لاءِ پيا چون، مسٽر نورمحمد دراني ته ڪاوڙجي روانو ٿي ويو، جو مولوي صاحب پيو چوي ته ”هاڻي دوا جو وقت ويو.“ اسان جو اصرار حد کان وڌندو ڏسي مولوي صاحب چيو: ”مولوي صاحب! (عبدالرحمٰن) متان آءٌ اوهان دوستن تي اڄ ڏينهن کان پوءِ وڌيڪ بار بڻجي پوان! انهيءَ ڪري آءٌ حڪم ٿو ڪريان ته گاڏي وٺي اچو ۽ ڳوٺ هلو!“

19 رمضان 1386ھ رات جو 9 بجي گاڏي آئي، مولوي صاحب جي طبيعت ناساز اسهال جن جو ٻن ڏينهن کان زور هو، هٽي چڪا آهن. ميرپورخاص 11 بجي پهتاسين، مولوي صاحب مانيءَ جي طلب ڪئي پر نه وٺي. چانهه جو ڍُڪ پيئڻ ٿيو، 1 بجي ڳوٺ ولهيٽ پهتاسين. ٻئي ڏينهن صبح جو پاڻ رحه مولوي صاحب عبدالسميع ۽ ٻين عزيزن کي سڏي چيو ته ”منهنجي قبر، مائٽاڻي قبرستان ۾ نه ڪجو، پر منهنجي قبر مدرسي جي پير ۾ ڪجو“ مدرسي جي خدمت ڪندو رهجين!“ اهي هئا چند جملا جي مرد فقير پنهنجن سائين ۽ عزيزن کي چيا. 27 رمضان تي مون کي موڪل ڏنائون ته پل وڃي عيد ڪريان ۽ موٽي اچي مدرسي جي چالو ڪرڻ جو تاڪيد ڪيائون. 4 شوال 1387ھ مطابق 1966ع تي حاجي محمد عيسيٰ چونٽرائي مون وٽ پهتو ته مولوي صاحب مرحوم 2 شوال 1387ھ تي گذاري ويو. اِنالله و اِنا اِليه راجِعُون.

**بقول معمور يوسفاڻي:**

”عزيز مدرسہ، عزيز وطن، عزيزن کان وڇڙي ويو.“

سندس قبر، مدرسہ جي پير ۾ اسان کي همٿائي رهي آهي پر جي همٿ هجي ته! (هن وقت مسجد جي توسيع ٿيڻ ڪري سندن تربت مسجد جي اڱڻ ۾ ڏکڻ- اوبر ڪُنڊ ۾ اچي وئي آهي.)

**اخلاق:**

مولوي صاحب سخي طبيعت، صبر جو ڏٽي، همٿ جو درياءُ، خوش خلوق (موت جو مالڪ، ملنسار، غريب پرور، يتيمن جو هڏ ڏوکي هو، وڏن ماڻهن سان عام رواجي تعلق رکڻ وارو، وقت تي سچ چوڻ وارو انسان هو. ڪنهن کان به ڊڄڻ سندن طبيعت ۾ هوندئي ڪونه هو. ڪهڙو به وڏو ماڻهو هجي، ڪا ڳالهه سندس ذهن ۾ خلافِ شرع معلوم ٿي ته چوندي نه گسندا هئا. غريب جي سنڀال ڪرڻ ۽ ان جي مدد ڪرڻ ۾ ڪين خوشي محسوس ٿيندي هئي. مهمان نوازي سندن خاص شان هو، اسان هميشہ پنهنجي اکين سان ڏسندا هئاسين ته 10-15 مهمان هوندائي هوندا هئا. ماني پچائڻ جو ڪم صرف سندن اهليہ ڪندي هئي، جا نيڪ خاتون خود

انهن هستين مان هئي. جن جو ذڪر، قلبي هميشہ جاري رهندو آهي. پاڻ رحہ وقت جي وڏي اهل الله جي نياٽي هئي.

شاگردن جي خدمت ڪرڻ، سندن پسنديده مشغلو هو، سڀ شاگرد ڪين پنهنجي ماءُ جو درجو ڏيندا هئا. ميان محمد عثمان ساند جو غريب ڳوٺ جو باشندو آهي، وٽس چند دوست اچي ويا جي خاص محمد عثمان جا واسطيدار هئا. محمد عثمان چئي ٿو تہ منهنجي حالت ان وقت اها هئي جو گهر ۾ ڪجھ ڪين هو. مولوي صاحب منهنجي چهري مان معلوم ڪري ويو. مون کي ٻاهر ڪڍي چيائون تہ "بابا! مون کي اجازت ڏي تہ تنهنجن دوستن جي آڌ ماني ڪريان." اٿين چئي مون کي چيائين تہ وڃي منهنجي گهران ماني تيار ڪرائي ڪٺي اچ. ۽ مهمانن کي ڪاراءِ، پاڻ رحہ واپس وڃي مهمانن وٽ وينو. انهن سان ڳالهين ۾ اهو ذڪر ڪرڻ لڳو تہ "ادا، اڄ توهان محمد عثمان جا مهمان آهيو، اسان جي مهماني اوهان کي سياڻي ڪاٽي پوندي." مهمانن کي خبر بہ نہ پئي تہ ڪو اسان جي مهماني مولوي صاحب ڪئي آهي.

ڪين سواليءَ جي سوال پوري ڪرڻ ۾ وڏي خوشي محسوس ٿيندي هئي. هڪ دفعي مدرسي مان نڪتا احمد شاهہ گرهوڙيءَ وٽ ڪنهن ڪم لاءِ ويا. اتان وارو ٿيا تہ بچاءُ بند تي هڪڙو شاهہ صاحب سوالي گڏيُن. مولوي صاحب کي بهترين ڪوٽ (شيرواڻي) پاتل هو. شاهہ صاحب سوال ڪيو تہ مولو صاحب اوهان جو ڪوٽ مون کي ڏيو. مولوي صاحب بغير ڪنهن هٻڪ جي ڪوٽ شاهہ صاحب کي ڏنو. ڪوٽ تہ ڏيئي وينو پر ان ۾ پئسا بہ رهجي ويا. پنهنجي رفيق حافظ جان محمد صاحب کي چيائون تہ "حافظ صاحب ڪِرايو پاڻ وٽ ڪونہ اٿئي. سو پرٺو پوندہ. حافظ صاحب وراڻيو تہ "سائين پئسا سوير پيا هئا هينئر ڪيئن ختم ٿي ويا. جيئن تہ پئسا ڪوٽ ۾ هئا. جڏهن ڪوٽ اهلِ بيت جي سوال ۾ ويو تہ پئسا بہ هليا ويا. اهلِ بيت جي عزت ۽ محبت ڪافي ڪندا هئا.

**دوستي:**

دوستي رکڻ ۾ مولوي صاحب رحہ جن فياض رهيا. سندن دوستيءَ جو دائرو وسيع هو. وڏن ماڻهن کان وٺي فقير بہ سندن دوستيءَ جي حلقي ۾ شامل هئا. پوري سنڌ ۽ ان کان ٻاهر سندن دوستن جا ٽولا هئا.

**تصانيف:**

مولوي صاحب جي ٻن ٽن ننڍڙن ڪتابڙن کان سواءِ ڪابہ تصنيف موجود ڪانهي، فضائل الصلوات، فضائل رمضان، شيعہ ۽ پنج تن، تقيہ، شيعہ ۽ اهل بيت. اهڙي قسم جا ننڍا ڪتاب مولوي صاحب ڇپائي ماڻهن ۾ مفت ورهايا هئا. باقي "قرانيءَ" جا ايڊيٽوريل پڙهڻ وٽان آهن. جن ۾ مولوي صاحب جي قلم جي جولاني پئي تجلا ڏئي.

**شعر:**

ڪڏهن ڪڏهن مولوي صاحب جي زبان مان بي اختيار شعر نڪرندا هئا سندن لکيل ڪو ديوان وغيره ناهي. طبيعت شاعراڻي هُين، سندن تخلص "عنصر علي" هو، وعظ ڪندي ڪجھ في البديهہ شعر بہ چئي ڏيندا هئا. هڪ دفعي شاگردن جي ٻاراڻي حال موافق حضرت بلال رحہ جو قصو شعر ۾ لکي ڏنائون:

ٿي هنيائون، ٿي وڌائون، تاب ترڪي تاءُ تپي،
احد واحد ٿي ڪيائين ذڪر پنهنجي ذوق تي،
اِيءُ ڏٺي اهڙي جا حالت، صاحب صديق جا.
"ذڪر ظاهر ڪيم ڪر تون، مُحب جاني مون منا!"

هڪ دفعي مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ" ڏي جڏهن سندن (پير صاحب جي) منزل هوندي پلي واري ڳوٺ ۾ ٿي هئي. پاڻ هيٺيون شعر خط جي سِري تي لکي مُڪائون.

مرد مسيحا جي اسان کي دلبرا! درڪار آهِ
طالب المولیٰ جي اڳيان، هي التجا اظهار آهَ.

سيد ڄامن شاهه ڪاروڙي واري جي قبر تي فارسيءَ ۾ هڪ شعر لکيل هو جيڪو پڻ سيد علي اصغر شاهه جي چوڻ موجب مولوي صاحب عزيزالله جو آهي.

انهن ڪانسواءِ مختلف ڪتابن تي سندن سهڻن اکرن سان ڪي شعر لکيل آهن، پر ايترا گهڻا ڪينهي جو ڪو مجموعو ٿي سگهي. بهرحال ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته پاڻ رحه شاعراڻيءَ طبيعت جا حامل هئا. باقي شعر تي طبع آزمائي سا گهٽ ڪيائون.

**اهلِ علم دوست:**

مولوي صاحب جن خود عالم هئا. تنهنڪري سندن دوستيءَ ۾ وقت جا وڏا وڏا عالم به شامل هئا.

**مولانا محمد صادق کڏو (ڪراچي):**

مولانا کڏي وارا، مولوي صاحب رحه کان عمر ۾ وڏا هئا. تنهنڪري پاڻ رحه کين استادن جي زمري ۾ رکندا هئا. سندن چوڻ هو ته "مون ڪنهن به امير جو دسترخوان مولانا کڏي واري جي دسترخوان کان ڪشادو نه ڏٺو." جميعت جي ڪم يا رسالي جي ڇپائيءَ لاءِ (جو عباسي ليٿو پريس مان ڇپيو هو). مولوي صاحب گهڻو وقت کڏي ۾ گذاريندو هو. اتي سندن ملاقات، مولانا کڏي واري سان اڪثر ٿيندي رهندي هئي. پاڻ رحه، مولانا رحه جي ذات کان ڏاڍا متاثر پئي رهيا. پاڻ رحه، مولانا رحه کي وقت جي وڏن عالمن مان ڳڻيندا هئا. پاڻ رحه، مولانا محمد صادق سان اختلاف بعد به مٿين راءِ جا هئا. چنانچه اسين هنن بزرگن جي اعليٰ اخلاق جو انداز لڳائي سگهون ٿا ته اختلاف بعد به حقيقت بياني سندن شان هو.

**حڪيم فتح محمد سيوهاڻي:**

سنڌ جي اهل قلم طبقي جو مشهور سرواڻ مولوي صاحب رحه جن سندس اخلاق جو ذڪر سٺي انداز ۾ ڪندا هئا. سنڌ جي علماء کي مولانا مدنيءَ جي چوڻ سان ڪانگريس ۾ آڻڻ ۾ گهڻو زور، مولوي صاحب رحه حڪيم صاحب جي طرفان بيان ڪندا هئا. انهيءَ ڪري حڪيم صاحب جي اثر جي خبر پوي ٿي ته هو ڪيتريقدر ڪامياب ناظم اعليٰ جميعة العلماء سنڌ هو. حڪيم صاحب جي حاضر جوابي مزاحي طبيعت جو ذڪر عام ڪندا هئا، سندن عالمانه گفتگوءَ کي بار بار دهرائيندا هئا. حڪيم صاحب جو ناري جي اڪثر خاندانن سان واسطو هوندو هو، خاص ڪري مولوي قاضي نورمحمد پلي صاحب سان گهڻو واسطو هوندو هو، هڪ دفعي حڪيم صاحب جي دعوت ميان محمد حسن شاهه چيلهه واري ڪئي، جو عالمن جو تمام وڏو قدردان هوندو هو.

انهيءَ دعوت ۾ ڳوٺ جا معتبر ماڻهو، ڪچهري ڪرڻ لاءِ آيل هئا، جن ۾ جميعة العلماء ٿرپارڪر جونائب صدر مولانا مولوي عبدالحڪيم چيلهه وارو به هو، جڏهن ماني آئي ته شاهه صاحب ميان محمد حسن شاهه ۽ حڪيم مولوي عبدالحڪيم کي مانيءَ جي صلاح هنئين. مولوي صاحب جواب ۾ چيو ته آءٌ ماني کائي آيو آهيان، پر زور ڪرڻ تي ماني کاڌائون، ڳالهين شروع ٿيڻ جي ڪري مولوي صاحب اوستائين ماني کائيندو رهيو جيستائن حڪيم به هٿ ڪڍيو. اتي حڪيم صاحب مِزاحاً مولوي صاحب کي چيو ته "مولوي صاحب! خدا ڪيو جواوهين ماني کائي آئيو ورنه شاهه صاحب کي وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوي ها."

**مولانا عبدالڪريم چشتي شڪارپور:**

سنڌ جي مشهور عالم مولانا عبدالڪريم چشتيءَ جي مولوي صاحب سان دوستي هئي، چشتي صاحب به مشهور صحافي، اهلِ علم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي، ڪيترا پيرا مولوي صاحب چشتيءَ کي عمرڪوٽ

۾ گهرايو، سندن خط و ڪتابت اخير تائين قائم رهي، اسان جي پڙهڻ واري دور ۾ بہ چشتيءَ جا مولوي صاحب وٽ خط ايندا هئا.

**مولانا داد سلطان ڪوٽي:**

مولانا سلطان ڪوٽيءَ سان بہ سائين مولوي عزيزالله جو تعلق هو، ڪين جميعة جي جلسن ۾ گهرائيندا هئا. مولوي صاحب پچاڙيءَ ۾ پير جي ڳوٺ ۾ مدرس هو.

**مولانا عبدالحق رباني وفات:**(19-12-1983):

مولانا عبدالحق ربانيءَ سنڌ جي عالم طبقي ۾ بلند حيثيت رکندڙ هئا. پاڻ رحہ سنڌ جي انهن عالمن مان آهن جيڪي شاهہ ولي الله رحہ جي فلسفي جا ڄاڻو هئا. مولانا محمد قاسم نانوتوي جا ڪتاب بہ جيڪڏهن ڪو سنجهڻ چاهيندو هو تہ مولوي صاحب وٽ پهچندو هو. نصرپور مان مولوي صاحب ان وقت بہ ”المبلغ“ ڪڍندا هئا، جڏهن مولوي صاحب عزيزالله ساند جن ولهيٽ مان ”قراني“ ڪڍندا هئا. مولوي صاحب جي سياسي توڙي علمي تحريڪ ۾ مولانا ربانيءَ جو ساٿ هوندو هو. خاص ڪري قراني توڙي علمي تحريڪ ۾ مولانا ربانيءَ جو ساٿ هوندو هو. خاص ڪري قراني جماعت جي مناظرن ۾ ڪين گهرايو ويندو هو. بدين وارو مناظرو غير مقلدن سان ٿيو، ان ۾ پير احسان الله مرحوم ۽ مولانا عبدالرحيم پچمي وارن سان حنفين جي طرفان مولانا رباني حضرت قراني جا معاون بہ هئا. نوجوان هئڻ ڪري مناظره ۾ هئا، عمرڪوٽ ۾ شيعن جي مناظري ۾ مولانا رباني سنين طرفان مناظر هئا.

**مولوي هدايت الله هالائي:**

مولوي هدايت الله هالا جو ويٺل، وڏو اهلِ قلم، عالم هو، علماء ۾ اڪثر تحرير جو مارو گهٽ هوندو. مولوي صاحب عزيزالله عباسي ليٿو پريس مان رسالو ڇپائيندا هئا، پروف جي سڄي نظرداري مولوي صاحب هدايت الله جي حوالي هئي، مضمون ۾ مناسب تبديليءَ جا بہ ڪين حق هئا. مولوي محمد مبارڪ جو لکيل رسالو ”انڪشاف الحقيقت“ جو بدعتي فرقن جي جامع تاريخ آهي. ان ۾ مولوي صاحب هدايت الله جو وڏو هٿ هو. پاڻ رحہ ڪيترن ئي ڪتابن جا مصنف، شاعرِ بيباڪ پڻ هئا. سندن ڪي ڪتاب ڇپجي بہ چڪا آهن. عربي اشعار جيڪي رسالي قرانيءَ ۾ ڇپيل آهن ۽ حضرت قراني جي وفات متعلق قطعئہ تاريخ پڻ مولوي صاحب هدايت الله جا چيل آهن. غريب هئڻ ڪري مشهوري نہ ٿي باقي مولوي صاحب سنڌ جي ناميارن اهل قلم مان هو. ڪراچيءَ ۾ رهندو هو. شادي بہ اتي ڪيائين. سندن اولاد جي علمي استعداد جي ڪابہ خبر ناهي، سندن ذاتي ڪتبخانو بہ قابلِ ديد هو.

**حضرت پير غلام مجدد سرهندي، مٽياري:**

پير صاحب جن سائين مولوي صاحب جن جا خانداني مرشد هئا. سندن سياسي، سماجي زندگيءَ جا رفيق، مولوي صاحب جن پير صاحب جن جي سخا جا قائل هئا. بعض حالتن ۾ شرعي مسئلن تي سندن پير صاحب سان ٽڪر ٿيندي هئي پر حق چوڻ ۾ پاڻ مرشد کان بہ نہ هٻڪندا هئا.

**حضرت پير سائين پاڳارو:**

موجوده پير صاحب پاڳاري جي والد (حضرت صبغت الله شاهہ سورهيہ بادشاهہ) سان بہ مولوي صاحب جو تعلق هو، جميعة العلماء ٿرپارڪر جو صدر مولانا محمد علي پير صاحب پاڳاري جو مريد هو. انهيءَ ڪري بہ مولوي صاحب رحہ جو جماعت سان واسطو قائم ٿيو. ازانسواءِ مولوي عزيزالله ۽ مولوي محمد علي مرحوم ۽ ٻين کي پير صاحب ڪيٽيءَ تي گهرايو، جتي سائن نجي گفتگو ڪندي حڪم ڪيائون تہ اسان کي جهاد جو خيال آهي، اوهان ماڻهن ۾ جهاد جي تبليغ ڪريو.

**حضرت سيد حاجي غلام شاهه ڪاروڙو عمرڪوٽ:**

حضرت سيد غلام شاهه ڪاروڙي جي درگاهه جو سجاده نشين هو، جيڪا عمرڪوٽ کان 3 ميل پري چور رستي تي آهي. مشهور نيڪ هستي ٿي گذريا آهن. مولوي صاحب سندن محبت الرّسول جا قائل هئا. اهلِ علم جا خاص قدردان هئا، سخي طبيعت سندن دسترخوان تي فقراء جوانبوه هوندو هو، هن وقت سائين شاهه مراد شاهه سندن وڏو فرزند گادي نشين آهي. الله تعاليٰ سندن علمي گهر کي آباد ڪري، سندن وچون فرزند علي اصغر شاهه ولهيڻ مدرسي جو شاگرد آهي. (سائين شاهه مراد صاحب 14- فيبروري 1995ع اڱاري جي ڏينهن وفات ڪئي. هن وقت سائين شاهه مراد جو پوٽو سيد سردار علي شاهه، سنڌ اسيمبلي جو ميمبر ۽ ڪلچر جو صوبائي وزير آهي).

**حضرت ميان حاجي محمد حسن شاهه چيلهه:**

چيلهه جو ڳوٺ عمرڪوٽ کان 16 ميل ڪن ڏکڻ ۾ عمرڪوٽ رستي تي آهي. ساداتن جا 3-4 گهر آهن. جن مان سيد ميان محمد حسن شاهه به ٿي گذريا آهن. پاڻ مولوي صاحب ۽ جماعت جا خاص معاون هئا. جڏهن قاضي نورمحمد صاحب جميعت جي علماء تي چاچري ۾ ڪيس داخل ڪرايو ۽ ميان محمد حسن شاه سندس خاص معاون هن اڪثر ڪيس جو خرچ ميان صاحب تي هوندو هو، وڏو زميندار هجڻ جي باوجود به سڄي چمار ڳوٺ جي ٻارن کي قرآن شريف پاڻ پڙهائيندو هو، سندس شاگرد اڄ به سٺا قاري آهن. پاڻ سٺا فارسي دان هئا. لنواريءَ وارن بزرگن جا مريد هئا پر عالمن جي فتوىٰ بعد ان مريديءَ تان دستبردار ٿيا، پڪا موحد ۽ نيڪ انسان هئا. اڄ به سندن فرزند سيد علي محمد شاهه سندن گادي نشين آهي جو اهلِ علم جو وڏو قدردان آهي.

ان کان سواءِ مولوي محمد نوح خاصخيلي مولوي محمد ابراهيم خاصخيلي، مولوي عبدالحئي نوحاڻي ڪنگوري وارو، مولوي عبدالخالق ’عبد‘ پلي، مولوي فضل محمد مڱڻهار، ميان محمد اسماعيل ’قاسم‘، حافظ خان محمد ’مُلون‘ ڪوري، حاجي پرچو پلي، حاجي برهان راڄڙ، مل محمود پلي، حافظ دُرمحمد پلي، مولوي غلام محمد ڪلوري، مولوي مريد علي هاليپوٽو، مولوي عبدالله آريسر، مولوي فيض الحق، رانگيواڙو ڪراچي، مولوي محمد صالح ميرپورخاص، مولوي عطاوالله پناڻ سندن ساٿي هئا.

**سياستدان:**

سنڌ جي سياستدانن مان مولوي صاحب جو واسطو هيٺين سياستدانن سان هو. پير الٰهي بخش، وزيراعظم سنڌ، مولوي صاحب رحہ جو ساڻس خاص تعلق هو. پير صاحب اهلِ علم جو قدردان هو.

ازانسواءِ مير بنده علي خان وزيراعليٰ سنڌ، خانبهادر غلام محمد وسڻ، سيد غلام نبي شاهه، خانصاحب عطا محمد پلي، وڏيرو محمد عاقب پلي، وڏيرو محمد سگهو پلي شادي پليءَ وارو سندس دوستيءَ جي حلقي ۾ شامل هئا.

**اديب:**

مولوي صاحب رحہ خود صحافي هو، انهي ڪري سنڌ جي اهلِ قلم سان سندن خاص واسطو هو، ماهنامہ توحيد ۽ قراني جو خاص مقابلو هوندو هو. قراني جي قائلن ۾ توحيد جي مقابلي ۾ ڏاڍا مزيدار مضمون آهن، توحيد غيرمقلدن ۽ قراني حنفين جي ترجماني ڪندو هو.

**مولانا خيرمحمد نظاماڻي:**

مولانا خيرمحمد نظاماڻي سنڌ جي بزرگ اديبن مان آهي، سندس ۽ مولوي صاحب جا ادبي مقابلا به ڏسڻ وٽان آهن. مولانا نورمحمد نظاماڻي، ايڊيٽر ”طيراً ابابيل“.

سنڌ جي غيور اديبن جو مثال مرحوم نورمحمد نظاماڻي هو. سندس رسالو ”طيراً ابابيل“ عجيب طرح جي مضمونن سان لبالب هوندو هو.

خدايا بحق خداونديت، ڏي توفيق طيراً ابابيل کي،
تہ نصرمن الله جو نعرو هڻي، پچي بت باطل جي هر فيل کي.

سادي پوشاڪ، هٺ سان پورهيو سندس شان هو، هينيان صاحب مولوي صاحب رحہ جي خاص دوستن مان هو.

محمد هاشم مخلص ايڊيٽر "مسلمان"، محمد عثمان ڏيپلائي ايڊيٽر، مصنف ۽ مترجم، شيخ عبدالمجيد سنڌي، حاجي محمود هالائي ايڊيٽر "همدرد" عبدالڪريم سعدي ايڊيٽر "الهلال". لطف الله حُساماڻي سب ايڊيٽر "خادم وطن"، مولانا رحم علي پلي انچارج ايڊيٽر "الوحيد".

1935ع کان 1938ع تائين (رسالي جي جاري رهڻ تائين) سندن سنڌ جي اهلِ علم سان گهڻو ۽ گهاٽو واسطو رهيو، رسالي مان اها بہ سڌ پوي ٿي تہ دهليءَ مان خواجہ حسن نظامي بہ خاص خط لکي مولوي عزيزالله کان لنواريءَ جي حالات بابت معلومات حاصل ڪئي.

**رفقاءِ خاص:**

**حافظ غلام محمد هاليپوٽو:**

وفا جو شان جي ڳولڻو هجي تہ مولوي صاحب جي يار حافظ غلام محمد هاليپوٽي جي زندگي پڙهجي. پاڻ ڊوري ناري جي پر ۾ بلال هاليپوٽي جي ڳوٺ جا وينل هئا ۽ ڊوري ناري جي جامع مسجد جا پيش امام هئا. مدرسي کلڻ بعد مولوي صاحب رحہ جن کانئن پيش امامي ڦٽي ڪرائي ۽ کين مدرسي ۾ معاون ڪري رکيو. مدرسي جي سفارت جو سڄو بار حافظ صاحب تي هو. حافظ سچار انسان هو، موقعي ۽ سهل سر چاپلوسي ڪڏهن نہ ڪيائون. سچي ڳالهہ منهن ٺوڙ ڦهڪائي ڏيندا هئا. پوءِ ڪنهن کي وڻي يا نہ وڻي. حافظ صاحب ۽ مولوي سائين عزيزالله ڪنريءَ ۾ حسن رند اسٽيشن جي پر ۾ ڪنهن رئيس جي ڳوٺ ۾ پهتا جنهن مسجد لاءِ ٽيئر ۽ گاڊر ڏيڻا ڪيا هئا. حافظ کان رئيس سوال ڪيو تہ"حافظ صاحب! هڪ عشق جي شهيد هڪ عورت پچائي. پوءِ جڏهن هن کان اها عورت کسي ويا تہ هُن گولي هڻي پاڻ شهيد ڪري وڌو. ماڻهو سندس شهادت کان منڪر آهن. اوهان جو ڪهڙو خيال آهي." حافظ صاحب نہ ڪئي هم نہ ڪئي تم بغير ڪنهن هٻڪ جي جواب ڏنو جي "ابا! اهو شهيد ڪونهي بلڪہ ان جو موت مردود جو موت آهي." انهيءَ تي رئيس ڪاوڙجي پيو، حافظ چيو تہ "رئيس! تنهنجي ڪاوڙ جي مون کي پرواهہ ناهي، باقي اها تولاءِ هاجيڪار ضرور آهي." ائين چئي حافظ هليو ويو.

سندس وفات مولوي صاحب رحہ جي حياتيءَ ۾ ٿي الله پاڪ غريق رحمت ڪريس.

**حافظ جان محمد پلي:**

حافظ جان محمد پلي، مولوي محمد علي جوڻيجي جو ابتدائي شاگرد هو، جمار ۾ مولوي صاحب عزيزالله ساند کان گهڻو وڏو، دراز قد، باهمت، پهلوان مڙس هو. حافظ غلام محمد کان پوءِ مولوي صاحب جو وڏو معاون هن سياري اونهاري مدرسي ۾ پيو ڪم ڪندو هو. شاگردن جي هر طلب پوري ڪرڻ حافظ صاحب جو فرض هو، گوشت جي طلب ٿي تہ حافظ صاحب ڪو ڊور يا ڀهرو پهچايو، زبردست خادم ۽ اڻ ورچ هستي هو حافظ صاحب سدائين دلائل الخيرات پڙهندڙ ۽ خشيتِ الٰهي ۾ رئندڙ رهيو. سندس صحبت ٿرَ جي جميع اهلِ الله سان هئي. حاجي حبيب الله پلي ڳموريءَ واري جو مٿن خاص اثر هو. سندس حالاتِ زندگي ۽ عبادت جي حقيقت شاگردن کي اڪثر ٻڌائيندو هو. مولوي صاحب جي عمر ۾ خدمت ڪيائين. مولوي صاحب جي وفات بعد بہ سخت بيمار ٿي پيو. مولوي صاحب جي وفات جو ٻڌي، بيل گاڏيءَ ۾ چڙهي، پنهنجي ڳوٺ محمد شريف پليءَ کان جيڪو مدرسہ ولهيٽ کان ٻہ ميل پرتي آهي، مدرسي ۾ آيو ۽ مولوي صاحب جي قبر تي فاتحہ پڙهي شاگردن کان موڪلائي ڳوٺ ويو. ان بعد سُنت ئي وفات ڪري ويو. الله پاڪ کيس غريق رحمت ڪري.

ڊاڪٽر اسد جمال ’پلي‘
عمرڪوٽ



# ”تـلـو“

## هاڪڙي درياءَ جي ڍنڍ ۽ پَٽُ

**هاڪڙو:**

هي اُهوئي هاڪڙو آهي جنهن لاءِ ماموئي فقيرن جي مشهور پيشنگوئي آهي تہ:

هاڪ وهندو هاڪڙو، ٻجندي ٻند اروڙ،
ٻهہ مڇي ۽ لوڙه، سمي ويندا سوڪڙي.(1)

هاڪڙي جي تهذيب ۽ قدامت تي تاريخي ڪتابن ۾ ڪافي بحث ٿيل آهي. هيءُ هاڪڙو اسان کي هن وقت بہ پنهنجي وجود جو احساس ڏيارڻ لاءِ مختلف ڍورن ۽ ڍنڍن جي شڪل ۾ موجود آهي. سانگهڙ ضلعي جي مشهور مَکي ڍنڍ وٽان هاڪڙي جو پيٽ تسلسل سان سمنڊ تائين اڄ بہ موجود آهي ۽ جڏهن برساتون جهجهيون پونديون آهن تہ ڍورو وري بہ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي جوڀن جا پور پسائيندو رهندو آهي.

جيترو هاڪڙي جو وجود قديم آهي اوتروئي سندس ٻنهي ڪنارن تي موجود ڍنڍن جو وجود پراڻو آهي، ڍورن ۽ ڍنڍن جو ٺهڻ هڪ فطري عمل آهي، جڏهن بہ وهڪرو سُڪو يا پنهنجو رخ مٽايائين تہ جيڪا شڪل وٺندو ان کي ڍورو چئبو.(2) اهڙيطرح درياءَ جي ڪنارن تان پاڻي پڙتل ڪري ڇلڪندو تہ اهو پاڻي ڪنهن هيناهين جاءِ تي پيو گڏ ٿيندو تہ ان کي ’ڍنڍ‘ چئبو. پوءِ جڏهن درياه جي پڙتل نہ بہ ٿيندي تہ برساتي پاڻي بہ پيو ان جو پيٽ ڀريندو ۽ ڍنڍ پنهنجو وجود بچايو ايندي. هن فطري عمل کي ڪڏهن ڪڏهن اُتان جي رهواسين بہ ڍنڍ جي چئني پاسن کان بند ڏيئي ۽ سندس پيٽ کي کوٽي بہ ڍنڍ جي عملي شڪل کي پختو بنايو آهي. درياهن سان گڏ ڍنڍن جو وجود لازم ملزوم آهي. هي ڍنڍيون ڪڏهن ڪڏهن درياهن خواه واهن جي لاءِ ’ڇنڊڻين‘ جو ڪم بہ ڏين ۽ انهن جي ڪپرن تان اضافي پاڻي جو دٻاءُ بہ ختم ڪن. ڍنڍ جي هڪ ننڍي شڪل جيڪا ڪنهن ڳوٺ يا شهر جي اڏڻ لاءِ مٽي کڻي ٺاهجي تہ ان کي ’ڪاڻ‘ چئبو. جيستائين اُهي ڳوٺ يا شهر آباد رهندا اوستائين ڪاڻ پنهنجي اونهاڻ ۽ ويڪراڻ کي وڌائيندي رهندي آهي. ڪاڻ جي کوٽائي ۽ مٽي جي ڳوهڻ لاءِ اڪثر زيرزمين پاڻي جوئي استعمال ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٻئراج جو پاڻي بہ ڪاڻ جي مختلف حصن ۾ گڏ ڪري استعمال ڪبو آهي. ڍنڍ جي ٻي ننڍي شڪل کي ’ترائي‘ بہ چئجي ۽ ان جو مذڪر صيغو وري ’تلاءُ‘ چئبو. جديد دور ۾ تلاءُ اڃان بہ ننڍا تي سرن ۽ سيمينٽ جي مدد سان ٺاهيا ويا ۽ پاڻي جي گهرو استعمال جي ذخيرن طور ڪم اچن ٿا. پاڻي جي هن ذخيري کي هڪ گهر جي استعمال لاءِ اڃان بہ ننڍو ڪري زمين ۾ خواهہ گهرن جي ڇتين تي ’ٽانڪيءَ‘ جي شڪل ۾ ٺاهيو ويو. اهڙي طرح ٿر ۾ وري برساتي پاڻي کي ذخيرو ڪري رکڻ لاءِ ترائين جي ڪنارن سان زيرِزمين ’ٽانڪا‘ ٺاهي ويا. انهن ٽانڪن جو مُنهن ’گُنڊيين‘ وانگيان ٺاهي پوءِ انهن کي ڍڪي ڇڏجي ۽ ڪجهہ مهينن بعد ڍڪ لاهي اهو پاڻي ڏول سان ڪڍي استعمال ڪجي.

لفظ ’تلو‘ اسم عام آهي ۽ پاڻي جي ڍنڍ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. لغت ۾ هن لفظ جي خاندان جا گهڻائي لفظ آهن. جن مان ڪجهہ لفظن جو هتي وهيڃاءُ ڏيون ٿا.

تلاءُ = تلاهُ، تالاب پاڻي جي ذخيري واري ڪڏ يا جَهڪاڻ.

تلار= (صفت) پاڻي سان ڀريل ٽمٽار.

تلهار= پاڻيءَ جا اُها ترائي جنهن جي ڪناري سان يا ٽيڪ يا ٻُڌن جو عبادتگاه يا تبليغي مرڪز هجي.

تل= ترو، ترائي.

تلي= ڇن. ننڍي ترائي.

هن لفظ سان منسلڪ ڪيترائي اسم خاص به اسان وٽ موجود آهن، جيئن

تلهار= بدين ۾ شهر ۽ ديهه جو نالو، هڪ ذات جو نالو.

تل= عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

تلي= ميرواهه، ساڪرو، ٽنڊو محمد خان، بدين ۽ محبت ديرو ۾ ديهون.

ٽلاهه= پيرن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه.

تل= گهوڙي جو سنج.

تلانگهو= نئين جو نالو.

اهڙيءَ طرح اعرابن جي ٿوري تبديلي سان بيا به لفظ ٺهيا آهن جن جي مفهوم به اصطلاحي طرح يا شڪل شبيهه ۾ لفظ 'تل' سان ڀيچ ڪائي ٿو. مثال طور:

ٽلا= ساهمي جو تراڪڙو پڙ.

ٽُل= برابر، مٽ، ثاني.

تلو= دادو (جوهي) ۾ ڍنڍ، ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

تلو= ترو، ذخيرو، ٽڻ، ڇپر پاڻيءَ جي جهڪاڻ ۾

تلوڪرڻ= ڳجهه ۾ پئسا گڏ ڪرڻ، ملڪيت گڏ ڪرڻ.

ٿلي= ماٿري، ترائي، ٻن پٽن جي وچ ۾ پاڻي بيهڻ واري زمين.

ٿُل= اڇل، ٻل، ٻلهه.

تِل= ڪنهن بزرگ جي ٻاراهي يا عرس جو کاڌو، لنگر، طعام.

الهه- ٿلهه= الهه معنيٰ نه گر ٿيندڙ، نه لهندڙ ظاهر ظهور، تلهه معنيٰ تري ۾ رکيل، لڪايل، پوريل خزاني جي گڏ وغيره، مقصد جيڪا به ظاهر ۽ لڪايل ملڪيت هجي.

تلاطم= سمنڊ يا ڍنڍ جو پاڻي تحرڪ، زوردار ڇوليون. طوفان اچڻ، جنهن سان خطرناڪ ڇوليون اٿن جيڪي جهازن ۽ ٻيڙين کي نقصان ڏين.

تلانبو= درو يا لَڪ.

ڍنڍ لاءِ اسان وٽ ٻيو لفظ ڪولاب، تالاب جو هم وزن به استعمال ٿئي ٿو. هن لفظ جي معنيٰ تي به غور ڪبو ته اُها به هڪ مخصوص گهير، ڦيري ۽ حد بندي جي مفهوم ۾ گهڻو استعمال ٿئي ٿي. جيئن هيٺين لفظن ۾ اچي ٿي(3):

ڪولاب= پاڻيءَ جي ڍنڍ يا تلاءُ.(4)

ڪولابو= (جمع ڪولابا) گول، فقير منش ماڻهو وڏا گول ڪنگڻ هٿن ۽ پيرن ۾ پائين. هتي به مراد اُها بيهي ٿي جيئن پاڻي تلاءَ يا ڍنڍ جي گهير ۾ قيد آهي تيئن هٿ يا پير به هن ڪولابو جي گهير ۾ قيد آهي.

ڪولانب= وڏو تلاءُ.

ڪولاب جاگير ۽ ديهه= ضلعي ٽنڊومحمد خان ۾ آهن.(4)

ڪولاب لانبو= (اسم خاص) عمرڪوٽ جي قلعي جي اُتر ۾ وڏو تلاءَ جيڪو هاڻي شهر جي دڪانن، هوٽلن، آفيسن، اسپتالن ۽ بس اسٽينڊ سان آباد آهي، هن تلاءَ جي وچ ۾ جيڪو تراڪڙو حصو آهي، اُهو هاڻي ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ تبديل ڪيل آهي، پر جڏهن جهجهيون برساتون پونديون آهن ته تلاءَ جي اصل شڪل ۽ مهانڊو ظاهر ٿي ايندو آهي.(5)

تل يا ترائي کي پنجابي زبان ۾ 'ٿلو' چئجي ٿو. لفظ ٿلو اسان وٽ 'سڪ' تهذيب مان آيو آهي. پنجاب ۾ 'تله گنگ' جو شهر جيڪو سکن جو آباد ڪيل آهي ان ڳالهه جو روشن ثبوت آهي. 1985ع ۾ ضلع چڪوال ٺهيو ته تله گنگ کي اٽڪ ضلع کان جدا ڪري چڪوال جو تعلقو ٺاهيو ويو. 'تلو' سمنڊ جي سطح کان هيٺائين ۽ تراڪڙي زمين کي چئجي ٿو. تله گنگ جي بستي به هڪ ڍنڍ يا ترائي تي 'گنگ سکن واري ترائي' يا 'تله گنگ' سڏجي وئي. تله گنگ ۾ هن وقت مغل، سيد، اعوان ۽ بلوچ ڪثير تعداد ۾ رهن ٿا. هيءُ ايئرمارشل نورخان جو شهر آهي ۽ هتي جا ڪاڄا (مونگ ڦلي) سڄي ملڪ ۾ مشهور آهي، تله گنگ

سکن جو هڪ آخري گهر پاڪستان کان پوءِ به صوفي صديق فقير صادق رح جي مقبري جي اوڀر ۾ موجود هئو، جيڪي 1965ع واري جنگ کان به سال پهرين هندستان منتقل ٿي ويا.(19)

نانڪسر جي ڳوٺ ۾ چوڌري رحمت الله ولد نظام الدين جي ڊيزل انجڻ واري اٽي جي چڪي هئي جنهن جي جاءِ تي هن وقت ڪولهين جي اٽي جي چڪي آهي. هن چڪي جي اولهه ۾ پهريائين جانڊاهه (خراس) هوندي هئي. جانڊاهه جي ڏکڻ اوڀر ۾ سکن جو 'گرد وارو' هوندو هو. گرد واري جي لڳ هڪ وڏو پپر جو وڻ هو. جيڪو ويجهي دور تائين به موجود هو. هن ڳوٺ جي اولهه ۾ وڏي ترائي پئي هئي. ترائي کان اُتر ۾ "مساڻ" هئا، اجان به اڳتي نانڪسر، نورنگ سنگهه ۽ ٿمن سنگهه (ٿمن سنگهه) کان اُتر-اولهه 'سيد نور شاهه' جي قبرستان لڳ وڏين حويلين جون ديوارون ۽ آثار به ويجهي دور تائين موجود هئا. نانڪسر کان ڏکڻ- اولهه ۾ جيڪو 'گجرن' جو ڳوٺ آهي. اُهو "ارجن سنگهه" سک جو ڳوٺ هو ۽ بعد ۾ "گجر ننگر" جي نالي سڏيو ويو. نانڪسر کان ڏکڻ ۾ ديهه 'ٻيلو ڪرنا' ۾ 'رسول ننگر' جي ڳوٺ جو پرائمري اسڪول اهو اسڪول آهي جنهن ۾ 'عبدالقادر جوڻيجو مرحوم' پهريائين استاد مقرر ٿيو ۽ 'خانصاحب عطا محمد پلي' جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. جيڪو به ڪلوميٽر اوڀر ۾ آهي. هتان کان ئي خانصاحب عبدالڪريم 'ڪريم' پلي، محترم راڄ محمد پلي ۽ ولي محمد پلي جي صحبت ۾ سنڌس ادبي گرومنگ ٿي ۽ سنڌي زبان کي هڪ لاجواب ڊرامه نگار مليو.(20)

نانڪسر ۾ ڪُشتي جا به مشهور پهلوان ۽ ڪسرتي محمد اسماعيل پنجر، خير محمد عرف خير پنجر ۽ پير بخش پنجر رهندا هئا. هنن پهلوانن جي مقابلي لاءِ چوڌري شاهنواز پنجاب کان مشهور پهلوان ڪُشتي لاءِ گهرايا پر اهي به ڪانئن مقابلو ڪري نه سگهيا. ملهه پهلوان ڏاڏل خان ميئو ۽ پيندا خان ميئو به پنهنجي فن ۾ ماهر هئا.(21)

نانڪسر ۾ هڪ لوڪ شاعر رهندو هو، سنڌس نالو 'الله رکا سدها شاعر' سدهو معنيٰ سنئون ستو، بغير رک رڪاءُ جي سچ چوڻ وارو. جڏهن نانڪسر ۾ مسجد شريف ٺهي ۽ هڪ نظر لکيائين ته ان جي وراڻي هن طرح هئي ته:

نانڪسر ميان ني مسيت پائي جي.

سنڌس پُٽ عبدالله آرامشين تي مستري هو ۽ وٽس اُها ڪاپي سنڀاليل هئي.(22)

ناٿا سنگهه ڳوٺ جي ڏکڻ ۾ 'الهداد جو ڳوٺ' آهي. هيءُ الهداد پناڻ هو. هن ڳوٺ ۾ مَهر به رهن ٿا. الهداد جو مائٽ محمد بشير پناڻ آهي، جيڪو هن وقت پنهنجي آبائي زمين وڪڻي پنجاب منتقل ٿي ويو آهي، هن ڳوٺ جا پناڻ فوج ۾ هئا.

نانڪسر جي ڳوٺ جي اوڀر ۾ ڳوٺ 'مبارڪ خان' آهي. هن ڳوٺ کي پٽيلن جو ڳوٺ چون. هن ڳوٺ جو راجا انارس پنهنجي دؤر جو سپوٽ ۽ سلجهيل شخص هو. سنڌس فرزند راجا اڪرم جيڪو اڄڪلهه پنجاب ۾ رهي ٿو، اهو به لکيل پڙهيل ۽ مهذب ماڻهو آهي. راجا اڪرم صاحب ڊورو نارو هاءِ اسڪول ۾ قاضي محسن ولد قاضي نورمحمد پلي جو ڪلاسي هو. پاڪستان جو سابق وزيراعظم ۽ پيپلزپارٽي جو راجا پرويز اشرف به هتي پيدا ٿيو. هو راجا انارس جو ڀاڻيجو هو. ڪيس راجا انارس سنڀاليو ۽ پڙهايو. هو سنڌي تمام چڱي ۽ سٺي ڳالهائي سگهندو آهي.(23)


جڏهن پاڪستان ٺهڻ جي اعلان بعد سِکَ (خالصا) هندستان منتقل ٿيا ان وقت حويليرام جي گهر ۾ پريا مهينا هئا. جنهنڪري هو ترسي پيو ۽ 14 آگسٽ 1947ع جي رات سنڌس گهرواري جا پاسا هلڪا ٿيا. هڪ هفتي بعد ٺئين چاول ٻار سميت هو ٽلي کي پنهنجي لڙڪن جو آخري تحفو ڏيندي انديا هليو ويو.(24)

'ٽلي' جي ڳوٺن ۾ مسلمان ۽ سک نهايت پرامن طريقي سان رهندا هئا، ڪڏهن به مٺن ورهاڱي جي وقت جا منفي جذبا غالب نه پيا، سيني پاڙيوارن

ڪي سکن جي وڃڻ جو ڏک تہ هو پر انگريزن جي برصغير خالي ڪرڻ جي وڌيڪ خوشي هئي.

هن علائقي ۾ جيڪي ذاتيون هن وقت آباد آهن انهن ۾ آرائين، بنگلاٽي، مغل، راڄڙ، پلي، ڪنڀار، ميئو، پيل، ڪولهي، مينگهواڙ، شيخ، ساند، مگريا، مهر، ماڇي، گُجر، باجوا، مَهار، رانگڙ، اوڏ، جٽ، ڪلال، مگڻهار، نهڙي، مياڻا، مهاڻا، اعواڻ، چشتي، عيسائي، ڪشميري، قريشي ۽ مهاجر وغيره آباد آهن.(25)

هيءُ علائقو پهريائين يونين ڪائونسل خانصاحب عطا محمد پلي ۾ شامل هو، هاڻي صوفي يونين ڪائونسل ٺهڻ بعد گهڻو حصو يونين ڪائونسل صوفي ۾ شامل ڪيو ويو آهي.




ٽلي ۾ بچابند جي ڪناري سيد مصري جو مقبرو- ديهہ ٻيلو ڪرنا

**ٽلي جا بزرگ:**

**(1) مصري شاهہ (ڪامي وارو سيد)**

مصري شاهہ جي تاريخي قدامت بابت ڪٿان مستند مواد ميسر نہ ٿي سگهيو آهي. باقي اِهو قوي امڪان آهي تہ هيءُ بزرگ سهروردي سلسلي جو آهي. هن درگاهہ جي سارسنڀال پلي ۽ هاليپوٽا ذات جا افراد ڪن ٿا. هن درگاهہ تي اوطارو خانصاحب غلام حسين پلي مرحوم ٺهرايو. هن اوطاري تي خانصاحب عبدالڪريم پلي صاحب جي دعوت تي سنڌ جا ڪيترائي فنڪار محفل مچائي ويا آهن، جن ۾ دين محمد مگڻهار ڪارو، گلزار علي سانگهڙائي ۽ سهراب فقير ڪانسواءِ ڪيترائي مقامي فنڪار شامل آهن، هن وقت بہ هن درگاهہ تي ساليانہ عرس ۾ راڳ رنگ جي محفل پڻ ٿئي ٿي.



سيد مصري شاهہ جي درگاهہ لڳ، خانصاحب غلام حسين پلي جو ٺهرايل اوطارو
جتي راڳ رنگ جي محفل ٿيندي آهي. (ديهہ ٻيلوڪرنا)

**(2) سيد نورشاهہ**

هن بزرگ متعلق تاريخي ڪتابن ۾ ڪابہ معلومات موجود نہ آهي، صدري روايتن ۾ بہ سندن ڪرامتن جو ذڪر البتہ زياده آهي، سيد نورشاهہ جي قبرستان ۾ بنگلاٽي ذات جا جهجها بزرگ دفن آهن. هن قبرستان ۾ سيد، مهر، ساند، ماڇي، رونجها، شيخ، ڪوسا، چانگ ۽ ملاح ذاتين جا فرد بہ دفن آهن.



هاڪڙي جي اوپر ڪناري، ٽلي ۾ سيد نور شاهہ جو مقبرو-
ديهہ ڊورو سيرين

**چڱا مڙس:**

بنيادي طور هن ٿر تي خانصاحب عطا محمد ۽ سندس فرزندن خانصاحب عبدالرحمان، عبدالڪريم 'ڪريم' پلي، خانصاحب راڄ محمد 'جمال' پلي ۽ ولي محمد وفا ۽ سندن اولاد جي رڄ چڱمڙسي جو اثر رهيو. سندس مقابلي لاءِ سماجي بيهڪ طور ٻين ماڻهن بہ پنهنجون ڌريون تيار ڪيون

پر اهي مؤثر نہ ٿي سگهيا. موجوده دؤر ۾ يونين ڪائونسلن جي نئين جوڙجڪ ۾ خانصاحب عطا محمد پلي، حاجي اصغر علي پلي، حاجي محمد بقا پلي ۽ صوفي فقير جا صوفي نوجوان پنهنجو سياسي اثر رسوخ رکن ٿا.

**سياستدان:**

**(الف) قومي اسيمبلي جا ميمبر:**

غلام محمد وساڻ، پير غلام رسول شاهہ، خادم علي شاهہ، خيرمحمد پرڳڙي، محمد خان جوڻيجو، پير نورمحمد شاهہ ۽ نواب محمد يوسف ٽالپر.

**(ب) صوبائي اسيمبلي جا ميمبر:**

سيد غلام حيدر شاهہ، راڻو لڇمڻ سنگهہ، راڻو چندر سنگهہ، خانصاحب عبدالڪريم 'ڪريم' پلي، سيد مظفر حسين شاهہ، سيد علي مردان شاهہ، حاجي علي مراد راڄڙ ۽ سيد سردار علي شاهہ.

**(ج) يونين ڪائونسل جا چيئرمن:**

خانصاحب عبدالرحمان پلي، خانصاحب عبدالڪريم 'ڪريم' پلي، ولي محمد وفا پلي، حاجي محمد بقا پلي، حاجي اصغر علي پلي، فقير امداد علي (صوفي يونين)، حاجي معشوق علي پلي (يونين وليداد پلي).

**(د) ڪائونسلر:**

راجا انارس، فقير عقيل احمد (يونين صوفي) عبدالرحمان گجر، رسول خان، نبي حسين، مسز ارشاد مغل، محمد حسن ابڙو، گل محمد سومرو، پٽيل ڪنيار، عزيز سومرو، محمد امين خاصخيلي، محمد يوسف مهر.

**علماءِ ڪرام، مفتي ۽ حافظ سڳورا:**

مولانا عبدالخالق عبد پلي ڪانپوءِ سندس خاندان ۾، مولوي حاجي عبدالقيوم، مولوي عبدالحميد پلي، حافظ انعام الله پلي، حافظ امداد الله پلي، حافظ آصف علي پلي، حافظ محمد عثمان پلي، حافظ حاڪم علي پلي ۽ حافظ محمد شريف پلي عالم ۽ حافظ آهن ۽ ديني خدمتن ۾ مصروفِ عمل آهن. اِنهي ڪان علاوه ٿلي ۾ هن وقت ٻيا جيڪي عالم سڳورا ۽ مفتي موجود آهن، اُنهن جا نالا هي آهن: مفتي مقصود احمد جٽ، مولوي عابد علي ميئو، مولوي ياسر علي ميئو، حافظ اسجد علي، حافظ ساجد علي، مولوي شبير احمد ميئو، مولوي عامر احمد ۽ مولوي دانش علي. اُنهن ڪان علاوه محترم علي اڪبر پلي جون ٻہ نياڻيون عالمائون آهن ۽ ڳوٺ ۾ هڪ نياڻين جو مدرسو هلائين ٿيون. دختر غلام رسول آرائين، دختر عبدالجبار آرائين، دختر محمد ارشد آرائين، دختر محمد اسماعيل ميئو، زوجہ محمد اسماعيل رائو، زوجہ مولوي محمد شاهد ميئو، زوجہ عبدالجبار ولد نذير احمد گجر ۽ زوجہ عبدالجبار ولد عبدالستار گجر سڀ عالمائون آهن ۽ دين جي خدمت ۾ مصروف آهن. هن خطي ۾ مولوي عبدالخالق صاحب شغل جي ٻاري ٿاهي جنهن ڪي ڪجهہ وقت معمور صاحب مچائي سنڌ جي ٻهرين جوڙ جي مولوي حاجي محمد عثمان مگڻهار سان شغل پڙهيو، بعد ۾ نبي بخش مرحوم ۽ حمزي 'شائق' پلي ٻيهر منظر ڪري شغل ڪي هن تر ۾ نشاط ثانيہ بخشي.

**سماجي ورڪر:**

لعل بخش بنگلاڻي، ڪامريڊ محمد عثمان پلي، نبي بخش پلي، عمرالدين ميئو، الله ڏنو راڄڙ مرحوم، اعجاز چوڌري مرحوم، صادق شاهہ، مشتاق شاهہ، الله جڙيو بنگلاڻي، رحمت الله راڄڙ، نبي بخش بنگلاڻي.

هن وقت علائقي جو صحيح معنيٰ ۾ وڏو سماجي ورڪر محترم چوڌري شاهنواز آهي جنهن هڪ عاليشان اسپتال جو بنياد وجهي ۽ خلق خدا جي لاءِ صحت جو ذريعو ٿاهي، ڪاميابي سان هلائي رهيو آهي. پاڻ پوليس کاتي جو رٽائرڊ ڊي.آءِ.جي آهي ۽ سندس اولاد بہ سڀ تعليم يافتہ ۽ اعليٰ عهدن تي فائد آهي. وڏو راڄوند ۽ سهڻي سياءَ وارو شخص آهي.

**اديب، سگهڙ، شاعر ۽ ليکڪ:**

معمور يوسفاڻي جو نالو هن خطي جو سنڌي ادب ۾ مٿاهون مشهور ۽ معروف نالو آهي، سندس علمي ۽ ادبي ڪارنامن سان سنڌي ادب جي تاريخ جا صفحا شاهد آهن. معمور يوسفاڻي صاحب هن خطي ۾ جيڪو علم ۽ ادب جو ٻوٽو پوکيو انهيءَ ان جا ڪيترائي خوشبودار گل هن وقت سنڌي ادب ۾ ڇاتا

سجاتا وڃن. سندس شاگردن جو هڪ ڪثير تعداد آهي جنهن ۾ ٿلي جا حمزو شائق، محمد ڄام ناصر ماڻڪاڻي، ديدار حسين درس، علي محمد پلي، دين محمد سجاڳ، عبدالڪريم مجاهد پلي، مرحوم گل حسن پلي، عبدالمالڪ، لطيف دانش، ڪاڪو علي محمد پلي، زوار بنگلاڻي ۽ ذاڪر بنگلاڻي. اُنهن کان علاوه بهادر خان بنگلاڻي ۽ الله رکا 'سڌا شاعر' به لوڪ شاعر هئا. ماستر علي شير رانگڙ، ولي محمد عرف ڪاڪو وليو راڄڙ (سندس فرزند محمد مبارڪ ۽ محمد هاشم)، منٺار بنگلاڻي، محمد صادق ڪشميري، دوست محمد پلي، محمد عمر بنگلاڻي، حاجي محمد بچل بنگلاڻي، مصري ماڇي، ڄاڳڻ خان بنگلاڻي، نورمحمد عرف نورو ماڇي ۽ ساهڙ فقير درس، هن علائقي ۾ مشهور سگهڙ ۽ ڳالهير هئا، سندس لوڪ ادب جي سڃاڻپ جا ڪيترائي حوالا معمور يوسفاڻي جي ڪتابن ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لوڪ ادب جي ڪتابن ۾ موجود آهن.

هن ٿر جا سگهارا ۽ همت وارا ڪيترائي شخص ٿي گذريا، جن پنهنجي شخصي اثر، همت ۽ مردانگي سان پنهنجو نالو هن علائقي ۾ مشهور ڪيو. انهن ۾ رئيس بهادر خان، حاجي محمد اسمٰعيل راڄڙ (حاجي صاحب لنواري شريف واري 'ستيا گره' ۾ به گرفتاري ڏني هئي. حاجي صاحب مشهور دوبچي به هو، سندس نشاني بازي جو هڪ مقابلو 1971ع واري جنگ ۾ پاڪ فوج جي جوانن سان ٿيو، پاڻ نشاني بازي جي اُهو شرط کٽيائون، سندن والد حاجي بُلند مرحوم به هن ٿر جو معزز شخص هو). رئيس ڳهٽو خان، رئيس بهاول خان بنگلاڻي، مدل خان، پيرو بنگلاڻي، ڪمال خان، مرزو خان بنگلاڻي، حاجي علي بخش بنگلاڻي، راجا اڪرم، رئيس مير محمد خان، حاجي محمد عثمان خان بنگلاڻي ۽ راڄڙ تيغ علي جا نالا خاص آهن.

هن علائقي ۾ ڪيترائي هنرمند ۽ محنت ڪش شخص هئا ۽ آهن. جن پنهنجي هنر ۽ وڄا سان نالو ڪمايو. جن ۾ غلام قادر مغل، چوڌري رحمت الله، ميان احمد پلي، ڪنڀار، ڪرنو مينگهواڙ، راڄڙ ڪرم الاهي ۽ سندس ٻه فرزند محمد اقبال ۽ سيٺ عبدالغني ۽ سندس ڀائيٽا راجا تيغ علي ۽ راجا ممتاز علي وارا هن علائقي جا مشهور ٽرانسپورٽر هئا. هنن جون لاريون ۽ بسون عمرڪوٽ کان ڪراچي تائين محمد اقبال ٽرانسپورٽ ڪمپني ۽ دي عمرڪوٽ ٽرانسپورٽ ڪمپني ۽ تيغ علي ٽرانسپورٽ ڪمپني جي نالي سان هلنديون هيون ۽ سندن پيٽرول پمپ ۽ گيراجون پڻ هن رستي تي مشهور رهيون آهن. راجا ڪرم الاهي ۽ راجا رحم علي خانصاحب عطا محمد پلي وٽ ملازم هئا. هن وقت به جيڪو بس اسٽاپ لطيف ننگر سڏجي ٿو، جتي معمور يوسفاڻي مرحوم جو آخري آرامگاهه آهي اُهو اڳي به ۽ اڃان به هن راجا ڪرم الاهي جي نالي سان راڄڙ رستي سڏجي ٿو. هيءُ راڄڙ رستي خانصاحب جي ڳوٺ خواه ٿلي جي سيڻي ڳوٺن جو اهم رستو آهي. راجا ڪرم الاهي کي خانصاحب عطا محمد پلي صاحب، پاڻ جڏهن ٿرپارڪر اسڪول بورڊ جو چيئرمين هو ته پرائمري اسڪول کولائي ڏنائين. هي اسڪول راجا ڪرم الاهي جي نالي سان نانڪسر ۾ هن وقت به قائم آهي.

راڄڙ ڪرم الاهي جي هڪ خاص عادت هئي جو سندس اوطاق تي مانيءَ جو 'تنور' سڄو ڏينهن ٻَلو ڪونه ٿيندو هو ۽ اوڙي پاڙي جا غريب ماڻهو اچي ماني کائي ويندا هئا ۽ لسي وٺي ويندا هئا. وٽس 'ٿلو' نالي هڪ مهينيدار هو جنهن جي ذمي هيءُ پاڻدارو هوندو هو.(26)


ٿلي جي سروي وقت انگريز آفيسرن هن علائقي جي قديم نالي کي برقرار رکندي ديهه جو نالو به ڀورو 'سيريئين' رکيو، ديهه ڀورو سيريئين جي اُلهندي ڪناري بزرگ نورشاهه جو آستانِ ڏکڻ دنگ تي مصري شاهه عرف ڪامي وارو سيد جيڪو ڏوماڻو ڍنڍ جي اُتر ۾ 'ٿلو ۽ ڏوماڻو' جي دنگ ديهه وليداد پلي ۾ آهي. ٿلي جي اترئين دنگ تي حضرت صوفي صديق فقير صادق جو مقبرو ۽ سندس اولاد جو اَبدي آرامگاهه به آهي ۽ سندس اولاد وري ٿلو ۽ ڪلري ڍنڍن جي دنگ تي موجود عمرڪوٽ، ميرپورخاص روڊ جي اُترئين ڪناري تي آباد آهي. هتي ديهه صوفي ۽ ديهه اهر ايرندو جو به دنگ آهي. هن صوفي فقير شهر جي اولهه ۾ هاڪڙي جي اوڀر ڪناري 'تڄر' جيڪا ارغون

دؤر جي ٺهيل عمارت آهي. هن 'تجر' ۾ بزرگ حسن باغبان جي مزار(27) جي اڏاوت بلڪل هڪجهڙي آهي. هيءَ اڪيلي لانديءَ نما جاءِ آهي جنهن سان گڏ ٻي ڪابہ اڏاوت ڪونهي. ايئن ٿو لڳي تہ جڻ ڪا امانت هتي دفن ڪئي ويئي هجي، يا ڪنهن بادشاهہ پاڃ وقت پنهنجو خزانو پوريو هجي. هن وقت ڪجهہ عقل کان محروم لوڪن هن اڏاوت جي اندر پڙ رکي ٻاهران 'سيد تجعل شاهہ' جو بورڊ لڳائي نہ صرف ماڻهن کي گمراهي جي گس لڳائي ڇڏيو آهي پر تاريخ سان بہ عجيب مذاق ڪيو آهي.



همير سومري جي وزير راڻي مينڌري جي محلات جا ڪنڊر (راڻي جو پڙو)

هن علائقي جي ديهہ صوفي ۾ 'راڻي مينڌرو' جو دڙو موجود آهي جنهن جي پڪيڙ جا آثار ديهہ ڊورو سرين ۾ صوفي شاخ جي ڪناري تائين ملن ٿا. هن تاريخي دڙي جي الهندين ڪڇ ۾ 'مومل' جي پڙي موجود آهي، جنهن ۾ قديم سِرون هن وقت بہ سڙيل ۽ ڪاريون آهن.(28)




هاڪڙي جي اوپر ڪناري- ارغون دور جي تعمير ٿيل "تجر"

راڻي جي پڙي جي سامهون هاڪڙي جي اولهہ ڪپ تي 'همير جو پڙو' هن وقت بہ ڪر ڪٽيو پيو ڏٽيپ لاءِ واجهائي. همير سومري جي هن پڙي جي اڀان بہ اولهہ ۾ ڏونئر پٽي، شينهڙي ڏماچاڻي جي شهرن جا آثار پڻ موجود آهن. هي اُهي قديم تاريخي آثار آهن جن تي لکندي هن علائقي جي وڏي محقق محترم معمور يوسفاڻي صاحب هڪ تاريخي جملو لکيو هو تہ:

**تاريخ هتي دفن آهي، تاريخ هتي ڳوليو**.(29)

همير جي پڙي ۽ راڻي جي پڙي جي وچ ۾ مياڻ هئي جيڪا نور شاهہ جي قبرستان جي اُتر ۾ هئي ۽ هاڪڙي ۾ ٻيڙيون هلنديون هيون، جيڪي ٻنهي شهرن کي ملائينديون هيون. ڏند ڪٿائن موجب هنن ٻنهي شهرن کي ملائڻ لاءِ هڪ زمين دوز سُرنگهہ بہ تعمير ٿيل هئي جيڪا هاڪڙي جي پيٽ مان گذرندي هئي.(30)

ٿلي جي ڏکڻ ڇيهہ واري ديهہ ٻيلو ڪرنا آهي. ٻيلو ڪرنا جي ٻي جوڙيوال ديهہ ڪرنا آهي. هي ڪرنا جو لفظ چام ڪرن جي هن علائقي ۾ هجڻ جي تاريخي گواهي آهي.



راڻي مينڌري جي وني مومل گجر جي محلات جا ڪنڊر

**لطيف ۽ ٿلو:**

حضرت شاهہ عبداللطيف ٿلي جي هن علائقي ۾ پنهنجا پير مبارڪ گهمايا آهن، هِتان جي سگهڙن ۽ شاعرن سان ڪچهرين ۾ 'چام ڪرن(31)'، 'مومل راڻو(32)' ۽ 'ڏيل- مارو(33)' جا

**مددگار**: هن تحقيقي مقالي لکڻ وقت هيٺيان مهربان منهنجا مددگار رهيا، سندن شڪريو ادا ڪرڻ اسان تي فرض آهي.

حزب الله يوسفاڻي، حاجي انور علي راڄڙ، سيف الله خالد يوسفاڻي، علي اڪبر پلي، ارشاد علي مغل، الله جڙيو بنگلاڻي، فيض محمد راجپوت محمد سومار بنگلاڻي ۽ ماستر هيرالال اوڏ.

**لکڻ جو خيال**: بنيادي طور هن مقالي لکڻ جو خيال سنڌ جي اڪابر، عالم، محقق ۽ تاريخدان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي هڪ تقرير مان پيدا ٿيو، جنهن ۾ پاڻ فرمايائون ته جيڪر اسان جو هر ليکڪ پنهنجي ڳوٺ جي تاريخ لکي ته سنڌ جي تاريخ مڪمل ڪرڻ مشڪل ڪم نه آهي. الله پاڪ کين پنهنجي ويجهن ۾ ويجهو رکي آمين.

**حوالا**:


1. پراڻ درياهه جي مشاهداتي تاريخ (تحقيق) (صفحو 27)، محمد حسن زاهد ڪنيار، مهراڻ اڪيڊمي واڳڻو در شڪارپور 2018ع.
2. ايضاً (صفحو 26)
3. جامع سنڌي لغات، (ص 89)، جلد ٻيو، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو ٻيو، 2007ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو حيدرآباد.
4. جامع سنڌي لغات، (ص 452)، جلد چوٿون، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو ٻيو، 2007ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو حيدرآباد.
5. راوي: استاد محمد قاسم پلي.
6. ٿل گنگ نيٽ جي سائيٽ تان (ڊاڪٽر ڪليم مغل جي ٿورن سان).
7. راوي: رئيس الهه جڙيو خان بنگلاڻي، ٿلي جو رهواسي.
8. ٽماهي تخيل-2016/2ع، ماڻڪ ملاح جو مضمون، (ص 134)
9. ٽماهي تخيل، 2016/3ع، ماڻڪ ملاح جو مضمون، (ص 44)
10. (الف) واقعاتي بيت، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (ب) مهراڻي جا مور، (صفحو 55)، معمور يوسفاڻي، ضلعي حڪومت عمرڪوٽ 2010ع
11. روزانه مهراڻ حيدرآباد (اخبار)، مؤرخه 30-9-1963ع
12. (الف) ٽماهي تخيل 3- 2016ع، (ص 110) معمور يوسفاڻي جو مضمون.
(ب) ڪلام گرهوڙي، (ص 10) مرتب: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، ڇاپو ٽيون، سنڌيڪا 2019ع.
13. ديهه ڍورو سرين جو نقشو، 1932ع
14. تاريخ اميران سنڌ، مصنف: مير محمد بخش ٽالپر، زيب ادبي مرڪز- حيدرآباد.
15. راوي: ولي محمد وفا پلي.
16. ڪتاب: بيباڪ شخصيت- مصنف: الله بچايو 'مشتاق' آريسر، تنظيم فڪر و نظر، سکر
17. راوي: سومرو پنجواڻي ۽ حاجي محمد عمر ڪپري.
18. راوي: فيض محمد جٽ راجپوت، (ٿلي جو رهواسي)
19. راوي: صوفي حيدر بخش ولد صوفي ڏاتار بخش جنهن اُهو سڪن جو گهر پاڻ ڏٺو.
20. چنڊ جهڙا پرين (ص 22) مصنف: عبدالڪريم 'ڪريم' پلي، مرتب: ڊاڪٽر اسد جمال پلي، اداره نواءِ ادب ڳوٺ خانصاحب عطا محمد پلي، 1999ع.
21. راوي: علي اڪبر پلي ۽ ارشاد علي عرف شادو مغل.
22. راوي: سيف الله خالد (ٿلي جو شاعر ۽ ليکڪ)
23. الله جڙيو بنگلاڻي (ٿلي جو سڃاڻ شخص).
24. راوي: فيض محمد جٽ راجپوت، (ٿلي جو رهواسي)
25. راوي: حزب الله يوسفاڻي پلي (ٿلي جو شاعر،

سنُ، سهڻو ۽ سچو، بيتن منجهه بهار،
ڳجهي رهي هئي ڳالهه، ڪيئن اچي ٿي اظهار!
پاٽان ٿي پيئي پٽري، ناول جيئن نروار،
مشهور ٿيو مردن جو، سنڌ ۾ سماچار،
صوفي، صاحب. ٽڙ چوان، پنجوئيءَ ۾ پچار،
ڏيهو ۽ ڏورو نارو، پيئي ساڳر اها سنڀار،
ساڀو، ڪونجيلي، ٻيرچن، هاڙهه اندر هونگار،
جاگير، مانڌل، ماڪيارو، ٿي ڪاروڙي ڪينڪار،
ٻانٺو، چور، ٽيبري، ننيهن ۾ نروار،
سينهوئيءَ ۾ سنڱڪو ٿيو، اهريءَ جي آڌار،
ڀڙائيءَ ۾ ٻروچن جي، پيئي وڃي پچار،
ساريٺي ۽ سونپور ۾، ڪاٺث اها ڪوار،
ٻنڊيلي، بودرفارم، پيو ڏگوءَ ۾ ڏهڪار،
وهرو، جانهيرو، ڪيجراڙي، چيلاڙي چوڌار،
چيلهه، نبي سر، ڪنري، ٿي نهٽي ۾ نروار،
سرو، لاڙ، وچولو، نارو ۽ ٿر سنڀار،
ڪرُو، پپ، ڪارونجهر، هاڙهو ۽ هالار،
مٺي، ڇاڇرو، ڏيپلو، ٿي ننگر ۾ نروار،
عمرڪوٽ، سامارو، ڏگهڙيءَ پاسي ڪيائين ڏار،
جيمس آباد، ڪپرو، ميرپورخاص ٿي سانگهڙ
پاس پچار،
دادو، نواب شاهه، خيرپور، ٿي سکر پاس سڌار،
جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، منجهه ڪراچيءَ ڪوار،
حيدرآباد سنڌ ۾، هلي اها هونگار،
پنجاب، پاڻيپٽ ۾، پيئي اها پچار،
ٻڙودي، بنگال ۾، بيڪانير ۽ بهار،
جوڌپور، جيسلمير ۾ اوڏيپور آڌار،
دهلي، دکن، مدراس ۾، منجهه آگري اسرار،
آسام ۽ برما ۾، ڀوپال منجهه بسيار،
چين، جپان، جاوا ۾، سائبيريا سنڀار،
سمرقند، بخارا، ڪابل ۽ قنڌار،
اصفهان، عراق ۾، عرب ۾ ان پار،
مڪي مقدس ملڪ ۾، طائف ۾ تڪرار،
ترڪي، استنبول ۾، مصر ۾ ميار،
حلب، حبش، حوران ۾، جدي ۾ جنسار،
ايشيا، يورپ ۾ پيئي اها پچار،
آسٽريليا، آمريڪا، منجهه آفريڪا اسرار،
جنن، ماڻهن، ديون ۾، پيئي پرين منجهه پچار،

حيوانن، مڇين ۾، پکين ۾ پوڪار،
ڳالهه اها ڳائين پيا، پپيها ۽ پرمار،
ڇپون، چيها، چمڙا، چٽُن ۾ چينگهار،
آڙيون، ابابيل ۽ جهرڪن ۾ جهونجهار،
چنبول، مور، موسڙا، ليلن ۾ للڪار،
بلبل، بدڪون، باز ۽ پيئي پکين ۾ پچار،
هُما، هنجرون، هنج ڪئين، هُد هُد لک هزار،
ڪانگ، ڪبوتر، ڪٻرون، ڪونجن ۾ ڪوڪار،
ڳجهون، ڳيرا، ڏينگ ۽ ڏيلون ٻوڏ سنڀار،
سانهيون، سرٽيون، شيهٽيون، سانباها پڻ سار،
ڳٽي ڳٽيان ڪيترا، ٿيا مرغ بيشمار،
ڳائين ڳالهه اها پيا، جملي جاندار،
ته مرد وڙهيا ٿي پاڻ ۾، جنگ ڪري جهونجهار،
هڪڙو تاءُ ترارين جو، ٻيو ڪاڙهو ڪارونڀار،
ڪلر تتو، تاءُ ٿيو، ته به مڙيا نه موچار،
شاباس اهڙن مردن کي هجي هزارين بار،
ٻلي ڳائجي ڳوٺن ۾، تن سورهين سماچار،
جوڙيو مون جوش مان، تڏهن ڪري تڪرار،
سچو قصو سيگهه مان، ٿيو ترت تيار،
اسان گهڻايو ڪينڪي، قبوليندو ڪلتار،
جو مالڪ ملڪن جو ڏٽي، ڏينهن جو ڏاتار،
جو ماري جياري سڀ کي، آهه صانع ۽ سٽار،
ويهين تاريخ شعبان جي، مون ويهي ڪيو ويچار،
هئو ڏينهن جمعي جو، ڀلارو بسيار،
تيرهن سؤ چوهٺ جو، سهڻو سن سنڀار،
جڙي قصو راس ٿيو، اڳينءَ جي آڌار،
هاڻ ڪندو ڪرم ڪل تي، ملڪن جو مختيار،
بخشيندو ”بلوچ“ چئي، سو ڳتل گنهگار،
قبوليندو ڪرم سان، دعائون دلدار،
محابي مرسل مير جي، جو مڙني ڪان موچار،
سبب سيد سردار جي، ڇٽندا عاصي عيبدار،
ٿيندا ساٺي سڄ ۾، چوڪا چارئي يار،
پاڪ پنجن تنن جو، آلا درس ڪندس ديدار،
ٻيو ناهي اجهو آسرو، آلا آهيان عيبدار،
ڪلمي جي آڌار، ڇٽندا سڀ ڇيهن ڪان.
لا اِلٰه اِلا الله مُحَمَّد رسول الله

---

واقعاتي بيت، مؤلف: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي حيدرآباد سنڌ پاڪستان. 1961ع

**حسيب ناياب منگي**
شڪارپور



# ميونسپل اسڪولس بورڊ شڪارپور

سنڌ سميت شڪارپور تي انگريزن 1843ع کان 1947ع تائين پنهنجا قدم ڄمائي حڪومت ڪئي. انگريزن جا ڪيترائي قدم اهڙا هئا جيڪي قابل ذڪر آهن. انهن منجهان تعليم کي عام ڪرڻ ۾ انگريز سرڪار جون خدمتون ساراهڻ لائق آهن. شڪارپور جا ماڻهو به تعليم کي عام ڪرڻ ۾ پوئتي نه رهيا. سيٺين پنهنجي تجوڙين جا در کوليا، پر غريبن به ڳنڍين ۾ جيڪو ڪجهه بچايو هو سو دان ڪري ڏنائون، سندن مقصد اهو هو ته هر گهر ۾ تعليم ڦهلجي ۽ اسان به ٻين سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي بيهي اهو اظهار ڪري سگهون ته اسان به پنهنجن ٻارن کي تعليم ڏياري رهيا آهيون.

شڪارپور جا پڙهيل ڳڙيل ماڻهو گهر گهر وڃي والدين آڏو منٿون ڪندا هئا ته پنهنجن ٻارن خاص ڪري نياڻين کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو. ماضيءَ ۾ شڪارپور شهر اندر تعليم کي عام ڪرڻ، تعليمي معاملن کي ڏسڻ ۽ تعليمي ادارن جو خرچ پري ڏيڻ لاءِ 'پرائمري اسڪولس بورڊ ميونسپالٽي شڪارپور' هوندي هئي. ڪجهه ڏينهن اڳ پنهنجي ئي گهر واري لائبريريءَ ۾ ماهوار نئين زندگي حيدرآباد جي ڪجهه پراڻن پرچن جي ڳولا ڪندي هڪ فوٽو اسٽيٽ صفحن تي مشتمل ٿيلهي ملي ويئي جنهن ۾ شڪارپور ۽ ان سان وابسته ڪيترن ئي موضوعن تي انگريزي زبان ۾ ڇپيل مواد هو جيڪو منهنجي والد 'نقش' ناياب منگي وڏي ڪوجنا ڪانپوءِ هٿ ڪيو هو، تنهن ۾ ڪجهه صفحا 'پرائمري اسڪولس بورڊ ميونسپالٽي شڪارپور' جي ساليانِي رپورٽ جا به مليا. موضوع کي اهم سمجهندي انهن رپورٽن جي فوٽو اسٽيٽ صفحن کي سامهون رکندي مضمون تيار ڪيو ويو آهي.

شڪارپور ۾ ميونسپالٽي صحت ۽ صفائيءَ سان گڏوگڏ تعليم جو به پورو پورو انتظام سنڀاليندي هئي. هر سال هڪ ڪاميٽي گهٽ ۾ گهٽ ستن ۽ وڌ ۾ وڌ نون ميمبرن تي چونڊي ويندي هئي، جيڪا 'پرائمري اسڪولس بورڊ' جي نالي سان عام و خاص هوندي هئي. سندس بنياد 1924ع ۾ پيو. ڪاميٽي هفتي يا پندرهين ڏينهن ميٽنگ ڪوٺائي تعليم جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ اهم فيصلا ڪندي هئي. ميٽنگ ۾ بل منظور ڪرائي ڪاميٽي کي بورڊ پئسا ڏيندو هئي. رقم ڏيڻ واري ڪاروائي رٿون پاس ۽ ٺهراءُ بحال ٿيڻ ڪانپوءِ ٿيندي هئي. اسڪولس بورڊ جو پهريون چيئرمين پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي هو.

ٿورو اگر تفصيل ۾ ويندا سين ته از خود معلوم ٿي ويندو ته هن اسڪول بورڊ جي اثر هيٺ شڪارپور جا ڪيترائي اسڪول ۽ پاٺشالائون هيون. ورنيڪيولر اسڪول نمبر هڪ (موجود قاضي محلا پرائمري اسڪول)، ورنيڪيولر اسڪول نمبر ٻيو (موجوده جماڻي هال پرائمري اسڪول)، هندو سنڌي اسڪول نمبر پهريون (موجوده لکيدر پرائمري اسڪول)، هندو سنڌي اسڪول نمبر ٻيو (اهو ميونسپل جي پاسي ڏي هو)، هندو سنڌي اسڪول نمبر ٽيون (نوشهرو در)، هندو سنڌي اسڪول نمبر چوٿون (موجوده: هاٿيدر پرائمري اسڪول)، هندو گرلس اسڪول نمبر پهريون (ڪڇهري اسڪول)، هندو گرلس اسڪول نمبر ٻيو (جماڻي هال محلا ۾)، هندو گرلس اسڪول نمبر ٽيون (سُڪ پُل)، هندو گرلس اسڪول نمبر چوٿون (جهامنداس مندر)، مسلم گرلس اسڪول نمبر پهريون ۽ مسلم گرلس اسڪول نمبر ٻيو، نائيٽ اسڪول نمبر پهريون (صدر) ۽ نائيٽ اسڪول نمبر ٻيو (لکيدر) (1)

نہ صرف اهي اسڪول پر، شڪارپور اڪيڊمي، چترورام پاٺشالا، ٽيڪچند پاٺشالا، چندومل پاٺشالا، ڏرمداس هاسانند (پنج پير)، ليلارام مهتاب راءِ (لکيدر)، جئرام پوڪرداس (آچار جي محلا)، ڪشن چند هاسانند (ڪاڪڙن جو ٿلهو محلا)، مينگهراج گرو (سُڪ پُل)، جاشارام هاسانند (پنج پير)، پرسومل خشومل (بگاشير)، نرملداس اسڪول، جمنا مورتي، ايشوري بائي گرلس اسڪول، شمي بائي گرلس اسڪول (سڪاپل ڪان اول)، هنبو جاتي پاٺشالا، ديش ڪارني ديوي شالا، ريجهومل ڪانيہ پاٺشالا (2) ۽ چتارام اسڪول، جون ضرورتون ’پرائمري اسڪولس بورڊ ميونسپالٽي شڪارپور‘ جي پئسن مان پوريون ٿينديون هيون.“(3)

سيئي اسڪول صبح جو ٻارن لاءِ هوندا هئا، نائيٽ اسڪولن مان هڪ عربيءَ ۽ ٻيو سنسڪرت جو هوندو هو، جنهن ۾ ٻارن کي نہ پر وڏن کي تعليم ڏني ويندي هئي. نائيٽ اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪندڙن جو تعداد 18 هوندو هو. تن اسڪولن ۾ استادن کي گهٽ پگهار ڏني ويندي هئي. تنهن سبب ئي نائيٽ اسڪولن ۾ تعليم جو معيار بهتر نہ هو. استاد بہ شاگردن تي گهٽ توجہ ڏيندا هئا. 33- 1932ع ۾ هڪ استاد جي پگهار کي 3 روپيہ ماهوار مقرر ڪئي وئي، تنهن ڪانپوءِ استاد بہ شاگردن تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ لڳا (4)

’پرائمري اسڪول بورڊ ميونسپالٽي شڪارپور‘ جو مقصد تعليم کي عام ڪرڻ هو، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ الڳ الڳ اسڪول هئا جتي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي پڙهائيءَ کان علاوه راندين جي سکيا ۽ ذهني اوسر لاءِ تقريري مقابلن لاءِ تيار ڪيو ويندو هو. ٻارن کي مٽيءَ جا رانديڪا استاد ٺاهڻ سيکاريندا هئا، ان کان علاوه پنن کي صحيح نموني استعمال ڪرڻ جا طريقا پڻ سيکاريندا هئا. شاگردن جي حوالي سان شڪارپور جي اسڪولن ۾ استادن ۽ والدين جون ميٽنگيون منعقد ٿينديون هيون، جنهن ۾ شاگردن جا والدين استادن کي اهو ٻڌائيندا هئا تہ ٻارن سان استادن کي ڪهڙي طرح پيش اچڻ گهرجي. يا وري ڪين اهو ٻڌائيندا هئا تہ ٻارن کي انهن جي مزاج مطابق سمجهايو ۽ سيکاريو تہ اهي جلدي سکي ۽ سمجهي ويندا. اهڙيءَ طرح استاد وري والدين کي ٻارن جون تعليمي، راند روند توڙي مقابلي واريون سڀ ڪارڪردگيون ڏيکاريندا هئا، جنهن مان والدين ۽ استاد ٻئي مطمئن ٿي ويندا هئا.

’پرائمري اسڪولس بورڊ ميونسپالٽي شڪارپور‘ طرفان اسڪولن ۾ تقريري مقابلا بہ ڪرايا ويندا هئا. برامن جا سين، قرآن شريف جي تلاوت ۽ گيتا جي پڙهڻ جا مقابلا بہ ڪرايا ويندا هئا، جيڪو ٻار مقابلو کٽندو هو ان کي ڪتابہ پينيون ۽ پينسليون وغيره انعام ۾ ڏيندا هئا. جيئن انعام ماڻڻ ڪانپوءِ ٻارن کي اڃان وڌيڪ محنت ڪرڻ ۽ مقابلا کٽڻ جي صلاحيت برقرار رهندي اچي ۽ جيڪي ٻار مقابلي ۾ اڳتي نہ اچي سگهندا هئا تن تي وڌيڪ محنت ڪئي ويندي هئي. پرائمري اسڪولس بورڊ ميونسپالٽي شڪارپور جي هڪ رپورٽ موجب: ”شڪارپور جي ٻن اسڪولن هندو سنڌي اسڪول نمبر هڪ (لکيدر پرائمري اسڪول) ۽ ورنيڪيولر اسڪول نمبر هڪ (قاضي محلا پرائمري اسڪول) ۾ باغ هوندا هئا، باغن تي خرچ شڪارپور ميونسپالٽي ڪندي هئي، باغن ۾ شاگردن کي پوکيل ٻوٽا ڏيکاري انهن متعلق ڄاڻ بہ ڏني ويندي هئي ۽ شاگردن کان زمين ۾ ٻج بہ پوکرايا ويندا هئا، باغن جي سنڀال لاءِ مالهي پڻ رکيل هئا، جن کي بسترن سميت سڀ سهولتون فراهم ڪري ڏنيون ويون هيون.“ (5)

ڪڏهن ڪڏهن تقريري مقابلن لاءِ شاگردن کي چانديءَ جا ڪپ بہ ڏنا ويندا هئا، جيڪي شاگرد مقابلو کٽڻ کان پوءِ حاصل ڪري اسڪول ۾ ئي رکي ڇڏيندا هئا. اهڙا ڪپ سيٺ امر سنگهہ لٺيندا سنگهہ بجاج پنهنجي پٽ جڳديش جي نالي پنيان ڏيندو هو.

روزانو صبح جو پرائمري اسڪولن ۾ اسيمبليءَ ڪانپوءِ ورزش ڪرائي ويندي هئي ۽ اندين گيميون اول سيکاري پوءِ کين کيڏايون وينديون هيون. ڇوڪرين کي بہ ورزش ڪرائي ويندي هئي. بعد ۾ کين جهولا ۽ رسيءَ سان ٽپا ڏيڻ واري گيم

سيڪاري/ ڪيڏرائي ويندي هئي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ضرورت جي حد تائين جلدو به ڪري ڏيڪاريو ويندو هو. اهڙا ڪرتب اسڪول جي ٽي اسٽاف مان ڪو استاد، ڊسٽرڪٽ جي گورنمينٽ انسپيڪٽر آفيسر جي سامهون ڪري ڏيڪاريندو هو. شاگردن ۽ شاگرديائين کي صحت ۽ صفائي لاءِ تفصيل ۽ سمجهاڻيون ڏنيون وينديون هيون. شڪارپور ۾ ڇوڪرين جي لاءِ پرائمري اسڪولن جو تعداد 6 هو، جنهن مان 4 اسڪول هندو ڇوڪرين لاءِ ۽ 2 مسلمان ڇوڪرين جي لاءِ هوندا هئا. هندو ڇوڪرين جي چئن اسڪولن ۾ 32- 1931ع ڌاري 1006 ۽ مسلمان ڇوڪرين جي ٻن اسڪولن ۾ 124 ڇوڪريون تعليم حاصل ڪري رهيون هيون. ڇوڪرين جي اسڪولن ۾ سلائي سيکارڻ واريون استاديائيون مقرر ٿيل هيون. گڏوگڏ هندو شاگرديائين لاءِ گرمکي ۽ مسلمان شاگرديائين لاءِ عربي ۽ قرآن شريف پڙهائڻ لاءِ استاديائيون پرتي ڪيل هيون. جيڪي شاگرديائيون يا شاگرد شهر ۾ رش هجڻ ڪري اسڪولن ۾ جلدي نه پهچي سگهندا هئا تن لاءِ سواري جو بندوبست به 'پرائمري اسڪولس بورڊ ميونسپالٽي شڪارپور' ڪندي هئي.

'شڪارپور ۾ تعليم عام ڪرڻ آ' جي نعري تي عمل ڪرڻ ۽ عمل ڪرائڻ جو اهو به عالم عجيب هو ته شهر ۾ موجود دوڪاندار به شاگردن ۽ شاگرديائين سان ايترو تعاون ڪندا هئا جو شاگرد ڪين پنهنجي حيثيت مطابق جيترا پئسا ڏئي سگهندو هو ڪلاس اوترا پئسا وٺي ڪتاب ۽ ڪاپيون وغيره ڏيندا هئا. توڙي جو دوڪاندار کي ڪوٽ ٿيندي هئي، پر پوءِ به تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ اها قرباني به خوشيءَ خوشي سان سرانجام ڏيندا هئا. شڪارپور جي هر اسڪول اندر ريڊنگ روم ۽ ميوزم هوندو هو، ميوزم ۾ من موهيندڙ ۽ استعمال ۾ ايندڙ خاص شيون هٿ ڪري رکيون وينديون هيون ۽ شاگردن کي انهن متعلق پوري پوري ڄاڻ ڏني ويندي هئي. چڙيا گهر جي سهولت لاءِ 'پرائمري اسڪولس بورڊ ميونسپالٽي شڪارپور' جي هڪ رپورٽ ۾ اهو واضح لکيل آهي ته ”چڙيا گهر واري سهولت صرف ٻن: هندو سنڌي اسڪولن نمبر هڪ (موجوده لکيدر پرائمري اسڪول) ۽ ورنيڪيولر اسڪول نمبر هڪ (موجوده: قاضي محلا پرائمري اسڪول) ۾ ميسر هئي. چڙيا گهر ۾ اهي جانور هوندا هئا، جن جون تصويرون ٻارن جي ڪورس واري ڪتابن ۾ هونديون هيون چڙيا گهر تي جيڪو خرچ ٿيندو هو سو شڪارپور جي ماڻهن جي ڏنل چندي مان ڏنو ويندو هو.“(6) ان کان علاوه ساڳئي رپورٽ موجب ته ”لائبريري صرف ورنيڪيولر اسڪول نمبر هڪ ۾ هوندي هئي.“ (7)

ان کان پوءِ ته اها سهولت شڪارپور جي هر اسڪول کي حاصل ٿي مگر ورهاڱي کانپوءِ انهن ڪتب خانن کي لٽڻ وارو ڪم شروع ٿيڻ لڳو هاڻي ته شڪارپور جي مختلف پرائمري اسڪولن اندر نالي ماتر ڪتاب وڃي بچيا هوندا. ٻي طرف شڪارپور جي انهن اسڪولن وارا ڪتاب اڄ ماڻهن جي ذاتي لائبريري ۾ شامل/ شمار ٿيندا هوندا.

'پرائمري اسڪولس بورڊ ميونسپالٽي شڪارپور' نه صرف باغن تي خرچ ڪندي هئي، پر ڪيترن ئي اسڪولن جي مسواڙ، انهن جي مرمت، فرنيچر، بجليءَ جي بلن جي ادائگي، ڪتابن جي خريد ڪرڻ، ٽيچنگ ۽ نان ٽيچنگ اسٽاف کي پگهار ۽ پينشن تائين سمورا خرچ برداشت ڪندي پري ڏيندي هئي. بورڊ کي اها رقم گورنمينٽ کان مليل فنڊن، شڪارپور ميونسپل جي اڪائونٽ مان ملندڙ رقم ۽ اسڪولن جي لاءِ ملندڙ چندي مان حاصل ٿيندي هئي جنهن کي ايمانداريءَ سان خرچ ڪيو ويندو هو. اسڪولس بورڊ جا ميمبر ۽ عهديدار، سيٺ لڇيمداسنگهه بجاج، سيٺ اوڌوداس تاراچند چاڙيا، سيٺ نرنداس دوارڪاداس، سيٺ پريمداس، مسٽر هولارام ايس ٺڪر ۽ اسڪولن اندر تعليم پرائيندڙ شاگردن جا والدين اسڪولن لاءِ چندو يا ضروري سامان ڏيندا هئا شڪارپور جي سڀني پرائمري اسڪولن اندر 33- 1932ع ۾ تعليم حاصل ڪندڙ مسلم ۽ هندو شاگردن توڙي شاگرديائين جو تعداد 2859 هو.“(8) جڏهن

۽ تجربيڪار استادن جو تعداد 90 هو.“ (9)


هن هيٺ ٽيبل ۾ 1927ع کان 1933ع تائين استادن کي ’پرائمري اسڪولس بورڊ ميونسپالٽي شڪارپور‘ طرفان جيڪا ساليانيپگهار ۽ پينشن ڏني ويئي آهي تنهن جو وچور پيش ڪري رهيو آهيان.

| سال | استادن جي پگهار | پينشن |
|---|---|---|
| 1927-28ع | 39983 | 5958 |
| 1928-29ع | 35397 | 5204 |
| 1929-30ع | 39041 | 3877 |
| 1930-31ع | 42970 | 4030 |
| 1931-32ع | 38322 | 3830 |
| 1932-33ع | 35776 | 3801 |
| ٽوٽل: | 231489 | 26700 |

وقت به وقت هن اسڪولس بورڊ جا جيڪي عهديدار ۽ ميمبر رهندا. تن ۾: پروفيسر شيوارام نرنسنگهداس ڦيرواڻي. خانبهادر واحد بخش خان بلوچ، سيٺ لعل چند ٽيڪچند مانا، ايسرسنگهه، سيٺ ڪشن سنگهه چمن سنگهه ڏُلا، مسٽر واتومل گوڪلاڻي، جي ايچ ناٿاڻي، مائي دمينتي ديوي راهيجا، آتمارام پيسومل بجاج، غلام قادر محمد شعبان ميراڻي، الهڏنو کهنڊل خان مغل، عبدالرسول محمد چنل، ٽوپڻداس خانچند گانتي، مسٽر مير احمد علوي، سيد حيدر علي تراب علي شاهه، ديوان ٺاڪرداس، مسٽر محمد ابراهيم، محمد رمضان، سيٺ راڌا ڪشنداس، راءِ صاحب امرسنگهه، گوبندرام پنجابي، ڊاڪٽر عطا محمد شيخ، ڊاڪٽر نهچلداس تيرٿداس، ڊاڪٽر ديوي ٻائي صاحب، سيٺ سترام سنگهه چمنسنگهه، سيٺ لکميچند سيٺ ديوڪشن داس، مس سرسوتي ٺارومل ۽ محترمه روشن آرا مغل اهم آهن. (10)

پرائمري اسڪولس بورڊ ميونسپالٽي شڪارپور ورهاڱي کانپوءِ به ڪيترو ئي عرصو پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندي رهي.


1. First Annual Report Municipal Primary Schools, Shikarpur Municipality, Shikarpur Shyiam Sundar Printing Press Lakhi Gate Shikarpur Year 1928, 29, P.P 24-25.
2. Same Annual Report, P. 30
3. Third Annual Report Municipal Primary Schools, Shikarpur Municipalty, Shikarpur, Shyaim Sunder Printing Press Lakhidar Shikarpur, Year 1930, 31, P. 20
4. Fourth Annual Report, Municipal Primary Schools, Shikarpur Municipality, Shikarpur, Raj pal Printing, Shikarpur- Year 1932-33, P 24
5. Same Annual Report, P 12
6. Same Annual Report, P10-11
7. Same Annual Report, P 11
8. Same Annual Report, P 6
9. Same Annual Report, P 2
10. شڪارپور ماضي ۽ حال (1984ع)، مرتب: ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، پبليڪيشن ڪاميٽي شڪارپور، ص 283، ٻهرين، ٻي، ٽئين ۽ چوٿين اينئول رپورٽس جي مدد سان.

**محبوب ڏيٽو**
رحيم آباد

# پروفيسر عبدالرحيم ڏيٽو رحہ
## جي مجاهدانہ زندگيءَ تي هڪ نظر



متحرڪ استاد، شخصيت ساز، ماهرِ تعليم، تحريڪِ پاڪستان جو سپاهي، اسلامي اقدار جو پابند، عاشقِ رسول، وِلوله انگيز مقرر، بي غرض رضاڪار، بهترين رانديگر، مستعد اسڪائوٽ، شاهه لطيف جو حافظ، امامِ مسجد، ذاڪر، خطيب، خلقِ خدا جو خدمتگار، صاحبِ سخاوت، هر قسم جي تعصب ۽ آلائشن کان پاڪ ۽ هر اعتبار کان هڪ عظيم ۽ مثالي استاد هو.

ڏيٽو صاحب 15 فيبروري 1919ع تي ضلعي ڪراچي (هاڻوڪي ضلعي ٺٽي) جي تعلقي سجاول پرسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ هيلو ۾ پيدا ٿيو، ۽ سندن خدمتون حيدرآباد جي هوائن ۾ خوشبوءِ وانگر مختلف ميدانن ۾ پکڙجڻ لڳيون.

انگريزي تعليم (جيڪا انهن ڏينهن ۾ حرام سمجهي ويندي هئي) حاصل ڪرڻ لاءِ حيدرآباد پهتا ۽ نورمحمد هاءِ اسڪول مان 1939ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائون.

1941ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج ڦليلي مان انٽر جو امتحان پاس ڪيائون.

مسلم ايڊيوڪيشن فائونڊيشن تحت هلندڙ نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيا، 1945ع کان 1951ع تائين.

تحريڪِ پاڪستان شروع ٿي تہ علامہ مشرقي جي خاڪسار تحريڪ ۾ رڪن ۽ ناظم طور تي صفِ اول جي ۾ پيش پيش رهيا. 1946ع ۾ مسلم ليگ نيشنل گارڊ سالار مُحلہ (مسلم هاسٽل) طور حيدرآباد جي سالارِ اعليٰ محترم شاڪر مصطفيٰ سان ڪُلهو ڪلهي ۾ ملائي ڀرپور ڪم ڪيائون، ۽ هوم گارڊ بہ رهيا.

هندستان مان آيل مهاجرين جي قافلن جو ريلوي اسٽيشن تي استقبال ۽ انهن جي آبادڪاري ۽ تيمارداريءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

5- مئي 1946ع تي سندن ڳوٺ ۾ مسلم ليگ جي برانچ جو قيام ۾ آندائون.



صوبہ بهار ۾ ٿيندڙ ظلمن جي موقعہ تي هڪ وڏي رقم چندو ڪري موڪليائون.

پنهنجي شاگردن کي برصغيرِ ۾ مسلم ليگ ڪانگريس جي مشترڪ دورِ حڪومت ۾ لياقت بجيٽ جي باري ۾ آگاهہ ڪيائون.

عليڳڙهہ کان اچڻ وارن شاگردن کي ٽرڪن ۾ پري ڀهراڙيءَ ۾ وٺي وڃي آل انڊيا مسلم ليگ جي پيغام جي ڄاڻ ڏنائون.

مولانا فضل احمد غزنوي جي تعاون سان ڪارڪنن تي مشتمل هڪ لٺ بردار فورس تيار

ڪئي، جن جي ملٽري ٽريننگ به منعقد ڪرائي ۽ انهن کي قائدِاعظم جي ڊئريڪٽ ايڪشن جي سڏ تي لبيڪ چوڻ لاءِ تيار رکيو.

غريب شاگردن لاءِ پوئر فنڊ قائم ڪيو، جنهن سان غريب شاگردن کي مدد ملندي هئي.

هي مهاڀاري جنگ ۾ بهاولپور ۾ طبي امداد لاءِ ويا. بهاولپور جي ڊيوٽي دوران به مفت تعليم ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو ۽ شهر جي وچ ۾ جلسو منعقد ڪري آزادي جي باري ۾ ليڪچر ڏنا، ۽ جڏهن حالات وڌيڪ خراب ٿيا ته هندن ۽ مسلمانن کي هڪ ٻئي جي عزت ڪرڻ جو درس ڏنو.

سنڌ واپس اچي "حلقئہ القرآن" جي نالي سان هڪ تحريڪ شروع ڪئي جنهن ۾ هرهڪ ميمبر پنهنجو محاسبو پيش ڪندو هو، قرآن پاڪ جي هڪ آيت ياد ڪندو هو ۽ ان تي عمل ڪندو هو، نه ڪرڻ جي صورت ۾ سزا طور نفل پڙهايا ويندا هئا. ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ گار ڏيڻ تي جرمانو ڪيو ويندو هو.

1948ع ۾ B.A پاس ڪيائون. 1950ع ۾ آغا تاج محمد جي قائم ڪيل حمايت الاسلام هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماستر طور به ڪجهه وقت فرائض انجام ڏنائون.

1950-51ع ايڊيٽر سنڌي سيڪشن نورمحمد هاءِ اسڪول ميگزين طور ڪم ڪيائون. 1951ع ۾ ڪجهه وقت ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ پڻ استاد رهيا. 1951ع ۾ سٽي ڪاليج ۾ ڪين مفت سنڌي پڙهائڻ واري استاد جي آڇ ٿي ته پاڻ وعدي کي پاڙيندي، سرڪاري نوڪري ڇڏي. ليڪچرار جي حيثيت سان خدمت ڪرڻ قبول ڪيائين.

1972ع ۾ جڏهن تعليمي، ادارا قومي ملڪيت ۾ ورتا ويا ته پاڻ هڪ ٻيرو وري سرڪاري ملازم بنجي ويا. سٽي ڪاليج پرنسپل جي عهدي سان گڏوگڏ ريناسانس (Renaissance) ايڊيوڪيشن ٽرسٽ جا ايڊمنسٽريٽر به رهيا. جنهن تحت انهن سٽي ڪاليج ٻاهران 232 دڪان ۽ هڪ پيٽرول پمپ به تعمير ڪرايا. 1951ع سندن گهر واريءَ ۽ والد صاحب جي وفات ٿي.

بهترين فوٽ بالر طور به ڊپٽي صاحب جي سڃاڻپ رهي، ڪيپٽن جي حيثيت ۾ احمدآباد ۾ به شريڪ ٿيا، هاڪي ٽيم جي فرسٽ اليون جا ميمبر پڻ رهيا ۽ ڪرڪيٽر پڻ.

1950ع اسڪائوٽ ماسٽر ٽريننگ ڪوئٽا مان ورتائون، 1951ع ۾ هيڊ ماستر طور ايس.ڪي رحيم هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ ڪم ڪيائون.

1952ع ۾ سٽي ڪاليج ۾ سنڌي ادبي مجلس قائم ڪئي، جنهن تحت اشاعت ڪيل ڪتابن ۾ 'لطيفي لهرون'، 'ادبي آئينو' ۽ 'سنيهو' شامل آهن. انهيءَ دوران علي اڪبر شاهه جي قائم ڪيل جامعہ عربيہ هاءِ اسڪول ۾ مفت تعليم ۽ ٽيوشن پڻ ڏنائون.

شهر جون مصروفيات ۽ رنگينيون سندن خدمت کي محدود نه ڪري سگهيا، ۾ سندن دائرو ويتر وسيع ٿيو ۽ 1956ع جي زبردست ٻوڏ جو پاڻي سُڪڻ شرط وري وڃي پڇندي پڇندي ساڳيا وٿاڻ وسايائون ۽ هڪ عزم ۽ مشن ساڻ هڪ نئين وسندي ڏيٽا اسٽيشن لڳ رحيم آباد نالي سان آباد ڪيائون، جتي مِٽن مائٽن ڪانسواءِ آخري گهڙي تائين آسپاس جي خدائي خلق جي خدمت ڪندا رهيا. انهن جي فلاح و بهبود ۽ حقن لاءِ وڙهدا رهيا.

رحيم آباد ۾ انهن هڪ جامعہ مسجد به تعمير ڪئي، جنهن ۾ پاڻ امامت به ڪرائيندا هئا، خطبہ ڏيندا هئا، نماز عيدين به پڙهائيندا هئا ۽ ماڻهن کي الله ۽ سندس رسول پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جي احڪامات ۽ الله ۽ بندن جي حقن جي باري ۾ درس ڏيندا هئا.

رحيم آباد ۾ هڪ مدل اسڪول (جيڪو هاڻي هاءِ اسڪول آهي) ۽ به ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا پرائمري اسڪول قائم ڪيائون، جنهن مان اڄ

تائين ڪيئين شاگرد تعليم حاصل ڪري اعليٰ عهدن تي فائز آهن.

ڏيٽا مڊل اسڪول جي استادن کي پنهنجي کيسي مان پگهار ڏيندا هئا ۽ غريب شاگردن کي مفت تعليم ڪتاب ۽ ڪپڙا به فراهم ڪندا هئا.

رحيم آباد ڏيٽا وليج ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن قائم ڪيائون جنهن جا پاڻ سيڪريٽري هئا. مرحوم ڏيٽي صاحب قليلي حيدرآباد جي حاجي مالڪ ڀٽي هاءِ اسڪول جي انتظامي امور ۾ حاجي عبدالرشيد ڀٽي جو ڀرپور ساٿ ڏنو.

1974ع کان 1976ع ۾ پرنسپل جي حيثيت ۾ N.C.C جي ٿيندڙ ٽريننگ ۾ به شاگردن سان گڏوگڏ ڀرپور حصو ورتائون.

15 فيبروري 1979ع ۾ جڏهن رٽائر ٿيا ته سندن پراڻي سروس شمار نه ڪرڻ سبب ڪين خالي هٿين گهر وڃڻ پيو.

1984ع ۾ ڪين يونين ڪائونسل جي زڪوات عشق جو چيئرمين بنايو ويو، جيڪو فرض به انهن احسن انداز ۾ ادا ڪيو، ۽ ميلن جا ميل پنڌ ڪري حقدارن کي سندن حق پهچايو. انهيءَ دوران ٿيندڙ زڪوات عشر ڪنوينشن ۾ گورنر جهانداد جي سامهون بي باڪي سان زڪوات جي نظام ۾ موجود خامين تي سخت تنقيد ڪيائون.

1985ع ۾ ڪين بورڊ آفيس طرفان انسپيڪٽر سينٽرز مقرر ڪيو ويو جنهن ۾ هو ٿٽي کان ٿرپارڪر تائين پنهنجا فرائض ايمانداريءَ سان انجام ڏيندا رهيا. جڏهن انهيءَ سلسلي جي تعريفي سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب ۾ ڪين بهترين ڪارڪردگي جي شيلڊ ڏني وئي، جنهن جي صدارت سندن شاگرد محترم مظهرالحق صديقي (وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي) ڪري رهيو هو، انهيءَ موقعي تي به پاڻ تعليم ۽ امتحاني نظام تي تنقيد ڪندي ان ۾ موجود خامين جي نشاندهي ڪيائون.

آخري ڏينهن ۾ انهن پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙو دڪان شروع ڪيو جنهن ۾ ڀڻ ڪفن دفن جي سامان همدرديءَ ۽ سهوليت جي نيت سان رکيو ته جيئن ڏکئي وقت ۾ ڳوٺاڻن کي آساني ٿئي.

سندن وفات 6 ڊسمبر 1986ع تي ٿي. سندن آخري آرامگاهه قبرستان ميان شيرشاهه لڳ رحيم آباد- ڏيٽا ۾ آهي.

پروفيسر عبدالرحيم ڏيٽو مرحوم جي شخصيت متعلق سندس شاگردن، اديبن، عالمن، مداحن ۽ واسطيدارن جا تاثرات هيٺ ڏيون ٿا:

**(1) محترم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب:**

هو خُوب عِلم پَرَوَر، عبدالرحيم ڏيٽو،
هَر فَرد لاءِ دِلبر، عبدالرحيم ڏيٽو
کِل مُک فراخ دل هو، هُو پياري طبع وارو،
خود هو ادب جو اختر، عبدالرحيم ڏيٽو.

**(2) لونگ خان نيامند بلزائي:**

عِلم دان، سُخن دان هو استاد ڏيٽو،
عجب جهڙو انسان، هو استاد ڏيٽو،
سباجهي، سياڻي طبيعت جو مالڪ،
مٺو مهربان هو، استاد ڏيٽو.

**(3) ڊاڪٽر اسد جمال پلي:**

هو مصطفىٰ جو عاشق، اللهؐ جو سپاهي،
ايمان جنهن سلامت، عبدالرحيم ڏيٽو،
مولىٰ رکيس پنهنجن ويجهن ۾ ڪيس ويجهو،
بخشيل هجيس جنت، عبدالرحيم ڏيٽو.

**(4) ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري:**

سدا ياد رهندين تون عبدالرحيم،
طبيعت ۾ بيشڪ هُئين تون ڪريم،
خدا وصف هرڪا هئي 'عابد' ڏني،
عبادت رياضت ۾ صاحب سليم.

**(5) ڊاڪٽر محمد اسمٰعيل شيخ:** سندن ايامڪاريءَ ۾ سٽي ڪاليج ۾ ڪڏهن به ڪنهن وڳوڙ جنم نه ورتو.

**(6) مولانا وصي مظهرندوي:** آريه سماجي هندن جيڪي مسلمانن خلاف تياريون ڪيون، انهن جو

ڀرپور جواب ڏيڻ لاءِ ڏيٿو صاحب مولانا فضل احمد غزنوي سان گڏجي ڪم ڪيو.

(7) **پروفيسر سيد قوي احمد**: پاڻ سٽي ڪاليج ۾ 1951ع کان بنا معاوضي سنڌي پڙهائڻ شروع ڪيائون ۽ وعدي وفائي خاطر نوڪري ترڪ ڪري ڇڏيائون. 1972ع ۾ جڏهن تعليمي ادارا قومي ملڪيت ۾ ورتا ويا ته سندن 21 سالن جي پرائي نوڪري شمار نه ڪئي وئي ۽ پاڻ نوان سرڪاري ملازم ٿي ويا ۽ 1979ع ۾ 60 سالن جي عمر ۾ رٽائر ٿيا ته ڪين ڪا به پينشن نه ملي.

(8) **سڪندر بلوچ** (اسٽيشن ڊائريڪٽر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد): پروفيسر صاحب سارنگ تي ليڪچر ڏيئي رهيو هو، ۽ ائين پئي محسوس ٿيو ته ڄڻڪ برسات جي وسڻ ڪري ڏڪاريل ٿر ۾ سرسبز ۽ شاداب ٿي ويا هجن، هر طرف سرهائي ڇانئجي وئي هجي.

(9) **پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسحاق ابڙو**: ڏيٿو صاحب جوانيءَ کان ڏاڍو اورچ، ڌيرج وارو ۽ خوش مزاج هوندو هو، جيئن ته دينداري ۽ پرهيزگاري کين ورثي ۾ ملي هئي، انڪري پاڻ ساري حياتي الله جل شانهٗ ۽ سندس محبوب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي اطاعت ڪندا رهيا.

(10) **ميجر انور عابد قاضي**: نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ تدريسي عمل سان گڏ شاگردن ۾ تحريڪ پاڪستان جو ولولو پيدا ڪندو رهيو، ۽ هالا جي نولکي گادي وارن جي مريدن کي پاڻ سان ملائي، مسلم ليگ نيشنل گارڊ ۾ به نمايان سکيا ڏيڻ ۾ مشغول رهيو.

(11) **محترم ظافر تشنه**: ڏيٿي صاحب سان منهنجي پهرين ملاقات 1962ع ۾ بدين ۾ هڪ درويش صوفي شاعر مولوي احمد ملاح وٽ ٿي. ڏيٿي صاحب جي وفات سان "سِنڌ جي تهذيب جو هڪ ٻيو آئينو به ڀَڄي پيو."

(12) **پروفيسر قاضي خادم**: ڏيٿو صاحب جهڙا سادا، ايماندار ۽ محنتي استاد وري گهٽ نظر آيا، جهڙو هو پڙهائڻ ۾ هوشيار تهڙو هو انتظامي ڪمن ۾ ماهر، اهوئي سبب هو جو هڪ بهترين استاد هو، جيڪو پڙهائڻ سان گڏ ڪاليج ۾ لطيف ڏي جا فنڪشن به ڪرائيندو هو، هن ڪي ڪاليج جي بلڊنگ جي ٻاهران ٺهندڙ دڪانن جو ڪم به ڏنو ويو جيڪو هن ڪمال ايمانداريءَ سان پورو ڪري ڏيکاريو.

(13) **پروفيسر خادم حسين چانڊيو**: کين سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ سان گڏوگڏ اردو زبان ۾ پڻ مهارت حاصل هئي، پاڻ هڪ بهترين مقرر به هو.

(14) **اسلم آزاد**: ڏيٿي صاحب جي مشوري سان سٽي ڪاليج جي سنڌي ادبي مجلس طرفان هفتيوار چانڊاڻ جاري ڪئي، جنهن جو مون کي ايڊيٽر بنايو ويو ۽ ڪاليج ميگزين جي سنڌي شعبه جي ادارت به مون کي ملي.

(15) **سيد قمرالزمان شاهه**: آئون سندن پيارن شاگردن ۾ شامل هوس، نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ ڪو به مسئلو ٿيندو هو ته ان جو فيصلو سائين عبدالرحيم ڪندو هو، تحريڪ پاڪستان دوران اسان شاگردن سندن سربراهي ۾ ڪم ڪيو، حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي آيل هڪ مهاجر مسافر، جنهن جي هڪ ٽنگ ڪٽيل هئي ان کي سائين عبدالرحيم پنهنجي ڪُلهي تي ويهاري اسٽيشن کان سِول اسپتال پهچايو هو، (جنهن جو نالو علي تقي سونارو هو).

(16) **پروفيسر مظهرالحق صديقي**: سائين عبدالرحيم منهنجو استاد ۽ معمار هو، نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ آئون ۽ منهنجو ڀاءُ شمس الحق سندن پيارن شاگردن ۾ شمار رهياسين.

(17) **پروفيسر عنايت علي خان**: شاگردن جي اڪثريت غريب خاندانن مان تعلق رکندا هئا، انهن ۾ غربت جي باوجود ترقيءَ جو جذبو ۽ حوصلو پيدا ڪرڻ لاءِ خود پنهنجو مثال ڏيئي ٻڌائيندا هئا ته ننڍپڻ ۾ اُٺ چاريندو هوس ۽ شاگرديءَ جي زماني ۾ نورمحمد هاءِ اسڪول جي هاسٽل ۾ ڪٽن جون واڏڻيون ڇڪي، ان جي اجرت مان اسڪول جي في ادا ڪندو هئس.

(18) **پروفيسر ڪريم بخش نظاماڻي**: اسان نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ سائين جا شاگرد هئاسين، هندو اسان ڪي نماز پڙهڻ ۽ رستي تان لنگهڻ تان تنگ ڪندا هئا، جنهن تان سائين اسان جي هٿان ايل.ڪي آڏواڻيءَ کي مار به ڪيرائي هئي. شاهه لطيف جي بيتن جي معنيٰ ۽ صحيح پڙهڻي به اسان سائين کان سِکي.

(19) **نفيس احمد شيخ**: مرحوم ڏيٿو صاحب ڪم گو، محنتي ۽ اورچ انسان هو ۽ شهرت ۽ نام و نمود کان ڪوهين ڏور رهندو هو. سندس شرافت ۽ تهذيب، فضيلت ۽ پرهيزگاري ڪيس هڪ مثالي استاد ۽ بزرگ جي حيثيت ۾ ڪيس مانائتو بنايو.

(20) **هلال پاڪستان** (روزانه) **ايڊيٽوريل**: مرحوم عبدالرحيم ڏيٿو ذاتي طور تي هڪ مخلص، درويش، نيڪ، هردلعزيز ۽ دوستن جو هڪ سٺو دوست هو نهايت ساده زندگي گذاريندڙ ۽ هر حال تي راضي رهندڙ شخص هو. نيازمندي، نوڙت، شرافت ۽ خوش اخلاقي سندس خاص وصفون هيون. سيني سان نهايت پاٻوهه ۽ پيار سان ملندو هو، سندس انتقال سبban سنڌ يقيناً هڪ قيمتي انسان کان محروم ٿي ويئي آهي.

(21) **مهراڻ** (روزانه) **ايڊيٽوريل**: شاهه سائين جو هيءُ شيدائي، عمر جي آخري ڏينهن ۾ به شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي حوالي سان ٿيندڙ هر گڏجاڻي ۾ ضرور شريڪ ٿيندو هو ۽ شاهه سائين جي ڪلام ۽ پيغام کي پکيڙيندو رهيو.

(22) **عبرت** (روزانه) **ايڊيٽوريل**: پاڻ خدمتون سرانجام ڏنيون سي هميشه ياد رهنديون، هن پوري ڄمار تعليم، علم ۽ ادب جي خدمت ۾ صرف ڪئي. هو هڪ يار ويس، مخلص ۽ نيڪ نيت، هردلعزيز ۽ مرنجان مرنج شخصيت هو. خاموشيءَ سان خدمت ڪرڻ ۽ ڪنهن ثنا ۽ صله جي خواهش نه رکڻ ۽ پنهنجي حال ۽ سادگيءَ ۾ راضي ۽ مطمئن رهڻ مرحوم جي زندگيءَ جا خاص اصول هئا.

(23) **انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا**۔ (5۔V): عبدالرحيم ڏيٿي، سنڌي نثر، توڙي تحرير ۾ ٻولي پختي استعمال ڪئي آهي، شاهه جي شاعري جو وڏو پارکو هو، ليڪچرن ۽ تقريرن دوران به شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ جا حوالا ڏيئي تمام سهڻي نموني سمجهائيندو هو، هن سٽي آرٽس ڪاليج حيدرآباد ۾ نوڪريءَ دوران 'سنڌي ادبي مجلس' قائم ڪري ڪيترا ڪتاب ڇپرايا، جن ۾: 'ادبي آئينو'، 'لطيفي لهرون' ۽ تماهي رسالو 'سنيهو' شامل آهن.

ان کان علاوه جسٽس عبدالقادر هاليپوٽو، پروفيسر دلشاد ڏيٿو، ايس.ڪي رحيم (سٽي ڪاليج جو باني)، لياقت عزيز، پروفيسر خليل الرحمان مهر، پروفيسر علي اصغر ڏيٿو ۽ ٻين به ڪيترن ئي سائين جي شاگردن پنهنجا تاثرات لکيا آهن، جيڪي ان شاءالله جلدي ڪتاب جي شڪل ۾ تيار ڪبا.

**حوالا:**


1. وفات وقت رکيل تاثراتي ڪتاب مان تاثرات.
2. سرها گل سنڌ جا.................. عبدالجبار عابد لغاري
3. ماهانه نئين زندگي، ڊسمبر 2004ع......... ايڊيٽوريل
4. ساروٽيون.................................... قاضي خادم
5. مارو جي ملير جا.................... خادم حسين چانڊيو
6. مهراڻ (تماهي) 1986/4ع.............. سنڌي ادبي بورڊ
7. هلال پاڪستان (روزانه) (86-12-11) ڪراچي.. ايڊيٽوريل
8. مهراڻ (روزانه) (86-12-9) حيدرآباد......... ايڊيٽوريل
9. عبرت (روزانه) (86-12-9) حيدرآباد.......... ايڊيٽوريل

"توکي هيرن ۽ جواهرن سان جڙيل ڪستو ٺهرائي ڏيندس، تون هتان هليو وڃ."(16)

آخر انهيءَ بحث مباحثي ۾ ڪافي وقت گذري ويو ۽ فقير گفتگوءَ سان گڏ 'پوري' کي ڏسندو رهيو ۽ 'پوري' به نظر بچائي ڪيس ڏسندي رهي، آخر عشق جو تير ٻنهي کي گهايل ڪري ويو، ۽ هي ٻئي هڪ ٻئي کي دل ڏيئي ويٺا.

ان کان پوءِ 'پوري' 'ڦل' کي چيو ته تون پنهنجي ساٿي فقيرن سان باغ ۾ وڃي رهه ۽ آئون اتان توکي پاڻ وٽ گهرائي وٺندس، اهڙي طرح رات ٿي ته ٻانهي 'ڦل' کي محلات ۾ وٺي ويئي، ۽ 'پوري' ڪانئس سربستو احوال ورتو ۽ 'ڦُل' به ڪيس پنهنجي خاندان جو ۽ پنهنجي سربستو احوال ٻڌايو جيڪو ٻڌي 'پوري' تمام گهڻو خوش ٿي ان طرح هنن ٻنهي جون مخفي ملاقاتون ٿينديون رهيون.

چوندا آهن ته عشق ۽ مُشڪ ڳجها ڪين رهندا آهن، سو آخر انهيءَ عشق جي ڳالهه به ظاهر ٿي پئي، اهو هيئن ته 'پوري' جي رازدار ٻانهيءَ کي اچي ڊپ ٿيو ته جيڪر بادشاهه کي اها خبر پئي ته سڀ کان پهريائين هو مون کي مارائي ڇڏيندو. ان ڪري آئون چوڻ پنهنجو بچاءُ ڪريان. سو هن اهو قصو وڃي 'پوري' جي ماءُ کي ٻڌايو. 'پوري' جي ماءُ ڪاوڙ ۾ لال ٿي ويئي، انهيءَ ئي مهل هو 'پوري' وٽ لنگهي آئي، ڪيس پهريائين ڏاڍو دڙڪو داماڻ ڪيائين، پوءِ پڇيائين ته ڇا؟ اها حقيقت سچي آهي ته تنهنجي هڪ جوڳي فقير سان عشق ٿي ويو آهي.

آخر 'پوري' ماءُ کي ورندي ڏني ته ها منهنجو نه فقط انهيءَ سان عشق ٿي ويو آهي پر آئون شادي به اُن سان ڪنديس. اوهين جيڪڏهن مون کي روڪيندا ته آئون زهر کائي پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيندس.

'پوري' جي ماءُ اها حقيقت وڃي 'پوري' جي پيءُ 'راجا انيراءِ' کي ٻڌائي. جيڪو ٻڌي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ هن فيصلو ڪيو ته 'پوري' پلي وڃي جوڳيءَ سان لائون لهي، پر آئون زهر کائي، پاڻ کي پورو ٿو ڪريان، 'انيراءِ' جي انهيءَ ارادي جي جڏهن 'پوري' کي خبر پئي ته هي ٻوڙندي وٽس آئي، ۽ پيءُ کي عرض ڪيائين ته بابا اوهين زهر چو ٿا کائو، جنهن تي 'انيراءِ' چيو ته آئون هڪ راجا آهيان ۽ هڪ راجا جي ڌي، سوين شهزادن کي ٺڪرائي جيڪڏهن هڪ جوڳيءَ سان شادي ڪري ته راجا جي ان کان وڌيڪ کهڙي بي عزتي آهي، سو آئون انهيءَ بي عزتيءَ کان بچڻ لاءِ پهريائين پنهنجو پاڻ کي پورو ڪندس ۽ پوءِ تون وڃي جوڳيءَ سان لائون لهجئين.

جنهن تي 'پوري' چيو ته بابا اوهين جنهن کي جوڳي فقير ٿا سمجهو، اهو 'پنري ٻدامر' جو پڙپوٽو شهزادو 'ڦُل' آهي، جنهن جو پيءُ اوهان کان به وڏو راجا آهي، هو پرپٺ منهنجي سونهن جي ساراهه ٻڌي، مون کي حاصل ڪرڻ لاءِ بادشاهي ڇڏي، فقيراڻو ويس اختيار ڪري ورهين جا ورهيه مختلف فقيرن جي صحبت ۾ رهي مختلف ساز سکي، فقيراڻي روپ ۾ هتي اچي پهتو آهي، اوهان کي اعتبار نه ٿئي ته ڪيس پاڻ وٽ گهرائي پڇي سگهو ٿا.

'راجا انيراءِ' 'پوري' جي ڳالهه ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويو ۽ 'ڦُل' کي گهرائي وٽانئس احوال ورتو ۽ ثابتيون گهريون. جنهن تي 'ڦُل' شاهي خاندان جون مختلف ثابتيون، سندس آڏو پيش ڪيون. جن کي ڏسي 'انيراءِ' کي يقين ٿي ويو ته هي برابر شهزادو آهي. تنهن هوندي به هن کي ڪجهه وقت ترسائي 'وڌوئي' جي راڄڌانيءَ ڏانهن پنهنجو ماڻهو موڪلي، ان جي خبر چار ورتائين ۽ 'ڦُل' جو فقير بنجي نڪرڻ وغيره جي تصديق ڪري، وڌيڪ پڪ ڪيائين ۽ پوءِ 'ڦُل' کي چيائين ته شاديءَ لاءِ هڪڙو شرط آهي ته مون کي 'پوري' کانسواءِ ٻيو ڪوبه اولاد ڪونه آهي، اهائي منهنجي راڄ جي وارث آهي، انڪري شاديءَ کان پوءِ توکي هن سان گڏ هتي ئي رهڻو پوندو، 'ڦُل' اها ڳالهه قبول ڪئي. جنهن بعد هن جي 'پوريءَ' سان شادي ٿي ۽ 'ڦُل' شادي کان پوءِ هميشه لاءِ 'پوريءَ' سان گڏ رهي پيو.

جيئن ته 'لونچل ڪوٽ' جو شهر 'ريٽي نديءَ' جي ڪلهي ڪپ تي هو ۽ ڪيس سدائين سيلاب جو خطرو رهندو هو. انڪري ڪجهه ورهين کان

پوءِ 'انيراءِ' اهو علائقو ڇڏي الهندي طرف 'ولهار' جي پٽ ۾ 'نار ندي' جي ساڄي ڪناري سان اچي سڪونت پذير ٿيو ۽ پنهنجو نئون شهر ٻڌايائين، جيڪو 'پوري' جي نالي سان مشهور ٿيو.(17)

نئين شهر ۾ رهائش کان پوءِ 'انيراءِ' جَلدي وفات ڪري ويو، گهڻو وقت پوءِ هڪ دفعي ڪنهن ڳالهه تان 'پوري' ۽ 'ڦُل' پاڻ ۾ ڪاوڙجي پيا، آخر 'ڦُل' ڪاوڙ ۾ 'پوري' جي شهر کان چار ميل ڪن ڏکڻ طرف وڃي رهيو ۽ ڪن روايتن موجب ڏکڻ اولهه جي ڪنڊ تي نئون شهر ٻڌائي وڃي رهيو.(18)

## تحقيقي جائزو:

1. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن مشهور سنڌي قصا 'سنڌ جا عشقيہ داستان' نمبر ڇهريون ۾ 'ڦُل وڏئي' جي قصي ۾ جن مشهور شاعرن جا بيت ڏنا آهن. اهي 'لاڙ' ۽ 'ناري' واري ايراضيءَ سان واسطو رکن ٿا ۽ خاص طرح شاعر محمد خان ٽالپر جيڪو هئو ٿي 'ٽنڊي باگي' تعلقي جو رهاڪو، جتي قديم دؤر ۾ 'ڦُل' جي وڏن جي راڄڌاني هئي.
2. ڊاڪٽر بلوچ صاحب 'مورڙي' واري قصي ۾ 'ڦُل' کي 'ڪلان ڪوٽ' جو ڄاڻايو آهي. اصل ۾ اها روايت صحيح آهي، ڇو تہ 'ڪلان ڪوٽ' يا 'قلات' هن وقت 'ڏگهڙي' تعلقي جي 'بدام' واري ايراضيءَ ۾ اچي وڃي ٿو. جنهن منجهہ ئي 'پتري بداماڻي' جي راڄڌانيءَ جا نشان 'پرڙائي ڪوٽ' موجود آهي.(19)
3. سيني راوين 'پوري' جي پيءُ جي شهر جو نالو 'اونچل ڪوٽ' لکيو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي 'مٿانهون ڪوٽ'. اهو 'اونچو' لفظ جنهن جو ضد 'نيچو' آهي، اصل ۾ مهراڻي ۽ ٿر واري ايراضيءَ سان واسطو رکي ٿو. جنهن جو اُتر واري ٻوليءَ سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. ٻئي طرف 'ٿرپارڪر'، 'سانگهڙ'، 'حيدرآباد' ۽ 'بدين' ضلعن جي راوين جون روايتون ثابت ڪن ٿيون تہ اونچل ڪوٽ 'ٿرپارڪر' جي سماري تعلقي جي ايراضيءَ ۾ هو.(20)
4. 'مومل' راڻي جي قصي ۾ جيڪو شهزادو 'همير' ۽ سنڌس سائين کي فقيراڻي شڪل ۾ مليو هو. ان جو نالو 'اُتمُ راءِ' هو ۽ اهو 'اونچل ڪوٽ' جو رهاڪو هو. اهو شهزادو همير سومري ۽ سنڌس وزيرن کي عمرڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ 'ڳموري' ۾ ڍنڍ تي شڪار ڪندي مليو هو. جيڪو 'مومل' وٽان هارائي پنهنجي وطن ڏانهن پئي ويو. هن شڪار جي شاهدي سگهڙ راڳهي فقير جي هينئين سِٽ مان ملي ٿي:

   روجهہ ماريائون، راڳهو چئي، ڳموري ڳنا.

   اها ڳالهہ ثابت ٿي ڪري تہ 'اونچل ڪوٽ' ناري واري ايراضيءَ ۾ هو.(21)
5. محمد خان ٽالپر واري قصي ۾ جيڪو مهاڳ ڏنل آهي تنهن ۾ ڏيڪاريل آهي تہ 'ڦُل' ذات جو پٽني هو. ۽ 'ڪاڇي' شهر جو رهاڪو هو ڪاڇي شهر کي ڪاڇو ڪوٽ بہ ڪوٺيو ويو آهي. اها ڳالهہ اصل ۾ هينئن آهي تہ 'ڦُل' جا وڏا جيڪي 'بدام چنا' سڏبا هئا. اصل ۾ ڪاڇي واري علائقي جا رهاڪو هئا. جتان پوءِ جاڙيجن سان اٿبٺت سبب 'لاڙ ۽ ٿر' واري ايراضي ڏانهن آيا ۽ اتي ئي پنهنجي راڄڌاني قائم ڪيائون، جيڪا ڳالهہ پڻ ثابت ٿي ڪري تہ 'ڦل' جي رهائش 'بدام' واري ايراضيءَ ۾ هئي ۽ هو اُتان اونچل ڪوٽ ڏانهن آيو.(22)
6. ساڳئي قصي ۾ ڏيڪاريل آهي تہ 'پوري' جون ٻہ سؤٽيون 'ونگ ورڻ' ۽ 'اڪرياري' جوڌپور جي طرف رهندڙ هيون، سا ڳالهہ بہ ثابت ٿي ڪري تہ 'اونچل ڪوٽ' ٿرپارڪر ۾ ئي هو، جتي جي ماڻهن جو لاڳاپو جوڌپور سان رهيو آهي.(23)
7. ٻي روايت موجب 'پوري' جون ٻہ ڀينرون هڪ 'هيران' ٻي 'جهيران' جي نالي سان هيون جن جون قبرون يا مقام سنڌن نالي پويان، ديهہ 'مگريہ' تپو 'ڊالو' تعلقو ڇمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ عمر ٿيٻو لڳ موجود آهي.
8. 'ڦل' جي هڪ ڀيڻ هئي، جنهن جي قبر روايتن موجب'ٻيلهاڙو' شاخ لڳ پڪي واري موري کان ايرندي پاسي آهي. اتي هڪ ڪنبو آهي، چوڻ ۾ اچي ٿو تہ جڏهن 'ڦل پوري' کان ڪاوڙجي سنڌس

پيڻ وٽ پهتو، اتي پهچڻ کان پوءِ ڦل جا گهوڙا جن وٽن سان ٻڌل هئا، گهوڙن ڇوڙڻ کان پوءِ ڦل جي پيڻ اهي سمورا وڻ وڍائي ڇڏيا. جڏهن ڦل انهن وڻن وڍرائڻ جو سبب پيڻ کان پڇيو تڏهن پيڻ چيس تہ جيڪي ور پنهنجي ونين کي ڇڏين ٿا، تن جي مون وٽ ڪابہ اهميت ڪانهي ان کان پوءِ ڦل ڪاوڙ ڇڏي، 'پوري' وٽ اچي رهيو، اها روايت بہ ثابت ٿي ڪري تہ 'ڦل' هن ئي علائقي جو هو.

راويتن ۾ آهي 'انيراءِ' 'رائوڙ' خاندان جو هو جيڪا ڳالهہ بہ ثابت ٿي ڪري تہ سندس رهائش اهائي هئي، ڇو تہ 'رائوڙ' خاندان جا آباد ڪيل پيا شهر 'نهنو'، 'ٻالاڻي ڪوٽ' 'پوري لوءِ'، 'جانهيرو'، 'عمرڪوٽ'، 'ڪسل ڪوٽ' ڪوٽ'، 'ساڪو' ۽'ليلمون' وغيره پڻ 'لاڙ' ۽ 'ٿر' واري ايراضي ۾ آهن.(24)

12. 'ڦل' جو خاندان جيتوڻيڪ 'ٻدامر چنا' هو، پر اصل اهي 'چنا پنّي' خاندان جا هئا. جن جا آثار پڻ 'لاڙ' ۽ 'ناڙي پَٽ' واري ايراضي ۾ ملن ٿا. جن مان 'ٿانور پنّي' ۽ 'سانور پنّي' ناليرا حاڪم ٿي گذريا آهن.(25)

13. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن احمد خان آصف جي روايت ڏني آهي، جنهن ۾ لکيو اٿس تہ 'پوري' جي ماڙيءَ کان سر ڏکڻ طرف ڇئن ميلن جي مفاصلي تي هڪ ٻيو حاڪم هو، جنهن کي 'ڦل وڏو' نالي پٽ هو.(26)

اها ڳالهہ وڏيڪ تصديق ٿي ڪري تہ 'ڦل' ۽ 'پوري' جا ابتدائي آثار لاڙ ۽ ٿرپارڪر ۾ آهن، آخري آثار ٽنڊي الهيار ديهہ 'ڏگهڪي' تپو 'بلغاءِ' يونين ڪائونسل سلطان آباد اسٽيشن تعلقي جهنبو مري ضلعي ٽنڊوالهيار ۽ ديهہ نيلو فري تپو ڊالو يونين ڪائونسل مسڻ تعلقو جهنبو مري ۾ آهن.

جتي اڄ بہ 'پوري' جي شهر ۽ 'ڦل' جي شهر جا نشان ڪنبرات جي شڪل ۾ موجود آهن، ۽ 'پوري' جي شهر کان سر ڏکڻ ڇئن ميلن تي ئي 'ڦل' جي شهر جا ڪنبر ڏسجن ٿا، جيڪي ڳوٺ پير ڪڪو لڳ ديهہ جهول تپو ڊالو يونين ڪائونسل دريا خان مري تعلقو ڇمبڙ ضلع ٽنڊوالهيار واقع آهن.(27)

ٽنڊوالهيار جي مقامي راويتن موجب راءِ ڏياچ جي سر ويڻ لاءِ جنهن 'انيراءِ بادشاهہ' 'ٻيجل' کي موڪليو هو، اهو 'انيراءِ' اهو ساڳيو ئي پوريءَ جو ڀيءُ هو ۽ ٻيجل کي انهيءَ ايراضيءَ جي جهنگ مان هرڻ جا آنڊا هٿ آيا هئا، جن مان سُر نڪرندا ڏسي اهو آنڊو سرندي جي تارن سان ملايو. اُهي سيئي آثار ٽنڊي الهيار ضلع جي تعلقي جهنبو مري جي ديهہ ڏگهڪي تپو بلغاءِ ۾ ملن ٿا.

## جاگرافيائي ماحول:

(1) 'پوري' ۽ 'ڦل' جي قصي کي سامهون رکي انهن جو جاگرافيائي جائزو وٺنداسون تہ اهو اسان کي هيٺين طرح ڏسڻ ۾ ايندو، پوريءَ جي ڀيءُ انيراءِ جو شهر اونچل ڪوٽ ٿرپارڪر ضلعي جي تعلقي سلماري ۾ ڪن واري ايراضي ۾ هو. جيڪا ايراضي موجوده جاگرافي موجب صالح پنپري اسٽيشن، رامر جاڳي جي قبرستان جي وچ ۾ اچي ٿي، جيڪا هاڻي چند سالن کان ٽريڪٽرن جي نظر ٿي چڪي آهي، ۽ انهن ڪنبرن جي جاءِ تي هينئر 'سنڌ ماڊل فارم' قائم آهي، جن جي ڏکڻ اولهہ ۾ خانپور جي شهر جا ڪنبر آهن، جتي مير مبارڪ ۽ ان جا پويان آباد هئا.(28)

استاد 'معمور يوسفاڻي' صاحب جن هڪ ملاقات ۾ ٻڌايو هو تہ مون آراڙي ۽ صالح پنپري جي وڏي عمر وارن بزرگن سان گڏجي پوري جي شهر جا ڪنبر ڏٺا هئا. جيڪي تمام وڏي ايراضي ۾ پکڙيل هئا، ۽ اُتي گهڻو ڪري پڪيون سِرون چونڪن جي شڪل ۾ موجود هيون ۽ شهر جي جاين جون ديوارون پڻ چونڪن سان چونڊيل هيون.

پاڻ وڌيڪ ٻڌايائون تہ 1974عيسوي ڌاري آئون جڏهن اُهي ڪنبر ٻيهر گهمڻ ويس تہ اُتي بلڊوزر ۽ ٽريڪٽر هلندا ڏٺم. جن شهر جي ڪنبرات کي سنئين زمين ۾ تبديل ڪيو ۽ پٽين مان نڪتل چونڪا اُتي جي هارين نارين پٽي ڪنيا، هن شهر جا ڪنبر ريڻي ندي جي قريب آهن.

(2) پوري جي شهر جا ڪنبر جيڪي ديهہ

**حرف آخر:**

هيءُ مقالو تماهي مهراڻ جي حوالي ڪرڻ وقت مون کي ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب ٻڌايو ته تازو 'ڇَنن جي تاريخ' تي ڪم ڪندڙ محترم محمد هارون چنو صاحب (رٽائرڊ ٽريننگ ڪاليج- حيدرآباد) چڪ- شڪارپور کان خاص ڦل ۽ پوري جي داستان ۽ چنن جي تاريخ تي ڪچهري ڪرڻ لاءِ 'آستانءِ معمور' تي مهرباني فرمائي پهتو. هن منڙي ماڻهوءَ سان ٻه راتيون خوب ڪچهريون ٿيون. محمد هارون ٻڌايو ته اُتر سنڌ ۾ ٻه 'ڦل' ۽ 'پوري' جي داستان جا ڪجهه آثار آهن ۽ ڦل جي تربت به آهي، 'وَڏا' ذات به هن طرف آهي، هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر اسد جمال جو اهو چوڻ هو ته چنا ڪڇ، ٿر ۽ لاڙ بعد اُتر سنڌ ڏانهن منتقل ٿيا آهن. ائين ٿو لڳي ته هي ٻئي دؤر جا آثار آهن سماٽ جي سماجي قانون موجب پوءِ رکيل نالا آهن ۽ هن داستان سان لاڳاپيل ٻيا آثار ويندي سومرن جي دؤر تائين ۽ پوءِ سمن جي دؤر تائين ٿر ۽ لاڙ جي علائقن ۾ ئي آهن، جنهن جون ڪيتريون ئي شاهديون ۽ آثار پڻ موجود آهن. مون (عبدالواحد هڪڙو) محترم استاد معمور يوسفاڻي سان گڏ هي سڀ آثار هڪ کان وڌيڪ دفعا مشاهداتي طور ڏٺا آهن. تازو ڪي.ٽي.اين جي تاريخ پروگرام جي ڊاڪومينٽري جيڪا محترم فيض کوسو صاحب، ڊاڪٽر اسد جمال پلي سان گڏ ٺاهي آهي، ان ۾ به هي سڀ آثار موجود آهن.

**حوالا:**


1. 'لطيف جا ٿر تان پيرا' مصنف: معمور يوسفاڻي، ص 23-24 ۽ 25، ڇپائيندڙ: مهراڻ اڪيڊمي، (ڇاپو ٻيو)، 2004ع.
2. ڏسو معمور يوسفاڻي جو مقالو پُترو بداماڻي (سنڌ جي اوائلي تاريخ جو هيرو) نئين زندگي مارچ 1984ع.
3. انهن جو احوال لوڪ ادب جي مختصر قصن ۾ آهي جيئن اُتم راءِ جو احوال، موملِ راڻو، جکري جو احوال، چنيسر جي احوال ۾ انيراءِ جو احوال سر سورٺ ۾، رٺمل راوت مشهور هو.
4. لوڪ داستانن جي هِنن حسينائن جو احوال لوڪ ادب جي قصن ۾ مشهور آهي.
5. لاکي ڦلاڻي ۽ مهر راڻي، پوري ۽ ڦل کي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سُر ڏهر ۽ سُر سريراڳ ۾ پڻ ڳايو آهي.
6. 'لطيف جا ٿر تان پيرا' مصنف: معمور يوسفاڻي، ڇپائيندڙ: مهراڻ اڪيڊمي، (ڇاپو ٻيو)، 2004ع.
7. لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر 29، مشهور سنڌي قصا، سنڌ جا عشقيه داستان، قصو ڦل ۽ پوري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1965ع.
8. حوالو ساڳيو.
9. حوالو ساڳيو.
10. حوالو ساڳيو.
11. حوالو ساڳيو.
12. 'لطيف جا ٿر تان پيرا' مصنف: معمور يوسفاڻي، ڇپائيندڙ: مهراڻ اڪيڊمي، (ڇاپو ٻيو)، 2004ع.
13. لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر 29، مشهور سنڌي قصا، سنڌ جا عشقيه داستان، قصو ڦل ۽ پوري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1965ع.
14. راوي: هوت خان لغاري، مسڻ وڏي.
15. لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر 29، مشهور سنڌي قصا، سنڌ جا عشقيه داستان، قصو ڦل ۽ پوري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1965ع.
16. لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر 29، مشهور سنڌي قصا، سنڌ جا عشقيه داستان، قصو ڦل ۽ پوري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1965ع.
17. 'لطيف جا ٿر تان پيرا' مصنف: معمور يوسفاڻي، ڇپائيندڙ: مهراڻ اڪيڊمي، (ڇاپو ٻيو)، 2004ع.
18. راوي محمد حسين هڪڙو (سگهڙ) اڏيرو لال ۽ سوز علي کوسو (سگهڙ) ڏهه دري موري اڏيرو لال، خميسو هاليپوٽو (سگهڙ)، ڳوٺ محمد صالح هاليپوٽو لڳ نصرپور (عام ڳجهارت).
19. 'لطيف جا ٿر تان پيرا' ص 28، 'رپ ۽ بروي جي ڪهاڻي'، مصنف: معمور يوسفاڻي، ڇپائيندڙ: مهراڻ اڪيڊمي، (ڇاپو ٻيو)، 2004ع.
20. 'لطيف جا ٿر تان پيرا' مصنف: معمور يوسفاڻي، ڇپائيندڙ: مهراڻ اڪيڊمي، (ڇاپو ٻيو)، 2004ع.

21. سُر مومل راڻو- مرتب: تاج جويو، ڊاڪٽر اسد جمال پلي جو مضمون 'سنڌ ثقافت ڪاتو'

22. لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر 29، مشهور سنڌي قصا، سنڌ جا عشقيه داستان، قصو ڦل ۽ پوري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1965ع.

23. لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر 29، مشهور سنڌي قصا، سنڌ جا عشقيه داستان، قصو ڦل ۽ پوري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1965ع.

24. 'لطيف جا ٿر تان پيرا' مصنف: معمور يوسفاڻي، ڇپائيندڙ: مهراڻ اڪيڊمي، (ڇاپو پهريون)، 2004ع

25. ست سورهيه ڏهه ڏاتار، ص 27-28، مصنف: معمور يوسفاڻي، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، ڇاپو ٽيون، مئي 2010ع.

26. لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر 29، مشهور سنڌي قصا، سنڌ جا عشقيه داستان، قصو ڦل ۽ پوري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1965ع.

27. ٿنبوالهيار آثار قديمه (قلمي) عاصي عبدالواحد هڪڙو، ڳوٺ جعفر هڪڙو.

28. 'لطيف جا ٿر تان پيرا' مصنف: معمور يوسفاڻي، ڇپائيندڙ: مهراڻ اڪيڊمي، (ڇاپو پهريون)، 2004ع.

29. بدين ضلعي قديم نقشا ۽ ڪتاب 'لطيف جا ٿر تان پيرا' مصنف: معمور يوسفاڻي، ڇپائيندڙ: مهراڻ اڪيڊمي، (ڇاپو پهريون)، 2004ع.

30. ڪتاب: ڪاٿو ڪمايوم- ص 191، مصنف: معمور يوسفاڻي، مرتب: ڊاڪٽر اسد جمال پلي، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2005ع .

31. راوي محمد عمر معمور يوسفاڻي.

32. راوي محمد عمر معمور يوسفاڻي

33. راوي محمد عمر معمور يوسفاڻي

هن داستان جي ڪيترن ئي راوين ۽ آثارن جي مشاهداتي سگهڙن ۽ لوڪ ادب جي ماهرن سان منهنجون ڪچهريون ٿيون جن جي روايتن مون کي هن مقالي لکڻ ۾ مدد ڪئي. هتي سندن نالا عرض رکان ٿو. قاضي احمد لغاري- مسڻ، محمد حسين هڪڙو- اڏيرو لال، سوز علي ڪوسو- ڏهه دري اڏيرو لال، خميسو هاليپوٽو- ڳوٺ محمد صالح هاليپوٽو، مير محمد حاجاڻو (سگهڙ)- چمبڙ، محمد بچل شيراڻي- چمبڙ، عبدالرؤف ڪنڀار (سگهڙ)- چمبڙ، مزار خان لغاري- مسڻ، ماستر غلام قادر لغاري- مسڻ، محمد حاصل هڪڙو (سگهڙ)- ڳوٺ جعفر هڪڙو، ماستر ڀيو ڀگهيو- جهنبو مري، دين محمد ڀگهيو (سگهڙ)- جهنبو مري، الهبچايو مشتاق آريسر- ميرپورخاص، محمد عثمان ملاح- گهانگهلو، ڪرم خان لغاري- ميرپورخاص، محمد عثمان لغاري- ميرپورخاص، ملا عبدالله ملاح- جهنبو مري، گل محمد پٽيل لغاري- مسڻ، استاد شادي خان لغاري- مسڻ، فتح محمد شهزاد ٽيبو- مسڻ ۽ محمد جمن ملاح- مسڻ.



بنا معاوضي جي سماجي ڀلائي جو هلندڙ گهمندڙ ادارو هن سنڌي ادب جو هي ستارو 11 مارچ 1915ع ۾ سنڌ جي سماواتي پرڳڻي جي ٽنڊي الهيار شهر جي ميمڻ پاڙي ۾ پيدا ٿيو.

سائينءَ جي ڄم جي تاريخ سندس ڪتاب 'سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو' جي پوئين صفحي تي (بيڪ پيج) جيڪو محترم عبدالحفيظ قريشي طرفان لکيل آهي. ان ۾ سال 1928ع لکيل آهي، جيڪا شايد غلطي سبب لکجي ويئي آهي، راقم وٽ سائينءَ جي هٿ اکرن ۾ جيڪو سن لکيل آهي سو 1915ع آهي ۽ گڏوگڏ 1990ع ۾ سائينءَ لکيو ته هن وقت منهنجي ڄمار 76 ورهيه آهي. ان حساب سان جيڪو سَن بيهي ٿو سو 1915ع آهي. سندن والد صاحب جو نالو محمد طاهر هو ۽ ذات جا قمبراڻي شيدي هئا. سندن نُک ۾ ٻه ٽي طاهرزادا بزرگ ٿي گذريا آهن. تنهنڪري پاڻ قمبراڻي يا شيدي بجاءِ طاهرزادو سڏائڻ کي وڌيڪ اهم ۽ فضيلت ڀريو سمجهيائون.

پاڻ اڃا ننڍي ڄمار جا ئي هئا ته سندن ڏاڏي 'آمي' (آمنت) کيس زوريءَ جهلي ٽنڊي الهيار جي مُلا مڪتب 2 ۾ داخل ڪرايو، جيڪو مرحوم حافظ لونگ (حميدالدين) هلائيندو هو. کين زوريءَ داخل ڪرائڻ جو ٻه هڪ ڪارڻ هو سو اهو هو ته، سندس چاچو نالي محمد پارهن سالن جي عمر ۾ ڳاهوري واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو هو ۽ سائين ولي محمد کي ٻه انهيءَ واهه ۾ وهنجڻ جي عادت پئجي ويئي هئي. سندن ڏاڏي کي پنهنجي پٽ جو گهاءَ ڪونه وسريو هو. سو خوف وچان کيس مڪتب ۾ چڙهايائين ته جيئن سندس اها عادت بدلجي وڃي.

پاڻ ان مڪتب ۾ ست سال پڙهيو ۽ ڏينهن رات اتي ئي پاڻ قرآن پاڪ جا پنج پاره ياد ڪيائين ۽ باقي قرآن شريف ناظره پڙهيو. جنهن کان پوءِ سندن والد صاحب کيس سنڌي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ۽ ڇهين درجي مان ئي ورنيڪيولر فائينل جو امتحان حيدرآباد سينٽر مان ڏنائين ۽ ٽي سؤ اميدوارن مان پاڻ 28 نمبر تي سال 1930ع ۾ پاس ڪيائين. ان وقت اسڪول جو هيڊماستر مولوي شيخ قادر بخش ٽنڊي سومري وارو هو، جيڪو سندن استاد پڻ هو ان کان نه رڳو سنڌي پر نماز جون سورتون معنيٰ سميت ۽ فارسي ڪتاب "دووايه"، سه وايه، ڪريما، مامقيما، پندنامه ۽ گلستان تائين جي تعليم پڻ ڪاميابيءَ سان حاصل ڪيائين. ۽ ساڳئي سال يعني 1930ع ۾ سندن والد صاحب هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.

سائين ولي محمد وارا پاڻ ۾ چار ڀائر هئا:
(1) ابن (عارب) (2) سائين ولي محمد (3) عبدالغني (4) محمد مبارڪ. ابن ٽانگو هلائي گهر جو خرچ ٻه پورو ڪندو هو ۽ ڀائرن کي پڙهائڻ جو خرچ ٻه ڏيندو هو ۽ حال سارو سندن والده پڻ هٿ پيرهٽي گهر هلائيندي هئي.

سڄو خرچ وڏي ڀاءُ تي هئڻ باعث حالات ڏاڍا ڏکيا ۽ تنگ دستي وارا رهندا هئا، سو فائينل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ سائين ولي محمد ماستريءَ جي نوڪريءَ جي حصول لاءِ ڏاڍي ڏُڪ ڊوڙ ڪئي، پر کيس ان ۾ ڪاميابي نه ملي سگهي، جنهن مڪتب ۾ پاڻ پڙهيو هو ان کي مرحوم حافظ لونگ جي وفات کان پوءِ مرحوم حافظ هاشم هلائڻ شروع ڪيو ۽ مڪتب کي گورنمينٽ طرفان هڪ نائب ماستر مليل هو، جيڪو ٽي مهينا موڪل تي وڃڻ سبب، هيڊ مُعلم حافظ هاشم سائين ولي محمد کان درخواست وٺي ان موڪل واري تاريخ کان حاضري ڄاڻائي نوٽ هٿي ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انيپسڪٽر (جيڪو ان وقت مڪتبن جو آفيسر هو) کي لکيو ته ٽن مهينن لاءِ ولي محمد کي هن مڪتب ۾ مقرر ڪيو وڃي. انسپيڪٽر اها درخواست منظور ڪئي ۽ سائين مڪتب ۾ مقرر ٿي ويو.

ان وقت ماهوار پگهار صرف 16 روپيه سائينءَ کي ملندا هئا. ٽن مهينن جي مدت پوري ٿيڻ کان پوءِ سائين کي بدلي ڪري محمد ابراهيم قاضيءَ جي ڳَهَر تي ڳوٺ مُبارڪ جروار مڪتب ۾ مقرر ڪيو ويو. اهو ميين صاحبن جو مڪتب هو. سائين شهري ماڻهو سو هَر چنچر شام جو ٽنڊي الهيار ايندو

هو ۽ سومر ڏينهن صبح سوير نوڪري تي هليو ويندو هو. ڪامارو شريف اسٽيشن تي لهڻ کان پوءِ مبارڪ جروار يا ته اُٺن تي وڃبو هو يا وري پيادل. سو سرندي وارا ته اُٺن تي هليا ويندا هئا. سائين ويچارو جنهن جو پگهار ٿي -/16 روپيا هو سو پڪا چار ميل پنڌ ڪري وڃي مڪتب پهچندو هو. هفتي ۾ ٻه ڀيرا انهيءَ پنڌ سائين کي ڪَڪ ڪري وڌو. سو، چيائين ته ڀلي جيڪڏهن ڪنهن سنڌي اسڪول ۾ نوڪري ملي وڃي ته اُت پگهار به -/20 روپيا ملندي ۽ هن پنڌ مان به جند ڇُٽي پوندي. ان وقت اسڪول ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ حيدرآباد جي ماتحت هوندا هئا. محمد صديق ميمڻ هالا پراڻا وارو جڊيشل منشي جيڪو سائين جي ناني جو پڳ مٽ يار هو، انهيءَ سائين کان درخواست وٺي چيو ته محمد صالح پٽي جو گهر اسان جي پاڙي ۾ آهي ۽ اهو اسڪولن جي مٿان سپروائيزر آهي، ان کي چئي توکي نوڪري وٺي ٿو ڏيان، سو سائين جي به هئي ڀلي. ڪيس 1933ع ۾ پهريون نوڪري جو آرڊر مليو ۽ ان کان پوءِ پاڻ ٽنڊو الهيار ۾ بدين ضلعي جي مختلف اسڪولن ۾ پڙهايائون. پاڻ 1936ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد مان پهريون سال پاس ڪيائون ۽ ٻيو سال 1948ع ۾ پاس ڪيائون. انهيءَ وچ ۾ پاڻ اسڪائوٽ ريفريش ڪورس ٽنڊي ڄام مان ۽ اسڪائوٽ ماسٽر ڪورس جي تربيت هالا نوان مان ورتائون ۽ مولانا عطاءَالله کان مجانيہ الادب عربي جا چار ڪتاب پڻ پڙهيائين.

پاڻ ماستريءَ سان گڏوگڏ سياست ۾ به خوب حصو ورتائين ۽ 1940ع کان ئي سنڌس طبيعت جو لاڙو سياست ڏانهن مائل ٿيو. هي اهو زمانو هو جڏهن مسلم ليگ مسلمانن لاءِ جدا ملڪ جي تحريڪ هلائي رهي هئي ۽ گورو انگريز هندستان تي حڪمران هو. سائين ان وقت نوڪري جي پرواهه ڪرڻ بنا، انگريز خلاف ۽ آزاديءَ جي حق ۾ اسٽيجن تي طوفاني تقريرون ڪرڻ لڳو تقرير ۾ اصل واڇڻ وڄائي ڇڏيندو هو. انهيءَ سبب تعلقي ٽنڊي الهيار (اڄ ضلع) جي مسلم ليگي ميمبرن ڪيس پنهنجو صدر چونڊيو، يعني ماستري ۽ سياست گڏوگڏ هلندي رهي.

سياسي سفر ۾ ڪيس ميان نورمحمد نظاماڻي ٽنڊي سومري واري طرفان نڪرندڙ هفتيوار اخبارن پڙهڻ جو موقعو ملندو رهيو. نظاماڻي صاحب پڻ انقلابي ذهن جو ماڻهو هو سنڌس پهرين اخبار "نور اسلام" جي ڊڪليريشن رد ٿيڻ باوجود 'طيراً ابابيل' ۽ پوءِ 'مُرغ فلڪ' اخبارن ذريعي ماڻهن ۾ سجاڳي جو عَلم بلند رکيائين.

جيئن ته سائين ولي محمد هڪ عوامي خدمتگار ۽ سماجي ڀلائيءَ واري سوچ رکندڙ ماڻهو هو، سو جڏهن پاڻ مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ته سنڌس دماغ ۾ اُها سوچ پيدا ٿي ته ڇو نه هڪ اهڙو ريلوي رستو يعني ريل هجي، جيڪو ٽنڊي الهيار کان شروع ٿي چارڪي، چمبڙ، گلاب لغاري، صابَن دستي، ٽنڊو غلام علي، حاجي سانوڻ نوتڪاڻي، راڄو خاناڻي، گولاڙچي، ٽنڊوباگو، باگراڻي، پنگريو، ٽنڊو شهر کان ڦري وڃي بدين سان ملي ته وچ وارا اهي علائقا پاڻ ۾ ڳنڍجي وڃن.

اها ته هئي سائين جي سوچ! ۽ خلوص مگر اهو ڪم ڪو ايڏو آسان نه هو جو رات وچ ۾ ٿي وڃي. مگر هن فقير جي سچائي تي ڪهڙو شڪ ڪجي. وٽس نه هئي ڪار نه موٽر صرف هڪ پُگل اڌوري سٽوري سائيڪل وٽس هئي.

سو آچر ڏينهن دستخط مهر لاءِ ان تي چڙهي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ويندو هو ته بابا صحيحون ڏيو توهان کي ريل ٿو منظور ڪرائي ڏيان، سو صحيحن سان ڪاغذ ڪارا ڪري ڇڏيائين. پاڻ سادو ۽ صاف دِل انسان هو سمجهيائين پئي ته صحيون وٺي دنگ ڪريان ته، اجهو ريل منظور ٿي ويندي انهيءَ مُهر تي جڏهن ٽنڊي غلام علي شهر پهتو ته اول مير بنده علي جي والد ميرمحمد حسن کان صحيح وٺڻ لاءِ وٽس ويو ۽ ساڻس پورو سربستو احوال ڪيائين ته مير صاحب چيو ته ريل سان گڏ هتي ڀيناڪ ايندا، بيمار ايندا، چوريون وڌنديون، اسان کي ماڻهو بيزار ڪندا، ڳوٺ اسان جي وس (ڪنٽرول) مان نڪري

ويندو. پاڻ اسڪول جي هيڊ ماستر ميان صُحبت علي لغاري سان مليو، پنهنجي مقصد ۽ سائس ٿيل وارتا بيان ڪيائين، جنهن چيو پاڻ هلون ٿا مير بنده علي جي مامي مير محمد بخش وٽ جيڪو ڏاڍو لحاظي ماڻهو آهي، ماڻهن تي اثر به اٿس، جڏهن ان وٽ پهتا ته هُو سائنس فضيلت سان چڱي ريت مليو، حقيقت به غور سان ٻڌائين، خوش به ٿيو، ڏاهو زماني جو ماڻهو هو، ڪيس حڪومتي معاملن جي به سُڌ ٻڌ هئي.

سوچيائين ته ادا، ڳوٺاڻن جي انهن صحيحن مان ڪي به ڪين ورندو توهان جي اها محنت اجائي آهي. جيستائين ڪو وڏي پهچ وارو ماڻهو ڪامورن عملدارن وٽ لاهور تائين ڊوڙون نه پائيندو، تيستائين ڪجهه به نه ٿيندو. بس ان جي آگاهي ۽ سمجهاڻي ڪان پوءِ سائين ولي محمد به انهيءَ ڪم ڪي پنهنجي وس ڪان وڌو سمجهندي ڪٿي بس ڪئي.

بکيرن ۾ مسلم ليگ جو ورڪ ڪرڻ ۽ محمد اسماعيل ٽانگي واري ڪي شهر جو مسلم ليگ جو صدر چونڊائڻ جي ڏوهه ۾ ڪين 'امام واهه' جاگير بدلي ڪيو ويو. اُتي ٽي ٽي مهينا پڙهائڻ کان پوءِ سائين ولي محمد صاحب ٽن مهينن جي موڪل جي درخواست آفيس ڪي اُماڻي ڳوٺ ٽنڊي الهيار آيو ته ويهن ڏينهن ڪان پوءِ ڪيس هڪ ليٽر اچي مليو ته تو بنا موڪل اسڪول ڇڏي حڪم جي انحرافي ڪئي آهي. تنهنڪري توکي معطل ڪيو ويو آهي. طاهرزادي صاحب مٿين آفيسرن ڪي انهيءَ ماجرا بابت لکيو مگر ڪوبه تدارڪ ڪونه ٿيو.

سائين وري پير غلام رسول شاهه ڏي ويو، جنهن ڪيس مسلم انشورنس ڪمپنيءَ ۾ نوڪري وٺي ڏني، مگر انشورنس ۾ ماڻهن جي دلچسپي نه ڏسي بيزار ٿي اها به ڇڏي ڏنائين.

اليڪشن 1954ع جي سلسلي ختم ٿيڻ ڪان پوءِ سائينءَ ڪي هڪ فائدو اهو پهتو ته سندس عوامي مقبوليت ۽ ماڻهن ۾ سندس لاءِ عزت وارو انداز ڏسي مرحوم حاجي يعقوب ڪيس پنهنجي ڦُٽين جي ڪارخاني ۾ پريس ڪلارڪ ڪري ملازمت ۾ رکيو. جڏهن ڦُٽين جي سيزن پوري ٿي ته حاجي محمد يوسف ڪيس ميونسپالٽيءَ ۾ سينيٽري انسپيڪٽر جي عارضي نوڪري تي مقرر ڪرايو ۽ ائين سائين جا ڪجهه ڏينهن بهتر بسر ٿيڻ لڳا. جيئن ته انهن ڏينهن ۾ دڪاندارن تي سختي هوندي هئي ته هُو ڪنٽرول تي ڏنل شين جي درست مڪمل حساب ڪتاب پاڻ وٽ رکن، تنهنڪري حاجي غلام حسين لالا جنهن جو شهر ۾ پسارڪو دڪان هو تنهن رڪارڊ ناهڻ لاءِ ولي محمد صاحب ڪي ڪجهه ڏينهن پاڻ وٽ رکيو. ان ڪان پوءِ پاڻ احمد هاشماڻي جي ڪپڙي جي دڪان تي پڻ ساڳئي مقصد يعني بل درست ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندا رهيا. سائين جاکوڙي ته هوئي سو ڪنهن به پورهئي ڪي عيب نه سمجهندو هو، پاڻ غلام رسول ميمڻ جي آرا مشين تي به ڪجهه وقت ڪم ڪيائين جتي روز جي بنياد تي سائين ڪي مزدوري پگهار ملندو هو. اهي سڀ پورهيا عارضي ۽ ڇوٽ مزدوري جنهن ڪي ڇتوري پورهيو چوندا هئا.

خبر نه آهي ته ڪيئن ۾ مختياڪار ڪرم الله ميمڻ سائين ڪي ڪنڊ جو ڊيپو ڏنو ۽ جيڪو پاڻ فقط هڪ سال هلائي سگهيو. سندس عوامي طبيعت سبب ڪيس اهو به ڇڏڻو پيو چو ته ڪامورن جون رسايون سندس وس جي ڳالهه نه هئي.

سو سائين وري وڃي پير غلام رسول جو پاسو ورتو. جنهن ڪيس سيد محمد حسن شاهه عرف پورل شاهه رضوي وٽ منشي ڪري رکرايو، اڳتي هلي ان نوڪري ڪي به ڇڏيائين. هڪ پيري سندس ذات برادري جي ماڻهن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته سندن ادائي سڀ پڪا ووٽ آهن جيڪي غيرن ڪي ڏيندا آهن، ڇو نه پاڻ مان ماڻهو بيهارجي سو ڪئي. ميونسپل ڪائونسلريءَ لاءِ سائين ولي محمد ڪي اميدوار بيهاريائون ۽ پاڻ ڪامياب ٿي ويو ۽ ان ڪان پوءِ صدر ايوب جي دؤر ۾ بي.ڊي ميمبرن جي چونڊ ۾ پنهنجي وارڊ مان چونڊجي ذات وارن ماڻٽن ۽ ٻين ماڻهن جي خدمت ڪيائين. جڏهن سيد بخش علي شاهه سنڌ اليڪشن ۾ حصو ورتو هو تن ڏينهن ۾ سائين ولي محمد هڪ هفتيوار اخبار (اليڪشن) جو ڊڪليريشن بحال ڪرايو هو جنهن ۾ پاڻ سيد جي

ڪارنامن ۽ تعلقي ٽنڊي الهيار جي سماجي ضرورتن لاءِ عام ماڻهن جون همدرديون ۽ انهن ۾ ترقياتي ۽ اصلاحي ڪمن لاءِ سُجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ گهٽوئي ڪجهه لکندو رهندو هو. ماڻهن ۾ سجاڳي ۽ آگاهي مهر هلائيندو هو. لک شابسون هجن طاهرزادي کي جو پرايا سور به پيو پنهنجا سمجهندو هو. بقول ڀٽ ڌڻيءَ جي ته:

”الله ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.“

جن ڏينهن ’نئين زندگي‘ رسالو ڪراچي مان شايع ٿيندو هو ۽ ليٿو ۾ ڇپبو هو تڏهن سائين ان ۾ هڪ مضمون لکي موڪليو جنهن جو عنوان هو ”سسيءَ جي سِڪ ۽ سوز“ جنهن ۾ هئي رڳي سندس ئي سورن ۽ ڏکن جي پچار ۽ سندس ئي محرومين جو نقشو چٽيو هئائين. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب ان رسالي جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر هو. سائينءَ کيس هڪ خط لکيو ته بيروزگار آهيان ڪنهن ادبي اداري ۾ ملازمت ڏياريو. بلوچ صاحب کيس موڪليو، مون تنهنجو مضمون پڙهيو آهي، مون کي تنهنجي نرالي، نياري لکڻي پسند آئي آهي اميد ته توکي ضرور ڪنهن اداري ۾ ملازمت ڏياريندس.

ڪجهه مهينن بعد بلوچ صاحب سائينءَ کي خط لکيو ته کيس (يعني بلوچ صاحب کي) سنڌي ادبي بورڊ لوڪ ادب گڏ ڪري ڇپائڻ لاءِ ڊائريڪٽر مقرر ڪيو آهي. توهان لوڪ ادب جي هر صنف، آکاڻيون، بيت، قصا، ڪهاڻيون، ڳيچ، ساٽ، ڳيا، لوڪ گيت، مداحون، مناجاتون، منقبت، مولود، پروليون، ڳجهارتون، گرچيلا، هُنر، ڏور ڏهس يعني سينگار جا بيت ۽ ٻي جيڪا جنس سنڌي ادب ۾ ملي سگهي ته گڏ ڪريو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي لوڪ ادب جي آفيس ۾ ڏيئي 500 سٽن جا -/35 روپيا معاوضو وٺي ويندا رهجو. سائين به هو سچاڻ ۽ محنتي انسان سو تمام گهڻو لوڪ ادب گڏ ڪيائين، جو ته سندس گهڻي ڀاڱي زندگي جو وڏو حصو ٻهراڙي ۾ گذريو هو ۽ لوڪ ادب جو خزانو آهي ئي سنڌ جي ٻهراڙي ۾. توهان لوڪ ادب جو ڪوبه ڪتاب ڏسندا ته حاشيه ۾ اڪثر ڪتابن ۾ ولي محمد طاهرزادي جو نالو ضرور ملندو.

پاڻ هڪ ڏينهن لوڪ ادب جو مواد جمع ڪرائڻ لاءِ ويا ته ڪين محمد اسماعيل شيخ جيڪو انچارج پڻ هو ٻڌايو ته توهان کي ڊاڪٽر بلوچ صاحب هت ملازم ڪري رکيو آهي. هتي ويهي چنڊڇاڻ ۾ مدد ڪريو ۽ توهان کي -/60 روپيا پگهار ملندو. سستائي جو دؤر هو سو سائين جو ڪم مڙيئي چڱو ٿي ويو. ۽ اتي کيس محمد يعقوب ٽنڊي ڄام واري، محمد طالب لوهار، ٽنڊي باگي واري ۽ ماستر رائچند هريجن چيلهار جهڙن ڄاڻو ۽ هوشيار اديبن سان گڏجي ويهي ادب سهيڙڻ ۽ سينگارن جو موقعو مليو ۽ سندس معلومات ۾ به پختگي ۽ واڌ آئي.

ان وقت سندس ڪيترائي مضمون، تاثر ۽ ٻيا ليک اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا، جن ۾ مولانا عبدالحق رباني جو رسالو ”الحق“ نئين زندگي، تحريڪ، اديون، مهراڻ، بهار، انسان، عبرت، هلال پاڪستان، مهراڻ اخبار قابل ذڪر آهن. سندس پنجاهه کن ڊراما، فيچر (خاص ڪري ٻارن لاءِ) ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيا ۽ سنڌ جي ريتن، رسمن بابت 13 کن اسڪرپٽ پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي تان نشر ٿيا نه فقط ايترو پر ٽي.وي لاءِ ثقافتي شيون خريداري ڪري رکايائين ۽ سنڌالاجي ۾ پڻ اهڙي قسم جون شيون موجود ڪري ڏيڻ لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيائين ۽ ستر ظريفي ته ٽنڊي الهيار واسين کي سندس قبر جي به سُڌ ڪانهي.

هاڻي ڪجهه ذڪر ٿي وڃي سندس همعصرن يعني سهوڳين جو:

1- حڪيم محمد عُرس صوفي (مرجوم) 2- سيد گل محمد شاهه رضوي (مرحوم) جيڪو ڪو وقت سائنس گڏ ماستر رهيو. 3- سيد ولي حسن شاهه علوي سادات مرحوم، 4- عبدالحميد سومرو تخلص ’منتظر‘ (مرحوم) 5- مولانا عبدالحق رباني صاحب (مرحوم) 6- حاجي محمد صادق ميمڻ (مرحوم) جن سان سندس رهاڻيون ۽ ادبي علمي محفلون مچنديون هيون، سڀني جي گڏجڻ جو هنڌ گهڻو ڪري سائين منن شاهه جو دواخانو هوندو هو. جتي روزانو اخبارون ايندون هيون.

وقت دير آهي توهان پريس ۾ ميان علي بخش مئنيجر سان وڃي ملو هو توهان کي ڪم ڏيندو. پوءِ سندس نالو رڪارڊ ۾ پروف ريڊر جونيئر طور لکيو ويو. جو ته سينيئر پروف ريڊر يارمحمد پهنور صاحب موجود هو ۽ سائين کان اُتاري جو ڪم ورتو ويندو هو.

ڪيس 6 گريڊ ڏنو ويو ۽ يارمحمد صاحب جي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ پروف ريڊر طور پنهنجون ذميواريون نڀائڻ لڳو. ڪيس اهو به چيو ويو ته جلد توهان کي 'گُل ڦُل' ٻارن جي ماهوار رسالي جو ايڊيٽر يا 'مهراڻ' رسالي لاءِ مددگار رکيو ويندو. پروف ريڊنگ مان سائينءَ کي هڪ وڏو فائدو اهو پهتو ته ڪين جامع سنڌي لغات ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي تفسير ۽ ڪشف المحجوب ۽ ڪيميائي سعادت جهڙن ڪتابن جي گهرائيءَ سان واقفيت حاصل ٿي. سائين ادبي بورڊ ۾ پورا 25 سال نوڪري ڪري سال 1989ع ۾ رٽائرڊ ٿيو. ان کان پوءِ پاڻ بجاءِ واندو ويهڻ جي محمد صديق مسافر صاحب جي مشوري ۽ هدايتن تي عمل ڪندي قمبراڻي ۽ بلالي قوم لاءِ پاڻ پتوڙڻ لڳو.

انهيءَ عظيم مقصد جي حصول لاءِ پاڻ 1952ع ۾ ماتلي شهر ۾ پنهنجي برادري جي ماڻهن جو هڪ وڏو ميڙاڪو ڪوٺايائين، جنهن ۾ مسافر صاحب سندس ٻانهن ٻيلي هو ۽ پاڻ جماعت الحبش جو پايو وڌائون. جنهن ۾ محمد الياس ماتليءَ وارو صدر جنرل سيڪريٽري سائين ولي محمد چونڊيا ويا ۽ محمد صديق مسافر کي سرپرست اعليٰ مقرر ڪيو ويو. پوءِ جٿي جٿي حبشي قوم موجود هئي اتي وڃي پئي پرچار ڪيائون.

علم کان سواءِ اونداهي آهي، بي علمي ڪري حبشين جو تِر جيترو به مان ڪونهي ۽ انهن کي انسان ئي نٿو سمجهيو وڃي ڪين همٿايو ۽ سمجهايو ته ڇوڪرا، ڇوڪريون پڙهايو. اها هئي سندن پنهنجي قوم لاءِ سڄاڳي ۽ بهتري واري تحريڪ جنهن جو پاڻ سرواڻ هو.

جماعت الحبش جو منشور پڻ سائين پاڻ لکي ڇپائي جماعت جي مختلف برانچن تائين پهچايو.

سائينءَ جو تمام وڏو ادبي مواد اڻ ڇپيل برساتي ٻوڏ جي نظر ٿي ويو مگر ڪجهه ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل آهن جن ۾ وتايو فقير، مئي 2005ع ڇاپو پهريون، آڪٽوبر ڊسمبر 2005ع ۾ لوڪ ادب جو شاهڪار ڪتاب 'سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو'

سائين ولي محمد صاحب 1948ع ۾ شادي ڪئي ڪيس رب ڪريم ٽن پٽن ۽ ڇهن نياڻين جو اولاد عطا ڪيو، جن مان ٻه نياڻيون ته هيءُ جهان ڇڏي چڪيون آهن باقي اولاد کي ڏاڍي وڏي ڄمار عطا فرمائي.

سائينءَ جي فرزندن ۾ وڏو پٽ محترم اتاليق الزمان جيڪو ماتلي شهر ۾ رهائش پذير آهي ۽ مهراڻ شگر مل ٽنڊوالهيار ۽ ٻين مختلف ادارن ۾ نوڪري ڪرڻ کان پوءِ هاڻي رٽائرمينٽ واري زندگي بسر ڪري رهيو آهي.


محترم اغيث السلام ٽنڊي الهيار جو نالميارو وڪيل آهي. ۽ محترم آلِ ولي بئنڪ جي نوڪريءَ مان والنٽيرلي رٽائر ٿي هاڻي پنهنجي ذاتي ڪاروبار سان وابسته آهي ۽ ٽنڊي الهيار ۾ ئي سندس رهائش آهي.

هيءَ دنيا فاني آهي، هر ڪنهن کي هلڻو آهي، مرڻ حق آهي.

سائين ولي محمد طاهرزادي صاحب 31 مئي 2006ع تي هيءَ فاني دنيا ڇڏي وڃي پنهنجي حقيقي مالڪ سان مليو. سندس آخري آرامگاهه ڪُنڍي وسين قبرستان ٽنڊوالهيار ۾ آهي.

شال سدائين سنڌ جون ماڙرون اهڙا هيرا موتي ڄڻينديون رهن.


حڪمرانن هٿان شهيد ٿيڻ ۽ مدد خان پٺاڻ جي اُرهه زورائي جهڙا سانحه ياد اچڻ لڳندا آهن، اهڙو ذڪر مرزا عباس علي بيگ پڻ پنهنجي تصنيف ۾ ڪيو آهي(3)، ائين مير ٺارو خان جنهن 1829ع ۾ وفات ڪئي ۽ حياتيءَ ۾ ئي ڪاروهنوار پنهنجي پُٽ مير علي مراد خان جي سپرد ڪيو، اُن جي مزار به سڃاڻ ڏسندڙن ڪي، ڪيٽين جو ڪوٽ، وَلِ جي نالي مير صاحبن جي ٻن ڌرين جو پاڻ ۾ فساد جهڙا واقعا ذهن تي ياد ڏياري ٿو. مير الهيار خان ٽالپر (باني شهر ٽنڊوالهيار) جنهن آدم خان مري (شهر ٽنڊو آدم جو بنياد رکندڙ) جي همشيره سان شادي ڪئي هئي، اُن جي قبر به 'چنوڙي' ۾ پٽري آهي. جنهن تي وفات 1816ع جو پٿر لڳل آهي.



ياد رهي ته، انگريز فوج جي سربراهه سَرچارلس نيپئر ۽ مير شير محمد خان ٽالپر واري مشهور "دَٻي" (ناريجاڻي) جي جنگ جي ڪافي شهيدن جون قبرون پڻ چنوڙي ۾ آهن، خاص طرح بالاچ خان، سڪر خان، گلڻ خان، نوت خان، بجرخان، باغ علي خان، ڪيچي خان، مرزو خان، سبزل خان جن ۾ اڪثريت ٻَداڻي مري ۽ چلگري آهن. هن جنگ ۾ سماٽ قوم جي سورهيه سپوٽن انس پلي ۽ عطائي پلي پنهجي ساٿين سميت شرڪت ڪئي هئي.(4) انهن جا جيڪي ساٿي هن جنگ ۾ شريڪ ٿيا اهي وري مخدوم عبدالرحمٰن عرف رام جاڳي جي مقام ۾ دفن ٿيل آهن.(5)





ائين شادمان خان ڪپري ۽ بالو خان ڪپري پڻ هڪ مقبري ۾ رکيل آهن ۽ هڪ الڳ مقبرو ميرن جي وزير غلام حسين ڪوڪر جو به هتي نِشانبر آهي. ڪن اهم قبرن تي لکيل تاريخون ۽ سال هن ريت آهن، مير جادو خان شهيد وفات: 1173هه، مير راڄو خان وفات: 1209هه، مير فتح خان (شهيد اول) 1197هه، مطابق 1836ع تحرير ٿيل آهي. ائين بمبئي اسيمبليءَ جو پهريون چونڊيل ايم.ايل.اي نواب مير احمد خان ٽالپر (مقتول) وفات: 25 مئي 1993ع، پاڻ مورجهنگو وايا ڪنري جي زرعي ماهرمير امانُ الله خان ٽالپر جو والد هو. مير ٺارو خان (حاڪم اول) وفات: 1829ع، مير علي مراد خان ٽالپر (حاڪم ٻيو) ماٺڪاٺي سرڪار ميرپورخاص وفات: 1876ع ۽ سندس به پائر مير غلام الله خان ۽ مير غلام حيدر ٽالپر، اهڙي ريت مير شير محمد خان ٽالپر (حاڪم ٽيون) وفات: 1876ع ۽ سندس پائر مير شاهه محمد خان ۽ مير خان محمد خان ٽالپر کان علاوه 1895ع ۾ انگريزن خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ ڪردار ادا ڪندڙ مير پير بخش خان ٽالپر پڻ چنوڙي قبرستان ۾ اَبدي آرامي آهي.




ياد رهي ته، شيرِ سنڌ مير شير محمد خان ٽالپر جي وفات جو سال 1871ع ٻه ڄاڻايل آهي، اڳ سندس مقبرو هڪ عام ڪوٺڙيءَ ۾ ٺهيل هو. جتي هينئر پُختو هال تعمير ڪرائي مير خاندان جي اڪثر شخصيتن جي يادگار قبرن کي محفوظ ڪيو ويو آهي. اڳ مير صاحب پنهنجي والد مير علي مراد خان وفات: 1836ع تي ٻه مقبرو ٺهرائي نه سگهيو، ڇو ته پاڻ حالتِ جنگ ۾ هئا. البته ڪافي قبرون خاڪي پٿر سان جڙيل آهن، جن تي اعليٰ پئماني جي نقش نگاري چٽيل آهي، انڪري ٻه سنڌيءَ جي عرفِ عام ۾ 'چٽوڙي' چون ٿا.

ساڳي وقت هن جنگ ۾ شريڪ مير باگو خان ٽالپر جي تربت عمرڪوٽ شهر جي سٽيزن ڪلب ۾ هاءِ اسڪول نمبر 1 جي سامهون موجود آهي. اُتان جي نون آيل ماڻهن هن تربت کي ڪنهن بزرگ يا اولياءُ جي مزار سمجهي اُن کي 'باگو پير' سڏي سندس عرس مَلهائڻ شروع ڪيو آهي، ۽ اُتي قوالين جي محفل ٻه ڪندا آهن.(6) جنهن جو 'جنت السنڌ' ۾ مولائي شيدائيءَ هالاڻيءَ جي جنگ ۾ بهترين ڪردار لکيو آهي. البته مياڻيءَ جي جنگ ۾ ميرن جا سپهه سالار جوڳي خان ۽ يوڳي خان ٻئي ڀائر هتي پڪين قبرن ۾ آسوده خاڪ آهن. اڳوڻي وزيراعظم محمد خان




جوڻيجي جو والد خانصاحب دين محمد جوڻيجو بن سمو خان جوڻيجو، پٿوري شهر جو نالي وارو زميندار ڪانيو خان چورو، نواب الهداد خان ٽالپر ۽ سندس خاندان، پُٽ، پوٽا خاص طور مير امام بخش خان ٽالپر ۽ سندس فرزند اڳوڻو ايم.پي.اي مير لطف الله خان ٽالپر، ٻيو فرزند مير علي بخش خان ٽالپر ولد مير الهداد خان جنهن ناقابلِ شڪست سياستدان خانبهادر غلام محمد وساڻ کي پٽي صاحب جي پهرين اليڪشن (1970ع) ۾ شڪست ڏني هئي. اڳوڻو ايم.پي.اي ۽ سينيٽر مير ميرمحمد عرف مير آچن خان ٽالپر جنهن پبلڪ اسڪول ميرپورخاص لاءِ نه فقط زمين عطيو ڪئي، بلڪ هاسٽل ٻه ٺهرائي ڏنو. جنهن جو هينئر پڳدار مير غلام علي خان ٽالپر موجود آهي. ميرمحمد آچن صاحب سان ٻيا ٻه ڪافي مخير حضرات هن نيڪ

ڪم ۾ شامل هئا. خاص طرح سان خانصاحب عبدالڪريم 'ڪريم' صاحب پڻ هن اسڪول لاءِ 25 ايڪڙ زمين وقف ڪئي. هيءَ زمين ديهه وليداد پلي ۾ حاجي محمد بقا پلي جي ڳوٺ جي سامهون، سامارو عمرڪوٽ روڊ جي اولهه ۾ آهي. (7). ائين خانبهادر مير علي مدد خان ٽالپر آف ميرآباد جنهن جا وارث هينئر مير منصور خان ٽالپر ۽ مير غلام شاهه موجود آهن. اڳوڻو ضلع ڪائونسل ٿرپارڪر (هاڻوڪي ميرپورخاص) جو وائيس چيئرمين مير حاجي محمد بخش خان ٽالپر جنهن جا فرزند مير الهيار خان ٽالپر ۽ مير غلام مصطفيٰ خان ٽالپر حال حيات آهن. ائين مير تاج محمد خان ٽالپر ۽ اُن جو خاندان جنهن مان هينئر مير ملڪ محمد خان سرگرم آهي. مير دين محمد خان ٽالپر ۽ اُن جو ڪيڙُ، مير مظهر خان ٽالپر جيڪي هينئر سماجي ۽ سياسي جدوجهد ۾ مصروف آهن، اُن جا وڏا ۽ بزرگ توڙي مير فضل الله خان ٽالپر اڳوڻو. وائيس چيئرمين ضلع ڪائونسل ميرپورخاص ۽ ٻيا هن چنوڙي قبرستان ۾ مَحوِ خواب آهن.



محترم الله بچايو مشتاق آريسر صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ مشهور محقق ۽ مؤرخ سائين معمور يوسفاڻي صاحب جي هڪ تصوير ڏني آهي، (جيڪا ڪين حزب الله ولد معمور يوسفاڻي کان ملي آهي) ان ۾ معمور يوسفاڻي صاحب چنوڙيءَ جي مشاهداتي دوري دوران 'گامون سچار' جي تربت ڏانهن اشارو ڪري رهيا آهن.(8)



(محترم معمور يوسفاڻي، چنوڙيءَ جي قبرستان ۾ گامون سچار جي تربت ڏانهن اشارو ڪندي).

روايتن موجب ماڻڪاڻي اميرن جي دربار جو مشهور عوامي ڪردار گامڻ خان عرف گامون سچار ذات جو لنجواڻي هو. سادگي ۽ معصوميت سان سچ ڳالهائڻ سندس خاص انداز هو. قبرستان جي اُتر ۾ لنجواڻين جي آستان (اوتاري) لڳ وڏي ٿلهي تي قطار وارين تربتن ۾ سندس تربت آهي.(KTN)

قبرستان جي رکوال عبدالڪريم چانڊيي نشاندهي ڪئي ته، درويش ٽارو فقير بروهي جيڪو درگاهه ملاڪاتيار جو مريد هو، ۽ قائم فقير چنا جيڪو اڳ چنوڙيءَ مقام جو خدمتگار ۽ ڀٽائيءَ جي راڳ جو پارکو هو، اُهي پڻ هتي دفن آهن. اهڙي طرح اتي موجود عمر رسيده بزرگ عبدالرحيم بنگلاڻي (ولادت: 1940ع) پاڻ قبرستان واري مسجد مان نماز پڙهي اچي اسان سان مليو. اُن پڻ وڏيرو پنگو خاصخيلي، معزز حاجي دودو خان ڪانهيو، رسول بخش ڇڄڙو، فقير عبدالله شر ۽ ٻين علائقي جي معتبر شخصيتن جي آخري آرامگاهن جي نشاندهي ڪئي. قبرستان ۾

ماڻڪائي ميرن کان سواءِ بروهي، سيد، جروار، جوڻيجا، شر، خاصخيلي، چلگري، لنجوائي، ناريجا، ڪانهيا، شيدي، لاشاري، سولنگي، مري، ڇڇڙا ۽ ٻين ذاتين جا فرد دفن آهن.

ليلان جوليهور، ڪونئرو جو قصو ۽ راءِ چنيسر داسڙي، جو ڪردار بہ هن علائقي جي تاريخي سڃاڻپ آهي، ڀٽ ڌڻي جو بيت:

"ڇڏي چنيسر ڄام سين، ليلان لکايوءِ،
تو جو پائيو پنهنجو، تنهن پرو ڪونہ پيوءِ،
ڪونروءِ ڪانڌ سنلوءِ، دست ڪيو داسڙو."

برک محقق معمور يوسفاڻي مرحوم پنهنجي ڪتاب "لطيف جا ٽر تان پيرا" ۾ رقم طراز آهي تہ "ڄام داسڙي ناري جي هن پٽ ۾ وڏو قلعو ٺهرايو، جنهن جا ڪنبر شادي پلي ريلوي اسٽيشن ويجهو پُراڻي ڍوري وٽ آهن ۽ راءِ چنيسر داسڙي جي راڄڌاني ليهور جا ڪنبر ديهہ جهلوري تائين هئا."(9)


ڇنوڙي ماڳ سان ٿيو ائين آهي تہ، پَر وارن زميندارن پاران برساتي پاڻيءَ کي پنهنجي زرعي زمينن مان نيڪالي ڏئي قبرستان ۾ ڇڏڻ سبب سم ۽ ڪَلر وڌي رهيو آهي. نتيجي ۾ قيمتي پٿرن سان جوڙايل قديم مقبرا ۽ قبرون تيزيءَ سان ڊهن پيا ۽ ڪيترين قبرن جو رنگ مٽجي رهيو آهي. 1965ع ۾ هن قبرستان کي اوقاف کاتي کان کسي ۽ آرڪيالاجي کاتي جي حوالي ڪيو ويو، ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ هن قديم ۽ وسيع تاريخي ڪردارن جي ماڳ کي 'نيشنل هيريٽيج' ۾ شامل ڪيو وڃي.

ڇنوڙي قبرستان ۾ اَبدي آرامي هڪ شاعر جو الوداعي شعر لکيل آهي، نالو ميسارجي ويو آهي، البتہ سِٽون تحرير آهن تہ:

"ڇپن تي موت مُرڪيو پئي، اکين ۾ آس رهجي ويئي،
ڪفن ۾ خُون ٽهڪيو پئي، دلين ۾ آس رهجي ويئي،
ڪيئي خوشيون ويون رهجي، ڪيئي ارمان رهجي ويا،
هزارين حَسرتون هُيڙيون، مگر دل اُداس رهجي ويئي."

## حوالا:


1. تاريخ اميران ميرپورخاص-مير حاجي محمد بخش ٽالپر، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1973ع.
2 ايضاً.
3 سنڌ جي تاريخ (ٽالپر دور- ٻهرين ڇوياري)، مرزا عباس علي بيگ.
4. تاريخ ماڻڪاڻي ٽالپر (اردو)، مهر ڪاڇيلوي
5 راوي: مرحوم راڄ محمد پلي.
6. راوي: ڊاڪٽر اسد جمال پلي
7. عطائي خاندان جي تاريخ (قلمي) ليکڪ: ڊاڪٽر اسد جمال پلي
8. ڪتاب : بيباڪ شخصيت (صفحو 152) الله بچايو مشتاق آريسر، تنظيم فڪر و نظر- سنڌ – سکر 2014ع.
9 اداره KTN پروڊيوسر محترم فيض کوسو صاحب جي تاريخ پروگرام ۾ ڊاڪٽر اسد جمال پلي جي گفتگو.




**پروفيسر ڊاڪٽر محمد اشرف سمون**
راڄو ڳوٺ- سال

# ڪنڀيري شريف جا ميان ولهاري (سمان)

سنڌ ۾ جيڪي قبيلا ۽ ذاتيون سوين سالن کان آباد آهن انهن قبيلن ۾ 'سمان' قبيلو هڪ قديم قبيلو آهي، آءٌ سمجهان ٿو ته تقريباً پوڻا ٻه سؤ سال هي قبيلو سنڌ جو حڪمران رهيو، ان قبيلي ۾ حاڪمن سان گڏ ڪيترا وڏا عالم فاضل، اهل الله پيدا ٿيا، جن پنهنجي علم، معرفت سان هزارن جي تعداد ۾ عالم فاضل پيدا ڪيا، گڏوگڏ سنڌ ۽ هند جي سرحدي علائقن ۾ ديني درسگاهون قائم ڪيائون، جتان پوري سنڌ کي روحاني فيض مليو، سمان قبيلي جو اصل مرڪز ٺٽو هو جو سمن جي عهد ۾ ٺٽي کي بنيادي اهميت حاصل هئي، بعض محققن جي تحرير مطابق ٺٽي شهر جو بنياد ڄام نظام الدين وڌو جنهن جي تحقيق هتي مقصود نه آهي. سمن جي قبيلي ۾ ڪافي نکون ۽ پاڙا آهن. ۾ هتي منهنجو ذڪر صرف 'صاحب سمان' عرف ميان ولهاري آهن. گهٽي حد تائين سمن جي عهد حڪومت ۾ قبيلي جا وڏا راڄ ٺٽي ۾ يعني انجي آسپاس آباد هئا. ڌارين جي حملن ۽ سازشن جي ذريعي جڏهن سمن ڄامن جي حڪومت جو خاتمو ڪيو ويو ته ضروري آهي، قابض، ظالم ۽ ڌاڙيلن حڪمران هميشه ان قبيلي جي اهم نکن کي نشانو بنائيندا آهن، جيئن ته اُهي وڌي ويجهي اُسري نه سگهن. ان حوالي سان صاحب سمان ۽ ٻرند سما گهڻو ظلم جو شڪار ٿيا، ۽ ٺٽو ڇڏي سنڌ ۽ گجرات، ٿر جي علائقي ۾ وڃي پناهه ورتائون. ان قبيلي جي نکن مان آءٌ هتي صاحب سمان قبيلي جي عظيم هستين جو ذڪر ڪندس، جيڪي هن وقت ضلعي عمرڪوٽ، تعلقي پٿوري ۾ هاڪڙي جي اوڀرندي ڪناري ڍورو نارو ريلوي اسٽيشن کان ٽي ڪلوميٽر کن اُتر طرف ڪلانڪر ڍنڍ جي اولهه ڪناري پٽ تي ڪنڀيري جي ڳوٺ ۾ مدفون يا آباد آهن. ڪنڀيري کان ٽي چار ڪلوميٽر اتر هاڪڙي جي اولهه ڪناري غلام نبي شاهه جو ڳوٺ پڻ موجود آهي. ڪنڀيري جي هنن صاحب سمن کي ولهاري ميان پڻ سڏيو وڃي ٿو.

هتي پٽن جي ايڏي ته بلندي آهي جو ننڍپڻ ۾ جڏهن منهنجو وڃڻ ٿيو ته هڪ ڏاڍيءَ ٻڌايو ته صبح جي وقت هتان کان باربر پاس انڊيا جا مٿاهان جبل به نظر ايندا آهن، ڳوٺ ۾ سمن ميان ولهارين کان سواءِ ٻه چار ذاتيون ٻيون به مختصر انداز ۾ پيڙهين کان هتي آباد آهن، ڳوٺ جي ڏکڻ پاسي تي بزرگن جي اڏيل مسجد ۽ مدرسو اڄ به موجود آهي. مسجد شريف موجوده حالت ۾ بهترين انداز ۾ ميان حاجي خالد ولهاري جي ڪوششن سان ساڳئي جاءِ تي نئين سر تعمير ڪئي وئي آهي، مسجد شريف جي پاسي ۾ قبرستان آهي. هن قبرستان ۾ سنڌ جو ولي ڪامل صاحبِ تقويٰ ولايت جو صاحب مجدد ماهه ابومحمد عبدالله ولهاري معروف ميون اڪبري ذات صاحب سمان آسوده خاڪ آهن. سندن ولادت 1241هه ۾ ٿي، آثارن ۽ علائقائي روايتن مان لڳي ٿو ته ميان عبدالله ولهاري جي ولادت به انهيءَ علائقي جي آسپاس ۾ ٿي آهي، آسپاس جي علائقي ۾ ميون حاجي اڪبري جي نالي سان مشهور آهي، سنڌ ۾ اهو عام رواج آهي ته جڏهن ڪو ماڻهو زيارت حرمين تي وڃي ۽ 9 ذوالحج جمعي جو ڏينهن هجي ته ان کي حج اڪبري چوندا آهن، شايد ميون ابو محمد عبدالله ولهاري جنهن سال حج ڪيو اُهو 9 ذوالحج جمعي جو ڏينهن هو، ان ڪري ڪيس ميون حاجي اڪبري جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو نه ته شرعي طور تي قرآن پاڪ ۾ حج اڪبر جو لفظ آهي. يعني هر سال حج جو ڏينهن حج اڪبر آهي، ڊاڪٽر اسد جمال پلي جي راءِ

مطابق سنڌ، خاص طرح ناري پٽ ۾ سماٽ جي ٻين بہ ڪجھ ذاتين جا خاندان خاص طرح ٿيا، ساند ۽ چانهيا وغيره پڻ ميان سڏيا ويا، اُنهن سيني ۾ ميان عبدالله سمون جي حيثيت ۽ فضيلت پنهنجي دور ۾ معتبر ۽ مسلم هئي اُن ڪري ڪين ميون اڪبري سڏيو ويو. سندن والد ميان محمد ابراهيم ولهاري خود هڪ وڏا عالم ۽ بزرگ هئا، ۽ انهيءَ ساڳئي علائقي ممڪن آهي تہ غلام نبي شاھ ۾ سندن درس تدريس جو سلسلو هجي ۽ پوءِ ميان حاجي اڪبري ۽ ان جو خاندان نقل مڪاني ڪري اچي ڳوٺ ڪنيري ۾ آباد ٿيا هجن خليفي درس محمد امين پليءَ جي روايت ۽ تحقيق مطابق مخدوم ابراهيم ولهاري جو شاگرد ۽ مشهور عالم ۽ درويش درس محمد عثمان هاڙه وارو ميون حاجي اڪبري مرحوم جو هم سبق ۽ رضاعي ڀاءُ صحبت عقيدتمند هو وفات ڪان پوءِ ڪيس جڳھ سندس آغوش ۾ ملي، حضرت مخدوم ابومحمد عبدالله ولهاري سموري تعليم پنهنجي والد ميان علامہ محمد ابراهيم رحہ ڪان حاصل ڪئي.



ميون حاجي عبدالله عرف ميان اڪبري جي مزار مبارڪ ۽ ڪنڊي جي وڻ جو ٿڙ جنهن هيٺ پاڻ درس ڏيندا هئا.

سندن خاندان جي چشم و چراغ ميان هدايت الله مرحوم ولهاري جيڪو ڏوري ناري ٽائون ڪميٽي جو چيئرمين پڻ رهي چڪو هو، جيئن تہ اسان جي خاندان سان پري جي مائٽي هئي ۽ والد مرحوم مولوي عبدالله سمون سال وارو قراني رحہ جو شاگرد هو، اهڙي طرح ميان هدايت الله جي ڏاڏي جو ڀاءُ ميان عبدالله ثاني ۽ بابا مرحوم جو استاد هڪ ئي هو ۽ هڪ ئي مدرسي ۾ ڪجھ سالن جي اڳ پوءِ ڪان فارغ التحصيل ٿيا، گڏوگڏ بابا مرحوم جي پڦي ميان هدايت الله جي خاندان ۾ منڪوحہ هئي ان لاءِ ميان هدايت الله خود مون ڪي تمام گهڻي محبت ڏيندو هو، جڏهن تہ منهنجي عمر 15 سالن ڪان مٿي نہ هئي.

منهنجي والد مولوي عبدالله سال وارو ولد محمد ابراهيم ولد حبيب جي پڦي ميان حاجي عبدالله اڪبري جي ڀاءُ ميان ولي محمد جي گهر ۾ هئي ۽ جهرڪ ۾ مدفون آهي، ڪيس نرينہ اولاد ڪونہ هو.


ميان هدايت الله جي روايت جيڪا هڪ انٽرويو ۾ ميان 'درس' محمد امين پليءَ ڪي ڏنائون تہ اسان ٻرند سمان ميان صابر ولهاريءَ جي اولاد مان آهيون، اسان جو ڳوٺ ولهار هو پوءِ اُتان نقل مڪاني ڪري سعيدپور ٺڪر آياسون. سعيدپور ٺڪر ملان ڪاتيار ڪي ويجهو آهي جتي اڄ بہ صاحب سمان نڪ جو وڏو اهل الله عالم 'ميان حسام الدين' مدفون آهن ۽ انهن جي قبر بہ نشان ده آهي، جڏهن تہ سعيدپور ۾ رفاعي ميئن جا بہ هڪ ٻہ گهر اڄ تائين موجود آهن يا ڪڙيئي شريف پاسي ۾ هڪ ڳوٺ آهي جتي سمن جا بہ ڪجھ گهر آهن، عين ممڪن آهي تہ مذڪوره ميان بہ هن صاحب سمان بزرگ 'ميان حسام الدين' مدفون سعيدپور جا فيض يافتہ هجن اهو ضرور آهي تہ هاڻي علم ۽ فيض نالي باقيات ڪان خالي آهي. ان حقيقت ڪان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ صاحب سمان ميان ولهاري ڪنيري وارا هجن يا صابر ولهاري واري نڪ يا سمن جون ٻيون نکون اهڙي طرح ٻيا سماٽ قبيلا مهدوين جي قتل و غارت




مرحوم ميان عبدالخالق
ولهاري




مسجد شريف جو ڪتبو




ڪنيري جي ميئن جي قبرستان جا ڪجھ ڪتبا




ڪنيرو- مسجد شريف جو اندريون ڏيک



ڪنيرو- مسجد شريف، ٻنهي پاسي توسيع ڪيل



ڪنيرو- مدرسي جي اولهه ۾ روايتن مشهور جنن جو ڪمرو



ڪنيرو- مدرسو

فتوائون آهن جيڪي ميئن اڪبري مرحوم جي والد مخدوم ميان محمد ابراهيم ولهاري مدفون غلام نبي شاهه جون تحرير ڪيل آهن. 250 نمبر تي رکيل آهي. والد مرحوم مولوي عبدالله سمون سال وارو جيئن تہ ولهاري بزرگن جي عزازت ۾ هو ۽ سندس پڦي ميئين ولي محمد جي گهر واري هئي ميون ولي محمد ميئين اڪبريءَ جو ننڍو ڀاءُ هو، هُو ان حوالي سان ڪافي اچ وڃ ۽ رهائش بہ رهي، سندس پرورش ۾ پڦي جو وڏو هٿ هو ڇو تہ ڪيس نرينو اولاد نہ هو، هڪ نياڻي هئي جنهن مان ميون يارمحمد پيدا ٿيو، جيڪو لاولد گذاري ويو، ميان علي محمد جو فرزند هو، گڏوگڏ عبدالله ثاني ولهاري سندس جامعہ مجدديہ قرانيہ جو ساٿي هو، ان لاءِ ڪين ولهارين جي رفاقت زياده ملي، اُن هڪ تحرير جي جواب ۾ مون کي لکيو، جيڪا اڃا تائين مون وٽ محفوظ آهي، مون کيس لکيو تہ مولانا عبدالغفور همايوني جو ڪتاب ’فتاويٰ همايوني‘ نئين سري سان افغانستان ۾ ڇپيو آهي، مون ڪراچيءَ مان هڪ تاجر کان جلد اول خريد ڪيو آهي، تڏهن پاڻ مون کي لکيائين تہ فتويٰ همايوني ٻن جلدن ۾ آهي، اُهي ٻئي جلد مون ڪنيري ۾ ميان پير محمد ولهاريءَ وٽ ڏٺا هئا، جڏهن تہ ميان پير محمد ولهاري هڪ زميندار ۽ ڳوٺ جي باني مان هو، لڳي ٿو تہ ميان پير محمد خود وڏو عالم ۽ ميان ابراهيم رحہ جي اولين شاگردن مان هو، ميان پير محمد ولهاري ميان جان محمد ولهاري ميان يعقوب ولهاري ڪنيري جي موجوده نيڪ سيرت صاحبزادي ميان حاجي خالد ولهاريءَ جي ڏاڏاڻ آهي، ۽ وڏن جو يادگار آهي، الله تعاليٰ ڪيس عمردراز عطا فرمائي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق مطابق ميون پير محمد ولد حبيب الله ولهاري، ميون عبدالسميع ولد ميون حامد ولهاري ٽنبو الهيار واري ولهار ۾ مدفون آهي، ۽ ولهار جي پهرئين دور جا فارغ التحصيل آهن.

ميون عبدالله حاجي اڪبري 1280هہ ۾ ڪنيري ۾ آيو آهي، جتي سندس درسگاهہ مرجع عام و خاص هئي، ميان اڪبري جي وفات 1306هہ ذوالحج جي مهيني ۾ ٿي، ان کان پوءِ هن درسگاهہ کي سندس ٻن لائق پٽن ميان محمد ۽ ميان احمد ساڻن گڏ ميان پير محمد ولهاريءَ هن درسگاهہ جي انتظام کي سنڀاليو، ميان محمد سنہ 1305هہ ان کان پوءِ ميان احمد 1935 ۾ وفات ڪئي، ۽ درسگاهہ تي زوال شروع ٿيو، اڪابر عالمن، ديني هستين واريون شخصيتون نہ رهيون.

خانداني علمي حادثو ميان حاجي اڪبريءَ کي بہ پٽ هئا ميون حاجي محمد ميون، حاجي احمد وڏا نيڪ، پارسا، تهجدگذار هئا. معمور صاحب ميون حاجي احمد ولهاري لائبريري کي تمام گهڻو وڌايو، ۽ عربستان مان بہ ڪجهہ ڪتاب لائبريري لاءِ آندا. ميان حاجي محمد جو هڪ فرزند ميان عبدالله ثاني جنهن جو مون مختصر مٿي ذڪر ڪيو آهي، مولانا محمد عثمان قرانيءَ جي مدرسي مان فارع التحصيل ٿي اچي پنهنجي وڏن جي مسند سنڀالي، سندس چاچي ۽ ٻين عزيزن جن ۾ ميان پير محمد ولهاري بہ ساڻ هو، هن مدرسي جي زماني جي تعميرات ۽ حوالي سان بهترين عمارت ٺهرائي، پاسي ۾ مسجد گڏوگڏ مسافرن جي رهڻ جو مسافر خانو يا هاسٽل ڇئجي ٺهرائي، قدرت کي ائين منظور هو، جو پنهنجي ڀرپور جوانيءَ ۾ مولانا عبدالله ثاني رحہ پنهنجي چاچي ۽ ڀائرن کي (1335هہ) جدائيءَ جو داغ ڏيئي وڃي هميشہ لاءِ ابدي دنيا ۾ آرامي ٿيو، بس ان کان پوءِ مدرسو ۽ مسجد اهڙي اهلِ علم بزرگن ۽ عالمن کان خالي ٿي ويئي، جيڪا اڄ تائين موجود آهي.

مرحوم عبدالله ثانيءَ جو ننڍو ڀاءُ ميان عبدالرحمٰن ولهاري پنهنجو دماغ سالم نہ رکي سگهيو، پنهنجي عالم ڀاءُ جي جدائيءَ ۾ ديوانو ٿي ويو هميشہ ڪيفِ مستي ۾ رهندو، اُن جنون جي حالت ۾ ڪيترين ڪافيون چيون ۽ شاعري ڪئي، جيڪي محفوظ نہ رهي سگهيون، پنهنجي ڀاءُ جي جدائيءَ ۾ هڪ پورو ديوان ’برادرنامہ‘ جي نالي سان ناهيو هئائين، طبيعت کي مزيد خراب ٿيڻ کان بچائڻ خاطر سندس چاچي ان ديوان کي ضايع ڪري ڇڏيو،

خليفي محمد امين پلي مرحوم لکيو آهي ته ڪنيري جي ان مسجد جي مهاڙيءَ تي هڪ بيت لکيل هو جيڪو ان حالت ديوانگيءَ ۽ عذب ۾ مسجد جي تعمير تي چيو هو.

"بناکرده شد مسجد دلپذير- به همت ميان شيرمحمد فقير"

مخدوم ولهاري جي ٻئي نمبر فرزند حاجي احمد کي ٻه پٽ ٿيا: ميان هدايت الله ۽ ميان عبدالحق جيڪي مرحومين ٿي چڪا آهن، پاڪ سندن مغفرت فرمائي.


هتي ان ڳالهه جي به وضاحت ڪندو هلان ته نالن جي التباس جي ڪري ڪڏهن ليکڪ کي ڏکيائي ٿي پوندي آهي، صاحب سما جي هن ولهاري خاندان ۾ به ميان عبدالله نالي مختلف نالا ملن ٿا، ايتريقدر جو 'تاريخ سجاول' ۾ جتي ٻين عالمن ۽ استادن جا نالا ڏنا ويا آهن اتي والد مرحوم مولوي عبدالله سمون سال واري کي لفظ سال لکي پوءِ به مصنف لکيو آهي ته شايد هيءُ مولوي عبدالله سال وارو ولهار جو هو، جڏهن ته 'قراني' رسالو ولهيڻ جيڪو 1936ھ ۾ پهرئين ڀيري شايع ٿيو، ان ۾ فارغ التحصيل عالمن جانالا ڏنا ويا، اُتي مولوي عبدالله سال وارو کان 2 سال اڳ ميون عبدالله ثاني جي فراغت جو سال لکيو ويو آهي، جڏهن ته مدرسو ساڳيو هو، ڊاڪٽر جمن ٽالپر سنڌ جا اسلامي درسگاهه ۾ عبدالله ثانيءَ کي الڳ لکيو آهي ۽ مولوي عبدالله سمون سال واري کي الڳ لکيو آهي، اهڙيءَ طرح هن خاندان ۾ 5 نالا ملن ٿا، عبدالله جي نالي سان هن وقت به ميان منير احمد ولهاري جي پُٽ جو نالو ميان عبدالله ولهاري آهي، جيڪو مولوي عبدالله سال واري جي ڏوهٽيءَ جو پٽ ۽ ميون عبدالله اڪبري ولهاريءَ جي ڀڙپوٽي جو فرزند آهي. لاڙ پٽ ۾ مولوي عبدالله کي ميون صاحب سڏيندا هئا، ان لاءِ ان وضاحت جي ضرورت هئي ته نالن جو التباس نه ٿئي.


ڪنيري شريف جي درسگاهه ۾ هيٺيان استاد مدرسي جا مدرس هئا، ميون عبدالله اڪبري، سندس پُٽ ميون احمد ۽ ميون محمد، ميون پوٽو عبدالله ثاني، مولوي عبدالله لغاري، مولوي محمد محمد عمر چنو، مولوي محمد حيات مٽياري، مولوي محمد امين چانديو، مولوي هدايت الله چچر، مولوي نظام الدين جوڻيجو، جڏهن ته مدرسي ۾ 100 جي قريب مسافر شاگرد رهندا هئا، جن جو سمورو خرچ ولهاري بزرگ پريندا هئا، باقاعده لنگر جو انتظام ۽ طالبن جو خرچ به مدرسي جي ذمي هوندو هو، ميين ولهارين مان جيڪي عالم ٿيا، ۽ هن ئي مدرسي جا فارغ التحصيل هئا، ميون عبدالسميع ڪتابي، ميون ولي محمد، ميون محمد، ميون احمد، ميون محمد صديق، ميون محمد هاشم، ميون حسام الدين، ميون عبدالله ننيو، ميون حاجي پير محمد مدرسي جا فارغ التحصيل هئا.

مدرسي جي شاگردن ۾ مير محمد پلي، محمد هاشم پلي، محمد اسماعيل دل، گل حسن شاهه ۽ مولانا حبيب الله ريگستاني تاملهيار وارو مشهور ۽ ناليرا عالم ٿيا. مولانا حبيب الله جي فتويٰ کي ڪوبه عالم چيلينج نه ڪندو هو.

لائبريري، درسگاهه جي تمام وڏي لائبريري هئي، ميين اڪبري پنهنجي وڏن جي لائبريريءَ کي اڳان وڌايو، ائين چئي سگهجي ٿو ته هيءَ لائبريري سنڌ جي وڏين لائبريرين ۾ شامل هئي، جيڪا سندن بزرگن جي وفات کان پوءِ آهستي آهستي ضايع ٿيڻ لڳي.

ان لائبريريءَ کي مون به 1968 ۾ ڏٺو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي تحقيق مطابق ۽ والد مرحوم مولوي عبدالله جي مشاهدي مطابق ته ٻه لائبريريون هيون، ميئين اڪبري مرحوم جي الڳ لائبريري ۽ ميان پيرمحمد جي الڳ لائبريري هئي، ٻنهي ڪتبخانن جا ڪتاب قلمي ۽ ڇپيل بلوچ صاحب، ميان عبدالخالق مرحوم جي معرفت ڏٺا. 'ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي مقالي ۾ لکيو آهي ته لڳي ٿو ته ٻه هزار کان وڌ قلمي ڪتاب لائبريريءَ ۾ موجود هئا، سمورن ڪتابن جو تعداد 10 هزارن کان وڌ هو، جيئن ته سار سنڀال نه لهڻ




نوٽ: هن شجري جي تياري ۾ ڊاڪٽر اسد جمال پلي منهنجي مدد ڪئي ۽ راوي: مقالي نگار کان علاوه، محترم گل منير ولهاري، ميون خالد ولهاري ۽ ميون عبدالڪريم ولهاري آهن. ميون عبدالڪريم نوجوان، باذوق ۽ خانداني روايتن کي ياد ڪندڙ نهايت دلچسپ شخص آهي، سندس دلچسپ انداز بيان سبب آئون کيس 'فلسفي' چوندو آهيان، هن مضمون لاءِ فوٽوگرافي معمور يوسفاڻي جي پوٽي محترم ظهير اقبال ڪئي. (م.ا.س)

جي ڪري علمي ذخيرو اڏوهيءَ جو کاڄ بڻجي ويو، ان کان اڳ محترم درس محمد امين پلي صاحب جي لکڻ مطابق ڊاڪٽر داؤدپوٽو ڪافي ڪتاب کڻي ويو جنهن جي خبر نہ آهي تہ هُن ڪهڙي لئبرري ۾ رکايا. ان کان پوءِ بہ مختلف مدرسن جا عالم فاضل ايندا رهيا ۽ ڪتاب کڻندا ويا.

بلوچ صاحب قلمي ڇپيل ڪتاب جيڪي ميئين احمد ولهاري کان حاصل ڪيا، انهن مخطوطات جو تعداد بلوچ صاحب کان سنڌ آڪائيوز ڪراچيءَ ۾ منتقل ٿيو، جن جا نالا ڪتاب ۾ موجود آهن، جن کي ڊاڪٽر محمد ادريس سومري صاحب ولهار جي ڪتبخاني جي عنوان سان ڇاپيو آهي. محترم معمور يوسفاڻي جي لکت موجب هڪ ڪتاب ڊاڪٽر محمد عباس گهمرو وٽ خيرپور ۾ آهي.

1968ع ۾ سمورو علمي خزانو ضايع ٿي چڪو هو، يا مختلف عالمن ڏاهن جي طرف وڃي چڪو هو، پر ان جي باوجود آءٌ ننڍپڻ ۾ ان لائبريريءَ کي ڏسڻ ويس گهر جي پاسي ۾ هڪ ماڙي ٺهيل هئي، وسيع عريض حال هو ديوارين جي چئني طرفن کان تختا المارين وانگر لڳل هئا، جتي ڪجهه سلامت ڪجهه اڏوهيءَ کاڌل، تمام گهڻا ڪتاب ٽڙيل پکڙيل نظر آيا، پنهنجي گهٽ علميءَ جي ڪري ان بچيل مواد کي تہ نہ سمجهي سگهيس ۽ نہ ئي ان قلمي خزاني جي قدر و قيمت کي پرکي سگهيس، البت ڪجهه ڪتاب جيڪي مناسب حالت ۾ هئا، قلمي ۽ غير قلمي انهن کي ڪنيم جيڪي پوءِ مون سنڌ ڪلچر کي ڏيئي ڇڏيا، جيڪي اڄ بہ حيدرآباد سنڌ ميوزم ۾ موجود آهن، ائين چئجي تہ ميان اڪبري ولهاريءَ جو هيُ ڪتبخانو سنڌ آڪائيوز، سنڌ ڪلچر حيدرآباد، ڊاڪٽر داؤدپوٽو لائبريري کان سواءِ نہ ڄاڻي ڪيترن عالمن، فاضلن وٽ هليو ويو، اهڙيءَ طرح هن وقت ميان اڪبري مرحوم جي حوالي سان ولهاري ڪنيرو ۾ ڪو بہ ڪتبخانو موجود نہ آهي، ۽ نہ ئي ڪو خاندان ۾ علمي شخصيت هن وقت موجود آهي، جيڪا اڪبري مرحوم ۽ وڏن جي جاءِ ۽ مسند سنڀالي سگهي. البت مسجد ۽ مدرسو عمارت جي لحاظ سان نئون تعمير شده آهي. سندس نگهباني ولهاري خاندان جو سربراهہ جيڪو هڪ نيڪ پارسا نوجوان ميان خالد ولهاري آهي جيڪو وڏن جي ان يادگار کي قائم رکيو پيو اچي. پر اهو اوج علمي ۽ فيض ڪمالات وارو نہ رهيو، ائين چئجي تہ درسگاهہ ولهار جا ٻہ دور هئا، هڪ ميان صابر ولهاري واري ۽ ٻي ڪنيري جي ولهاري بزرگن جي هڪ نڪ پرند سما، ٻي نڪ صاحب سما جيڪا لڳ ڀڳ اڍائي سؤ سال هلي پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتي.

## مددي ڪتاب:


1- مضمون ۽ مقالا (سنڌ جون شخصيتون)، ليکڪ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ص 128، مرتب: عبدالرسول قادري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڊيشن حيدرآباد، اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ (2020ع).
2- ماهوار قراني ولهيٽ (1937ع)
3- وصيت الهاشميہ، ص 28-29، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، ترجمو ۽ تعليق: پروفيسر ڊاڪٽر محمد اشرف سمون، سامي فائونڊيشن حيدرآباد، 2020ع
4- مهراڻ ٽماهي 2020/1ع، ٺٽي ضلعي جو تعليمي ۽ تاريخي جائزو، مضمون نگار: حافظ حبيب سنڌي، سنڌي ادبي بورڊ.
5- سمن جي سلطنت، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو
6- سمان ڏؤر، خورشيد صديقي، سنڌي ڊپارٽمينٽ ڪراچي يونيورسٽي، 2008ع.
7- ٿرپارڪر جو مطالعو، مصنف: معمور يوسفاڻي، زيرِ اشاعت سنڌ ثقافت کاتو.

ڊاڪٽر صنم لطيف
ڪراچي



# مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي شاعريءَ ۾ جماليات

جماليات شاعريءَ جو هڪ اهم موضوع آهي، اها فلسفي جي هڪ خوبصورت ۽ اهم شاخ آهي، جماليات حسن ۽ فن جو نالو آهي، انسان جي مزاج ۾ حسن و جمال آهي، ڇاڪاڻ ته حسن ۽ عشق انسان جي فطرت ۾ شامل آهي. جيئن صوفي بزرگن ۽ شاعرن جو چوڻ آهي ته 'حسن' ئي ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ جو سبب آهي، اهو هڪ وسيع موضوع آهي. جنهن کي ڪنهن هڪ خاني يا حد ۾ قيد نٿو ڪري سگهجي.

حسين و جميل اها شيءِ آهي جيڪا انسان کي مسرت ۽ خوشي ڏي. مطلب ته جمال ۽ خوشي هڪ ٻئي لاءِ اهم آهن، يعني هڪ ٻي سڪي جا ٻه پاسا آهن، قرآن پاڪ جي هڪ سوره السجده ۾ آيل آهي ته:

ترجمو: "پوءِ ان ۾ مناسبت ۽ هم آهنگي ڪمال جي حد تائين پيدا ڪئي ۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو ۽ پوءِ توهان لاءِ ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جا حواس ۽ دل ڏاهي، توهان شڪر به ڪندا آهيو ته تمام ٿورو."

مٿئين آيت مان واضح آهي حُسن کي اسان حواسن ذريعي محسوس ڪيون ٿا، ڏسڻ ۽ ٻُڌڻ جا حواس، جيڪڏهن اهي نه هجن ها ته جماليات بي معنىٰ، بي مقصد ۽ بي مطلب هجي ها، انهن حواسن ذريعي انسان حُسن و جمال جي پرک ڪري سگهندو آهي، پر حُسن و جمال کي پرکڻ لاءِ ڪو ماڻ ماپو يا ڪو معيار مقرر نه آهي.

الله تعاليٰ جي سڀ کان وڌيڪ خوبصورت تخليق انسان آهي، قرآن پاڪ ۾ فرمان آهي:

ترجمو: انسان کي نهايت ئي خوبصورت بڻايو ويو. (سورة التين، آيت 4)

ان مان خبر پوي ٿي ته انسان مڪمل طور تي حسين آهي يعني مٿي کان پيرن تائين سراپا سونهن آهي.

جماليات بابت دانشورن ۽ فلسفين جا مختلف رايا آهن جمال لاءِ (Aesthetics) جو اصلاح بام گارٽن استعمال ڪندي، ان کي فلسفي جي الڳ شاخ قرار ڏنو، اهو اصطلاح آهستي آهستي عام ٿيو پوءِ ان جي معنىٰ ۽ مفهوم ۾ وسعت ايندي جديد اصطلاح جي حيثيت حاصل ڪئي جنهن ۾ حسن ۽ فن جي موضوع تي بحث ڪيو ويجي ٿو.

(Aesthetics) هڪ يوناني لفظ آهي جنهن جو ادراڪ حواسن ذريعي ٿئي ٿو. جماليات بابت مجنون گورکپوري 'تاريخ جماليات' ۾ لکي ٿو ته:

"انگریزی زبان میں (Aesthetics) جمالیات سے کہیں زیادہ جامع اور بلیغ ہے۔(Aesthetics) لغوی معنیٰ ہر اس چیز کے ہیں جس کا تعلق حسن سے اور بالخصوص حسن لطیف سے ہو، اس اعتبار سے اگر اردو میں ترجمہ کیا جائے تو (Aesthetics) کے لیے 'حسیات' یا 'وجدانیات' یا 'ذوقیات' بہترین اصطلاح ہو۔ مگر حسیات سے مغالطہ ہوتا ہے کہ یہ 'نفسیات' کی کوئی شاخ ہے جس کا تعلق انسان کی قوتِ حسن اور اس کے محسوسات سے ہے اور 'وجدانیات' سے معاذہن تصوف کی طرف منتقل ہو جاتا ہے اور قیاس سے القائی یا حالی کیفیات کی معنی نکلتے ہیں اور 'ذوقیات' کچھ غیر واضح اصطلاح ہو کر رہ جاتی ہے۔(Aesthetics) کا موضوع فنونِ لطیفہ ہی۔ اول اول ہیگل نے اس لفظ کو فلسفہ فنونِ لطیفہ کے معنوں میں استعمال کیا، اسی رعایت سے عربی اور اردو میں اس کا ترجمہ 'جمالیات' کیا گیا۔(1)

بام گارٽن حسياتي علم يا احساس ۽ جذبي جي اظهار کي مڪمل حسن سڏي ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 'جامع سنڌي لغت' ۾ جمال لفظ جي معنىٰ ۽ مفهوم کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

"سونهن، حسن، سوڀيا، خوبصورتي، روپ، زينت، سهڻائي، ديدار."(2)

'تاريخ جماليات' جي مصنف ڊاڪٽر نصير احمد ناصر جماليات جي تعريف هن ريت ڪئي آهي:

"جمالیات کا مطلب فلسفۂ حسن و فن ہے، اس سے حسن اور فن سے علمی انداز میں بحث کی جاتی ہے۔" (3)

ادب جا ٻه اهم حصا آهن. هڪ نثر ۽ ٻيو نظر، شاعريءَ ۾ جمال جو ڀرپور استعمال ٿئي ٿو، جماليات جو گهڻو لطف ۽ خط شاعريءَ ۾ ملي ٿو، هتي مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جي ڪلام ۾ جماليات واري خوبين جو جائزو پيش ڪجي ٿو:

جماليات ۾ اسان کي گهڻيون شيون ملن ٿيون، فطري ۽ قدرتي منظر، ٻوليءَ جو جمال، جسماني جمال وغيره محبتن ۾ ئي جمال جو جلوو پَسي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته نفرت جي نگاهه ۾ نفرتون ئي نظر اينديون آهن.

افلاطون جي خيال موجب ڪائنات جي هر شيءِ ۾ حسنِ مُطلق جو پرتو/مظهر آهي ۽ صوفين وٽ پڻ اهو خيال ملي ٿو. حسن مطلق يعني الاهي ذات انسان جي اندر ۾ موجود آهي. جڏهن انسان پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي (مان/آءٌ) يعني وجود وساري ان درد جي ڪرب مان گذري ڪشالا ڪڍي تڏهن ئي ان خالق حقيقي جي وجود سان ملي هڪ ٿئي ٿو، جيڪو حسنِ مُطلق آهي، جيئن مخدوم طالب المولىٰ جن فرمائين ٿا:

جيتر تون موجود، تيتر لاموجود هو هوندو
"مُوتوا قبل" ٿي ماڻج مطلب نينهن ۾ ٿي نابود
دور وڃڻ ئي آهي اجايو ويجهو اٿئي وجود
ڪک پن ووڙڻ راند ٻاراڻي شاهد تون مشهود
سَر سبحان به تون ئي آهين سوچي ڪر سجود.(4)

مخدوم طالب المولىٰ جن ڪافي ۽ بيت جا اهم شاعر آهن سنڌي ادب جي ٺيٺ صنف بيت ۾ حسنِ مُطلق جي صفتن کي بيان ڪندي فرمائين ٿا:

هادي سو، حڪيم سو مالڪ سو مختار
رازق سو رحيم، سو جابر سو جبار
اڳ به سو، پوءِ به سو اڙين جو آڌار
"الله الغني وانتم الفقراء" سوئي سو سردار
طالب المولىٰ مرد ٿي ڪر وحدت جو واپار
قادر سو ڪلتار قائم دائم ڪل ٿي.(5)

مٿئين بيت ۾ الله پاڪ جي وحدانيت بيان ڪندي قرآن پاڪ جي آيت جو استعمال مخدوم صاحب جن جي فني صلاحيتن کي ظاهر ڪري ٿو، ان جي خوبصورت استعمال ڪري سندس ٻوليءَ، فن، حسن ۽ جمال کي وڌيڪ محسوس ڪري سگهجي ٿو.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن کي سرور ڪائنات حضور اڪرم ﷺ جن سان محبت ۽ عقيدت آهي. هن ڪامل شخصيت جي حسن جي واکاڻ ڪندي سج، چنڊ ۽ ڪائنات جون ٻيون خوبصورت شيون ڪا اهميت نه ٿيون رکن، مخدوم صاحب جن پنهنجي بيت کي سهڻين تشبيهن سان سينگاري فرمايو آهي ته:

ڪٿي سنبل سهڻا ڪٿي مبارڪ مُو
ڪٿي چهرو چنڊ جو ڪٿي حبيبن جادو
ڪٿي شعاع شمس جو ڪٿي رهبر رو
ڪٿي تلوارون تير ٿيا ڪٿي احمد جا ابرو
ڪٿي اکيون عجيب جون ڪٿي ساغر ۽ سُبو
ڪٿي گل گلاب ۽ ڪٿي بدن جي بُو
لبن لعل لڄائيا ڏندن لک لُو لُو
هلڻ تان حبيب جي عجب ۾ آهو
ڪٿي فضيلت فردوس جي ڪٿي ڪامل سنڌي غو
حبيب آهي هو طالب مولا تنهنجو.(6)

مخدوم صاحب هڪ ٻئي بيت ۾ سهڻي تشبيهن ذريعي محبوب جي حسن جي ساراهه ڪندي چيو آهي ته پيارو پرين سراپا سونهن آهي، سموري ڪائنات ۾ هن جهڙو سهڻو نه آهي، هڪ ٻئي شعر ۾ فرمائين ٿا ته جانب جو جمال حسابن ۽ ڪتابن جو مٿانهون آهي.

تنهنجو حسن اچي نه حسابن ۾،
تون پاڻ ئي پنهنجي جوابن ۾.(7)

انسان جي چهري ۾ وڌيڪ پُرڪشش ۽ من کي موهيندڙ خوبصورت اکيون ئي هونديون آهن، انهن کي خدا تعالىٰ جي هڪ خاص ۽ انمول نعمت سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته سموري ڪائنات جي حُسن و جمال کي پَسي سک ۽ سڪون کي دل جي گهراين سان محسوس ڪري سگهجي ٿو. تنهنڪري سيني شاعرن اکين کي وڌيڪ پُراثر انداز ۾ ڳايو

آهي، سموري ڪلاسيڪل، نيم ڪلاسيڪل، عروضي توڙي جديد شاعريءَ ۾ اڪين جو ذڪر اثرائتي انداز ۾ نظر اچي ٿو، اڪين جي حوالي سان هڪ هندي دوهو ڪيڏو نه سهڻو آهي:

ڪاگا سب تن کائيو، چن چن کائيو ماس
دو نيناں مت کائيو، پيا ملن کی آس

ساڳئي وقت مخدوم صاحب جن جي جدامجد برصغير جي نامياري عالم دين قرآن پاڪ جي مفسر ۽ پهرين فارسي مترجم ۽ سنڌي شاعر حضرت مخدوم نوح سرور رحہ اڪين تي خوبصورت بيت چيو آهي:

اکڙيان تہ انڌيون، پوريون پرين پسن،
آهي اکڙين، عجب پر پسڻ جي.(8)

هر شاعر اکين بابت ٿورا يا گهڻا شعر ضرور رچيا آهن، پر مخدوم صاحب جن واحد شاعر آهن جن اکين بابت پورو ڪتاب لکيو آهي.

ان موضوع تي سندن هڪ ڪتاب 'بي پير اکيون' جي نالي سان موجود آهي، اکيون ئي خاموشيءَ سان پيغام پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿينديون آهن، بغير زبان ۽ چپ چورڻ جي دلي ڪيفيتن جو اظهار ڪنديون آهن.

مخدوم صاحب جن اکين جون مختلف حالتون بيان ڪيون آهن، جڏهن محبوب سوَ صدما ڏئي اڪيلو ڇڏي هليو وڃي ڪيس پنهنجي عاشق جي دلي ڪيفيت ۽ جذبن، احساسن جو احساس نہ ٿئي تہ بہ اکيون عاشق جو وڏو سهارو ٿين ٿيون، مخدوم جن فرمائين ٿا:

پلي سهڻو سوَ صدما ئي ڏئي پلي دلبر دل کان دور ٿئي
پلي نينهن ۾ يار نهوڙي نئي، تہ بہ کين ڇڏن غمناڪ اکيون.(9)

شاعرن کي اهو ڪمال حاصل آهي تہ هو پنهنجي پرينءَ جي حُسن و جمال، سونهن ۽ سينگار کي سهڻين تشبيهن ذريعي ظاهر ڪن ٿا، مطلب تہ جاين جو جمال اهڙي اثرائتي انداز ۾ ڪن ٿا جو ان جو نقشو اکين جي سامهون اچي وڃي ٿو، جيئن مخدوم طالب المولىٰ جن جي هن بيت ۾ ظاهر ٿئي ٿو:

ڪارا ڪيس قريب جا، واسينگ جڻ وار
پيشاني پرين جي، چنڊ جئن ڪري چمڪار
اکيون هن عجيب جون، نرگس جئن نروار
جهڙا گل گلاب جا، تن کان وڌ رخسار
لعل لب لبيب جا، منڙا پئي من ٺار
وجهي ڪونج ڳچيءَ ۾، چهرا چندن هار
کهڙا چئي کهڙا چوان، سڄڻ جا سينگار
جان ۽ جند نثار، طالب مولا تن تان.(10)

هڪبئي هنڌ پرينءَ جي ڪارن وارن کي نانگ ۽ نانگ جي ڦوڪارن سان نرالي تشبيهہ ڏيندي فرمائن ٿا:

واهہ جو ٻڌين ٿو ونگيو وانگوڙو،
سمجهي سپڪو نانگ هي جهوڙو،
تنهنجو قسم آئون ناهيان ڪوڙو،
منهنجا محب مٺل! ڦٽيون ڪيو جڻ ڏين ڦوڪارا(11)

سهڻيون ۽ من موهڻيون تشبيهون ڪلام جي حسن ۾ اضافو ڪن ٿيون، ان ڪافي جي هڪ ٻئي بند ۾ مخدوم طالب المولىٰ جن محبوب جي سهڻين سڳين جي ڳالهہ ڪن ٿا ۽ ان جي هلڻ جي خوبصورت انداز کي ڍيل کان وڌ سهڻو سمجهن ٿا، چون ٿا تہ هن شعر ۾ محبوب جو حسن سنڌ جي ثقافت جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو آهي.

سهڻيون سڳيون ٻئي ڪولي هلين ٿو،
ڍيل کان وڌ تون چال چلين ٿو،
تن کي لڏڻ کان ڪين جهلين ٿو،
چوڪا چوٽي ڦلَ جهومر جاني ڪن جهلڪار(12)

هار سينگار ۽ زيور محبوب جي حسن ۽ جمال ۾ پڻ اضافو ڪن ٿا، جن جو ذڪر مخدوم صاحب جن تمام پُراثر ۽ سهڻي نموني ڪيو آهي، مخدوم صاحب جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي اها هڪ خاص خوبي آهي تہ محبوب جي حُسن جي ڳالهہ ڪو بيو موضوع هجي پر قبلہ سائين جن سنڌ جي ثقافت کي عين وسارين ٿا، مان سندن اعلىٰ شاعريءَ سان گڏ سنڌ جي ثقافت سان محبت جو چٽو مثال ملي ٿو، فرمائين ٿا:

منجهہ ڪنن ايرينگ لڏن ٿا، ڳاڙهن ڳلن کي خوب چمن ٿا،
ناز منجهان ٻئي نوري نچن ٿا، عشق مان ڏين اڇل،
پيارا پري کان مارن موچارا،
هيرو نڪ ۾ آهي هزاري بولو، بنئيسر ميناڪاري،
چندن هار سچو سونهاري برهہ لائين بَڪل،
جڻ چمڪن ٿا چنڊ ۽ تارا(13)

مارئيءَ جي ملير سان محبت دنيا جي نقشي تي هڪ انمول ۽ لازوال مثال آهي، جيڪا ڏيهان ڏيهہ مشهور آهي، مخدوم صاحب جن مارئيءَ جي محبت ۽ ملير جي منظرڪشي تمام بهترين نموني ڪئي آهي.

مارن ري ماتام ياد پون ٿا ٿاڪ ٿرن جا،
ڦوڳ ڦلهاريا، ڪرڙ ڪڪوريا ساوا گاهہ، پٽن تي موريا،
پيا گولاڙا هر گام.(14)

ٻوليءَ کي شاعريءَ ۾ اهم حيثيت حاصل آهي، ٻوليءَ جي وصف يا تشريع تہ مختلف علمن ذريعي ڪري سگهجي ٿي، پر نفسيات جي حوالي کان ٻولي انسان جي اندر جو آواز ۽ اظهار جو ٻيو نالو آهي، تنهنڪري لفظ پُرڪشش، پُراثر ۽ لطف ڏيندڙ هئڻ گهرجن، جن سان دل جي جذبن ۽ احساسن جي عڪاسي ٿي سگهي.

شاعري هڪ اهڙو دلڪش فن آهي، جنهن ذريعي دلي ڪيفيتن کي اثرائتي ۽ وڻندڙ انداز ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو. اهو شاعر جو ڪمال آهي تہ هو لفظن جي جادوءَ سان پڙهندڙ تي سحر طاري ڪري دل کي موهي وجهي ٿو. ٻوليءَ جي جمال ۾ مخدوم صاحب جن کي اهو ڪمال حاصل آهي تہ هو پڙهندڙ کي موهي وجهي ٿو، مٺي محبوب کي کهڙي نہ پياري انداز ۾ دعا ڪن ٿا، فرمائين ٿا:

منهنجو تہ وار وار ٿو دم دم دعا ڪري
ڪوسو لڳي نہ واءُ سڄڻ کي خدا ڪري.(15)

لفظن جي تڪرار شعر کي انتهائي خوبصورت ۽ پُرڪشش بڻايو آهي.

مخدوم صاحب جن وٽ فطري حسن بہ ڏسڻ وٽان آهي، هُو پنهنجي ڪلام ۾ انتهائي خوبصورت منظرڪشي پيش ڪن ٿا، سندن منظرنگاري جو اهو ڪمال آهي، جو اهو منظر هُوبهو اکين اڳيان اچي وڃي. هتي نموني طور سر سارنگ جو هڪ بيت پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ منظرنگاريءَ سان گڏ جماليات جو جلوو پڻ نظر اچي ٿو فرمائين ٿا:

اُڀيا اُتر پار کان ڪڪر ڪري ڪار،
سوين آهن سونهن جا، ساوڻ کي سينگار،
مٿان ميگهہ ملار، مَندي ٻيٺا موج سان.(16)

مون هتي مخدوم صاحب جن جي جمالياتي شاعريءَ جو مختصر جائزو پيش ڪيو آهي، جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي تہ سندن شاعريءَ جو هڪ وڏو حصو جمالياتي فن جو منظر آهي، جنهن تي هڪ ڪتاب لکي سگهجي ٿو.

## حوالا:


1. مجنون گورکپوري، تاريخ جماليات، مڪتبۂ عزم و عمل ڪراچي، 1966ع، ص 10-9
2. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جامع سنڌي لغت، سنڌي ادبي بورڊ، 1981ع، ص 915
3. ڊاڪٽر نصير احمد ناصر، 'تاريخ جماليات'، جلد اول، فيروز سنز پرائيويٽ لميٽيڊ لاهور، راولپنڊي ڪراچي، 1990ع ص 9
4. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، 'ڇپر ۾ ڇڙيون'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ 2011ع ص 320
5. ساڳيو، ص 64
6. ساڳيو، ص 80
7. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، 'ٻي پير اڪيون'، سروري پرنٽنگ ايجنسي درگاه روڊ، هالا نئون 1987ع
8. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ'، پاڪستان اسٽڊي سينٽر يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو 1999ع ص 303.
9. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، 'ٻي پير اڪيون'، سروري پرنٽنگ ايجنسي، درگاه روڊ هالا نئون، 1987ع ص 34
10. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، 'ڇپر ۾ ڇڙيون'، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ 2011ع ص 301
11. ساڳيو
12. ساڳيو، ص 337
13. ساڳيو، ص 337
14. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، 'ڪشڪول'، بزم سروري طالب المولىٰ، 1955ع ص 1
15. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، 'ديوان طالب المولىٰ'، طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا، سنڌ 2011ع ص 357
16. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، 'ڪشڪول'، بزمِ سروري طالب المولىٰ، 1955ع ص 61

**ميرزا فياض علي بيگ**
حيدرآباد



# ميرزا حامد علي بيگ 'حامد' جي غزل گوئي

شاعري هڪڙي خدائي ڏات آهي جنهن کي قدرت وٽان ملي ۽ ٻي وري خانداني اثر تحت هوندي آهي. جيڪڏهن اِهي ٻئي خوبيون ڪنهن شاعر کي مليل هجن ته جڻ سون تي سهاڳ مثل آهن. ميرزا حامد علي بيگ 'حامد' کي اِهي ٻئي خوبيون ورثي ۾ مليل هيون، جيڪو صدين کان پيڙهائتو شاعر هو. اِن ڏس ۾ ميرزا ٻڍل بيگ چوي ٿو ته:

پيءُ ڏاڏي کان هي پيشو اسان جو هليو اچي،
پيڙهي به پيڙهي سخن جو سودو لڳو اچي.

اِن دعويٰ جو بين ثبوت ميرزا حامد علي بيگ آهي، جنهن جو پيءُ ميرزا علي نواز بيگ، چاچو ميرزا حسين علي بيگ، ڏاڏو ميرزا غلام حيدر بيگ 'قنبر'، وڏو مامو ميرزا قربان علي بيگ ۽ نانو ميرزا قاسم علي بيگ پنهنجي دؤر جا سٺا شاعر ٿي گذريا آهن. ميرزا غلام حيدر بيگ 'قنبر' ۽ ميرزا قاسم علي بيگ ٻئي پاڻ ۾ سڳا ڀائر هئا ۽ مشهور مرثيه گو شاعر ميرزا فتح علي بيگ 'فتح' جا پٽ هئا. ان حساب سان پاڻ ڏاڏاڻي ۽ ناناڻي طرفان پيڙهي به پيڙهي شاعر هو ۽ اِهوئي سلسلو سندس اولاد ۾ به قائم رهندو اچي.

ميرزا حامد علي ولد ميرزا علي نواز بيگ 19- مارچ 1925ع ۾ ميرزا محلي ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي پرائمري تعليم آسودومل پرائمري اسڪول نزد قليلي حيدرآباد (موجوده سيٺ حافظ پرائمري اسڪول) مان حاصل ڪئي. انگريزي جا ڇه درجا نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيا ۽ مسافرخانه اسڪول ميمڻ محلہ حيدرآباد مان سنڌي ڪاميٽي جو امتحان پاس ڪيو. نوڪري جي سلسلي ۾ پوليس ڪاتي، راشنگ ڪاتي، ميونسپل ڪاتي ۾ ناڪہ منشي ۽ ٿورو وقت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وٽ لغت واري آفيس ۾ نوڪري ڪيائين. اِهي نوڪريون 1940ع کان 1962ع تائين ڪيائين. 1963ع کان 1990ع تائين شهداداڻي حڪمران ٽالپر گهراڻي مير غلام علي خان ۽ مير مراد علي خان وٽ مير منشي ٿي رهيو.




ميرزا حامد علي بيگ جوانيءَ ۾

ميرزا حامد علي جي شادي 1946ع ۾ ميرزا علي محمد بيگ 'مظفر' جي نياڻي سان ٿي. کيس چار پٽ ميرزا فتح علي بيگ 'شاهد'، ميرزا فياض علي بيگ، ميرزا شمشاد علي بيگ، ميرزا منظور علي بيگ ۽ هڪ نياڻي (زوجه ميرزا جمشيد علي بيگ) اولاد ٿيا.

ميرزا حامد علي بيگ زندگي جا ڪيئي لهوارا اوڀارا نشيب فراز ۽ ڏکن سکن جا ڏينهن گذاري پنجهٺ سالن جي عمر ۾ 21- ڊسمبر 1991ع ۾ هن فاني دنيا مان انتقال ڪيو.

ميرزا حامد علي بيگ منهنجو والد هو. هِتي مون کي پنهنجي والد مرحوم جي شخصيت ۽ اُن جي شاعريءَ جي تعريف ۾ ڪا پُل ٻَڌڻي ناهي ۽ نه ئي وري ڪيس تاج الشعرا، مخدوم الشعرا، عمدة الشعرا، افضل الشعرا يا فخرِ شعراءَ جهڙن جڙتو القابن سان نوازي ڪو سندس شخصيت جي قدڪاٺ جو ڪو وڏو بُت ڪڙو ڪرڻو آهي؛ جو هُو مرحوم خود به اهڙن القابن يا ٺهلي واهه واهه کان ونئون ويندو هو. بس هُو پنهنجي طبيعت جو هڪڙو خوش طبع شاعر هو ۽ 'بزمِ فتح'، 'بزمِ خليل' ۽ 'بزمِ ڪوثر' جي سڃاڻ شاعرن مان هڪ هو.

ميرزا حامد علي جا شاعريءَ ۾ استاد ميرزا علي محمد بيگ 'مظفر'، ميرزا علي بخش بيگ 'ڪوثر' ۽ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' هئا، جن جي شاگرديءَ ۾ سندس شاعري، شاعريءَ جي شاميانيءَ ۾ چمڪي ۽ مقبوليت ماڻي سندس شاعريءَ کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. سندس ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته، هن سال 1938ع کان 1940ع جي وچ عرصي ۾ علم عروض جي مڪمل سکيا حاصل ڪري ورتي ۽ پهريون سلام 14- صفر 1359هه/ 24 مارچ 1940ع تي تصنيف ڪري ميرزا علي محمد کي اصلاح لاءِ ڏيڪاريو. جنهن ڪيس اصلاح ڪري ڏني. هِتي ان جو عڪس ڏجي ٿو:




ميرزا حامد پنهنجو مذڪوره سلام ميرزا علي بخش 'ڪوثر' کي به ڏيکاريو. جنهن سلام پڙهي سندس همت افزائي ڪئي. بزمِ مشاعره لاڙڪاڻي طرفان مليل مصرع طرح "يا الٰهي تا قيامت شل هجان دلبر سان گڏ" تي ميرزا 'ڪوثر' سلام چيو هو، جيڪو پاڻ ميرزا حامد علي کي ڏيندي چيو ته هاڻي هِن طرح تي اوهان

هاڻي واپس اچون ٿا ميرزا حامد علي جي غزل گوئيءَ طرف. سال 72_1971ع ڌاري سيد احسن الهاشمي ٽنڊو آغا ۾ اچي رهيو ۽ پراڻي تعلقات جي بنا تي هي به امام بارگاھ علي آباد ۾ ٿيندڙ محفلن ۾ شريڪ ٿيڻ لڳو. جيئن ته هاشمي صاحب پاڻ خود به بهترين شاعر هو ۽ اسان جي خاندان جا اهل قلم بزرگ پڻ سخن شناس هئا، جنهنڪري احسن الهاشمي جي شرڪت ڪرڻ سان به مذهبي توڙي غزل جا بهترين ۽ يادگار مشاعره ٿيا. انهن ۾ هڪڙو غزليه طرحي مشاعرو جناب مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' جي صدارت ۾ ٿيو، جنهن جي طرحي مصرع مخدوم صاحب هيءَ ڏني: "لڦون پئجي ويون منهنجي زبان ۾". اِن مصرع طرح تي 'حامد' جو غزل پڙهو:

غلط آهي اگر آهي گمان ۾،
سوا هُن جي نه ڪجهه آهي جهان ۾.

اثر اهڙو ٿيو آھ و فغان ۾،
لڦون پئجي ويون منهنجي زبان ۾.

پڇيو هُن حال، مُرڪي مون چيو هيئن،
گذاريان روز و شب آھ و فغان ۾.

گِران ڏاڍو گذاريم عشق ۾ وقت،
سوا تنهنجي نه ڪجهه آيو گمان ۾.

گلشنِ شاعريءَ ۾ 'حامد' جي غزل جي گلن تڏهن ٽِڙڻ شروع ڪيو، جڏهن هُو 'بزمِ خليل' جي مشاعرن ۾ شريڪ ٿي طرحي ۽ غير طرحي غزل پڙهڻ لڳو ۽ سندس غزلن جي خوشبوءِ چمنستانِ غزل کي معطر ڪري ڇڏيو. 'زمِ خليل' جو باني ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' هو، جنهن سال 1948ع ۾ هي بزم قائم ڪئي. 'بزمِ خليل' طرفان مليل طرحي مصرعن تي ميرزا 'حامد' جي چيل غزلن ۾ رواني ۽ مصرع طرح تي گرھ لڳائڻ جو اندازِ بيان ته ڏسو:

<u>"دستِ ساقي مان ڪِريو جام خدا خير ڪري"</u>

دستِ ساقي ۾ ٿيو جام خدا خير ڪري،
ڪيئن پيئان آه! مَئي گلفام خدا خير ڪري.

مست نظرن جو قسم، حُسنِ تبسم جو قسم،
پنهنجي هٿ ۾ مون وَتو جام خدا خير ڪري.

پنهنجي ويجهو ايندو ڏسندي مون کي يارو يڪ لخت،
دستِ ساقي مان ڪِريو جام خدا خير ڪري.

منتظر جنهن جي لئي 'منظور' هيس سالن کان،
گهر سندم آيو سو گلفام خدا خير ڪري.

<u>"هوا بدلي وئي آھ اڄ زماني جي"</u>

نشاني پنهنجي مَٽائي مون آشياني جي،
چُمي مون چونٽ اچي تنهنجي آستاني جي.

ويو هُئين ڪلھ تون روٺري ڪلب ۾، اڄ
پلي هليو وڃ دعوت ٿئي جيم خاني جي.

زماني ساڻ هلڻ گهرجي هاڻ جو 'منظور'،
هوا بدلجي وئي آهي اڄ زماني جي.

<u>"هي سرمد و منصور جو آواز نه آهي"</u>

افسوس مليو مون کي ڪو همراز نه آهي،
ڪنهن ساڻ سَليَم دل جو تڏهن راز نه آهي.

پُر سوز بُڌي منهنجو ته آواز چو بلبل،
هي سرمد و منصور جو آواز نه آهي.

هر حال ۾ تو ساڻ وفادار رهيو آ،
'منظور' مِنا، يار دغا باز نه آهي.

<u>"مستي ۾ آهي ساقي گردش ۾ جام آهي"</u>

بزمِ خليل ۾ اڄ هيءَ ڌوم ڌام آهي،
مستي ۾ آهي ساقي گردش ۾ جام آهي.

رندن کي پيئڻو اڄ ڪوثر جو جام آهي،
بزمِ خليل ۾ ٿيو جو انتظام آهي.

'حامد' ڪلام آهي رنگين تنهنجو بيشڪ،
رنگين تنهنجو بيشڪ حامد ڪلام آهي.

<u>"شمع وانگر ڪو ٻَري رات گذاري ته سهي"</u>

وصل جي رات صبر سان ڪو گذاري ته سهي،
وصل جو صبح اهو شڪر سان گهاري ته سهي.

هي صدا آئي ٿي پرواني جي محفل ۾ ڏسو،
شمع وانگر ڪو ٻَري رات گذاري ته سهي.

يار قاصد کي چيو آئون اچان پيو، پنهنجو،
چٽج 'حامد' کي اگڻ ٻهرين ٻهاري ته سهي.

7- جولاءِ 1955ع ۾ بزمِ خليل طرفان منظور نقوي جي ڏنل مصرع طرح تي سيد منظور نقوي جي مطب ۾ مشاعرو ٿيو.

جيئن ته اصناف سخن مان ميرزا صاحب جو غزل سان چاهه هو ۽ کيس ڪيترن ئي سنڌي ۽ اردو جي شاعرن جا غزل برزبان ياد هئا. جڏهن هن پاڻ خود غزل چوڻ شروع ڪيا، تڏهن غزل ۾ پنهنجي دلي جذبات جو ڪليل اظهار ڪيو آهي:

جفا ڪري يا دغا پَل ڪري مگر 'حامد'،
مون کي ٿي پنهنجي پرين جي رهي پَچار اڃان.

جڏهن هن جا غزل پڙهجن ٿا ته اِهوئي محسوس ٿئي ٿو، ته هن واقعي غزل کي غزل جي ئي شايانِ شان لکيو آهي ۽ پنهنجي همعصر غزل گو شاعرن ۾ ساڻن ڪلهوڪلهي سان ملائي نمايان نظر اچي ٿو. سندس غزل ۾ سادگي ۽ رنگيني ته ڏسو:

دعا اِها ئي زبان تي ٿي بار بار اچي،
خدا ڪري ته اگهڻ موٽي منهنجو يار اچي.

اثر هي آهِ جو منهنجي جو هُو چوي وَتندو،
خبر نه آهي چو دل کي نه ٿو قرار اچي.

عشق جي چوٽ لڳڻ بعد پرينءَ جي ياد ۾ ويراڳ جا پار اوسارڻ به غزل جو هڪ جُز آهي. 'حامد' وٽ تغزل جو اهڙو منفرد انداز هِن رنگ ۾ ملي ٿو:

پَون پُور پَل پَل پرينءَ جي پَسڻ جا،
نه گذرن ٿا پَل هي ڏکن جي سَهڻ جا.

وِهامي وئي وصل جي رات ليڪن،
نه آثار ظاهر ٿيا هُن جي اچڻ جا.

لڳي عشق جي چوٽ آهي ٿيا مون لئي،
ڏکيا ڏينهن جيئڻ جا ۽ سنهنجا مرڻ جا.

هِن ئي غزل ۾ مطلبي يارن جو شڪوه ڪندي:

وئي يارَ يارن منجهان نڪري ياري،
رهيا بس رڳو ڪائي پي مَٽڻ جا.

وري اِن ئي غزل جي مقطع ۾ يار کي هينئر ئي وڃڻ جا سانباها ڪرڻ لاءِ هيئن ٿو چوي:

هينئر ئي ته آيو تون 'حامد' ڏي آهين،
نه سانباها ڪر جلد جاني وڃڻ جا.

هِتي 'حامد' جي غزلن مان چونڊ غزلن جو انتخاب ڏجي ٿو:

ڏٺو آهي توکي مون هر انجمن ۾،
انهي روپ ۾ ۽ انهي پيرهن ۾.

گل و خار اٽڪي پيا پاڻ ۾،
پياري پرين سان جو آيس چمن ۾.

مظفر ۽ ڪوثر سخندان سخنور،
ٿو سِکو هلي جن جو مُلڪ سخن ۾.

مون کي چو نه 'منظور' ٿي ناز ان تي،
نه ثاني ٿيو جنهن فهمِ فطن ۾.

*

نهان درد فرقت ٿيو چشمِ تَر ۾،
جگر ۾ جگر ۾ جگر ۾ جگر ۾.

جا ٿي سونهن رشڪِ قمر ۾ سا ناهي،
قمر ۾ قمر ۾ قمر ۾ قمر ۾.

جا 'حامد' جي خوبي اکين جي سا ناهي،
ڪڪر ۾ ڪڪر ۾ ڪڪر ۾ ڪڪر ۾.

*

عجب ناز انداز آهن سجڻ جا،
اُٿڻ جا ويهڻ جا اچڻ جا وڃڻ جا.

هي عشق و محبت هي قربت هي فرقت،
فقط راز دردن جي آهن سَهڻ جا.

هينئر ئي ته آيو تون 'حامد' ڏي آهين،
نه سانباها ڪر جلد جاني وڃڻ جا.

*

'حامد' شاعريءَ جو آغاز 1940ع کان ڪيو ۽ پنهنجي شاعريءَ جي اثاثي ۾ حمد، نعت، منقبت، قصيدا، سلام، نوحا، مرثيه، غزل ۽ ڪجهه قطعات بطور يادگار ڇڏيا آهن. پاڻ امام بارگاهه علي آباد ۾ ٿيندڙ هر طرحي ۽ غيرطرحي مذهبي ۽ ادبي مشاعرن ۾ آخري وقت تائين باقاعده پنهنجا شعر پڙهندو رهيو. هُو ڪڏهن ترنم ۾ ته ڪڏهن تحت الفظ شعر پڙهندو هو.

فصيح ڪلام اهو آهي، جنهن ۾ هرهڪ لفظ اهڙو ڪم آيل هجي، جنهن جي اُچار ڪرڻ ۾ زبان کي ڪا به تڪليف يا هٻڪ نه ٿئي. اهو نمونو نه فقط ڪڏهين ڪڏهين، مگر هميشه شاعر جي ڪلام ۾ اختيار ڪيل هجي، نه ته سندس ڪلام کي فصيح نه چئبو. بلاغت اُها آهي، جو ڪلام وقت ۽ حال جي مطابق هجي. اِنسان ۾ طرح طرح جا پوُر ۽ جذبا اُٿن ٿا، ڪڏهين غم ۽ غصو، ڪڏهين کِل ۽ خوشي، ڪڏهين ڳڻتي ۽ فڪر، ڪڏهين مستي ۽ مدهوشي، ڪڏهين عشق ۽ محبت، ڪڏهين بيتابي ۽ بيقراري وغيره وغيره. شاعر کي اهي سيئي حالتون اهڙيءَ صفائيءَ، چٽائيءَ ۽ درستيءَ سان مختصر؛ مگر مائيدار لفظن ۾ بيان ڪرڻ گهرجن، جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جو ڌيان ڪڇي وڃي، ۽ سندس سحرنگاريءَ تي موهت ٿي پون.

سلاست جي معنيٰ آهي ته ڪلام ۾ اهڙا لفظ ڪم آيل هجن، جي روزمره ماڻهو استعمال ڪن ٿا؛ ۽ استعارا، تشبيهون، ۽ ٻيون ڪلامي صنعتون اهڙيونساديون ۽ سوليون هجن، جو ماڻهو هڪدم پروڙي سگهن؛ ۽ هرهڪ ماڻهو پنهنجي پنهنجي فهم ۽ لياقت آهر ان مان لطف ۽ مزو حاصل ڪري سگهي. سپ ڪان سهڻو شعر اُنهيءَ کي چئبو، جو جڏهن ڪو ماڻهو اُن کي پڙهي يا ٻُڌي، ته ازخود ائين چوي ته ”سچ آهي“، ۽ ان جي سلاست ۽ سادگي ڏسي، دل ۾ اچيس ته اهڙو ڪلام ”آءٌ پڻ چئي سگهان ٿو“؛ مگر جڏهن چوڻ جي ڪوشش ڪري، ته وايون بطال ٿيو وڃنس.


**ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي**

’شاهه جو رسالو‘ (ٽن جلدن ۾) مقدمو، ص 39

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي

1406هه/1985ع

## شاعري



دين محمد سُجاڳ پلي
لطيف نگر

## نعت شريف

ڪفر جي دل تي ڳيا، محبوبﷺ آندو انقلاب.
شرڪ جا خالي اجها، محبوبﷺ آندو انقلاب.

شاهه جي شفقت پسي، لاچار ۽ نادار ڪل،
ٿي پيا گدگد گدا، محبوبﷺ آندو انقلاب.

صاحبِ قرآن آيو شان تي قرآن تي،
ٿي ويا ڪوڙين ڪنا، محبوبﷺ آندو انقلاب.

مرض جسماني روحاني جي شفا آندئين ڪلام،
پاڪ موليٰ جو شفا، محبوبﷺ آندو انقلاب.

مشرڪن کي جنهن ڏنو، توحيد جو تحفو اچي،
دل اندر آيو خدا، محبوبﷺ آندو انقلاب.

اڄ وري انسان کي رتبا وڏا درجا وڏا،
راضپا مليا وڏا، محبوبﷺ آندو انقلاب.

سچ سچي جڳ ۾ پيو جرڪي خدا جو سُنهن 'سجاڳ'،
حق پيو مرڪي ادا، محبوبﷺ آندو انقلاب.

## نعت شريف

دليون سُنسان سينگاري، مدينو پاڪ آ وٽندڙ،
اکيون ايمان سان ٺاري، مدينو پاڪ آ وٽندڙ.

خدا هن شهر جي صدقي، مَٿائي موڄ مستي مان،
دليون ٽِڪ تار مان تاري، مدينو پاڪ آ وٽندڙ.

سڪايل ڇو نه سو ڇٽبو سموري زندگي جيڪو،
لُڇي ۽ لڙڪ ٿو لاري، مدينو پاڪ آ وٽندڙ.

ڪرم سان رب رکي، هن شهر جي جا دل مٿي محبت،
سگهي سا ڪونه ميساري، مدينو پاڪ آ وٽندڙ.

اچي ٿو جو به هڪ پيرو اهو انسان ٿئي پيري،
اچڻ لئه ڇو نه ويچاري، مدينو پاڪ آ وٽندڙ.

گُنبذ روضي مبارڪ جا وٽن ٿا دُور ڪان دليئون،
ڪروڙين پاڻ ڏانهن واري، مدينو پاڪ آ وٽندڙ.

سخي هي شهر اهڙو جو پريتن جي خزانن سان،
دلين جا شهر ٿو پاري، مدينو پاڪ آ وٽندڙ.

'سجاڳ' پنهنجن غلامن کي جتي محبوب محبت سان،
ڪري ٿو شاد ڪيڪاري، مدينو پاڪ آ وٽندڙ.

شبير 'هاتف'
ڪراچي



## سلام

حسين ابن علي سبطِ مصطفيٰ تي سلام،
لهو سان لال ٿيل ارضِ ڪربلا تي سلام.

ٻڪيا پياسا هو معصوم ٻارڙا بيبيون،
رهِ خدا ۾ ڪُٺا ان رهِ خدا تي سلام.

الاهي مون کان پوءِ اسلام جي اٿئي پارت،
امامَ جي سرِ مقتل انهيءَ دعا تي سلام.

امير آهي هي جنت جي نوجوانن جو،
اها نبيءَ جي بشارت انهيءَ نبا تي سلام.

نحيف جسم، پياسي زبان تارونءَ سان،
بلند پوءِ به صدا حق جي، ان صدا تي سلام.

اگر ملي ته اکين ۾ وجهان بدن تي مليان،
جنابِ سيدِ شُهدا جي خاڪِ پا تي سلام.

هو سينه ڪوبي، هو ماتم، اکين جو رت روئڻ،
غمِ حسين ۾ ان مجلسِ عزا تي سلام.

تريءَ تي سر ڪٽي آيا هٿا جي ٻاهتر،
انهن جي حُبَ، وفا، صدق ۽ صفا تي سلام.

## سلام

اگرچه بي سرو سامان حسين، آلِ حسين،
ڏسڻ وٽان هو مگر جاه ۽ جلالِ حسين.

گهرون ٿا صبر جي دولت اسين جي آلِ حسين،
کپي اسان کي وراثت ۾ اهڙو مالِ حسين.

حسين اڄ به دل و جان ۾ زنده پائنده،
ڀلي ٿيو هجي دنيا مان انتقالِ حسين.

اهي اکيون ڪڏي ڪانگن کي ئي ڏيڻ گهرجن،
اگر انهن کي رئاڙي نه تو ملالِ حسين.

صفاتِ ربَ صفاتِ رسول ۾ ظاهر،
صفاتِ مصطفيٰ جو پرتوو جمالِ حسين.

ڪڏهن گلن کي ڏسان ٿو ڪڏهن ستارن کي،
متان انهن ۾ هجي عڪسِ خد و خالِ حسين.

مون کي ڇو گهرج ٿئي عطر، مشڪ، عنبر جي،
دماغ کي جي معطر رکي خيالِ حسين.

سلام آهه انهيءَ صبر، استقامت کي،
ڏنو نه ڪنهن سرِ مقتل به اشتعالِ حسين.

حسين سر بَسجود آهه سر. ڏيڻ جي لئي،
اهو ڪمالِ شهادت اهو ڪمالِ حسين.

کُهائي ٻار ٻچا سر بَه ڪف سُوئي مقتل،
مثال اهڙي شجاعت جو بس مثالِ حسين.

رڳو اسين نه، ستارا به نوحه خوان آهن،
ائين ٿي تا به ابد ٿيندي پئي مقالِ حسين.

گناهه ڪهڙو جي باطل سان جنگ جوٽيسون،
مون کان، اوهان کان، سين کان اهو سوالِ حسين.




## امداد حُسيني

ڪراچي


## پُڇاڻا!
### نئين سال جي اچڻ تي

اي نوان سال!
سال گذريل کان
گذريل کان به گذريل.....
گذريل ......
جا پُڇاڻان رهيا پيا آهن
ڪير پُڇندو؟ ۽ ڪنهن ڪنان پڇندو!
هٿ مٽي سو ڪٽي- پُڇي جيڪو
جان پياري هجي نه
جنهن کي، سو
ڪجهه ڪُڇڻ جي گهري
ڪُڇي ٿو سگهي
ڪُجهه پڇڻ جي گُهري
پُڇي ٿو سگهي
هَٿ هُونِس نه هٿ ڪٽي
ٿو سگهي
جيِ آهيس تان ڪُڇي ٿو سگهي
مان پُڇاڻا ڪريان نه
ڪيئن ڪريان؟
جو سندم هَٿ- هَٿ
سرجڻهار
(جي هٿن ۾ سنڌ هئا ڪڏهين
سمنڊ تي تو مِلي هينءِ
جڏهين
لُڙڪَ پي تون کِلي هينءِ
تڏهين
تو جنين کي چُمي اکين تي رکيو!
اڄ ڪراين ڪنان ڪپيل آهن
۽ پٽيل آهه ڪاڪڙي ڪان جِهَ!

## سنڌ- جند

منهنجي سنڌ جند تون ئي،
منهنجي جند سنڌ تون ئي!

چئي جا لطيف مُک سان،
اها شاعري به تون ئي
جيُون جا پيا جڳت ۾،
اُها زندگي به تون ئي

منهنجي سنڌ جند تون ئي،
منهنجي جند سنڌ تون ئي!

منهنجي سِڪَ پريت
مَحبت، منهنجي عاشقي به تون ئي
منهنجي جوڙ جيس
جيڏي، سَرَتي سکي به تون ئي

منهنجي سنڌ جند تون ئي،
منهنجي جند سنڌ تون ئي،


سُوءِ اِنتي سڳوري، غني
۽ سخي به تون ئي
جنين جو ڏٺي نه سائين،
تنين ڏُر ڏٺي به تون ئي

منهنجي سنڌ جند تون ئي،
منهنجي جند سنڌ تون ئي!

منهنجو ٿر مليرَ مارُو،
منهنجي مارُئي به تون ئي
سکر ۽ بکر ڪراچي،
مِٺي اي مِٺي* به تون ئي

منهنجي سنڌ جند تون ئي،
منهنجي جند سنڌ تون ئي!

* مٺي- ٿرپارڪر سنڌ جو گهر



ثناءُ سرهندي
گلزار خليل
(سامارو)

## غزل

زمانا ويا لنگهي پر ڪي زمانا ياد ايندا ويا،
اوهي ڳالهيون اوهي دل جا فسانا ياد اچڻدا ويا.

جمالِ همنشين جهرڪيو تصور جي جهروڪن مان،
گل و بلبل جا سڀ وسريل ترانا ياد ايندا ويا.

بسنتي ٻاڪ جون هيرون گهليون جيئن جيئن اسانکي اتہ،
وصالِ يار جا سپنا سهانا ياد ايندا ويا.

جڏهن سوچيم تہ ڪيئن ريبي ڪريان دردن کان دل آجي،
مونکي تنهنجا ئي او سنگدل بهانا ياد ايندا ويا.

ڪٿي مسجد ڪٿي مندر وڃايل گس اتان نڪتا،
جتي ساقي سندءِ ساغر ميخانا ياد ايندا ويا.

ڪنارا جو ڪيا مونکان پلا اي موت اڄ توپي،
لنگهي هڪ لاش تان توکي بيگانا ياد ايندا ويا.

شڪر ٿيو بزم ياران ۾ ڪلي سڄڻن جڏهن ساريو،
’ثنا‘ جهڙا سوين ان دم ديوانا ياد ايندا ويا.

## غزل

گهڙيون گهاءِ گونڌر جا ڏينديون وڃن،
وڇوڙي جا وڍ ڏئي وڃينديون وڃن.

ڪٿي راهون رستا ڪٿي پيو وڃان،
سندم ساٿ سوچون ڇڏينديون وڃن.

خدارا ڪو يادن کي دل مان ڌڪي،
سيئي درد ميڙي گڏينديون وڃن.

وڃان ڪهڙي ڏِس کان تہ دنيا ڇڏي،
پڙاڏيون صدائون سڏينديون وڃن.

ورهين ۾ نہ پهتو ڪٿي ڪاروان،
پري منزلون پاڻ ٿينديون وڃن.

هزارن مان هر هر لڪي لوڪ کان،
نگاهون ڪي چهرا تڪينديون وڃن.

سڄڻ تنهنجون سارون صديون ڇڻ ڪٿي،
اوطاقون اندر ۾ اڏينديون وڃن.

نہ پرچن ٿيون ڪنهن پر رُٺل قسمتون،
نئين سج نوان ڏنجهہ ڏينديون وڃن.

’ثنا‘ ساعتون هي حياتي جون دل تي،
سوين نقش اڻ مٽ چٽينديون وڃن.



'جمال' مراد گبول
ميرپور- ساڪرو

# غزل

ٻُڏي ٻُڏي ٿيا بيزار آهيون، جهان جي رنج و مَحن جون ڳالهيون،
زَمينَ ٽانڊو، زَمانو ظالم، ڪَريون زَمين چا زَمن جون ڳالهيون.

اَميرَ ٿي ويا اَميرَ آهِن، غريبَ فاقي فِڪرَ ۾ آهِن،
جيئڻ مَرڻ ٿيو اُنهن جو مشُڪل، غريبَ ڪَن ڇا غمن جون ڳالهيون.

اسان جي وَستي، اسان جا ليڊر، اسان جا حاڪم، اسان جا راجا،
اسان جي لاءِ اڃان نہ ٿيا سي، اسين ڪريون ڪيئن اُنهن جون ڳالهيون.

اَنڌير ننگري جو راڄ چرپٽ، هَلان ڪري ٿو غريب تي هُو،
ڏکن جون ڪنهن سان ڪريون ڪهاڻيون، اکين جي لُڙڪن ڳلن جون ڳالهيون.

ڏڪاريو ڏارين، وِساريو پنهنجن، اسين بہ دل کي پَلي وياسين،
گُذر حَياتي اسان جي ائين ٿي، هزارين اهڙيون هُنن جون ڳالهيون.

عَجيب ماڻهو اسان جا آهن، مَرڻ ڪان پو ٿا ڇَون ڇگو هو،
قدر نہ جيئري ڪندا ڪو ڪنهن جو، ڇڏي ڏي ڪوڙن ڪرن جون ڳالهيون.

پُنگو ڪَکن جو، ڀِڻِن جي پَر ۾، پُراڻا ڪپڙا ڇِنِل ڪَٽولو،
اڃن ٿيون يادون اُهي سدائين، پَکن پُراڻن پڻن جون ڳالهيون.

مُخالفن تي زَوال ايندو، ٿي ويران ويندا اجها اُنهن جا،
اکين سان ڏِسندس انهن جي آئون، لبن تي پوين دَمن جون ڳالهيون.

حَسين ماڻهو، حَسين ڳالهيون، حَسين هَلچل، حَسين سوچُون،
حَسين مُرڪون، حَسين چِهرا، حَسين اکڙيون، حُسن جون ڳالهيون.

بَهار آيو اُتي اسر جو، خُوشيءَ جون باتيون ڪَري ٿي بُلبُل،
پَنن پَتن ۽ وَڻن جي ٽارين، گُلن ۽ غُنچن چَمن جون ڳالهيون.

دُنيا سَڄي آ تماشو بڻيل، گهَٽيءَ گهَٽيءَ ۾ مَداري آهِن،
جيئڻ نہ ڏينديون اسان کي جڳ ۾، مُنافقن مَٽ گهُرن جون ڳالهيون.

'جمال' جاڳي سَڄو آ جڳ پيو، اڃان نہ جاڳيو آهين تون جاني،
حَياتي باقي رَهي آ جيسين، ويهي تون ڪَر ڪي وَطن جون ڳالهيون.

## نياز پنهور
چامشورو



❋

رُڳي سار تنهنجي رُڳي سار آهي،
سڄو وقت دل جي مٿان ڌار آهي.

ٻل ڌرتيءَ کي تون گهاوَ ٿي گهاوَ ڏي پر،
ورياج سان گڏ ورائيندي هي اُڌار آهي.

سڄي ڳالهه ٿي وقت جي ڦير جي آ،
تنهنجي هٿ ۾ منهنجي ئي تلوار آهي.

ويهي محل ۾ تون چوين شهر روشن،
تون ٻاهر ٿي ڏس ته انڌوڪار آهي.

ڌڪاريو آ جنهن کي سڄي شهر وارن،
اياڳو اهو تنهنجي آڌار آهي.

روز بدلن پيون 'نياز' سرخيون هتي،
اسان جو هي جيون ڪا اخبار آهي.

## ادل سومرو
سکر



### بيت

آزادي جا ڏينهڙا، جن ۾ ڊپ نه ڪو،
باز نه ڏي پڙڪو، اُڏرن ڳيرا جهومندي.

مهل، مايا ڏات مان، ڪجهه نه ارپي ڇڏ،
رڳو نه ويهي اڏ، ڳالهين سان تون ڳوٺڙا.

سنڌو شينهن درياءَ، جنهن جا پنهنجا دڳ،
آهي ساهه جي رڳ، ڌرتيءَ جي وجود جي!

دانهون دريا شاهه تي، ننڍ اچان ايوان،
ڪچي ۾ انسان، ڇڻ نه رهن ٿي ڪين ٿا.

پنهنجي نالي جان هيو، سُهڻو سرجڻهار،
ٻوليءَ تان ٻلهار، موتي رهيو هر جاءِ تي!

کهڙو ڪنهن جو آسرو، مسافر تون هل،
توکي وات جَبل، پاڻ ئي ڏيندو مرڪندي.

پوپٽن جي ڳولا ۾، نڪتو آهين تون،
ڪيڏا نانگ وِڇون، آهن تنهنجي راهه ۾.

فتنا ۽ تڪرار، جاڳن ٿا هرجاءِ تي،
چانو ڏيندڙ وڻ جا، ودين ٿا هو ڏار،
وڪڻن ٿا هٿيار، گلن بدران آدمي.

پنهنجا هي ميرا، پير سنڀالي ڪڻ تون،
جاڳن ٿا ڌرتي ڄا، وِڪ وِڪ ڪانڊيرا،
خوابن جا پيرا، تون ڇا لهي سگهندين.



**اياز گُل**
سکر

## غزل

لڳو جو ٻاڳَ وانگي هو،
صَفا ويراڳَ وانگي هو.

اکيُن ۾ اوپرو سَپنو،
جَليو ڪنهن جاڳَ وانگي هو.

اَچي ٻَهراڻ وانگي هُوءِ،
۽ هُو جَڻُ ڏاڳَ وانگي هو.

اَلاءِ ڇا هُيو جيوَنُ؟
مِٺا! ڪِتراڳَ وانگي هو.

ٽِڙيو هُو ٽاڪَ پنهنجي تان،
وِڃايَل ماڳَ وانگي هو.

وَٺيو ڪاٺي زماني کي،
ٻَڪي هُو راڳَ وانگي هو.

◙

## غزل

سَڄڻ جو ساهُ حيراني!
وُٺي جو واهُ حيراني؟

ڏِٺِيل آ برف هيٺان جَڻُ،
تتيءَ جو تاءُ حيراني!

رُسامو يارَ سان حيرت!
رُسِي، پرچاءُ حيراني!

وڇوڙو ويو ڇڏي پويان،
رُڳو پڇتاءُ، حيراني!

ڪري وڄُ ڏارَ دُنيا کان،
ڏٺي وَڄُ آءُ، حيراني!

اسان جهڙا ٻه پالي ٿي!
هي ڌرتي ماءُ حيراني!

سدائين سنڌُ جو سودو!
امڙ تي داءُ حيراني!!

هَنيو هُنَ گُل ڪٽي هو، پر،
اُنهيءَ جو گهاءُ حيراني!

◙

## ج.ع منگهاڻي

ڪراچي

## غزل

عشق بنجي نٿو سوال ڪٿي،
عاشقن جو ڀلا ڪمال ڪٿي.

دور ٿي دور ٿو رهي هردم،
اهڙو چاهت ۾ آ مثال ڪٿي.

درد ملندا رهن تواتر سان،
پيو طبيبن جو آ زوال ڪٿي.

سوجهرن کان به مستعار وٺي،
اهڙو جيڏل ڀلا جمال ڪٿي.

ڏوهه ڪونهي اُفق ٿيو ڳاڙهو،
هو شفق آهي پيو گلال ڪٿي.

جو قيامت کان اڳ ملي ٿي نه ٿو،
سو قيامت ٿيو وصال ڪٿي.

سنڌ جو سور ٿو ناسور ٿيئي،
پيو ’منگهاڻي‘ نئون ملال ڪٿي.



## گلبدن جاويد

حيدرآباد

## تنهنجون سارون سنڀارون!

رڳو ساهه ڪي تنهنجون سارون سنڀارون،
پٽڪن ٿيون سوچون ڇڻ ڪونجن قطارون
رڳو ساهه ڪي تنهنجون سارون سنڀارون!

نه ساهه ساهه ۾ آ، نه ئي دل ٿي جهلجي،
هي روح اُڃايل پو ڪيئن ڀلا پلجي؟
ڳلن تان وهن ٿيون هي لڙڪن جون لارون!
رڳو ساهه ڪي تنهنجون سارون سنڀارون!

نه ننڊ نيڻ ٿا ڪن، نه دل کي سڪون آ،
اوهان جي پرستش ڪرڻ جو جنون آ،
لرزش ۾ جذبا- ڇڻ تنبوري تنوارون،
رڳو ساهه ڪي تنهنجون سارون سنڀارون!

تنهنجي زلف جي خم، چريو چاهه ڪيو آ،
۽ خوشبوءِ بدن جي، مون کي مست ڪيو آ.
ملين تون ته مرڪن اسان سان بهارون!
رڳو ساهه ڪي تنهنجون سارون سنڀارون!

فضائن ۾ رنگين ڪو احساس آهي،
وصل جي هوا ۾ گهُليو واس آهي،
من ۾ ڪڙي پيون گلابن جون ٽاريون،
رڳو ساهه ڪي تنهنجون سارون سنڀارون!



## ولي محمد وفا هوت

چرواڻ

# نظم

ويو سال سارو، اجان ٿو اچين،
ڪير ويس ڪارو، اجان ٿو اچين.
نہ ٿيو ’جنوري‘ ۾ مٺا ڪو ميلاپو،
نڪين ’پاڻ‘ پهتين نہ آيو نياپو،
اچي جيءَ جيارا ڏي جيءَ کي جياپو.
ٿيو ڪيئڻ ڪارو، اجان ٿو اچين،
ڪير ويس ڪارو اجان ٿو اچين.
مٺان موٽي آئي آ ’فيبروري‘،
اسان جي تہ سهڻا، نہ ساعت سري،
مٺا مل اچي، نات ويندس مري،
لڳان پيو اڌارو، اجان ٿو اچين،
ڪير ويس ڪارو اجان ٿو اچين.
مِٺا محب ’مارچ‘ بهاري ڪئي،
پپيهي تہ ٻولي، پياري ڪئي،
اچڻ جي نہ تو ڪا، تياري ڪئي،
لهي ويو لابارو، اجان ٿو اچين،
ڪير ويس ڪارو اجان ٿو اچين.
اُداسين ۾. ’اپريل‘ ڪاٽيم ڏکيو،
اندر دُود دل ۾ پي دلبر دُکيو،
پيو يار لوڙيان جو قسمت لکيو،
ٿيو ڏکيو آ گذارو، اجان ٿو اچين،
ڪير ويس ڪارو اجان ٿو اچين.
وري ’مئي‘ تہ موٽي، نہ موٽئين مٺا،
سوين سور صدما، مون تولئي سٺا،
هُجو شل حياتي، رهو پل رُٺا،
ٿيئس سور سارو، اجان ٿو اچين،
ڪير ويس ڪارو اجان ٿو اچين.
جڏهن ’جون‘ آيو، تہ گرمي بہ آئي،
تنهنجي تات دلبر، تہ دلڙي تپائي،
اچڻ جي مٺا ڪر، سگهي هاڻ وائي،
اچي ويو اونهارو، اجان ٿو اچين،
ڪير ويس ڪارو اجان ٿو اچين.
جڏهن ’جون‘ کان پوءِ ’جولاءِ‘ آيو،
اکين مان روئڻ يار تولاءِ آيو،
وڇوڙو اسانکي هتي هاءِ آيو،
ٿيو لوڪ مارو، اجان ٿو اچين،
ڪير ويس ڪارو اجان ٿو اچين.
جي ’آگسٽ‘ آيو تہ، آگم اچي ويا،
اُتر لاڙ ڪاڇو ۽ ٿر بر وسي ويا،
پٽر پٽ پوٺا پَلر سين پسي ويا،
وٺو ڪڇ ڪنارو، اجان ٿو اچين،
ڪير ويس ڪارو اجان ٿو اچين.
’سيپٽمبر‘ جي سهڻا وري رُت آئي،
ڏني ڪنهن خبر ڪانہ، تنهنجي تہ ڪائي،
نهي ڪا نہ پنهنجن سان پيارا رُڪائي،
ٿيو گوندر گذارو، اجان ٿو اچين،
ڪير ويس ڪارو اجان ٿو اچين.
آيو ’آڪٽوبر‘ ڪي ڏکڙا ڪٽي،
سڄڻ سونهن تنهنجي تہ وهوا وٽي،
وري آ ’وفا‘ جا، تون سڏڙا سٽي،
ٿيئس روئڻ هارو، اجان ٿو اچين،
ڪير ويس ڪارو اجان ٿو اچين.
’نومبر‘ اسان کي نهوڙي وڌو،
ڪير عرض آزيون خدارا ٻڌو،
ٽٽين ڪون پوندو، جو اڳ ۾ ڏُڌو،
مٺان آ سيارو، اجان ٿو اچين،
ڪير ويس ڪارو اجان ٿو اچين.
’ڊسمبر‘ جون جاني، جبل جيڏيون راتيون،
اوهان کان سواءِ، ڏکيون مون سي ڪاٽيون،
وڇوڙي جون مون کي ڪُهن يار ڪاتيون،
آيو پرهہ پارو، اجان ٿو اچين،
ڪير ويس ڪارو اجان ٿو اچين.
جدائي ۾ جاني مَٽي سال ويو،
اسان جو نہ توکي، ڪوئي خيال ٿيو،
’وفا‘ جو تہ هيڏو، صفا حال ٿيو،
ورهہ ڪيو واڌارو، اجان ٿو اچين،
ڪير ويس ڪارو اجان ٿو اچين.



**فخرالدين شاهہ**
سوپارو/چاچرو

## نعت

اسانجو عشق احمد سان ازل کان ٿي الستي آ،
مليو ميثاق کان منور مدامي موج مستي آ.

قربن قرب سان قابو قلب ۾ ڪِيرَ قائم ڪيا،
ٻڌي دل دام سان دلبر ڪئي دلدار دستي آ.

سچي سردار کي سونپي ڏنم سِر ساهہ ڪري صدقو،
حوالي ٿيس حبيبن جي حشر محشر جي هستي آ.

مدينو ملڪ محبوبن، پساهہ پويان پڇن تنهن ۾،
ٿيان سائيهہ ان ساڪن، پلاري پُون بستي آ.

قبر دنيا قيامت ۾، منهنجو حامي ٿيندو حضرت،
رسول الله منهنجو رهبر، اُنهي جي سرپرستي آ

”فخرالدين“ جو هٿ آ، تنهنجي دامن ۾ اي دلبر،
ڏسي شيطان هي شفقت، ٿيو خر خار خستي آ.

◙



**شاهہ مردان شاهہ**
چاچرو

## غزل

پري پيرا پرين پيارل، هينئين جو هار آ،
غريبن جو ۽ اُپرن جو، يتيمن يار آيو آ.


مٺي محبوب اڄ موٽي، ورڻ واري وِلهن تي ڪئي،
ٻڌين جا ٻار لاهڻ لئي، سچو سردار آيو.

نڪو سيٺاهہ نڪو ساٿي، اڳيان اونهون سُڃي درياءُ،
وسيلو ٿي اندر ويرن، ڪرڻ هُن پار آيو آ.

سسئي وانگر رهيس سُڃ ۾، نڪو حيلو وسيلو هو،
ملي هو پاٺهين پارس، پنهل پڳدار آيو آ.

رهيس مايوس پي ماندو، مدامي ’شاهہ مردان‘ چئي،
مگر اڄ اوچتو مون وٽ، مٺو منٺار آيو آ.

◙



**صدرالدين صدر هنگورو**
شاهڪپور-جاتي

## ڪلام

وسي پيو ملڪ ماروئن جي منديا ملهار پوءِ هلجي،
هوا سان هير ٽنڏيءَ ۾ اچي هُبڪار پوءِ هلجي.

’ڪراچي‘ پلر کان ’ڪيٽي‘ ’ڪيڙ‘ کان ڏس ته ’ڪارونجهر‘،
ڪٿي گهاٽا ڪٿي واٽوڪا ڪڪر ڪس ڪار پوءِ هلجي.


ڪڪر جي ڏس ته چوٽي مان ڪيا وچڙين وراڪا ڪيئن،
حُسن جي جڻ تجلي جي چمڪ چوڌار پوءِ هلجي.

سُونهن ٿا مال سان مارو ولر پنهنجي ڪي وارينڊي،
ڳنوارن ڳيت ٻيا ٻوليون ڪندا ٻڪرار پوءِ هلجي.

ٻانهياريون ٻهڪندي سِرَ تي ڪڻن ٿيون پيلڙا ٻهه ٻهه،
ٻلن سان آهي دوشيزه ٻڌي دستار پوءِ هلجي.

وُٺي ڪانپوءِ ٿر ڏسجي پٽن پاسي بهاريون جا،
گهٽيون گهر گام ۽ رستا گل و گلزار پوءِ هلجي.

ٻجا پيلا عجب ڪئين رنگ وليون جا گل جهلي بيٺيون،
وڻن ۾ مورَ مُڪرين ۾ لڳي مهڪار پوءِ هلجي.



**الله بچايو مشتاق آريسر**
ميرپورخاص

## نعت شريف

جا صفت ساراهه ڪريان، مصطفيٰ ﷺ مهندار جي،
هِت ضرورت آهي بس، اعليٰ ترين گفتار جي.

خُود خدا محبوب ﷺ جي تعريف ڪئي قرآن ۾،
اُن کان وڌ تعريف ڪنهن کان ڪونه ٿي سردار جي.

ٿا پڙهن الله سان گڏ، سڀ ملائڪ پڻ صلوات،
حاضري پريو درودن سان، نبي سرڪار جي.

شافع محشر جي رحمت جا سڀئي اُميدوار،
آهه بس درڪار، ڪوثر جام ۽ ديدار جي.

جيت، جٿيا ۽ جبل، وڻ، ٽڻ پکي ۽ جانور،
اُڀ، زمينون ڪن ثنا، عالم اجهي آڌار جي.

هر گهڙي ’مشتاق‘ شل، پڙهي نبي ﷺ جي نعت پيو،
پئي وسي رحمت جهان تي، سيد الانوار جي.



## محمد ٻارڻ
سجاول

# غزل

نہ اُداس ٿي نہ نراس ٿي، نہ ملول ٿي نہ ملال ڪر،
نہ تباهہ غم ۾ حيات ڪر، نڪي پنهنجو پاڻ بتال ڪر.

نہ سڪونِ قلب تلاش ڪر، نڪي ڳولهہ سُک ۽ قرار کي،
بنان ڏوهہ جي ملي درد ٿو، نہ سماج کان سو سوال ڪر.

رکين جو پيو اِها آرزو، تہ عنايتون ڪندو نيٺ ڪو،
ڇڏي آسرا ٻيا لوڪ جا، اُٿي همتن ۾ ڪمال ڪر.

نہ بهار پڇ نہ خزان کان پڇ پيو ڳولهہ يار جو ڏس پتو،
متان سچ لهي ٿئي راهہ گم، سدا جستجو کي بحال ڪر.

جڏهن عشق جي ٿئي انتها، تڏهن دردِ غم ڪو نٿو رهي،
سو مقلم ماٺي عروج جي، نئون نينهن ۾ ڪو مثال ڪر.

ڪڏهن نيٺ ’ٻارڻ‘ زندگي، بہ يقين آ ڪندي الوداع،
نہ غرور ڪر گهڻو اُن مٿي، نہ پسند جاهہ و جلال ڪر.



## بابُو جوڻيجو
ڳڙهي ياسين

# غزل

واهہ جيون تنهنجا رنگ،
عجب تنهنجا آهن ڍنگ.

ڪٽ وسندڙ ويڙها ويران،
آباد ڪئي ٿيا جهر ۽ جهنگ.

تيئن توهان لئہ منهنجو من آ،
شمع تي پچن جيئن پتنگ.

ڪي تہ ويچارا پٽ تي سمهن،
ڪنهن کي آهن ڪٽون پلنگ.

روز پيا ڪي ٿا ويس مٽائين،
ڪن جا آهن ننگا انگ.

ائين بگاڙين ڪي تہ مزن کي،
رنگ ۾ پُوندي آ جيئن ڀنگ.

پيار عليٰ الاعلان ڪبو جي،
سَهڻا پوندا ڏيهہ جا ڏنگ.

عاقل ڪاڻ ڪين پل ڪنهن جي،
ڪاڻ نہ ڪڍندا مست ملنگ.

’بابو‘ تنهنجي ننڊ ڦٽي آ،
ڪنهن لاءِ ويٺو چورين چنگ.



محمد بخش چانڊيو
ننگرپارڪر



عابد نياز ميمڻ
شڪارپور

## غزل

چني ساٽ سهٽا ڏڪاري ڇڏيو تو،
ڪري دربدر آ، روئاري ڇڏيو تو.

خطا ڪابہ مون کان قطعي ڪانہ ٿي آ،
پرين پيار منهنجو، وساري ڇڏيو تو.

ميجان ٿو وفائن جي منزل ڏکهي آ،
صنم بيوفا ٿئي پوڪاري ڇڏيو تو.

گلابن سان راهون، سجايون پرين مون،
نهارڻ سان چانڊئي ڪي ماري ڇڏيو تو.

مٺا ايئن نہ مارين ها، ’محمد بخش‘ ڪي،
جدائيء سان ڳٽتين ۾ ڳاري ڇڏيو تو.

## غزل

حسن جو ڪو ڪمال آ شايد،
سادگي بي مثال آ شايد.

پاسداري ڪري پيو ٽڪجي،
يا اهو خام خيال آ شايد.

موت آهي اٽل حقيقت پر،
زندگي جو سوال آ شايد.

آسمان ڏي پيو نهاري ٿو،
جنهن جو بي حال، حال آ شايد.

اعتبار جو پکي ويو اُڏري،
آيو چمن ۾ زوال آ شايد.

زندگي ٿو چئي تورڪي ’عابد‘،
زندگي جا محال آ شايد.



**غلام محمد ’غازي‘**
سکر

## هائيڪا

أت ملاح ونجهه هلاءِ،
منزل ويجهي آ پئي،
گيت خوشيءَ جا ڳاءِ.

سهڻي آ سنڌڙي،
هن ساري سنسار کان،
گهوريان تنهن تان جندڙي.

سانوڻ سندا ڏينهن،
گونج ڦٽي گلزار ٿيا،
ماريو ٺُنهن جي نيهن.

چوري چاهت چنگ،
گيت انوکو ڳاتو مون،
محبت لاتو رنگ.

تولئہ هي ڪجهہ ڪين،
پٽ تي ساوا گاهڙا،
مون لئہ چڻ قالين.

## بيت

پلپل ياد پون، جانب جون سي ڳالهيون،
موٽي شال اچن، ساڃيا ڏينهڙا سک جا.

توکان ٿيندي ڏار، منهنجو جيءُ جهُري پيو،
ڪوبہ نہ لهندو سار، توبن هن سنسار ۾.

جهڙو ڪنول گل، تهڙو تنهن جو مک پرين،
هلندو رهي هُل، ساري هن سنسار ۾.

آهي عشق اُساٽہ تن مَن تڙي ٿو پيو،
توبن اوندهہ ۽اٽہ جڳ سمورو ۽انئيان.

آءُ تہ ڪريون پيار، آهي جيڪو جڳ ۾،
جيون جو سينگار، اهڙو هوندو ڪونہ ڪو.

جنهن وٽ آهي پيار، سو نہ پسي ڏک ڏيهہ ۾،
سکيو منجهہ سنسار، هوندو هوت هميشہ لئہ



**مير مختيار ٽالپر**
............

# غزل

دل ۾ نہ لڪجان تہ خيالن ۾ لڪجان،
اسان کي تون پيارا، عشاقن ۾ لڪجان.

اسان خود کي رولي ٽڪا ڪونہ آهيون،
جي ليون توکي ليکڪ تہ ڪتابن ۾ لڪجان.

ڇڏي توکي پوڄا، پرين جي ڪٺي سين،
خدا! هي خطا تون، ثوابن ۾ لڪجان.

نڪي نرم لهجو، رکيو تو زمانا!
نڪي پنهنجي ساراهہ، رسالن ۾ لڪجان.

وطن تي بہ لِڪ پر، ملئي موقعو شاعر،
محبوبن جي ظالم، نقابن ۾ لڪجان.

رکي ٿي خزانہ ڳڻڻ کان مٿي 'مير'،
پوو بہ سنڌ آهہ، ڇو عذابن ۾ لڪجان.



**ڪريم جان پلي**
دولتپور

# وائي

واحدُ ڪين وسار
ادا ٿورو ٿِيءُ هوشيار.

ماڻهن جي هن ميلي ۾
ماڻهو ٿي ڏيکار
ادا ٿورو ٿِيءُ هوشيار.

ٻار نہ ٻئي جي ٻاريءُ تي
پنهنجي ڪائي ٻار
ادا ٿورو ٿِيءُ هوشيار.

ڪير نہ آهي ڪنهن جو ڪر
جوڳي واري ڪار
ادا ٿورو ٿِيءُ هوشيار.

ڪر نہ ايندئي دولت دنيا
ڏکيو ٿئي سنسار
ادا ٿورو ٿِيءُ هوشيار.

ڪر نہ پياري، نند 'ڪريم جان'
ساجهر يار کي سار
ادا ٿورو ٿِيءُ هوشيار.

**الهرکيو 'دَل' اُداسي**
بچا بند- پٿورو



# ڪافي

ڏاڍا ڏينهن لائي وساري ڇڏيو تو،
ڦري دل پوءِ دلبر ڌڪاري ڇڏيو تو.


سواءِ تنهنجي سهڻا مان روئندو وتان ٿو،
سيئي سور دل ۾ سانڍيو رکان ٿو،
وڇوڙي جي ڳنڍڻيءَ ۾ ڳاري ڇڏيو تو.

ڪيون جيڪي مون تونسان جاني جڏايون،
ڪيئيءَ معاف مون کي سي مڙئي مدايون،
اڃي تار مان مون کي تاري ڇڏيو تو.

منهنجي من جي جيڪا آس آهي،
سا پوري ٿي اڃان تائين نہ آهي،
اهو پيمان پنهنجو نہ پاري ڇڏيو تو.

'اداسي' اندر ۾ اڃان آس آهي،
پرين پيار تنهنجي سندي پياس آهي،
لڳو عشق 'دَل' کي اجاري ڇڏيو تو.

**مير حسن مير پلي**
چانيسري ڪپرو



# غزل

ڪرندو رهي ٿو پوءِ بہ ٿو چڙهندو وريو وڃي،
آخر اهو باعزم ئي منزل رسيو وڃي.

آ ڏوهہ بس اهوئي رڳو درگذر ڪيم،
تنهنجي ڪري زمانو ٿو ڇا ڇا چيو وڃي.

اهڙو تہ دل تي ڇانجي ويو آهين دلربا،
هر ڳالهہ ۾ اوهانجو ٿو نالو اچيو وڃي.

ڪيڏي بہ رنج ۾ هجان آهيان اُداس پل،
توکي ڏسيو ئي يار طبيعت ٺهيو وڃي.

ميجيان تو دل سان آهي، وفادار باوفا،
پر ڪا گهڙي تہ ان کي، الائي ڇا ٿيو وڃي.

ڪنهن غير کي ڇوڻ اهو آ عيب 'مير' لاءِ،
پنهنجت آ پيار ۾ ٿي ڪارڻ اچيو وڃي.



**زاهد ڪنيار**
ٽنڊو جان محمد

## سرائيڪي ڪافي

نگاهہ هڪڙي، ڪرم ڄي ڪرسين،
اسان ڏي ٻيڙي ٿي پار ويسن،
قسم خدا دي، اکيان دي، مٺي دي،
اسان ڪون ٿي بس خمار ويسن.

سخي سخاوت توسان دي هلدي،
اسان تہ سوالي توسان ڏي در دي،
اگڻ جي آسو اسان ڏي پيارا،
دِلان دي لهہ سڀ غبار ويسن.

حڪم هميشہ توسان ڏا هلدا،
اسان دي هي بس نماڻي عرضي،
اسان ڪون مايا سموري ملسي،
توسان ڏي ٿي جي ديدار ويسن.

حسن تُسان ڪون خدا ڏتا هي،
تُسان ڏا اعليٰ مقام سائين،
مٺي توسان ڏي، پيران دي پوسي،
چمن ٿي ساري بهار ويسن.

غلام 'زاهد' تُسان دي در دا،
ازل ڪنو هي، هميشہ رهسي،
دنيا سڄي وچ اسان ڏا سائين،
اُتم ٿي اعليٰ وقار ويسن.



**عبدالغني 'غني' هاليپوٽو**
ثابت آباد

❊

هينئين جو هار ٿو گهرجي اکين جو ٺار ٿو گهرجي،
دلِ بيمار کي دلبر، سنڌئي ديدار ٿو گهرجي.


وري واپس نہ ٿي هرگز ڏسي درياہ جي دهشت،
تري ٿي تار اونهي مان، فقط ميهار ٿو گهرجي.

اٿي ننڊ مان ڪري دانهون، نهاري پير ڏاگهن جا،
جبل جهاڳي جهري پيئي، پنهون پڳدار ٿو گهرجي.

چنيسر چام جي هوندي، هنيون ڇو هار تي هِرڪي،
مٽائي ور مٽي زيور، نياڳي هار ٿو گهرجي.

ادا مون کي عمر تنهنجا نہ گهرجن محل موچارا،
رهن مارو جتي مٺڙا وڃڻ تنهن پار ٿو گهرجي.

سوا ديدار دلبر جي نہ گهرجي ڪا ٻي دولت،
ٻنان ٿو پاند پايو بس 'غنيءَ' کي پيار ٿو گهرجي.



**علي اڪبر ھاليپوٽو**
ڪن- فارم

# غزل

ڏٺم باغ ۾، پئي، نظر يار توتي،
اڙي دل امالڪ، شھر يار توتي.

اٿئي محب اھڙو اڪين ۾ تہ جادو،
ختم سامري، جو سحر يار توتي.

اسان ڪان تہ ھرگز گوارا نہ ٿيندو،
اچي واء ڪرسو اگر يار توتي.

متان تاءُ سج جو لڳئي ناز وارا،
ڪريان ڇانو ٻٽجي ڇمر يار توتي.

سئين قد اڳيان ھار ڪاڏي صنوبر،
ھٽي ھار کھڙي شجر يار توتي.

ھنجھون روز ھاري اوھان لاءِ 'اڪبر'،
اثر ڪرنہ ٿئي ٿو مگر يار توتي.



**ارباب علي 'عادل' چوھاڻ**
شڪارپور

# غزل

منزل ناھي ڏور پکيئڙا،
پڇبو ماڳ ضرور پکيئڙا.

ڏک جا لمحا شال نہ ڏسندين،
رھين سدا مسرور پکيئڙا.

سک جا ڏينھڙا امن جو راتيون،
لھندين نيٺ حضور پکيئڙا.


جوڀن جوت جواني جانب،
ماڻيندين ڀرپور پکيئڙا.

ھرجاءِ تنھنجون روشن راھون،
لڳندين پيو پُر نور پکيئڙا.

چاھت جي دنيا ۾ سھڻا،
رکندين مَنُ مخمور پکيئڙا.

ھردم ڏيھہ ۾ راحت فرحت،
ڏسندين سک، سرور پکيئڙا.

'عادل' ڪي ٿي پنھنجو ھمدم،
پسندين ظاھر ظھور پکيئڙا.



فضل الله 'فدا' چانڊيو
ڪُنري

## نظم۔ نئون سال


ڪجان درگذر پنهنجي ڪاوڙ اجائي،
نئين سال ۾ آ گذارش اهائي.

اڳيون رنجشون درگذر ڪر پيارا،
نہ هن سال ۾ دربدر ڪر پيارا،
ملاقات پل مختصر ڪر پيارا،
ملڻ ۾ نہ ديريون مگر ڪر پيارا،
اڃان قرب تنهنجي ۾ آهي ڪچائي،
نئين سال ۾ آ گذارش اهائي.

ڊسمبر سڄو آسرن ۾ گذاريم،
شبِ و روز تنهنجون ٿي راهون نهاريم،
بنان وصل جي ڪونہ آرام آيم،
سنڌئي ياد ۾ ڪيئي راتيون وهايم،
صنم هاڻ گهرجي ٿي تنهنجي سچائي،
نئين سال ۾ آ گذارش اهائي.

مٺا دور گهاري تو مون کي ستايو،
وڇوڙي ۾ تو وقت سارو وڃايو،
مگر توکي مون سان نہ قسمت ملايو،
اوهان جو آ الزام مون تي اجايو،
پرين هاڻ اچ ڪر نہ مون سان پڪائي،
نئين سال ۾ آ گذارش اهائي.

ٿڌي آهہ موسم ٿڌي رات آهي،
مٺا مون کي تنهنجي رڳو تات آهي،
نہ ٿي سال پورو ملاقات آهي،
'فدا' سان برهہ جي نہ ٿي بات آهي،
سنڌئي ياد چانڊئي ۾ محبت مچائي،
نئين سال ۾ آ گذارش اهائي.



حيدر امانُ

## غزل

شيخ، عُلما، زمين ڪائي وئي،
ڪيڏا دانا، زمين ڪائي وئي.

توکي آڪڙ الائي ڇا جي آ،
تنهنجا وڏڙا، زمين ڪائي وئي.

منهنجون نندون جهَنّي ويو آڪاس،
منهنجا سپنا، زمين ڪائي وئي.

ذائقي مان صَفا نٽي جاٽي،
اٽيا سَٽيا، زمين ڪائي وئي.

دل جا ارمان سڀ هَوا ٿي ويا،
دل جا ٽڪرا، زمين .ڪائي وئي.

منهنجي دوکي سان دل ڪسندين ڪيئن،
اهڙا دوکا، زمين ڪائي وئي.

توئي چورائي هوندي منهنجي دل،
باقي هيو ڇا!؟ زمين ڪائي وئي؟




عبدالواسع 'عبد' سهندڙو
شڪارپور


## غزل

هي جوءِ سڄي ڪنهن لاءِ ادا، آباد بہ آ برباد بہ آ،
هي سونهن وري ڪنهن لاءِ بڻي، دلشاد بہ ناشاد بہ آ.

ڪنهن خون ڪيون عورت رنو، پو ڪيس هليو يا ڪيس هليو
ڪنهن جيب پري ڪنهن پيٽ پريو، فرياد بہ آ بي داد بہ آ.

جنهن ٻوهہ ڪيو هن سنڌ سندو، تنهن ڏوهہ ڪيو آ پاڻ وڏو،
ڪو مير هيو يا پير هيو، هر ذات بہ آ متضاد بہ آ.

ڪنهن قلم ڪڻي ڪو نظم لکيو قرطاس مٿان ڪنهن نثر لکيو،
ڪنهن بحر ڪنيو ڪنهن چند چڪيو، پابند بہ آ، آزاد بہ آ.

ڪٿ ٻمن جي هٿي برسات هلي، ڪو راهوجن ۾ رات رلي،
ڪٿ ويڙهو ٿيو ويران ادا، بيروت بہ آ بغداد بہ آ.

ڪٿ تتر ٻٽيرا روز چڙهن، ڪٿ ٻلر بکن ۾ پلهہ ٿين،
مجبور ڏٺم مغرور ڏٺم، شمشاد بہ آ ارشاد بہ آ.

هي عمر ائين ئي گذري وئي، ڪا صبح هي يا شام هئي،
ڪو خيال هيو يا خواب هيو ڪجهہ وسري ويو ڪجهہ ياد بہ آ.

هڪ درد هجي ملن درد لِکان، هڪ سور هجي مان سور سهان،
هي ڏيهہ سڄو آ ڏاڍو ڏکي، هڪ 'عبد' بہ آ استاد بہ آ.




غازي جمالي
سکر


## غزل

گلابن کي ڪرين حاصل تہ خارن کان نہ ڊڄندو ڪر،
وڃين سائر جي وچ ۾ جي ڪنارن کان نہ ڊڄندو ڪر.

محبت جي مريضن جي دوا ناهي مصيحا وٽ،
رچين جي رنگ اهڙي ۾، ميارن کان نہ ڊڄندو ڪر.

نهارين چنڊ ڏي تون تہ مٿان چغلي هٽي اُڀ تان،
وڃين محبوب ڏي جنهن دم ستارن کان نہ ڊڄندو ڪر.

اگر ماحول منجهي پو بہ ڇا ٿيندو اسان ساڳيا،
سوالن ۽ جوابن ۾ اشارن کان نہ ڊڄندو ڪر.

ڪٽايو سِر هيو فرهاد جو شيرين جي اُلفت،
پسڻ چاهين پرين کي جي پو وارن کان نہ ڊڄندو ڪر.

نہ پَٽ ساهي، تون ٿي راهي، پرين وٽ پيچ وڃي جلدي،
ڪري تو انتظاري هو، تون چارن کان نہ ڊڄندو ڪر.

وڃين 'غازي جمالي' جي ملڻ سهڻي سڄڻ سان تون،
پو دلبر يار جي تون ديس وارن کان نہ ڊڄندو ڪر.



عاجز ڪريم پوري
دڙو

## غزل

تُوکي سارڻ! سَمجهان ٿو ثواب جانان!
رَهيو آهين روحَ ۾ ٿِي رَباب جانان.

ڇَئي پَل ڪو مُشرڪ! مُحبت ۾ تُنهنجي،
مُنهنجي مَنَ جو آن تُون ماهتاب جانان.

تُصورَ ۾ توسان ڪَيان روحَ رهاڻِيون!
مُنهنجي عشق جو آن تُون اِنتخاب جانان.

تُنهنجي تَئُونس ئَن ۾ وَڌي پَئي ويتر!
پياريو ڪو اِهڙو اَٿئي آب جانان.

مُحبت ۾ مَتجن ٿا يارَ موسَمَ جِيئان!
آهن ڪِٿ اَگَوڻا سي احباب جانان.

مُنهنجي دل ۾ تُنهنجو هَٽي عشق چوليُون،
آهيان اَنس تُنهنجي ۾ بيتاب جانان.

مَتيو مُنهن نہ 'عاجز'! تُنهنجي ذات ڪان ڪو،
ڪَيو تو جُهِي آهي لاجَواب جانان.



ڪوثر هالائي
هالا

## غزل

عشق جي هٿي اڻپوري ڪهاڻي پنهنجي دل،
ڪڏهن تہ هئي پر دلين جي راڻي پنهنجي دل.

دل تہ وفائن جي ڏڌ تي پئي يار ڪُڏي،
ڪانہ هئي ڪا ايڏي سياڻي پنهنجي دل.

جوڙيا جو آڪيرا ساڙ سڙين پرسان،
پڙڪو ڏيئي وڻ تان اڏاڻي پنهنجي دل.

روز هتي ٿي جنگ لڳي احساس مرن،
ڪانهي فرنگي هيءُ مياڻي پنهنجي دل.

آديسن جي ايڏي چو ٿي سار اچي،
راهہ ۾ ريئي آ جوڳياڻي پنهنجي دل.

وَرَ ڪي هيل نہ ڪجهہ آ مليو وندي، مان،
روئي پئي پريان هارياڻي پنهنجي دل.

ايڏو ڪٿي مجبور هئين مان جاڻان ٿو،
تو تہ وساري ڄاڻي واڻي پنهنجي دل.

ڪو تہ ڪڍي ريو ڪوري ڪالر ڪر وارو،
ٿي ريٺي اخبار پراڻي پنهنجي دل.

## غلام رسول غرق

### غزل

هر انگ ۾ هر ڍنگ ۾، تنهنجي صنم تصوير آ،
دنيا سڄي هر رنگ ۾، تنهنجي صنم تصوير آ.

چارسو آ حسن تنهنجي جي وڇايل روشني،
هر گلستان جهرجهنگ ۾، تنهنجي صنم تصوير آ.

تنهنجي ڏنل هر درد ۾ آهي سمايل هر خوشي،
تنهنجي هنيل هر سنگ ۾، تنهنجي صنم تصوير آ،

بي انتها وايو منڊل، هيڏي وڏي آڪاش ۾،
توڙي ننڍي هر ننگ ۾، تنهنجي صنم تصوير آ.


سُر ساز ۽ آواز سان، گڏ رُوح جي رفتار سان،
دل جي تہ چُرندڙ چنگ ۾، تنهنجي صنم تصوير آ.

واڪاڻ وڏ ڪهڙي ڪيان، تنهنجي مٺا سينگار جي،
زلفن سندي هر ونگ ۾، تنهنجي صنم تصوير آ.

محبوب جي تعريف آ، هر بيت وائي شاهہ جي،
ملهار ۽ سارنگ ۾، تنهنجي صنم تصوير آ.

مان ڇا چئي وڏ ڇا چوان، بس ايتروئي ٿو چوان،
هن عشق واري ڏنگ ۾، تنهنجي صنم تصوير آ.

مهراڻ جي موجن اندر ٿي غرق چوپاسي ڏٺم،
هر سِير ۽ هر ڏنگ ۾، تنهنجي صنم تصوير آ.



## بيتابُ ناپر

شڪارپور

### غزل

جاني آهيان، تنهنجو سايو گڏري ٿو،
ايئن ٿو پانئيان ڪو سنڌ جائو گذري ٿو.

جيستائين ميل ملاقاتون ناهن،
تيستائين درد سَوايو گذري ٿو!

منهنجي مَن ۾ ساهُ اوهان جو ٿو گذري،
تنهنجي تن ۾ ساهُ پرايو گذري ٿو.

چانڊوڪيءَ جا ڪُجهہ ڏي ڪِرڻا چنڊ مون کي،
اونداهيءَ ۾ وقت اجايو گذري ٿو.

تنهنجي گهر جو سُرمو مون کي پاتل آ،
لڙڪن رستن سو سرمايو گذري ٿو.

مون کان منزل ڏُور اجا ڪيڏي مؤلا!
رستي رستي پيرُ ٿڪايو گذري ٿو.

**ياسين ڪنير**
پنوعاقل



## اوچتو اوچتو

يار ديدارُ ٿيو اوچتو اوچتو،
نينهُن نروار ٿيو، اوچتو اوچتو.

هيٺو هيٺو هُيس دل پريشان هُئي،
مَنُ مزيدار ٿيو اوچتو اوچتو.

سالَ گذري ويا سارَ سِڪَ ۾ سِڪي،
پڌرو سينگار ٿيو، اوچتو اوچتو.

وارَ وکريا تہ ٿي خوشبو هرجاءِ تي،
عَطرُ ڦوهارُ ٿيو اوچتو اوچتو.

اڄ تہ ياسينُ ڪپڙن ۾ ماپي نٿو،
پيدا اڄَ پيارُ ٿيو اوچتو اوچتو.

**مجاهد مُعتزّ**
سڪرنڊ

❊

مان رُئل هِتِ يار جان رهجي ويسُ،
چئ گلن ۾ خارَ جان رهجي ويس.

ڪنهن بہ مون کي ڳل نہ لاتو عيد تي،
چورڙي چئ ٻارَ جان رهجي ويس.

گل سندا گلزار ٿي ويا چوطرف،
مان سُڪَل ڪنهن ڏار جان رهجي ويس.

پاڳ منهنجو ٿر جيان مون کي لڳو،
بيوفا جي سارَ جاڻ رهجي ويسَ.

پنهنجي پياري ڳوٺ ۾ ٻيي دوستو،
مان پراڻي نارَ جان رهجي ويس.

شهر ۾ رهندي بہ مون کي ٿو لڳي،
جهنگ ۾ جئ آرَ جان رهجي ويس.

پيار پنهنجي جي ڪٿا مان ڇا لڪان،
سوپ ۾ بہ هارَ جان رهجي ويس.

مون مجاهد کان رسي ويو مهجبين،
مان پنهونءَ جي پيارَ جان رهجي ويس.



## قائم الدين قائم ماڇي

لطيف ننگر

# ڪافي

مون کي نينهن پڙهائي نماز،
برهه لڳو آ باري باري.

عشق چوٽ اٿموٽ اهڙو ٻتم آواز،
وائي پرين واري واري.

سندي ڪات رکج تات اهڙو معشوقن مجاز،
جتي جام ڪسڻ آ جاري جاري.

’قائم‘ قول ڪيئي ٻول اهو ساري وڃائج ساز،
جيڪا سٽ پرين آهي پاڙهي پاڙهي.

# ڪافي

سڄ سڌ سڀاجها آهيان منجهه اونهي،
ڪرم ڪر تون قادر ٻيو يار ڪونهي.

خطادار آهيان بخش ڪر تون مولا،
ٿين مون ٽڪي جا سفر ساٿ سولا،
ڪيم ڪنين ڪچايون هٿان منهن مُوني.

ڪر بخش بديون آهيان آسري ٻر،
لنگهائج لطف سان آهيان تاسري ٻر،
ڪر معاف مديون ٻيو پار ڪونهي.

ڪرم ڪر ’قائم‘ تي ڏکڻ تون ڏلايون،
سوالي تي سائين يلا ڪر يلايون،
ڏي ڏان مون کي ٻيو ڏاتار ڪونهي.



## ڏاتل خان چنا اُداسي قلجي

قلجي وليج

# وائي

ٽُنهنجا حُڪم مَڃان، توکي شال وڻان،
توکي شال وڻان!

ٽُنهنجي ٽوري جا، مَغروري جا،
پيو تو سُور سَهان، توکي شال وڻان،
توکي شال وڻان!

لَبڙن جي لالِي، مَست ڪيو خيالي،
رَمزن ۾ رَهان، توکي شال وڻان،
توکي شال وڻان!

سِر جو سَائين ٿُون، ڏاهِين ٿاهين ٿُون،
تون ڪِل تہ ٽَران، توکي شال وڻان،
توکي شال وڻان!

جنهن وَاٽ اَچين، سَا واسي چڏين،
ٿو ’اُداسي‘ رَهان، توکي شال وڻان،
توکي شال وڻان!



## امر کُهاوڙ

ميرپور ماٿيلو

### وائي

چو ڏنءِ ڪاوڙ منجهان؟
آئينو ٽوڙي ڇڏيئہ!

بي ڌيانيءَ مان ڇڏي،
فرش تي پنهنجي هٿان،
آئينو ٽوڙي ڇڏيئہ!

تو ۾ مُنهنجو عڪس ڇا،
بار هو تنهنجي مٿان،
آئينو ٽوڙي ڇڏيئہ!

پاڻ کي هاڻي ڪِٿي،
ٿي پسين سينگار سان،
آئينو ٽوڙي ڇڏيئہ!

ڇا اِهوئي خوف ٿيئہ؟
سچُ ڳالهائي مٿان،
آئينو ٽوڙي ڇڏيئہ!

## اصغر جتوئي

### وائي

آءُ اج آخري پيرو
پري رکي سڀ رنجشون، پيار مان ملون!
آءُ اج آخري پيرو.

پنهنجن گناهن تي پرين! پاڻ ٿي روئون!
آءُ اج آخري پيرو.

چانڊوڪيءَ ۾، واهہ جي ٽاپ تي ٽِلون!
آءُ اج آخري پيرو.

پنهنجين ننڍڙين ڳالهين تي، پاڻ ٿي کِلون!
آءُ اج آخري پيرو!



**محمد قاسم ڪلوئي**
ٽنڊو جان محمد

## غزل

همنشينو! وقت جيءَ رفتار جون ڳالهيون ڪريون،
بي يقيني دؤر ۾ سهڪار جون ڳالهيون ڪريون.

هر طرف بارود، گندرف جي گهُٽلي پئي آ هوا،
اڄ گلن، مکڙين، سنڌي هُٻڪار جون ڳالهيون ڪريون.

ڪلهه پشاور ۾ گهٽائي گُل وَيا ڪومائجي،
اڄ يزيدن جي ڪيل يلغار جون ڳالهيون ڪريون.

ٿر مٿي مشڪل جا ڪيڏا ٿا ڪڪر ڇانيل ڏسون،
جو دوائن لئه مري، اُن ٻار جون ڳالهيون ڪريون.

پيٽ بکيا انگ اگهاڙا، هي ٻلا مارو ڏسو،
اَنُ گدامن ۾ سڙي، انبار جون ڳالهيون ڪريون.

اڄ به 'قاسم' هو وٺي پيو رشوتون راشي گهڻيون،
صاحبِ اختيار جي ۽ ڪردار جون ڳالهيون ڪريون.

◙



**مُستقيم 'بازيدپوري'**
ڪنڊيارو

## غزل

ڇنان ڪيئن هان، نينهن توسان، پيارَ جَهڙو هو،
ڪَچو ڪونہ هو، سَچو سِڪ جو تہ سارَ جَهڙو هو.

ڪٽي روز آيو، نوان ڪي، دردَ جا سِلسلا،
پرين عشق پنهنجو ٻہ، ڪنهن اخبار جَهڙو هو.

اُٿي ڪٽي هَليو، ڪِٽي وري، ڪِري اُٿيو ٻي،
سَجڻ حوصلو تہ پنهنجو، نندي ٻارَ جَهڙو هو.

وقت جي وکَرَ ۾، ڪَنهن ريلَ جي اسٽيشن تي،
جَلو هي جيءُ، اَڄُ ڪُٽي، انتظار جَهڙو هو.

مَجي ڪانہ منصور، حَقُ سِوا، ٻي مامَ ڪائي،
سَندس وَلوَلو، ڪانئرن لئہ، تِکي ترارَ جَهڙو هو.

ٻيا سَڀَ رنگ، سانتِ جا، وڏا نِرالا هيا پَر،
الاءِ ڇو لهجو تُنهنجو، تہ انڪارَ جَهڙو هو.

سَهي ڪين سَگهيو، سَٽون سُورَن سَنديون،
ٻتو آ هيل، 'مُستقيم' بيمارَ جَهڙو هو.

◙



## اقبال شاهين
جاتي

※

هي درد ئي تہ آهن کهرام زندگيءَ جو،
زخمن هٿان ٿئي ٿو نيلام زندگيءَ جو.

پنهنجي وجود ۾ خود تون پاڻ کي وڃائي،
آ شرط عشق اوّل گمنام زندگيءَ جو.

پنهنجي نصيب کي ٿو عاشق مزاج روئي،
ٻيو ڇا ڪري سگهي پيو بدنام زندگيءَ جو.

اهلِ جنون وفا جو ڏوهي قرار ڏي ٿو،
ان جي ڪري قبوليم الزام زندگيءَ جو.

انسانيت جي خدمت جنهن وقت تي اُپاري،
لمحو اهو ئي آهي انعام زندگيءَ جو.

بيڪار تون ڪمن ۾ ڇو وقت پيو وڃائين،
راضي رکڻ خدا کي اڪرام زندگيءَ جو.

بندي جي من ۾ هڪڙي ٻي جا خدا ڪري ٿو،
ڪهڙي خبر ٿيئي ڇا انجام زندگيءَ جو.

ڪيڏيون عجيب آهن جوين جون راتيون سڀ،
’شاهين‘ ڪان جدا آ گلفام زندگيءَ جو.



## اسد ’جمال‘ پلي
عمرڪوٽ

### وائي

جاني اوري آءُ،
املهہ ڳالهہ سڻائيان.

ڪرُ ڪمندن ڪان سِکي،
هَڙ هُوڙائي ڪاءُ.

”وَمِنۡ شَرِّ حَاسِدٍ“
باري ڪَجُ بچاءُ.

توحيد جي تند سان،
نِبريو سڀ نياءُ.

وڙ ڪري والي ڏنا،
سنڌ، سنڌو درياءُ.

پيار جي پالوٽ ٿي،
پرينءَ ڪيو پرچاءُ.

والي شال مَ وارين،
وڇوڙي جو واءُ.

تنهنجي ئي ’جمال‘ جو،
هر هنڌ آه هُڳاءُ.



**سلمہ پنهور**
ميلبرن

## غزل

کلهہ رات هُئي حسين ۽ پوين پهر هُيو،
ڪنهن ڪي ڏٺو هئم خواب ۾ ڪو بي مهر هُيو.

هر شخص پُرخلوص هو، هر شخص باوفا،
مون کي يقين هو تہ هُو جانم جو شهر هُيو.

محرومين ۾ پاڻ لاءِ پناهون تلاش ڪيم،
نہ تہ شهر منهنجي ۾ ڏايو قهر هُيو.

ڪيئن مان بچي ويس هي معجزو ئي تہ آ،
هُن نفرتن جو پيارو مون کي زهر هُيو.

هي ڪنهن رکيا ها هٿ منهنجي اکين تي،
نہ تہ رات ڪان پوءِ آخر ٿيڻو سحر هُيو.



**ثمينہ ميمڻ**
ڄامشورو

## غزل

مُرڪي مُرڪي درد سمورو،
دل ئي دل ۾ لڪائي ڇڏبو.

ڪير ڏکي ٿئي ڇو مان چاهيان،
صبر جو ڏيئو جلائي ڇڏبو.

جنهن پل مون وٽ ايندي سائين،
روئي پاڻ کِلائي ڇڏبو.

توڙانهن ايندڙ هر رستي کي،
ذهن پنهنجي تان ميساري ڇڏبو.

تنهنجي ياد کي ڪن لمحن لاءِ،
حڪم تنهنجي تي ڀُلائي ڇڏبو.

## غزل

جو نہ چاهيم لکڻ سو بہ لکجي ويو،
جي لِڪائڻ چاهيم نہ لکجي سگهيو.

هُو بہ ڏُور ٿي ٿيو منهنجي ير ۾ هوندي،
نہ وسارڻ چاهيم تہ بہ وسري ويو.

هُو بہ پنهنجو هُئو آءٌ سمجهي ويٺس،
ڪرڻ پنهنجو چاهيم، ٿي نہ پنهنجو سگهيو.

هُو بہ روئي ويٺو ياد شايد ڪري،
رات جي اُماوس ۾ اونداهيءَ رات ۾.

مايا ساگر اوڊ
ٽنڊو الهيار

## بيت

شڪتي شالي ڇڏ نہ تون، ساڳو سَڀ ڪي ساهہ
ٻهڻو آ پل ناهہ، جيون گهڙڙو ريٽ جو!!

ڏَر ڏَر جن جي آ سدا، ساجهر سُرندي سُور،
مُرليءَ جا منشور، سور سفر آ سامين!!

اکيون چاهت واريون، تو جو ڪنيون يار،
هينئين تي ڄڻ هار، جيون ۾ تنهنجو اچڻ!!

تن من سان ڪر تپسيا، پائيندي تون پاڻ،
ڏاڍو ڏکيو ڏاڻ، مايا آهي عشق جو!!

جيون سگريٽن جيان، جلندي ٻڻيو خاڪ،
تنهنجي محبت ماڪ، مون کي آ اُتساهيو!!

راتا رمزون روح جون، ڪيڏو تنهن ۾ درد،
کولي ڪر تون ورد، قلب ڪتابي آ سندو!!

ڪوري ڪيجن قلب مان، ساڻ نہ ڇڏين سور،
دلبر آهي دور، مايا ڪهڙي دلبري!!

سور چمان سسئي جيان، ساجن اربي سور،
هليو ڪونهين ڏور، ساڪي رهجان سنڌ تون!!

◘

نجمہ پنهور
چامر شورو



## برٿ ڊي

برٿ ڊي ڪيڪ تي ٻرندڙ ميڻ بتين کي وسائڻ سان
ڪڏهن وسامندا بہ آهن، هي روز ملندڙ ڏک
جن کي ڇُهي نہ سگهيو
وقت جو فاصلو
وقت جو فاصلو جنهن ۾ گُم ٿياسين
تون، مان ۽ هزارين
اڄ رات هر سال انهيءَ طرح گذاري اٿم جيئن ڪوئي
تهہ خاني ۾ ويهي ڪري نڪرڻ جو حساب
۽ ميڙيان ٿي ٽٽندڙ خواب
ڪير ڪڏهن ڪهڙي منزل تي مليو
ڪيئن وڇڙيو، ڪٿي وڇڙيو
دوست ڪيئن ٿيا جان جا دشمن
غير ڪيئن ٿيا ساهہ کان بہ ويجها
ڪنهن کي فرصت آهي، ڪري انهن جو حساب
۽ ڪريان بہ تہ ملندم ڇا؟
آخرڪار اُهوئي وقت جو فاصلو
جنهن ۾ ٻئي پاسي رکيل آهي
گُم ٿيل وقت ۽ لمحن جو ڪتاب
۽ هِن طرف صرف خواب ئي خواب
جيڪا بہ رُت آئي، ٻِڙندا آهن
تنهنجي يادن جا ڪنول، تنهنجي جدائي جا گلاب

◘

# لوڪ ادب



سَگهڙ محمد قاسم راهمون
چاچرو

## سينگار (بيت)

صورت سينگاري، آهي مورت موچاري، واه جي پياري
کيا سُهڻل سورهن سينگار عجب.
مُک ماهتابي، گِل گلابي، رنگ رڪابي، اُپرن آبي، لئون جي لابي،
واهه لکين موهيا لک بار عجب.
پرونءَ جاڙا، اُپن آڙا، مُنهن مُهاڙا، ساجن سُمهاڙا، ڪاتيءَ ڪُهاڙا،
واهه قُربئون ڪُنا ڪنّار عجب.
ڪجليون ڪاريون، قهر ڪنّايون، مِرگهه موچاريون، سُرمي سينگاريون
واهه اکڙيَن جا اُپنّار عجب.
گهورن گهايا گهوٽ هزارين، مورڪن ماريا مرد هزارين، اکڙيَن ماريا عاشق هزارين،
ڏسي آهه منجهان اِسرار عجب.
جانب جمالي، لب تي لالي، ڪَيف ڪمالي، چاهه چِٽالي، مورت مثالي
واهه نيڻ نماڻا نِروار عجب.
ڏاڙهونءَ ڏندن، سُهڻا سندن، بازو بندن، چوٽا چندن مِڙيا مُندن
واهه ماهه لقا منٺار عجب.
موتيو، مگرو مهڪ موچاري، چاهه چنبيلي چَمڪ چوڏاري ساجن پنهنجي سِينڌ سَنواري
واهه ڪئين رنگ بنايا رُخسار عجب.
ريشم روحاني، زربفت زاهداني، نرگس نوراني، اطلس ايراني.
واهه ويس پرينءَ وينجهار عجب.
شاهي شال، لوئيءَ لال، ريشم رومال، ڪَنجُري ڪَمال، ڪيا بَخمل بتال
واهه اَرمق عَنبر اَنار عجب.
سهڻو صنوبر، مُشڪ عنبر، دِيدان دلبر، ڪئين رنگ بنايا رهبر
واهه هر هنڌ گُلي هُبڪار عجب.

هاڻ اچون ٿا شالامار باغ ۽ نشاط باغ جي سهڻي سير تي. هنن باغن تي ٻيڙين رستي گهڻا ويندا آهن. پر اسان ٻيڙين جو سير گهٽ ڪيو هو تنهنڪري خشڪي جو سير پسند ڪيوسين. آرتوار جي ڏينهن هنن باغن ۾ وڏو ميلو لڳندو آهي. اڄ آرتوار جو ڏينهن آهي. جو اسين به ٽانگو ڀاڙي ڪري باغ جي ميلي ڏانهن روانا ٿياسين. اسان کان اڳ توڙي پوءِ ڪئين سواريون انهي رستي تان باغن ڏي ٿي ويون ۽ ٻيڙين ۾ به گهٽيئي ٿي ويا. موٽرون ۽ موٽر لاريون به ويون ٿي. اسان سان هڪڙو ڪوئيٽا جو نوجوان هندو شامل هو. هي به ڏاڍو شوقين ۽ سير ڪندڙ ماڻهو هو. شهر مٿي اڳي ٿياسين ته تخت سليمان جي ٽڪري آئي، ان تي پيادل وڃبو آهي. مٿس وڏو مڪان ٺهيل آهي. هندوئن لاءِ جدا ۽ مسلمانن لاءِ ڌار پاڻي وغيره جو انتظام آهي. هتي هڪڙو هندو فقير رهي ٿو جنهن جي هٿ ۾ سنڀال آهي. هن جي عزت به گهڻي آهي. چيائون ٿي ته هتي حضرت سليمان تخت رکيو هو ۽ هتي ديون کي حڪم ڏيندو هو. ديون ۽ پرين جا تماشا ڏسندو هو. نهرن ۽ چشمن کي سڌارڻ لاءِ ديون کي حڪم ڏيندو هو. هتي مندر ۾ هڪڙي تصوير ۽ هڪڙو پراڻو بت ٺهيل آهي. جنهن کي حضرت سليمان جي شڪل چون ٿا. هندو ماڻهو اڪثر ڪري گهڻا ايندا آهن. هتي هڪڙي درويش جي تربت آهي. هتي به چڱي رونق آهي. ٽڪري مٿياسين ته چوڌاري ميوات جا هزارين وڻ نظر آيا ٿي. ڪي توت ڪي ناسپتيون ۽ صوف ڪي زردالو ۽ انار وغيره، گهڻن قسمن جا بيشمار وڻ هئا. چوڌاري وڏن ماڻهن جا بنگلا باغيچن سان گلزار ٿيو بيٺا هئا. ۽ ننڍين ننڍين ٽڪرين تي راجا صاحب جا ڪئين بنگلا ٺهيل هئا ۽ ڪي اڃا ٺهيا پئي ڏاڍو چڱو ڇهڇٽو هو. پلٽن جا به ڪيترائي تنبو ڏنڊن جي ڪپ سان ڏسڻ ۾ آيا ٿي. رستي سان سفيدن ۽ چنارن جا سهڻا درخت بيٺل هئا. ڪجهه پنڌ کان پوءِ هڪڙي پهاڙ جي اڌ ۾ هڪڙو پراڻو محلو ٺهيل هو. چيائون ٿي ته پرستان آهي پريون انهن جبلن جي غارن مان نڪري انهن محلن ۾ رهنديون هيون. پوءِ اچي حضرت سليمان جي اڳيان ناچ ڪنديون هيون. پوءِ جي اهي ڳالهيون اعتبار جوڳيون نه آهن، ته به هتي عام آهن. ننڍو وڏو چوي ٿو ته هي ملڪ ديون ۽ پَرِيَن سان ڪنهن سمي ۾ ڀريل هو. ۽ چون ٿا ته هتي حضرت سليمان جو تخت هو. پر انهن ڳالهين سان اسان جو مطلب ڪونهي باقي هي ملڪ آهي اهڙو نزاڪتدار جنهن کي پرستان چوڻ ڪو عيب نه آهي.

**صوفي روشن الدين 'روشن'**

**ڪتاب: 'سير ڪشمير'**

ص56_57_58 تان ڪنيل

چپائيندڙ: بزمِ ادب صوفي فقير، وايا ڊورو نارو

ضلعو عمرڪوٽ

واري سان ڪڏهن ماٿس وٽ، ڪڏهن پيٽس وٽ، ته ڪڏهن پٽس وٽ، ته ڪيڏي مهل مرگهو ڏاڏيهينس جي هنج ۾ گڏهه تي پئي هلي.

سک جون مختصر ساعتون ويندي ويرم نٿي ڪين ٿيون ڪن. ڪن پل ۾ گذريو وڃن، پر ڏکن ۽ ڏوجهاون جا ڏينهن ورهيه ٿيو لڳن. بکن کان بيحال ماڻهن توڙي مال جي وِک ڪانه ٿي وڌي. پنڌ کونه ٿي کٽو. مٿان وري ڪاڙهي جي باهه. نِيهان (اونهارو) جي سِجَ کي پلا پيو ڪم به ڪهڙو! مٿان ڪاڙهو، هيٺان تتل واري وري وڻ نکو ٽڻ. ويهجي ته ڪٿي ويهجي! ٽڪ پيڻ لاءِ ساهي پَٽجي ته ڪٿي پَٽجي! نه چانوَ نه ڇانورو. تتل واريءَ تي ڪٿي ڪٿي پروڪي گاهه جا سڪل پوٽا، جن تي ڏِڳيون اونٺيون ٿيو وڃيو ڪِرَن، پر ماڻهو ڇا ڪائين!؟ واريءَ جي ڍِبن جي اڻ ڳڻ سلسلن وچان هيءُ قافلو گهربو سِربو هلندو رهيو.

هڪ شاهي ڍِب جي اوٽ مان نڪري هيءُ قافلو جيئن ئي نروار ٿيو ته ڪين پري کان هڪڙو نم جو گهاٽو وڻ ڏسڻ ۾ آيو. هو سڀ ئي ڏاڍا سرها ٿيا ۽ معمول کان وڌيڪ تکيون وِکون کڻي اوڏانهن وڌڻ لڳا. سندن دلين ۾ وڏيون اميدون جاڳيون هيون: نم جي وڻ جي موجودگي معنيٰ ٽڙ (ڳوٺ) جو هجڻ. ٽڙ جو هجڻ معنيٰ کوهه جو هجڻ. کوهه جي موجودگي معنيٰ پاڻيءَ جو هجڻ، ۽ پاڻي معنيٰ زندگي.....!

پر جڏهن اُهو قافلو دلين ۾ اپري آيل اميدن سان اُن نم جي وڻ وٽ پهتو. تڏهن ڪين حال حقيقت جي ڄاڻ پئي ته کوهه پاڻيءَ کان خالي هو. ٽڙ انسانن کان آجو هو. ڇاپري واري هوٽل جو چُلهو ٻُڌل هو. لڳو پئي ته هتي جا رهواسي پڻ مهينو کن اڳ ئي ٽپڙ کڻي راهي ٿي ويا آهن. مانيءَ ڳيي ۽ پاڻيءَ لپ جو آسرو ته لٿو. باقي نم جي ڇانوَ جا مزا خوب ماڻيائون. ڍڳيون ويٺيون، گڏهيون ويٺيون ۽ ماڻهو به ويٺا. ساهي پٽيائون، ٽڪ ڀڳائون. خالي اکين سان هڪ ٻئي ۾ نهاريائون. سندن اکين ۾ بنا پاڻيءَ جي سمنڊ اٿلي پيا. ڪنهن جي به اکين ۾، ڪنهن جي لاءِ به، ڪابه ميار ڪانه هئي. هيءَ تہ قدرت جي ڪارسازي هئي. هِن ۾ پلا رونجهي يا ٻئي ڪنهن تي ميار ڪجي به ته ڪهڙي ميار ڪجي! نه مُرڪ، نه ئي گراهه! نه آسرو، نه ئي اميد ڪا!! ايتري ۾ راڌوڙيءَ جي معصومڙي ڪِيڪَ اپري. جيڪا سندس ماءُ جي هنج ۾ هئي ۽ ماڻس جي هڪڙي ڇاتيءَ ڇڪڙي، وري ٻي ڇاتي ٿي ڇڪڙيائين. سُڪل ۽ لڙڪندڙ نوٽ ڇاتين ۾ ٿڃ جي ڦڙي جُڙي به ته ڪٿان جُڙي! ٺلهيون ڇاتيون ڇڪڙيائين، پر جڏهن ٿڃ جي مُرڪ به نه مليس ته وٺي ابهم ۽ معصومڙيون ريهون ڪيائين. الاهه الا! رب رازق آهي. هر ساهه واري کي روزي رسائڻ سندس ذمو آهي. ڪِوليءَ کي ڪڻ ۽ هاٿيءَ کي مڻ رسائيندو آهي. اِن حقيقت تي انسانن جو ويساهه ۽ ايمان آهي، پر هي ٿريا!؟ هيءَ ابهم راڌوڙي!؟ ڪامڻي جنهن جون سدا ملوڪڙيون اکيون ڏرا ڏيئي ويون آهن! جنهن جون جوانيءَ جي جولان کان اُپريل ڇاتيون سُڪي پاسراٽين ۾ گر ٿي ويون آهن!؟ سندس پڙو ڇيهون ڇيهون ٿيل آهي! ڪيس پاٽل چولي ڪلهن ۽ ڪنڌ وٽان بدن جي گرِ سان گرجي پنهنجو رنگ مٽائي سٽيي مِٽيءَ جهڙي ڪاري رنگ جي ٿي ويئي آهي! پيئڻ لاءِ پاڻيءَ جي سُرڪ ڪانهي ته وهنجڻ ۽ ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ پاڻي ڪٿان اچي!؟ جڏهن جوڀن ٻور جهليندو آهي، تڏهن ٽاريون ٽهڪنديون آهن. تازي جي تنوارَ اڻ ٻڌيون ۽ اڻ سُٽلون سنياروں سارينديون آهي. جسم جي انگ انگ مان مهڪ مهڪندي آهي. بدن جو عضوو عضوو ڦُٽي ڦاريون ٿي پوندو آهي. ڪُنوارپڻي جي سُرهاڻ سان آس پاس واسبي آهي. ڇيڳرن ڇورن جون واڇون ٽڙي پونديون آهن. ٻيرين جي ٻُورَ جي خوشبوءَ تي پوندڙن وانگر پنيولجي شهزورن جون قطارون لڳنديون آهن ۽ عشق عزازيل جا آزاريل عاشق مِڙي اچي مٿو ٽيڪيندا آهن. پر هيءُ ڇا!؟ ڇا ڪامڻيءَ جي سورهن سال عمر ۽ ڇا هي مهينن جا اڻ ڌوتل مٽيءَ هاڻا اٿيا وار! ڪٿي آهي اُهو "پسينو گلاب" جنهن جي اديب واکاڻ ڪندا آهن؟! هتي ته پگهر جي ڌپ ۽ سڙاند ساهه ٿي گهُٽي! ڪٿي آهن اُهي سُريلا خواب! ڪٿي آهي اُهو حَسين خيالن جو هوا ۾ اڏامڻ! ڪٿي آهي اُهو نوعمريءَ جو جوڀن، جولان ۽ جوانيءَ جي گرمائش!

هتي تہ غور ڪري ڏسڻ سان ذرا ڏيئي ويل ڪامڻيءَ جي اکين جي پوچڙين وٽ اڻ لکي آلاڻ ئي محسوس ٿي ٿي رڳو ۽ بس!! رُونجهو ۽ ليلان پنهنجي بيوسيءَ تي خاموش نوحا خوان هئا. ٽِئي پائرَ نوجوانيءَ ڏانهن ويندڙ پيچري تي اڳهاڙي پيرين پنڌ ڪرڻ ۽ ڪنهن آس اميد جي نامڪملتا تي خاموش سينہ ڪوبي ڪري ماتم ڪرڻ تي مجبور هئا. جهُور پوڙهي، جيڪا ڄِڻ جي. ڏاڏي تہ ڪنهن جي سس هئي ۽ ڪنهن جي جيجل ماءُ هئي، سا ڪنهن سُکي ساعت جي دعا گهرڻ بدران، پنهنجا ڏينهن پورا ٿيڻ لاءِ دل ئي دل ۾ ٻاڏائي رهي هئي. ڪانئس پنهنجي ڪٽنب ۽ ڪُڙمَ جو درد ڏٺو ۽ سَٺو نٿي ٿيو. ٻہ ڏڳيون ۽ هڪڙو ڦر اکيون پوريو خاموش ويٺا هئا. هجين ڪو گراهہ پيٽ ۾ جو ويهي اوڳاري هضم ڪن! ٻہ گڏهيون بيٺي بيٺي ننڊ ڪري رهيون هيون. ڪنهن بہ ڪونہ ٿي ڳالهايو. نہ تي ڪو گيرو بہ ويٺل ڪونہ هو، جو گهُوگهُو ٿو ڪري، خاموشيءَ جو هرشيءِ تي واسو هو. سج ٽاندا پئي اوڳاڇيا. ٽِنهڻ اُسَ هئي. واريءَ جي ٻين وچان نظر جي حد تائين سُڄ ئي سُڄ هئي! رُڃ ئي رڃ هئي!!

۽ پوءِ جڏهن ڪاڙهي جوزور ٽُٽو، تڏهن وري اٿي پنڌ پيا. ٻکيا ۽ اُڃيا. ٽُڪِرَ ۽ لَپَ جي آسري تي اڳيان وڌڻ لڳا. هلندي هلندي ليلان جي هنج ۾ ئي راڌوڙيءَ جي آخري هٽڪي ۾ پوري ٿي ويئي ۽ ساهہ جي تند ٽٽي ويئي، پر هو هلندا رهيا. نيٺ سج لهڻ کان ٿورو اڳ ۾ هو اچي هڪڙي وسنديءَ جي ويجهو پهتا. ڪابہ حجت ڪانہ هئي. ڪنهن بہ مهمان نوازيءَ جي توقع ڪانہ هئي. بک ۽ اگهاڙ هر هنڌ هڪ جهڙي هئي. پر پوءِ بہ اڃان آس ڪانہ پڳي هئي. الله مان آسرو ڪنهن لاٿو آهي! وسنديءَ ويجهو پهچي عاجزيءَ مان عرض ڪيائون تہ اسان کان ڪا ڏڳي يا ڦر خريد ڪري وٺو ۽ ننڍڙيءَ کي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ڪريو. ڳوٺاڻن حال هڪيو مال جي سودي جي ڳالهہ ٽاري ڇڏي. باقي هنن کي ٻاٽي بہ پيارايائون ۽ معصومڙيءَ جي بي جان جسم کي آخري جاءِ تي هٿيڪو ڪرڻ ۾ سنڌن دليان جانيان ۽ هڙان وڙان مدد ڪيائون. ڪين رات بہ ترسايائون ۽ مانيءَ پور، جهڙو ٿي سگهيو، تهڙو حاضر ڪيائون.

خيرن سان صبح ٿيو. ڳوٺ جي سرياڻ رُونجهي اڳيان هٿ ٻڌي معذرت ڪئي تہ اسين ڪا ڏڳي يا ڪو ڦرڦلو وٺي ڪيڏانهن ڪنداسين. اسان جو پنهنجو مال پيو بکن مري. اسان پاڻ لڏپلاڻ لاءِ پيا سوچيون. تنهنڪري ڳوٺ وارن مان ڪنهن وٽ بہ مال وٺڻ جي پهچ ڪانهي. باقي........!" سرياڻ ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي ڏني.

"باقي ڇا بابلا؟" رونجهي پڇيو.

"باقي.... ڳالهہ ئي اهڙي آهي، جنهن کي پڪ سان تون منهنجي خود غرضي سمجهندين ۽ تنهنجي بيوسيءَ جو ناجائز فائدو وٺڻ جي ڪوشش سمجهندين. پر ائين آهي ڪونہ. جي تون منهنجي نيت تي شڪ نہ ڪرين تہ جيڪا ڳالهہ آهي، سا توکي چوان....!"

"چئي ڏي بابلا. اسان اوهان جو نمڪ پاڻي ڪاڌو ۽ پيتو آهي. اهو ٿورو اوهان جو عمر ڀر پيا ڳائينداسين. باقي ڳالهہ، ڳالهہ سان ڇُٽندي. تون چئو، ڇا ٿو چوين؟"

"ڏس ياءُ رونجها، هينئر هر ڪنهن کي پنهنجا ٻچا وات ۾ اچي ويا آهن. تنهن ڪري گهڻي ڏگهار ڪرڻ بدران ٿورن اکرن ۾ ڳالهہ ڪٽايان تہ جيڪڏهن تون پاڻ تان ڪجهہ بوجهہ هلڪو ڪرڻ چاهين تہ آئون تنهنجي نياڻي پنهنجي پٽ لاءِ رکڻ لاءِ تيار آهيان. اُن سان هڪ تہ هڪڙي ماڻهوءَ جو بار توتان گهٽجي ويندو ۽ ٻيو تہ آئون تنهنجي ڪجهہ مالي مدد بہ ڪندس تہ جيئن تون وڃي ڪنهن هٽيڪي هنڌ تائين پهچي سگهين. هِن معاملي ۾ منهنجي طرفان ڪوبہ زور بار ڪونهي. رضا خوشيءَ سان جيڪڏهن ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي تہ هائو، جي پلا نہ، تہ اوهين پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ آهيو." سرياڻ پنهنجي ڳالهہ ختم ڪري رونجهي جي مُنهن ۾ نهارڻ لڳو.

رُونجهو ڳالهہ ٻڌي ٽبيءَ ۾ پئجي ويو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ چيائين: "بابلا سائين، مون کي ٿورڙي مهلت ڏيو تہ جيئن آئون پنهنجي گهر ڀاتين سان صلاح ڪريان." ائين چئي رونجهو پريان ويٺل

پنهنجي ڪٽنب وٽ آيو ۽ ڪامٽيءَ سميت سيني کي گڏ ويهاري سربستي ڳالهه ڪري ڏنائين.

ماڻس، جوڻس سميت ٽنهي پٽن انهيءَ ڳالهه جي سخت مخالفت ڪئي ته: ”اسين پنهنجو ننگ وڪڻي انگ ڍڪيون يا پنهنجو پيٽ ڀريون، تنهن کان بکيو ۽ اگهاڙو مري وڃڻ ڀلو آهي. ’ڀلي بک ڀرم جي، شال مَ وڃي شان!‘ بکيا ڏکيا هلي ڪنهن وسنديءَ تائين پهچنداسين، پوءِ الله مالڪ آهي. حياتي ۽ موت اُن جي هٿ وس آهي. جنهن کي مرڻو هوندو، سو ڪامٽيءَ کي وڪڻڻ کان پوءِ به مري ويندو. تنهن ڪري اٿو ته هلون. ڪامٽيءَ کي وڪڻڻو ناهي......!!“

رُونجهو مُنجهي پيو: ’سندس ماءُ، سندس زال ۽ خود سندس ڌيءَ ڪامٽيءَ جي حالت ڏسي سندس اندر وڍجي رهيو هو. ڊور ڪير وٺڻ لاءِ تيار ڪونه هو. پنڌ جو اندازو ڪونه هو ته اجان ڪيترو اڳيان وڃڻو آهي. اُجو ۽ بکيو هلي به ڪيترو هلي سگهجي ٿو. خود ڊور به هڏن مُٺ ٿي رهيا آهن. سي به ڪير وٺڻ لاءِ تيار ڪونهي. راڌوڙي ته الله کي وڃي پرتي، پر هيءَ ڪامٽي..... پٽن کان به پياري منهنجي ڀرين ڌيءَ ڪامٽي..... اُڏي ساماڻي ڳوڏي ڌيءَ ڪامٽي...... جنهن ۾ منهنجو ساهه اٽڪيل آهي، تنهن کي ڪيئن وڪڻان......!؟ ڪامٽيءَ کي وڪڻي، انهن پيسن مان اٽو وٺي کائيندس..... اُن کان ته زهر کائي مران ته اِهو ڀلو آهي..... ڪامٽيءَ جي پيسن مان ورتل گراهه منهنجي نڙيءَ مان هيٺ لهندو ڪيئن.....!؟ پر..... پر..... آئون ڪامٽيءَ کي وڪڻان ڪٿي پيو! ڪامٽيءَ جو پيسن عيوض سودو ڪٿي پيو ڪريان....! ڌيءَ تان ڀاڙ وٺي کائڻ ڪنهن مڙس ماڻهوءَ جو ڪم ٿورو ئي ڪو هوندو آهي. اهو ڪم ته ڪو بي غيرت ئي ڪري سگهي ٿو. ڪوبه مڙس ماڻهو ته ائين سوچي به نٿو سگهي، پر آئون ته منهنجي جگر جي ٽڪري کي هيئن پنهنجي اکين اڳيان، بيوس ٿي مرندي به ته ڏسي نٿو سگهان! جڏهن آئون سندس گراهه جو ڪو حيلو نٿو ڪري سگهان ته پوءِ ڀلي وڃي ڪنهن ٻئي وٽ گراهه ته کائي. جيڪڏهن آئون سندس بک اگهاڙ نٿو ڍڪي سگهان ته ڀلي وڃي ڪنهن ٻئي وٽ اگهاڙو انگ ته ڍڪي. مون وٽ نه سهي، پر ڪنهن ٻئي وٽ جيئري ته هوندي...! جي جيئري هوندي ته ڪڏهن ڪڏهن اچي مُنهن ته ڏسيو وڃبو. پر جي بکن اُجن مري ويئي ته پوءِ.......!‘ اِهو سوچي رونجهي کان اوچنگار نڪري ويئي.... جنهن کي هُو ضبط ڪري اندر ئي اندر روئندو رهيو ۽ وڍبو رهيو. ترڳا ترڳا ٽيندو رهيو. ۽ پوءِ بنا لڙڪن جي ڀِنل اکيون اگهيائين ۽ دل جهلي چيائين: ”بابلا، جيڪا اوهان جي مرضي، ڪامٽيءَ کي نٿا ڏيو، ته نه سهي، پر منهنجو خيال هو ته راڌوڙيءَ ڪانپوءِ جي ڪامٽي بچي پوي ته ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ڏسيو اکيون ٺرنديون، پر جي هوندي ئي ڪانه، ته پوءِ.......!“ هُو وڌيڪ ڳالهائي ڪونه سگهيو. ڪجهه دير جي ماٺ کان پوءِ، جڏهن هُن پنهنجو درد پنهنجي ئي اندر اوتي ورتو، تڏهن گهر گهلي روئندڙ آواز ۾ چيائين: ”اٿو ته هلون.“

”نا ٻاپُو..... مون کي اڳتي ناهي هلڻو....! منهنجي ڏاڏي، منهنجي ماءُ، منهنجي ٽن ڀائرن ۽ منهنجي بابا جون زندگيون بچائڻ لاءِ مون کي اِهو سودو منظور آهي..... مون کي اهو سودو منظور آهي..... ٻاپُو!!“ ڪامٽيءَ کان سڏڪو نڪري ويو ۽ ٻوڙي وڃي پٽس جي ڇاتيءَ سان لڳي.





**مير سجاد اختر ٽالپر**
ٽنڊو جان محمد

# تيزاب

هوءَ برن وارڊ ۾ داخل هُئي، هُن جي چهري جو پيو آپريشن ٿي چڪو هو، پر هوءَ وري ساڳي سوپيا نہ بنجڻ جهڙي هُئي ۽ نہ ئي بنجي سگهي هُئي، هاڻي هوءَ نہ جيئرن ۾ هُئي نہ ئي مئلن ۾.... ڪڏهن اُهي ڏينهن هُئا جو آرسيءَ وٽان منهن ئي نہ هٽائيندي هُئي ايستائين جو سندس ماءُ جهڙپيندي چوندي هُئي تہ ”ڇوري پنهنجو پاڻ کي نظر هڻندي. ڇا، هاڻ ڇڏ پڇر آرسي جي.“ پر هوءَ ماءُ جي ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيندي هئي، پر هاڻ تہ آرسيءَ کان ئي ڀوءُ لڳندو هئس.

سوپيا ننڍي هوندي کان ئي ڏاڍي پياري، گوري چٽي، گول مٽول، وڏيون ڇيروايون اکيون، انهي ڪري سڀ ڪو پيو گڏي گڏي ڪري سڏيندو هو. اهو نالو جوانيءَ اچڻ تائين پيو سڏبو هو. جنهن تي سوپيا ڪاوڙبي هُئي تہ هاڻ هوءَ وڏي ٿي ويئي آهي، هاڻ تہ هُن کي گڏي نہ سڏيو، پر جواني ۾ حُسن ويتر نکري آيو هئس. ريشمي چلڪيدار وار، جاڙوان تير ڪمان جهڙا ڀرون، ڊنڊ جيان گهريون نيريون اکيون، مٽن مور جي پنکن جهڙا وڏا ڇپر، موڪرو ڪُشادو نرڙ، مخروطي نڪ، گول ڳپن جهڙا گُلابي ڳل تہ سُهڻا سنڌڙي انب جي ڦارن جهڙا چپ ۽ مٿان وري ڦوهہ جواني جو رنگ پوءِ ڇڻ تہ جنت مان ڪا اپسرا زمين تي لهي آئي هُجي، يونيورسٽي توڙي خاندان ۽ اوڙي پاڙي جا نوجوان حسرت سان آهون ڀريندا هئا تہ هي اپسرا الائي ڪهڙي خوشنصيب گهر جي لج بڻجندي....!

پر هائي ڙي قسمت.... چوندا ڪونہ آهن تہ حُسن ڇا ڪائيندو، ڪائي تہ قسمت ڪائي سو انهي مصداق سوپيا، پنهنجي پيا جي گهر بجائي آغا خان اسپتال جي برن وارڊ ۾ پُهچي ويئي هُئي، اسپتال جي ڪمري ۾ هن جو ڪروڌ وجود پيل هو، سندس ماءُ لاءِ هوءَ اڄ بہ گُڏي هُئي ۽ ماني ڪارائڻ وقت گُڏي ڪري سڏيندي هئس، ماءُ جي ائين سڏڻ تي هوءَ روئي پوندي هُئي ڳوڙها بيشڪ گهري ڊنڊ جهڙين نيرين اکين مان نڪري، گُلابي ڳلن بجائي ببڀودار، ڪاري سڙيل ڳلن تان ترڪي، هيٺ بيڊ تي ڪري پنهنجو وجود وڄائي ويهندا هُئا، هوءَ ڪنهن ڪنهن وقت ماضي جي پاتارن ۾ گُم ٿي ويندي هُئي ۽ نہ چاهيندي بہ سندس جي چهري تي اڻ لکي مُرڪ ڦهلجي ويندي هئس....

هن کي چٽي طرح ياد هو.

”جڏهن عيد ملن پارٽي، سندس سهيلي آمنہ جي گهر رکيل هُئي تنهن ڏينهن هن ميرون رنگ جو سُهڻو وڳو پهريو هو جو سندس ماءُ ڪن جي پوپان ڪارو ٽڪو لائي ڇڏيو هو تہ متان ڪنهن جي نظر نہ لڳي وڃي. تڏهن هن مذاق ۾ پنهنجي ماءُ کي چيو هو تہ: ”ٺهيو ٺهيو امان، هاڻي اهڙو بہ سُهڻي نہ آهيان جو ماڻهو ٻين کي ڇڏي مون کي نظر هڻن“.

۽ جڏهن انهي عيد ملن پارٽي ۾ پُهتي هُئي تہ سيني سڪين هن کي ڪيئن نہ گهيري وڌو هو ڪنهن سڪيءَ وارن کي ٿي هٿ لاتو تہ ڪنهن وري سندس جو گُلابي ڳلن تي.

”ائي ميڪ اپ کان بغير بہ چمڙي ڪيڏي نہ صاف ۽ نرم اٿس....!!!!“

”وار تہ اهڙا ريشمي آهن ڄڻ مڪئي جي سنگ جا وار....!!!“

”اک ۾ ڪجل ڪيڏو نہ پيو ٺهي، يار اڄ تہ ڪجل بہ خوش ٿيو هوندو تہ آءٌ اهڙي ئي اک جو گهُرجائو هئس....!!!“

"انئي مُرڪ تہ ڏسوس مُرڪندي ڪيئن ڳلن ۾ ڪڏا ٿا پونس، الا....! ادي انهي ڪڏن ۾ جيڪو ڪريو سو وري اُٿي ئي نہ سگهندو....!!!"

جڏهن هن ڪي اهڙي قسم جا ريمارڪس ٻُڌڻ لاءِ مليا پئي، تڏهن آمنہ جو ڪزن شاهزيب پنهنجي پيڻ رُقيہ کي وٺڻ آيو هو. هن جي نظر جڏهن سوپيا تي پئي تہ هُو اتي ئي پند پهڻ ٿي بيهي رهيو رقيہ ٻانهن جهجهوڙيندي چيس،

"ادا، ڪٿي گم ٿي وئين....؟"

هُو ڇرڪ ڀري هوش ۾ آيو هو، هُو پيڻ سان گڏ واپس تہ آيو، پر پنهنجو پاڻ ڪي اتي وڃائي آيو، بس پوءِ هُو سوپيا جي ڪڍ لڳي ويو هاڻ هُن جو جيئڻ مرڻ جڻ سوپيا پويان هو. الائي ڪٿان نمبر هٿ ڪري، سوپيا کي فون ڪرڻ لڳو، سوپيا تنگ ٿي فون ئي بند ڪري ڇڏيو، پر شاهزيب اصل هن جو جيئڻ ئي جنجال ڪري وڌو هو. آخر تنگ ٿي سوپيا پنهنجي والد صاحب کي شاهزيب جي باري ۾ ٻُڌايو تہ سوپيا جو والد اخلاقن، شاهزيب جي والدين سان شڪايت ڪئي پَنس جا لڇڻ ٻُڌايا، انهي شڪايت ڪرڻ ڪان پوءِ شاهزيب ويتر چڙي پيو، جڏهن تہ هُن کي اها بہ خبر هُئي تہ سوپيا جي مڱڻي پنهنجي مامي جي پٽ سان ٿيل آهي، پر تڏهن بہ هُن سوپيا جي گهر پنهنجن ٻن لوفر دوستن سان اچي، سوپيا جي والد کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ ڌمڪي ڏيندي چيائين تہ: "جي سوپيا جي شادي ٻي ڪنهن هنڌ ڪيوَ تہ نتيجا ڏاڍا اڳرا نڪرندا، اهو سڳ منهنجو آهي، جي سوپيا مون کي نہ ملي تہ ڪنهن کي بہ ڪانہ ملندي."

انهي ڳالهہ ٿيڻ ڪان پوءِ، سوپيا جي والدين سوپيا جي شاديءَ لاءِ ڏينهن ٻڌي ڇڏيا هُئا ۽ خود سوپيا بہ انهي واقعي ڪان پوءِ صفا هراسجي ويئي هُئي ۽ يونيورسٽي وڃڻ بہ ڇڏي ڏنو هُئائين جڏهن تہ سوپيا جي پيءُ حد جي ٿاڻي تي ڪمپلين بہ ڪئي هئي، پر چون ڪونہ ٿا تہ قضا ڪا پُڇي ايندي آهي ڇا؟ سو سوپيا پنهنجو امتحاني فارم پرائڻ لاءِ پنهنجي سکي فيروزه سان گڏجي يونيورسٽيءَ آئي هئي. انهي جي خبر شاهزيب کي الائي ڪيئن پئي جو هو سوپيا جو گس جهلي بيهي رهيو. سوپيا پنهنجين سکين سان گڏ گهر وڃڻ لاءِ جيئن يونيورسٽيءَ مان نڪتي تہ شپاڪ سان هن جي چهري تي ڪا شيءِ اڇي ڪري، اُن شيءِ ڪرڻ سان ئي سوپيا جون اصل دانهون نڪري ويون ۽ درد ۽ پيڙا وچان زمين تي ڪِري پئي، انهي بدحواسيءَ ۾ سوپيا جي سکين کي ڀيو ڪُجهہ سُجهيو ڪونہ، سو هن کي کڻي هاسپٽل پهتيون، سوپيا جو پورو چهرو تيزاب جي ڪرڻ ڪري سڙي چڪو هو، هڪدم سور ڇڏائڻ سان گڏ آرام ڪرڻ واريون انجيڪشن بہ هڻي ڇڏيائون. پوءِ هوءَ هاسپٽل جي برن وارڊ ۾ منتقل ٿي ويئي. پوءِ رشتا بہ ڏاريا ٿي ويا هنن جون تہ ٻہ بہ ويون تہ ٻارنهن بہ، جڻ اها قيامت صرف هنن لاءِ هُئي ۽ پوءِ ماءُ ويچاري هاسپٽل حوالي تہ سندس پيءُ ڪيس جي حوالي....

سوپيا جي چهري جا ٻہ آپريشن ٿي چُڪا هئا، پر چار آنا بہ فرق ڪونہ پيو. اڄ ٽيون پلاسٽڪ سرجريءَ جو آپريشن هُئس، ماءُ ڌيءَ انهي انتظار ۾ هيون ڪهڙي وقت آپريشن لاءِ وٺي ٿا وڃن تہ سوپيا جو پيءُ هاسپٽل جي ڪمري ۾ داخل ٿيندي چيو تہ، "گُڏي شاهزيب کي ڦاسيءَ جي سزا اچي ويئي آهي."

سوپيا پيءُ ڏانهن نهاريندي چيو: "بابا تُنهنجي گُڏي بہ تہ هميشہ لاءِ مري ويئي هاڻ جي قاتل کي سزا بہ ملي وڃي تہ ڪهڙي ڪم جي...."

پيءُ ڌيءَ جي مٿي تي هٿ رکندي وراڻيو: "ٻچڙي هڪڙي سوپيا مُئي تہ ڇا؟ پر هن سزا کان پوءِ ٻيون هزارين سوپيائون من بچي پون....."

پيءُ جي اکين مان بہ لُڙڪ نڪري، سوپيا جي وارن ۾ ڪري جذب ٿي ويا.

**بهادر ٽالپر**
بدين



# پيپر ويٽ هيٺان

هُو دريءَ وٽ چرندڙ پُرندڙ پاڇولي جيان پهتو ته دريءَ مان اندر ايندڙ روشنيءَ ان پاڇي کي اجا به واضح ڪري ڇڏيو...!! هن پنٺتي مُڙي ان کي ڏٺو ته مايوسي اجا به وڌي ويس...!! هن جي ٻن آڱرين ۽ چپن وچ ۾ سگريٽ جيان هڪ قلم هو ۽ من اندر سوچن جي رک ۾ لکڻ واري ڪنهن چٽنگ جو متلاشي هو...!! پريان ٽيبل تي پيپر ويٽ هيٺان پنا پيل هئا...!! ڪمري جي ڪئنواس ۾ اصل مسئلو نه ته پنن جو هو... ۽ نه ئي قلم جو...!! البت ان ويل هڪ حادثو ٿي پيو، جو اڻ ڄاڻائيءَ مان حسب عادت هن ڏند ڪرٽيا ته وچ ۾ آيل قلم انهن جي زد ۾ اچي ٻه اڌ ٿي پيو...!! هن هيٺ ڪريل اڌ ڪٽڻ ٻنان ئي دريءَ مان ٻاهر ڏٺو... ته ٻاهر جي منظر ڦڪي مرڪ مرڪي سندس جڙ سواڳت ڪيو...!! ٻاهر ڪجهه ماڻهو رستي جي ڪناري ڪنهن ڳالهه تان 'تون ڇا... تون ڇا...' ۾ مصروف هئا. اهي ماڻهو فقط نگاهه جي حد تائين سند فوڪس ۾ آيا... ۽ پوءِ ترڪي ويا...!!

هُو دريءَ ڪان ٿورڙو پنٺتي سِرڪيو ته غير محسوس طور هوا اچي اها جاءِ والاري...!! هُو هوا کي ٽڏن ساهن ۾ ڪٺندو اچي ٽيبل وٽ بيٺو... جتي پيپر ويٽ هيٺان پنا پيل هئا... انهن کي ڏسي سندس ڪارين ڪارين اکين ۾ هوبهو پنن جهڙا اڇا لڙڪ اچي ويا...! ۽ هُو بادلن ۽ طوفانن جون ڳالهيون سوچڻ لڳو...!! سندس ڪارين ڪجرارين اکين دري وٽ هوا جي موجودگي ۽ ان جي رخ ۾ تبديلي بابت ڪيس آگاهه ڪيو ته هن جلدي جلدي ٻه-ٽي ٻوٽا ڪمري جي ڪئنواس ۾ لڳائي ورتا ۽ انهن کي پنهنجين اکين جي آب سان سيراب ڪرڻ لڳو... ان وچ ۾ هن جي نظر اوچتو هوا ڏانهن هلي وئي... جيڪا هڪ عورت جو روپ وٺي دريءَ وٽ بيٺل هئي... ۽ پنهنجي ٽڙن ساهن سان ڪا ڪهاڻي پڙهي رهي هئي... دريءَ مان پريان جهنگلي ٻڪرارن جي ويس ۾ ڪي طوفان ڪن لاٽي سندس ڪهاڻي ٻڌي رهيا هئا... عورت انهن کي ڏسي بي اختيار مسڪرايو... ۽ پوءِ هن لج مان پاڻ کي پنهنجي پوتيءَ جي پاند سان ٻوٽ ڍڪي ڇڏيو... البت وِڄ کي چمڪڻو هو سا ته چمڪي ئي وئي...!!

هُو ٻوٽن کي پاڻي ڏيندي ڏيندي پوڙهو ٿي ويو... ٻوٽا نه اٿڻا هئا ته نه اٿيا... تڏهن هن کي هر شيءِ جي تخليق ڪندڙ ماءُ ياد آئي... ڇاڪاڻ ته ماءُ جي ڪک ئي هئي جنهن مان هر شيءِ تخليق ٿي سگهي ٿي...!! پوءِ هن پاڻ ۾ هڪ حساس ماءُ وارا جذبا، حساس ٻوٽن لاءِ محسوسڻ شروع ڪيا ته جلدئي ٻوٽا اُسرڻ نسرڻ لڳا ۽ ڪمري جو ڪئنواس حسين بڻجي ويو... دريءَ وٽ بيٺل عورت ٻوڙندي ٻُڪندي ڏانهس آئي... ته ٻوٽن جي پنن جي لُڏڻ سان هڪ خاص قسم جو ردم جنم وٺڻ لڳو...!!

هن عورت کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ٻوٽن جي لڏندڙ لمندڙ پنن هڪ ٽهڪ ڏنو... هن ان ٽهڪ کي پنهنجي سماعت جي ڊائري تي اڻ ڏسجندڙ هٿن ۾ گمنام قلم سان لکي محفوظ ڪري ڇڏيو... هن ان ٽهڪ جي سحر ۾ وري به عورت کي پنهنجي ويجهو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪمري جي دريءَ مان وِڄ جو اکين کي ڪيرو ڪندڙ چمڪاٽ ٿيو... ته هُو بيهوش ٿي ٽيبل سان ٽڪرائي وڃي فرش تي ڪِريو... پيپر ويٽ جي سرڪي وڃڻ سان ان جي هيٺان پنا هڪ هڪ ٿيندا ٽِڙندا پکڙندا ويا... انهن تي هڪ عظيم ڪهاڻي هئي... جنهن کي فقط ڪمري جون اُداس اکيون پڙهي رهيون هيون...!!



**ارشاد سومرو**

حيدرآباد

# معصومه

معصومہ اسان گڏ اسڪول ۾ ٻار پڙهائيندي هئي، شڪل صورت ۾ مور جهڙي، ڪم گو ۽ خاموش طبيعت جي مالڪ هئي. بس پنهنجي ڪم سان ڪم رکندي هئي. ڪنهن کي بہ شڪايت جو موقعو نہ ڏيندي هئي، ٻارن کي بہ توجہ ۽ ايمانداريءَ سان پڙهائيندي هئي، ڪلاس وٺي فارغ ٿيڻ کان پوءِ بہ اسٽاف روم جي ڪُنڊ ۾ ويهي ڪاپيون چيڪ ڪندي يا ڪونہ ڪو ڪتاب پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويندي، دنيا جهان کان الڳ هن جي پنهنجي دنيا هئي.

مان هن سان ڳالهائڻ جي اڳڀرائي ڪري چونديس هئس:

"معصومہ! ڪيئن آهين؟"

معصوميت مان وراڻيندي:

"بلڪل ٺيڪ آهيان، مالڪ جا ڪرم آهن."

مان وري هروڀرو گهر جون ڳالهيون پڇڻ شروع ڪندس.

"ڀاءُ ڀاڄائي ڪيئن ٿا هلن؟"

"ڏاڍا سٺا، ڇڻ تہ امان بابا هجن."

وري بہ مرڪي چوندي، مرڪ هن جي لبن تي خوبصورت لڳندي هئي، مرڪ سان گڏ هن جي نماڻن نيڻن ۾ لڪل ڪرب جهلڪي پوندو هو، هن جي مرڪ پويان ڪيترائي سڏڪا لڪل هوندا هئا، مان هن جي نيڻن ۾ لڪل ڪرب ۽ اذيت کي محسوس ڪري وٺندي هئس، جيڪي ڀاڄ اهڙن ڀيچرن جا ڀانئيڙا هجن، انهن کان ٻين جو ڪرب ڪيئن لڪندو؟ وري اجايو سوال ڪندس.

"معصومہ! ڳالهائين ڇو نٿي؟ چپ ڇو آهين؟"

"ڇا ڳالهايان؟"

"جيئن اسان هروڀرو ٿا وڃنا اجايو ڳالهايون."

مان هن کي ڳالهائڻ لاءِ همٿائڻ لاءِ چونديس هئس:

"بس، اوهان ڳالهايو ٿيون نہ، مان ٻڌان ٿي اهوئي ڪافي آهي."

پر، الائي ڇو مون کي پڪ هئي تہ هوءَ دنيا کان فرار ٿيڻ ٿي چاهي، تڏهن تہ اڪيلي ٿي رهي.

مون هن سان ڪيترائي ڀيرا اندر جو حال اورڻ جي ڪوشش ڪئي، پوءِ مرڪي ڳالهہ ٽاري ڇڏيندي هئي، پر مون کي پڪ هئي تہ هن جي اندر ۾ اذيتن جا آڙاهہ آهن، جن هن کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو آهي، مون کي هن جي پرسرار شخصيت کي کولڻ جي جستجو جاڳي پئي، مان جڏهن بہ اسڪول کان واپس گهر ايندي هئس تہ هن جي ئي باري ۾ سوچڻ لڳس هن جو معصوم چهرو اڳيان ڦرڻ لڳندو هو.

ان سلسلي ۾ مون سندس مائٽ اياز سان رابطو ڪيو جيڪو اسان جي اسڪول ۾ ڪلارڪ پڻ هو، اياز هن جي باري ۾ مون کي سڀ ڪجهہ ٻڌايو، تہ مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو، تہ قسمت هن سان ڪيڏو ويل وهايو آهي.

معصومہ هڪ معصوم ۽ سٻاجهڙي ڇوڪري هئي، پيءُ، ماءُ جي بہ لاڏلي هئي، جڏهن سندس ماءُ اوچتو دل جي دوري پوڻ سبب فوت ٿي، بابا تہ اڳ ئي اڪيلو ڇڏي ويو هو، هوءَ هاڻي ڀاءُ ڀاڄائي جي رحم ڪرم تي هئي، ڀلا ڀائر ۽ ڀاڄايون بہ ڪي اَبي امڙ جي جاءِ تي ٿيا آهن؟ هنن کي هن جي ڏک، سک ۽ بيماريءَ جي ڪهڙي پرواهہ؟

هو تہ هن کي ڀاڄ تي بار سمجهڻ لڳا، هوءَ بہ چپ چاپ پنهنجي دنيا ۾ گُم هئي، معصومہ صبح جو اسڪول ۽ واپسيءَ ۾ پنهنجي حصي جي گهر جي ڪم مان فارغ ٿي ڀاڙيوارن جا ڪپڙا سِبي ٽائيم پاس ڪندي هئي.

هن کي نوڪري بہ ماءُ جي سروس دوران فوت

عقلمنديءَ سان هلڻ ڪري زال جي بہ عزت ٿئي ٿي، ماءُ پيءُ جي بہ ٿئي.

پڻ شاديءَ کان پوءِ امڙ جي نيڻن جا اوجاڳا تہ وري، ابي جي جسم جا پگهر ۽ ڪشالائي وساري ڇڏيندا آهن. جڻ تہ زالن ئي پالي نپائي وڏو ڪيو اٿن.

ڪاميابي ماڻين تہ اهو نہ چوندا تہ، ”ابي امڙ جي دعائن جو ڦل آهي.“ وڏي فخر سان چوندا تہ، ”جيون ساٿياڻيءَ جي سهڪار جو ثمر آهي.“ اتي پلا معصوم جو ڪهڙو قدر؟

معصوم جي رام ڪهاڻي ٻڌي اندر ۾ وڍ پئجي ويا، معصوم ڇري تہ ناهي پوءِ هن تي اهو قرب پريل ليبل ڇو لڳل آهي؟ نياڻيون گهڻو ڳالهائين تہ اڏريل سڏجن، خاموش رهن تہ ڇريون، هن سماج جا بہ عجيب قاعدا ۽ قانون آهن، جيڪي صرف عورتن تي لاڳو ٿيندا آهن، ۽ مرد...... مرد انهن قاعدن قانونن کان بلڪل بہ آجا هوندا آهن.

مون پڪوپهہ ڪيو تہ ان سلسلي ۾ ادا اياز سان ملي معصوم جو مسئلو حل ڪنداسين، اڄ جيئن اسڪول ويس تہ فري ٽائيم ۾ ادا اياز جي آفيس ۾ ويس، هُو تمام بهترين انسان هو.

”ادا اياز! مون کي اوهان سان معصوم جي باري ۾ ڳالهائڻو آهي؟“ مون ادا اياز سان مخاطب ٿيندي چيو:

”جي ڀيڻ حڪم ڪيو؟“

اياز مون کي ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪندي چيو:

”ادا اياز! معصوم جو علاج ڪرائجي؟“

مون ادا اياز کي مشورو ڏيندي چيو:

”پر، هن جا گهر وارا تہ اسان کي ماري ڇڏيندا.“

اياز معصوم جي گهر ڀاتين کان ڊڄندي چيو:

”اسان هنن کي خبر بہ نہ ڏينداسين، اهو ڪم اسان اسڪول ٽائيمنگ ۾ ڪنداسين، اوهان ڊاڪٽر کان ٽائيم وٺجو، مان ڊاڪٽر وٽ معصوم کي وٺي ويندس.“

”۽ علاج جا پئسا؟“

”پئسا ڪري وٺنداسين، ڪنهن جي زندگيءَ کان مٿي پئسا ناهن.“

”پوءِ اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿيندو؟“

اياز وري سوال ڪيو:

”ادا! ڏسو معصوم ڪا ڇري ناهي، هن کي ٽارچر ڏئي اهڙو ڪيو ويو آهي، هوءِ اسڪول ۾ آهي تہ بلڪل ٺيڪ آهي، ۽ گهر ٿي وڃي تہ، اڌ ڇري آهي، ان جو مطلب تہ سڄو مسئلو سندس گهر ۽ گهر ۾ رهندڙ ماڻٽ آهن.“

”پوءِ هن جي علاج مان ڪجهہ نہ ورندو.“

اياز ٽيبل تي رکيل رجسٽر کي بند ڪندي چيو:

”پوءِ، ڇا ڪجي؟“ مون وراڻيو:

”معصوم جي شادي ڪرائجي.“

اياز جي اهڙي جواب تي، منهنجي اکين ۾ آس جا ڏيئا ٻري پيا.

”ها، اوهان ٺيڪ ٿا چئو، معصوم کي هڪ پيار ڪرڻ واري ساٿيءَ جي ضرورت آهي، جيڪو هن جي ناسور ٿيل ڦٽن تي پيار جا ڦها رکي، سڪ جو سيڪ ڏئي، ڦٽن تي محبت جو مرهم رکي.“

”تون وري ڪڏهن کان نفسيات جي ماهر ڊاڪٽر ٿي آهين؟“

ادا اياز کِلندي طنز مان چيو.

”ادا! هن ظالم زماني جا ستم ۽ تجربا ئي ماڻهن کي ماهر ٿا بڻائي ڇڏين، نہ تہ.“

”نہ تہ، ڇا؟“ هن جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيو،

”نہ تہ، هيءُ زمانو تہ ماهر نفسيات کي بہ نفسيات جو مريض ٿو بڻائي ڇڏي، جيئن اسان جي خوبصورت ۽ بهترين، پنهنجي وقت جي شوخ اداڪاره روحي بانوءَ کي بہ پنهنجن جي ستم ظريفيءَ ڇريو ڪري زنده لاش بڻائي ڇڏيو هو، جنهن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ سندس پرستار ديوانا هوندا هئا، اُها روحي بانو لاهور جي روڊن تي رُلندي وتندي هئي.“ هيءُ دنيا ڪيڏي نہ بي رحم آهي.“ مون روحي بانوءَ جي مثال ڏيندي چيو،

”ها، بلڪل انسان ايترو بي حس بہ ٿي سگهي ٿو؟ افسوس آهي، پوءِ ويچاريءَ معصوم جو ڪهڙو شمار آهي.“

اياز بہ افسوس مان چيو،

”پنهنجن جا ستم تہ چڱن ڀلن کي چريو ڪري ڇڏين، پر اسان کي ملي معصوم کي اصل حالت ۾ آڻڻو آهي.“

مون اياز کان مدد گهرندي چيو،

”ها، بلڪل مان اوهان جي هر ممڪن مدد ڪندس.“

هن مدد ڪرڻ جي حامي ڀريندي چيو.

”معصوم جي لاءِ ڪو ڇوڪرو ڳولهجي، اوهان جي نظر ۾ ڪو آهي؟“ مون سوال ڪيو.

”نہ آهي تہ ڪونہ ڳولهي وٺبو ڳولهڻ سان تہ خدا بہ ملي ويندو آهي.“ هُن اميد مان چيو،

”پر، مون ڳولهي ورتو آهي، صرف اوهان جو ساٿ گهرجي.“

مون وراڻيو:

”واهہ! ڏاڍو سٺو، مان هنن سان ڳالهائيندس، ڪير آهي؟“ اياز بيتابيءَ مان چيو،

”اوهان“، مون هٿ جي اشاري سان چيو.

ادا اياز ڪو بہ جواب نہ ڏنو، پر معصوم اهي سڀ ڳالهيون آفيس جي در ۾ بيٺي ٻڌي رهي هئي، اسان کي هن جي اچڻ جي خبر ئي نہ پئي، اسان ڳالهين ۾ ائين گُم هئاسين، معصوم اڄ اچانڪ ڪنهن ڪم سانگي آفيس ۾ آئي هئي. تڏهن تہ سياڻا چوندا آهن، ”ڪنديءَ کي بہ ڪن هوندا آهن.“

مون ڳالهہ مٽائيندي چيو،

”معصوم! ڪيئن آهين؟“

”بلڪل ٺيڪ آهيان، مالڪ جا ڪرم آهن.“

هن مرڪي وراڻيو، هن جي مُرڪ ۾ لڪل خوشي ظاهر ٿي پئي، هن جي نماڻين اکين ۾ آس جا ڏيئا چمڪڻ لڳا. هن جي اکين ۾ ٻرندڙ مشعل جو تاب نہ سهندي مان آفيس مان ٻاهر هلي آيس.

هاڻي هوءَ روز بهاني بهاني سان اياز جي آفيس ۾ وڃڻ لڳي، ان کان اڳ هوءَ ڪڏهن ڪم سان بہ اياز جي آفيس ۾ نہ ويندي هئي، اگر اياز آفيس جي ڪم سانگي بہ سڏائيندو هئس تڏهن بہ بخار جو وارو اچي ويندو هئس، ۽ هاڻي تہ روز تيار ٿي ايندي هئي.

هوءَ ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ بلڪل بہ بدلجي وئي، هن جي اکين ۾ اُميد جا ڏيئا ٻري پيا، هن جي من ۾ محبت جي اهڙي تہ ميخ لڳي، جنهن سون جيان سوڌي ڪُندن ڪري ڇڏيس، هوءَ پريت جي اهڙي منزل جي راهي ٿي پئي، جنهن جي ڪابہ منزل نہ هوندي آهي، هن من جي مندر ۾ آس جا ڏيئا ٻاري، نراس جو سڀ نحوستون ساڙي رک ڪري ڇڏيون هيون.

محبت جي معجون ۾ بہ اهڙو معجزو هوندو آهي، جو چرين کي سياڻو ۽ دانائن کي ديوانو ڪري ڇڏي، جڏهن نينهن جا نشا وجود تي واسو ڪندا آهن تہ نيڻ مشعل بڻجي ٻرڻ لڳندا آهن، تہ جسم بہ مي رقصم ٿي رقص ڪرڻ لڳندو آهي، تہ وري لبن تي بہ چاهت جا گيت گونجڻ لڳندا آهن.

هن جي لبن تي بہ ڪيئي امر گيت گونجڻ لڳا، هوءَ اڪثر سرمد سنڌيءَ جو گيت ”دل جي ويران رڻ تي ڪڪر بانورا ٿورڙوئي وسين ها تہ ڇا ٿي ٿئي؟“ ڳائيندي، سندس اکيون آليون ٿي وينديون هئس، ۽ مان بہ ڏڪاري ٿي ويندي هئس، هن جي مٺڙي آواز ۾ درد ۽ سرور جو اهڙو سنگم هو، جو عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي، اسان اڪثر بريڪ ٽائيم ۾ هن کان ڪونہ ڪو درد ڀريو گيت ٻڌندا هئاسين، هاڻي تہ اسٽاف روم ۾ معصوم جي گيتن سان گڏ سندس بي ساختہ ٽهڪ بہ گونجڻ لڳا، ڄڻ تہ خاموش ۽ مرده جسم ۾ نئون روح ڦٽجي ويو، زندگي هن جي اڱڻ تي ڇيريون پائي نچڻ لڳي.

مون کي معصوم جي هن تبديليءَ تي حيرت بہ ٿي تہ خوشي بہ ٿي، معصوم اونداهين مان روشنيءَ طرف موٽ کاڌي هئي.

اڄ ادا اياز جي سالگره هئي، مان هن کي وِش ڪرڻ سندس آفيس ۾ ويس.

”ادا اياز! اوهان کي سالگره جون مبارڪون هجن.“

مون ادا اياز لاءِ آندل تحفو ڏيندي چيو، مون هن کي پاءُ ڪيو هو، ۽ هر سال هن لاءِ ڪونہ ڪو تحفو به آڻيندي هئس.

”ادي! وڏي مهرباني، اوهان کي به الله پاڪ آباد رکي.“

هن تحفي ڏيڻ جو ٿورو مڃيندي چيو ۽ مون کي ويهڻ لاءِ به چيو.

”ادا! اوهان نوٽ ڪيو آهي؟ معصومہ ۾ ڪيتري نہ تبديلي اچي وئي آهي؟“

مون معصومہ جي ڳالهہ ڇيڙيندي چيو،

”ها، بلڪل مون به ڏٺو آهي، هوءَ بلڪل به بدلجي وئي آهي.“

اياز به حيران ٿيندي چيو.

”خبر اٿوَ ان جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟“

مون اياز کان ئي سوال ڪيو.

”ڪهڙو؟“ اياز جواب ۾ سوال ڪيو.

”ان جو ڪارڻ اوهان آهيو، هُن من مندر ۾ اوهان جي مورتيءَ جي آرتي اُتارڻ شروع ڪئي آهي.“

مون هن کي معصومہ جي معصوم محبت جو احساس ڏياريندي چيو.

”اڇا، پوءِ هن مندر جي ديوتا کي تہ خبر به ناهي؟“

ادا اياز حيرت مان چيو.

”پوءِ اهو هُن جو نہ اوهان جو قصور آهي، دل کي دل سان راهہ هوندي آهي.“ مون وراڻيو.

”هن عشق جي انداز کي سمجهڻ تہ ڏکيو آ.“

ادا اياز ڳائي جواب ڏنو.

”ها، هن عشق جي انداز کي سمجهڻ ئي تہ ڏکيو آ، جڏهن سمجهبو تہ دنيا جا رنگ ئي بدلجيو وڃن. جيئن، معصومہ بدلجي وئي آهي.“ مون وراڻيو.

”اڇا، تہ انسان علاج کان وڌيڪ روين سان صحتمند ٿي زندگيءَ جي نراس مان نڪري آس جي پيچرن جو پانڌي ٿي ٿو وڃي.“

هن به منهنجي راءِ جي تائيد ڪئي.

”بلڪل، اهو سک جي ستي ۽ محبت جي معجزن جو ڪمال آهي، جيڪو موت جي بستري تان به زندگيءَ جي آس ڏئي جيئاري ٿو ڇڏي.“ مون وراڻيو.

”بلڪل؛ سچ ٿا چئو، انساني رويا ئي انسان کي جيارين ۽ مارين ٿا.“ اياز افسوس مان چيو.

”ادا! اڄ اوهان جي سالگره آهي ۽ معصومہ اوهان جي جنم ڏينهن جا ڏينهن هٿن تي ڳڻيا آهن، هن اوهان لاءِ شيشي جو تاج محل ۽ گلن جو تحفو ورتو آهي، هوءَ ٿوري دير ۾ اوهان لاءِ کڻي ايندي.“

مون هن کي معصومہ جي تحفي آڻڻ بابت ٻڌايو.

”اڇا!“ هن حيرت مان وراڻيو.

”ها، هوءَ اوهان سان من اندر خاموش محبت ٿي ڪري پر اظهار ڪرڻ جي سگهہ ڪانہ اٿس.“

مون وراڻيو.

”پر، مان هن معصوم معصومہ کي ڪيئن دوکو ڏيان؟ مان معصومہ کي نہ ڪنهن بہ ٻئي کي پسند ڪندو آهيان.“

اياز ايمانداريءَ سان چيو.

اياز جي اهڙن لفظن ٻڌڻ سان، آفيس جي دروازي جي اوٽ ۾ بيٺل معصومہ جي هٿن مان تاج محل ۽ گل ڇڏائجي پَٽ تي ڪِري پيا، ۽ تاج محل جي ڪِرڻ جي آواز تي اسان ڇرڪي دروازي ڏانهن ڏٺوسين، پر معصومہ جي دل جي ٽٽڻ جو آواز ڪنهن به نہ ٻڌو.

◙



**ڊاڪٽر رضا چانڊيو**
ٽنڊو ڄام

# ٻه ننڍيون ڪهاڻيون

## (1) انسانيت

مسجد ۾ پيش امام صاحب جو پُر اثر 'انسانيت' تي خطبو ٻڌي ايمان تازو ڪيم.... جمع جي نماز پڙهي جيئن 'جُتي' ڳوليم ته گم هئي هڪ نمازي صاحب مونکي پري کان پريشان ڏسي اکين جي اشاري سان ڪنهن ٻئي جي جُتي پائي وڃڻ جي صلاح ڏني. پر منهنجي دل نه مڃيو. مان پير اگهاڙا ڪري گهر ڏانهن آيس پئي ته واٽ تي ڇُپيل ڦٽيل ۽ ٽڪل ڳَنڍ تي مالڪ کي لنيون وسائيندي ۽ گاريون ڏيندي ڏٺم. جيڪو گهڻي بار جي ڪري ويهي رهيو هو. اجا ٿورڙو اڳتي وڌيس مس ته ننڍڙا ٻارڙا هڪ نيم اگهاڙي مستاني کي پٿر هڻي رهيا هُئا ۽ مختلف آواز ۽ چٿرن سان ڪيس چيڙائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. مستانو مُنهن گوڏن ۾ لڪائي پاڻ بچائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ جڏهن مون ٻارن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندس پير ۾ ٻينل وڏن ڦهريان نرڙ ۾ گهنڊ وجهي مون ڏانهن ڏسي گهڻ وڏ ڳالهايو ۽ بعد ۾.. پير اگهاڙا ڏسي کلڻ لڳا.... جڏهن ٻارن ۽ وڏن جو مون ڏانهن ڌيان ٿيو ته.. مستانو موقعو ڏسي ڀڄي ويو.. مان تڪڙو تڪڙو پانچا مٿي ڪري پنهنجي پاڻ کي گهٽيءَ ۾ پيل گند کان بچائيندو گهر ڏانهن هلڻ لڳس ته موڙ ۾ ماسي نصيبان گڏجي وئي، جيڪا اکين مان ڳوڙها وهائيندي ۽ پنهنجي منهن ڳالهائيندي اچي رهي هئي. پڇيم ماسي خير ته آهي؟! چيائين ابا وڏيري وٽ وئي هُئس منهنجو وڏو پٽ دادن جيئن وڏيري جي ونگار تان وريو آهي يڪو بخار ۾ پيو آهي. مدد لاءِ وئي هئس گهر ۾ ٽڪو ڪونهي. پر وڏيري ڪتو جواب ڏنو ماڳهئين ڪاوڙجي پيو، چيائين اڳ ۾ اوهان تي قرض آهي ڀهرين اهو چڪتو ڪيو.... هن ڀيري فصل به سٺو ڪونهي ٿيو تنهنجا ڇوڪرا به هاڻي هڏ حرام ٿي ويا آهن.... ڪم نٿو پڄين.... هاڻ محنت نٿا ڪن، سمجهائين نه ته اڳتي هارپو ڪولهين کي ڏيندس.. ماسيءَ يڪ ساهيءَ ۾ سموري ڪهاڻي ايئن ٻڌائي وئي جيئن اسڪول ۾ ٻار ڪو رٽيل نظم يڪ ساهي ٻڌائيندا آهن.... اڃا ماسي ڪجهه ڪڇي ان کان اڳ پاسي واري کيسي کي ڦلهوري ڏٺم ته 700 روپيا پيا هئا، 500 ماسيءَ کي مٺ ۾ ڏئي مٿي تي هٿ رکي موڪلائيم. ماسي دعائون ڏيندي هلي وئي....

گهر رسڻ کان اڳ ۾ واٽ تي ڇا ڏسان ته: ڪڏ جي پرسان ماڻهن جو انبوهه آهي.... ويجهو وڃي خبر پئي ته ڪنهن ڪولهيءَ جو ٻار ڪري پيو آهي. سڀ اڃا اجرا، ڪي اڇين ٽوپين سان، ته ڪي مٿي اگهاڙا، ڪجهه مولوي صاحبان، ته ڪجهه ٻيا، تقريبن ويهارو کن ماڻهو ننڍن وڏن سميت ڪڏ ٿيل هئا.... ائين پئي لڳو ته ڇڄ هاڻ مسجد مان نماز پڙهي آيا هُجن.... ڇاڪاڻ ته سندن ڪپڙن مان عطر جي خوشبوءِ پري تائين اچي رهي هئي سڀ ننڍڙي ٻار لاءِ تمام گهڻو پريشان نظر رهيا هئا.... پر ڪڏ اندر گهڙڻ لاءِ ڪوبه تيار ڪون هو...!! ڪڏ وڏيري بهادر خان جي ذاتي ملڪيت آهي، جيڪو وڏي رعب ۽ دٻدٻي وارو مشهور آهي. ڪيس ڪئين ڀيرا مون جمعي جي نماز تي مولوي صاحب جي پويان ڀهرين صف ۾ نماز پڙهندي، دعا گهرندي ۽ روئندي اکين سان ڏٺو آهي.

سندس هٿ آڱرين ۾ هميشه ڪاري رنگ جي تسبيح پئي ڦرندي آهي..... تلاءِ نما هن اونهي ڪڏ ۾ اڳ ۾ ٻه ٻار ڪرندا رهندا آهن، هڪ ٻارڙو ته اڳ ۾ مري به چڪو آهي. ڪڏ وڏيري جي اوطاق جي پوئين پاسي کان آهي جتي سندس اوطاق جو گند ڪچرو به نالي مان وهندو رهندو آهي ۽ پر ۾ وري سندس جو مال وهنجندو آهي. اڳي جڏهن ڳوٺ جا چڱا مڙس گڏجي وٽس ويا هئا ته وڏيري ڪڏ پورڻ کان لاچاري ڏيکارين هئي ۽ چيو هئائين ته توهان پنهنجن ٻارن کي سمجهايو ته اتي پر ۾ نه کيڏن مونکي اڳتي هلي اتي مڇي جو تلاءِ ٺاهڻو آهي.

لڳ ڀڳ 70 سالن جو پوڙهو، ڪمزور ۽ ڪاري رنگ جو ڪولهي، مشڪل سان ٻار کي چڪي ٻاهر ڪڍي ٿو ۽ سيني جي سامهون ساڻو ٿي ڪري پوي ٿو..... مان ٻوڙندو گهران بالٽي پاڻيءَ جي ۽ ٽوال کڻي اچان ٿو ۽ ٻنهي تي پاڻي هاري کين صاف ڪريان ٿو..... ۽ مولوي صاحب جو تازو ڏنل ليڪچر ياد ڪري اکين ۾ پاڻي اچي وڃي ٿو..... سوچيان ٿو ته "اسان جي مسلماني صرف مسجدن تائين چو محدود ٿي وئي آهي، عملي طرح اسان جي زندگيءَ ۾ نماز ڏسڻ ۾ چو نٿي اچي.....!!"

.....پوڙهو ڪولهيءَ پنهنجا پيلا ڏند اگر سان صاف ڪندي پنهنجي ٻار ڏانهن خوش ٿي نهاري ٿو ۽ هٿ ٻڌي منهنجا ٿورا مڃيندي چوي ٿو ته..... "سائين اوهان جي وڏي مهرباني!!' چيم: ان ۾ مهربانيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي ڪاش!! مان ٿورڙو اڳ ۾ اچان ها ته، تنهنجي صحيح طرح سان مدد ڪري سگهان ها.....

.....پوڙهو ڪولهي انتهائي معصوميت سان وراڻي ڏيندي چوي ٿو ته: "سائين! مولوي صاحبن به مونکي مدد لاءِ چيو هو، پر مون کين منع ڪئي هئي..... چون پيا ته "اسان تنهنجي مدد ڪريون، پر اسان جا نماز جا ڪپڙا آهن..... خراب ٿي ويندا.....!!!"

## (2) واهه_ وڏيرا_ واهه.....

ڏي خبر چا ٿيو؟

"رئيس شهپر وٽيندي- نرڙ ۾ گهنڊ وجهي ڪمدار نورل ڏانهن ڏسندي پڇيو "سائين نٿو مڃي" ڪمدار ڪنڌ هيٺ ڪري هٿ جوڙيندي نيازمندي سان وراڻيو.

"چا ٿو چوي؟"

"اهو ئي ته رئيس هتان جو ڪونهي! اسان ووٽ 'مير' کي ڏينداسين..!!

"هتان جو ڪونهي؟!... چڻ مان هندستان جو آهيان!! رئيس کي ڪاوڙ اچي وئي "گهڻا ووٽ اٿس" سائين 100 کن ٿي ويندن. "رئيس سامهون پٽ ڏانهن نهاريندي پنهنجي فوٽو کي غور سان ڏسندي سوچڻ لڳو..... رئيس اڪثر پنهنجي جوانيءَ واري فوٽو کي ڏسندي خوش ٿيندو آهي..... سندس اکين ۾ چمڪ اچي ويندي اٿس. ڪئين ڀيرا ٻڌاءِ چڪو آهي ته هي بندوق ۽ ٽوپلي وارو فوٽو تڏهن جو آهي، جڏهن هن 10 هرڻ ماريا هُئا..... ۽ خطرناڪ چيتي سان مقابلو ڪري ڪيس ماريو هو.

"ڳوٺ جا سڀئي ووٽ هن جي هٿ ۾ آهين چا؟!"

رئيس ڪجهه سوچيندي ڪمدار کان آهستي رازداريءَ سان پڇڻ لڳو..... "جي سائين" سڀ پنهنجا پاڻ ۾ مٽ مائٽ آهن سڀئي هن جي چئي ۾ آهن." ڀلا چنيسر هن مهل آهي ڪٿي؟

سائين اوهان جي بنگلي تي وٺي آيو آهيانس"

ٻيو ڪير اٿس.

سائين سندس پٽ "سانوڻ" سندس وڏو پٽ جنهن کي اڳين اليڪشن ۾ اوهان گم ڪرايو هو... ڌاڙي جي ڪيس ۾ ڪو چالان ٿيو هو..... "اڇا اڇا" هاڻ سُڃاتم.....! وري ڇُٽي آيو آهي چا؟ "ها سائين ٽيون ڏينهن آيو آهي..... هاڻ ڪيئن آهي؟! سائين زبان بند اٿس سڄو ڏينهن اوهان جي ساراهه ڪندو ٿو وتي. ٽيون ڏينهن سندس گهر



**محمد قاسم ڪلوئي**
ٽنڊو ڄام محمد

# اسپتال

حسب معمول اڄ به صبح جو ڀنيءَ تي گهمڻ لاءِ نڪتس ته ڀين ڪيترين نينگرين سان گڏ، هوءَ به پاڻي جو دِلو ڀري رهي هُئي. آءٌ واٽر جو ڪپ وٺي، هرويرو هُن جي ڀر مان گذريس. مُنهنجي انهي حرڪت تي سيني مون ڏانهن نهاريو، هُن به هڪ نظر مون تي وڌي ۽ پوءِ ڪَنڌ هيٺ ڪري پاڻيءَ سان دلو ڊوڙڻ لڳي ۽ ڪُجهه ئي دير ۾ سيئي پاڻي ڀري روانيون ٿيون. آءٌ اُتي ئي بيٺو رهيس، هُن مُڙي مون ڏانهن نهاريو ۽ هڪدم هڪ دِلفريب مُسڪراهٽ سان ڪنڌ موڙي، ڳوٺ ڏانهن هلي آئي.

سوچيم..... ڪاش! ڳوٺ ايترو ويجهو نه هُجي ها...

”اتي! اڃان ويچارو بُت بڻيو بيٺو آهي.“

ڇوڪرين جي ٽهڪن ۾ هُن جو آواز نمايان هو.

آءٌ واقعي بُت بڻجي ويو هُئس، جڻ ڪُجهه دير لاءِ ڏڪڻ جي هير ڳهلي وري لُڪ لڳڻ لڳي هُجي.

”سائين اوطاق ڏانهن هلون؟“

ڪمدار جي آواز سان مُنهنجي خيالن جو سلسلو ٽٽي ويو.

”ڪمدار....، ڪيتري دير کان بيٺو آهين؟“

”حاڪم، ڪافي دير کان بيٺو آهيان، پر اوهان اهڙي خيالن ۾ گم هُئا، سو سوچيم ته اوهان جي خيالن ۾ دخل اندازي نه ڪريان.“

ڪمدار پنهنجي ڳالهه جي دِگهي وضاحت ڪئي.

”ها! ڪمدار هڪڙي حساب ۾ مُنجهي پيو آهيان، ڪافي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، پر مون کي ڪو حل نظر نٿو اچي.“

”ڇو.... ڇو سائين؟ مُنشي ڪهڙي مرض جي دوا آهي، انهي کان ٿا حل ڪرايون...“

ڪمدار پنهنجي پَرَ ۾ هڪ وڏي دانائيءَ واري ڳالهه ڪري کِليو پئي.

”نه، ڪمدار مُنشيءَ کان اهو حساب نه ٿيندو، انهي حساب کي حل ڪرڻ لاءِ پارڪو بڻجڻو پوندو.“

مون پنهنجي اندر جي آنڌ مانڌ کي ماٺو ڪرڻ لاءِ چيو.

”پر سائين، اوهان ڪو گهٽ پارڪو آهيو ڇا؟“

ڪمدار پنهنجي چاپلوسي ڪندي چيو.

”ها ڪمدار، گهٽ ته ناهيون، پر هي راز جي ڳالهه ڪوئي رَند ئي پروڙي....“

۽ هُو ٻئي ڪپ جي ڀر وٺي اوطاق ڏانهن آيا.

”ڪمدار....، پيرل کي چئجان ته ڇوڪِر جي شادي جو خرچ آءٌ ڀريندسُ.“

مون، پنهنجي ذهن ۾، هُن تي احسان ڪرڻ لاءِ چيو.

ڪُجهه زمين جو حساب ڪتاب ڪري، رهيل لاهيارن جا ڏوڪڙ ڪمدار کي ڏئي، شهر ڏانهن روانو ٿيس ته هوءَ گهر جي گهٽيءَ تي بيٺي هُئي، شايد مال کي پاڻي پئي پياريائين.

آءٌ شهر جو رستو ڇڏي، هُن ڏانهن هليو آيس، هوءَ هڪدم گهبرائجي ويئي، گهر جي در وٽ بيهي رهي ۽ چيائين:

”بابا ته گهر ڪونهي!“

”پيرل... پيرل، ها، پيرل ڪيڏانهن ويو آهي...“ اهي لفظ مُنهنجي نڙيءَ ۾ ڄڻ اٽڪي پيا هُئا، هُن کي رڳو پاتل ڪونه هو، ڇاتي هُن جي تيز ساهن جي ڪري هيٺ مٿي ٿي رهي هُئي، هُن منهنجي نظرن کي ڄاڻي ورتو هو.

مون کي پاڻ ڏانهن ائين گهوريندي ڏسي، هوءَ مُرڪي پئي ۽ چيائين: ”بابا، چاچي الهبچائي کي ڏسڻ ويو آهي، شايد سُياڻي اچي.“

”مون کي اُڄ لڳي آهي؟... پاڻي پياريندينءَ!!“ سواليه طور، هُن جي اکين ۾ اکيون وجهي چيم.

هُن، اکيون هيٺ ڪندي چيو،

”جيءُ ها، توهان ٻيهو، آءٌ پاڻي پريو ٿي اچان.“

هوءَ ٻوڙي اندر ويئي ۽ جلدي ئي پِتل جي گلاس ۾ پاڻي پري آئي.

”اچي....، هي وٺو.“

هُن مون ڏانهن گلاس وڌائيندي چيو.

پاڻي پِي، چيم: ”کنڊُ ملائي هُيئي ڇا....؟“

هُن حيراني مان چيو: ”نه......چو....؟“

چيم: ”پاڻي ڏاڍو مِٺو هو.“

هوءَ هڪدم شرمائجي ويئي ۽ گلاس اندر کڻي ڀڄي ويئي. مُنهنجي زندگيءَ ۾ ڄڻ بهار موٽي آئي، هر طرف گلن جي سُرهاڻ ڦهلجي ويئي. خوشي جي نشي ۾ سرشار ٿي گهر پُهتس ته منهنجي گهرواري، انهي حالت کي پروڙي ورتو، جڏهن ته شادي کئي مهينو به، ڪونه گذريو هو، بابا بيمار هو، تنهن زور پري منهنجي شادي ڪرائي هُئي.

”سائين.....،

هُن چيو.

”هون..“

جواباً چيم.

”اڄ ته ڏاڍا خوش، پيا نظر اچو، خير ته آهي.“

زال پنهنجي ڇهين حس جي خبردار ڪيل خبر سان پُڇيو.

”ها ڪُل خير آهي، چو ڪو شڪ جاڳيو ائي ڇا...؟

مون پنهنجو انديشو ظاهر ڪندي چيو.

”ڪهڙي خبر سائين، رئيس آهيو، ڪٿي شوق ۾ نه ڦاسي وڃو...“

هُن ٺوڪ واري انداز ۾ چيو.

”هيل فصل پلو ٿيو آهي، سوچيو اٿم ته بابا جي خواهش پوري ڪريان، سو انهيءَ لاءِ ڳوٺ ۾ اسپتال ٿو ٺهرايان.“

”اها ڳالهه يا ڪا ٻي.“

زال چيو.


”توکان اڄ تائين ڪا ڳالهه لڪائي اٿم ڇري؟“

مون پنهنجي زال جي ڳَٽن تي هلڪي ٿپ هڻندي چيو ۽ اچي پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي پيس.

سچ هونءَ ئي پنهنجو سفر ختم ڪري اُلهي چُڪو هو، رات جي ماني کائي جلدي سُمهي پيس. رات دير سان اک کُلي ته ڪمري ۾ مڪمل اونداهي هُئي ۽ گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ ٽڪ صاف ٻُڌڻ ۾ پئي آئي. تڏڙي هير سان ڪمري جا پردا، لُڏي رهيا هُئا. شهر ۾ سانت هئي، ڪنهن ڪنهن وقت رولو ڪُتن جي ڀونڪ يا وري چوڪيدار جي لٺ جي ٽڪ ٽڪ ٽڪ جو آواز آيو ٿي يا ڪنهن ڪنهن وقت زال جي پاسي ورائڻ سان چوڙين جو آواز آيو ٿي.

▣

تاريخ 29 ڊسمبر 2020ع تي سنڌ ماڊل موتي تنظيم طرفان استاد ذوالفقار علي سان ملهايل روح رهاڻ ۽ پڳ پڌرائڻ جي تقريب



تقريب ۾ محمد عثمان منگي استاد ذوالفقار علي کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي ٻئي طرف ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو ۽ ڊاڪٽر قاضي خادم ڳالهائي رهيا آهن



تقريب ۾ ڊاڪٽر اسد جمال پلي، استاد ذوالفقار علي ۽ احمد سولنگي



پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ مهمان ۾ امر اقبال، احسان راهوجو موهن مدهوش، ڊاڪٽر مخمور بخاري، اياز گل، محمد عثمان منگي، احمد سولنگي، عبدالمجيد پنهور، نصير مرزا ۽ سعيد منگي





محترم پروفيسر الطاف جوکيو سنڌي پروليءَ تي ليڪچر ڏينديءَ اسٽيج تي ڊاڪٽر اسد جمال پلي (صدارت)،
محترم نفيس احمد شيخ (مهمان خاص)، محترم پروفيسر انور فگار هڪڙو (اعزازي مهمان)،
سيد سڪندر علي شاهه (سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ)، ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيو



ڊاڪٽر اسد جمال پلي صدارتي تقرير ڪنديءَ نفيس احمد شيخ، انور فگار هڪڙو، ڊاڪٽر عبدالمجيد
چانڊيو ۽ ارشد لغاري ويچار ونڊيندي



سنڌي پروليءَ جو فني جائزو پروگرام ۾ سامعين
(ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ ڄام شورو)




ڊاڪٽر اسد جمال پلي صدارتي خطاب ڪندي

مچ ڪچهري ڳوٺ دودو خاصخيلي لڳ ڪنري – عمرڪوٽ



مچ ڪچهري جا مقرر ايوب ڪوسو، ڊاڪٽر اسد جمال پلي، تاج محمد هاليپوٽو،

علي نواز خاصخيلي (ميزبان) ۽ سامعين



پروفيسر سيد قلندر شاهہ لڪياري جي ياد ۾ مشاعرو (ڳوٺ رائلو مياڻ)

الهبچايو مشتاق آريسر، سيف الله خالد، مير مجاهد ۽ لطيف دانش شعر پڙهندي

علم ۽ ادب جي دنيا ۾ ايئن ٿيندو رهيو آهي ته جن جو ڪم وڏو هوندو آهي، اهي وڏا نالا پوئتي هليا ويندا آهن ۽ سندن جاءِ تي معمولي ۽ سطحي ڄاڻ رکندڙ اهڙن ماڻهن جا نالا پي .آر [P.R] جي زور تي مٿي چڙهي ايندا آهن. جن جي دماغ ۾ رڳو ٺڪريون پيون وڄنديون آهن. اسان وٽ علم ۽ ادب جي شعبي ۾ اهڙو وڏي ۾ وڏو مثال مرحوم محمد صديق 'مسافر' جو ملي ٿو. پاڻ هڪ وڏو تعليمي ماهر هجڻ سان گڏوگڏ ليکڪ هئڻ جي حيثيت ۾ اهڙيون لکڻيون ڇڏي ويو آهي، جو اڄ به جڏهن پڙهجن ٿيون ته ايڏيون تازيون توانيون لڳن ٿيون. جڻ اڄان ڪالهه لکيون ويون هجن، پر انهيءَ هوندي به سندس نالو پوئتي هليو ويو ۽ علم ۽ ادب جي حوالي سان اهڙا ماڻهو مشهور ٿي ويا جن جي ڪم کي جي محمد صديق مسافر جي ڪم سان ڀيٽي ڏسجي ته انهن مشهور ٿيل تعليمي ماهرن، عالمن ۽ ليکڪن جون رڳو ڦيڻون ڏسڻ لاءِ رهجي وينديون ۽ ڦيڻن جي هيٺيان ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه ايندو.

ايئن ئي ادب ۽ دانش جي دنيا ۾ راڄ محمد پلي جي مختصر پر تمام وڏي تحريري ڪم کي پوئتي ڌڪيو ويو. انهيءَ ۾ سندس اسان پارا دوست به شامل آهن جو اسان سندس زبان مان نڪتل وسيع فڪري دنيا کي رڪارڊ تي آڻي نه سگهياسون. محمد صديق مسافر ته هڪ مسڪين شيدي ماستر هو، جنهن وٽ پي .آر [P.R] جا ذريعا نه هئا، پر راڄ محمد غني ماڻهو هو، ۽ سنڌ جي ليجينڊري سخي مرد عطائي پلي جو پٽ هو، جيڪو سؤ رپين جي نوٽ ۾ تماڪ وجهي بيڙي ٺاهي ڇڪيندو هو، ڏڪڻ سنڌ ۾ 1928ع ۾ پهرين "رولس رائس" گاڏي آندائين، سنڌ جو هيءُ شاهي وڏيرو راڄ محمد پلي چاهي ها ته ڪئين ادبي ڄاڙتا گڏ ڪري، ڪين آڳرين تي نچائي. پنهنجي علم ۽ شخصيت کي فرنٽ سيٽ تي آڻي ڇڏي ها. پر مرحوم راڄ محمد ماڻهن کي آڱرين تي نچائڻ جي بدران پٽي جي بيڙين کي نچائيندي پنهنجي علم جو زباني اظهار ڪندو رهيو. فاقيري رنگ جو ماڻهو هو. انهيءَ ڪري سندس چوڌاري به فاقيري رنگ جا ماڻهو رهيا. جن کي علم سان ته دلچسپي هئي، پر اهي پي .آر [P.R] جي گڻن کان ته اڻواقف هئا. هن نه پنهنجو پاڻ کي ليکيو ۽ نه وري شهرت کي. جڏهن پنهنجي صحت کي ئي نه ليکيائين ته شهرت وري ڪهڙي باغ جي موري هئي.

**عبدالقادر جوڻيجو**
ڪتاب: 'وڙهيا- واڳيا- واپريا'
(صوفي صديق محمد صادق شاهه جي سوانح ۽ ڪلام)
ٻه اکر، ص 10-11
مصنف: راڄ محمد پلي، مرتب: اسد جمال پلي

# متفرقه

پڻ پڙهيل لکيل ۽ عبدالغني قائمخاني جيڪو زميندار بہ هو ۽ ٽنبوالهيار ميونسپالٽي جو ڪافي وقت چيئرمين رهيو، سندس پائر آرمي ۾ وڏا آفيسر هئا. پاڻ پڙهيل لکيل ۽ بهتر انسان هو. خانزاده قوم جا ماڻهو زميندارِي سان گڏ پڙهيل لکيل ۽ اعليٰ عهدن تي فائز رهيا آهن. مون اهو ڏٺو تہ قائمخاني ۽ خانزادا پنهنجي اولاد ۾ تعليم لاءِ اڳتي هئا، ٽنڊي الهيار شهر ۾ اهي ماڻهو ڏاڍي محبت سان رهن ٿا. هڪبئي کي ڪم اچڻ، عام ماڻهوءَ جي عزت ۽ احترام ڪندا هئا. ڪڏهن بہ ڪنهن ڪاموري کي ناجائز تنگ نہ ڪندا هئا. ٽنڊي الهيار جي ٻئي ٽڪ ۾ عبدالغني درس ايم.پي.اي هو، هُو بہ عوام جي درن تي ويندو هو. عوام جا مسئلا ٻڌڻ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ هميشہ سرگرم هو، تمامُ پڙهيل لکيل ماڻهو تمام سجاڳ ذهن جو ماڻهو هو. ٽنڊي الهيار جي شخصيتن ۾ هڪ وڏي شخصيت سيد پورل شاهہ جو اولاد، سيد امير علي شاهہ ۽ سيد علي نواز شاهہ ٽنڊي الهيار جا وڏا زميندار هئا. غريب ماڻهو سان محبت ڪندڙ، سندن اوطاق تي 24 ئي ڪلاڪ مانيءَ جو بندوبست هو. غريبن جي مالي مدد ڪندا هئا. مون ڏٺو تہ هُو ڪنهن بہ لچ لوفر جي ڪا مدد نہ ڪندا هئا. عام ماڻهوءَ سان پيار ۽ محبت سان ملندا هئا. ڏکي سکي ۾ عام ماڻهو سان گڏ هوندا هئا. ٽنڊي الهيار جو نصرپور شهر جتي سنڌ جي وڏي صوفي شاعر سيد مصري شاهہ جي مزار آهي ان جا گادي نشين سيد مراد علي شاهہ تمام محبت ڪرڻ وارا، زميندارِي سندن پيشو آهي، سندس ٻيا پائر اعليٰ عهدن تي فائز آهن. نصرپور ۾ ٻيون بہ قومون رهن ٿيون، جن ۾ پيار محبت ۽ ٻڌي ڏسڻ وٽان آهي. جيڪي پڙهيل لکيل، ڪاروباري ۽ امن پسند ماڻهو آهن ۽ هنرمند ماڻهو آهن، جتي ڪپڙي ٺاهڻ جا ڪارخانا جنهن ۾ لُنگي ۽ سُوسيءَ جا ڪپڙا تيار ڪندا آهن. هتي هڪ مِٽيءَ جو پَٽُ آهي، جنهن سان سرون ٺاهيون ويندڀون آهن. ٽنڊي الهيار جي پرسان سيد نورمحمد شاهہ جيلاني جو ڳوٺ آهي، جيڪو پڻ وڏو زميندار آهي. آهي تہ هِتان جو پر اليڪشن ٿر مان ڪٽيندو آهي. جڏهن بہ اليڪشن ۾ بيهندو آهي تہ اليڪشن ڪٽيندو آهي، تمام پيارو ۽ اعليٰ خوبين جو مالڪ آهي، ٽنڊي الهيار جو هڪ علائقو جيڪو چمبڙ ٽائون ڪاميٽي جي حيثيت رکي ٿو، اتان جي تمام سجاڳ ماڻهن هينئر پنهنجي اولاد کي پڙهايو، جنهن جي ضلعي سطح تي عزت هئي. ماڻهو ڪاروباري ۽ زراعت سان تعلق رکندڙ رهن ٿا. چمبڙ ۾ تمام وڏي مال پڙي لڳندي آهي، هيءُ علائقو زراعت تي مشتمل آهي، هن شهر جو استاد محمد حسن ڪاشف هو، جيڪو شاهہ لطيف جو پارکو، عالم اديب، تاريخدان، محقق ۽ هڪ احمد ميمڻ صاحب رهندو هو. جنهن جو دسترخوان سدائين وڇايل هوندو هو، هو وڏو مهمان نواز هو.

استاد محمد حسن ڪاشف جيڪو ذات جو ڪنير هو، سندس تخلص ’ڪاشف‘ هو، منهنجو گهرو مهربان دوست هو، جنهن سان تعليم جي معيار جي باري ۾ ملاقاتون ٿينديون رهيون. ٽنبوالهيار ۾ وڏو زرخيز علائقو آهي. جتي سنڌڙي انب جي اُپت گهڻي آهي، زراعت جي لحاظ کان انبن جا تمام گهڻا وڻ آهن، ڪٽڪ جو فصل بہ تمام بهترين ٿئي ٿو.

ٽنڊي الهيار ۾ 1991ع ۾ عبدالستار ٻچاڻي سان ملاقات ڪئي. ان وقت هو وزير ڪونہ هو، مون کيس عرض ڪيو تہ جڏهن توهان وزير هئو تہ توهان منهنجو پروموشن نہ ڪرايو، مون کيس هجت ۾ ميار ڏني. هن چيو تہ محمد عثمان مان تنهنجو مياري آهيان. اها نصيب جي ڳالهہ آهي جو مان توکي پروموشن نہ ڏياري سگهيس. اها ڳالهہ مون کان رهجي وئي. هاڻي مان تنهنجي پروموشن لاءِ ڪوشش ڪيان ٿو ۽ هن منهنجي سامهون ان وقت جي چيف سيڪٽري سيد سردار علي شاهہ سان ڳالهايو ۽ ملاقات لاءِ وقت ورتو. هن ڪيس ٻئي ڏينهن يارهين وڳي ملاقات جو وقت ڏنو، ٻچاڻي صاحب مون کي چيو تہ تون هتي رهہ صبحاڻي مون سان گڏ هل چيف سيڪريٽري وٽ. ٻئي ڏينهن مان هن سان گڏ ويس پر اتفاق سان چيف سيڪريٽري وزيراعليٰ وٽ ميٽنگ ۾ ويل هو. ٻچاڻي صاحب وري ٻئي ڏينهن تي ملڻ

جو وقت ڏنو. مون بچاڻي صاحب کان موڪلايو، ٽنڊي الهيار وڃڻ لاءِ ۽ ڪيس عرض ڪيم ته توهان کي پارت هجي. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ مان پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هوس ته مون کي بچاڻي صاحب جو فون آيو، مون فون کنئي ته مون کي چيائين هيلو، ايس.ڊي.ايم محمد عثمان منگي صاحب. مون ڪيس چيو ته سائين مذاخ نه ڪريو. هن چيو ته ٻن ٽن ڏينهن ۾ تنهنجو آرڊر ڪٽي اچان ٿو. جيستائين منهنجو آرڊر اچي مون کي بورڊ آف روينيو ۾ رپورٽ ڪرڻ لاءِ چيو ويو. نئين بدلي ٿي آيل مختيارڪار غلام محمد ميمڻ چيو ته ٻن ڏينهن ۾ سامان سرڪاري گهر مان ڪڍ نه ته مان پاڻ ٻاهر ڪيرائي ڇڏيندس، مون ڪيس چيو ته هفتو کن مون کي ڇڏ منهنجو پروموشن ٿيڻ وارو آهي. مان هفتي کن ۾ سامان کڻي بنگلو خالي ڪري ويندس، پر هن جواب ڏنو. ٻئي ڏينهن تي منهنجو آرڊر بطور ايس.ڊي.ايم ٽنڊو الهيار ٿي ويو، ۽ مان جيئن ته حيدرآباد جي گهر ۾ رهيل هوس، مان صبح جو تيار ٿي، ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد سياڳي خان جتوئي سان ملاقات لاءِ سندس بنگلي تي ملڻ ويس، ۽ ڪيس اطلاع ڪيم ملاقات ڪرڻ جو. جنهن پڇا ڪرائي ته ڪهڙي ڪم سان آيا آهيو، مون ڪيس چيو ته منهنجو ايس.ڊي.ايم ٽنڊوالهيار جو آرڊر ٿيو آهي، ايس.ڊي.ايم طور جوائن ڪرڻ جي سلسلي ۾ توهان کان اجازت وٺڻ آيو آهيان. سياڳو خان جتوئي کي حيدرآباد ۾ ڊپٽي ڪمشنر طور 9-8 مهينا ٿيا هئا ۽ خاص طور سواءِ ڪنهن ميٽنگ جي هو مختيارڪارن سان هرويرو نه ملندا هئا. تنهنڪري مون سان ملاقات ڪرڻ کان جواب ڏنائين ۽ چوائي موڪليائون ته مون ٻئي اسسٽنٽ ڪمشنر لاءِ ڊي.او ليٽر لکي ڇڏيو آهي، انڪري توکي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوالهيار جي چارج سنڀالڻ لاءِ اجازت نٿو ڏئي سگهان. ايتري ۾ مون محترم ڪي.بي رند کي اسلام آباد فون ڪري ڪيس حقيقت کان آگاهي ڏني ته وڏي مشڪل سان منهنجو اسسٽنٽ ڪمشنر طور پروموشن ٿيو آهي. منهنجي ايس.ڊي.ايم طور ٽنڊي الهيار ۾ پوسٽنگ ٿي آهي، پر حيدرآباد جو ڊپٽي ڪمشنر سياڳو خان جتوئي مون کي چارج نٿو ڏيڻ چاهي ۽ هن ٻئي آفيسر جي مقرري لاءِ ڊي.او ليٽر لکي ڇڏيو آهي، انڪري توهان منهنجي مدد ڪريو ۽ سياڳي خان جتوئي سان ڳالهايو ڇاڪاڻ ته هو مون کي نٿو سڃاڻي. مون کي ڪي.بي رند چيو ته تون پنجن منٽن کان پوءِ مون سان وري ڳالهائجانءِ. پنج ڏهه منٽ گذرڻ کان پوءِ مون ڪي.بي رند سان ڳالهايو، مون کي چيائين ته تون هاڻي وڃي سياڳي خان جتوئي سان مل، هو توسان ملاقات به ڪندو ۽ چارج وٺڻ جي به اجازت ڏيندو. مان سانس ملڻ ويس هن ملاقات ڪئي ۽ چيو ته وڃي چارج وٺ. هن مون کي ڪي هدايتون به ڏنيون. هن چيو ته توهان ٻن سالن کان ٽنڊي الهيار ۾ مختيارڪار رهيا آهيو، انڪري توهان کي سڄي علائقي جي خبر آهي، تنهنڪري اتان جي ماڻهن سان سٺو سلوڪ رکجو.

ٻه هفتا کن گذريا، مان پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هئس ته اٽڪل صبح جو يارهين وڳي ڊپٽي ڪمشنر سياڳو خان جتوئي اوچتو منهنجي آفيس ۾ آيو. مون کان معلوم ڪيائين، مون ڪيس ٻڌايو ته روينيو جي حوالي سان ميٽنگ ڪرائي آهي، پاڻ ان وقت ويٺو ۽ روينيو عملي سان ملاقات ڪيائين. شهر جا ڪافي معزز ساڻس ڪم ڪارين سان ملڻ آيا. ملاقات دوران هو ماڻهن کان منهنجي ڪم ڪار جي باري ۾ معلومات به وٺندو رهيو. ڪلاڪ ٻن کان پوءِ واپس حيدرآباد هليو ويو. وري 15-20 ڏينهن گذرڻ کان پوءِ اوچتو بغير اڳواٽ اطلاع جي هو منهنجي آفيس ۾ هليو آيو. ان وقت مان ۽ ڊي.ايس.پي لا ۽ آرڊر جي حوالي سان سب ڊويزن جي پوليس عملدارن ۽ معزز شهرين سان ميٽنگ ڪري رهيا هئاسين ته سياڳو خان جتوئي اوچتو آفيس ۾ اندر اچي ويو. پڇا ڪرڻ تي ڪيس گڏجاڻي بابت آگاهي ڏني ۽ هن پاڻ گڏجاڻي ڪئي. وڃڻ مهل هن مون کي شاباس ڏني ۽ چيو ته تون قابل ماڻهو آهين. اوچتي اچڻ جو مقصدئي اهو هو ته تنهنجو ڪم ڪار جاچيان. هاڻ مون کي پڪ ٿي آهي ته تون سب ڊويزن بهتر طور هلائي سگهين ٿو. اٽڪل ٽن چئن مهينن گذرڻ کان

مون ڊپٽي ڪمشنر سياڳي خان کي عرض ڪيو تہ پرائمري اسڪول جا شاگرد توهان سان رهاڻ ڪرڻ چاهين ٿا، ان لاءِ توهان وقت ڏيو. چاڪاڻ تہ توهان جي کُليل ڪُلي ڪچهري وڏي سجاڳي آڻيندي آهي ۽ ماڻهن کي ياد آهي، توهان کي اتان جو عوام ياد ڪري ٿو، توهان جو پيغام علم، ادب، صحت ۽ تندرستي، راندين جي باري ۾ سٺو انسان ٿيڻ جي باري ۾ جيڪا ڄاڻ ڏني آهي. ان ڪري هِتان جا ٻار مون وٽ آيا تہ هو ڊپٽي ڪمشنر سان رهاڻ ڪرڻ چاهين ٿا. هن مسڪرائي مون کي چيو، اها تہ مون لاءِ هڪ ڊپٽي ڪمشنر لاءِ نئين ڳالهہ آهي. مون وري ڪيس چيو تہ هن رهاڻ ۾ اسان جا ٻار ڪرسي نہ رکندا. توهان کي اسڪول جي بينچ تي ويهاريندا، تنهن تي پنهنجون يادون ياد ڪري سندس اکين ۾ لُڙڪ تري آيا ۽ چيائين تہ ٻار جنهن بينچ تي مون کي ويهارين ٿا اها مون لاءِ وڏي ڪرسي آهي، ان کان پوءِ هن مون کي تاريخ ۽ وقت ڏنو ۽ آفيشل خط لکي موڪليو، جنهن ۾ اٽڪل ڏهن ڏينهن جو وقفو هو. اسان اهو پروگرام ٽنڊي الهيار جي پرائمري اسڪول ۾ منعقد ڪيو. هن پروگرام ۾ ٽنڊي الهيار اسڪول جا استاد، شاگرد، معزز ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ ڊپٽي ڪمشنر جو شاندار استقبال ڪيو ويو. ان موقعي تي جوڙيل اسٽيج تي صرف هڪڙي بينچ رکيل هئي، جتي ڊپٽي ڪمشنر صاحب ويٺو. سياڳي خان جتوئي گلن جي ورکا ۾ اسٽيج تي پهتو. جڏهن اسٽيج تي لڳل بينر پڙهي ڏٺائين تہ انتهائي اچرج ۾ اچي ويو جو ان بينر تي سندس وڏي فوٽو سان گڏ هڪ ٻار جو فوٽو ۽ پٽي ۽ مس ڪُپڙي نهيل هئي، اهو عڪس ڏسي اکين مان لُڙڪ لاڙي ويٺو. هڪ شاگرد ان پروگرام جي ڪاروائي هلائڻ لاءِ ڪانئس اجازت گهري. پوءِ هڪ شاگرد تلاوت ڪئي، اسڪول جي شاگرد مسئلن تي سپاسنامو پڙهيو، پنجن شاگردن سياڳي خان جتوئي جي ٻچپن جي زندگي، ڳوٺاڻي زندگي، استادن جن ڪيس پڙهايو، سندس تڪليفن ڪاميابين ۽ ايئرفورس ۾ ڪيپٽن ٿيڻ ۽ پوءِ سي.ايس.ايس ڪري ڊپٽي ڪمشنر ٿيڻ تائين جي سفر کي خوبصورت نموني چٽيو ۽ چيو تہ اسان کي فخر آهي تہ اهو جفاڪش، محنتي ۽ ڪامياب انسان اسان سان گڏ اسڪول جي بينچ تي اسان سان گڏ ويٺو آهي. شاگردن کان پوءِ ٻن استادن ۽ والدين بہ تقريرون ڪيون. هن روح رهاڻ پروگرام ۾ سب ڊويزن جا آفيسر چيئرمين ٽائون ڪاميٽي، ميونسپل ڪاميٽي ۽ يونين ڪائونسل جا چيئرمين ۽ ميمبر، تعليم کاتي جا اعليٰ آفيسر، سنڌ جو عظيم شاعر مرتضيٰ ڏاڏاهي، جنهن جا ٻار پرائمري اسڪول ۾ پڙهي رهيا هئا، ايس.ڊي.او ايجوڪيشن ٽنڊوالهيار محمد ساجن ملاح ۽ ٻين شرڪت ڪئي، آخر ۾ سياڳي خان جتوئي کي ٽوپي ۽ اجرڪ شاگردن پارايو ۽ پٽي ڪلڪ، مس ڪپڙي ۽ سنڌي ڪتاب ڏنا جن کي هن وٺي اکين تي رکي چُميو، ان کان پوءِ هن تقرير ڪئي ۽ چيو تہ تعليم ڪيتري قدر مفيد آهي، هن تعليم جي باري ۾ گهڻو زور ڏنو، هن علائقي جي ماڻهن کي نياڻين کي تعليم ڏيارڻ جي اپيل ڪئي. هن ٻڌايو تہ هو ڪڏڙي شهر ۾ گهوڙن جي تبيلي ۾ رهندو هوس ۽ هميشہ پڙهڻ کي ترجيح ڏيندو هوس، محنت ڪندو هوس. منهنجا ماءُ پيءُ غريب ماڻهو هئا، انهن کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهان ۽ انهن کي وسارڻ نہ گهرجي. اڄ مان هن منزل تي پهتو آهيان ان ۾ مان پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ استادن لاءِ دعاڳو آهيان، ۽ هميشہ دعاڳو رهندس، مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي جو هيءُ منهنجي زندگي جي اهم روح رهاڻ آهي. جو توهان مون کي وري ننڍڙي سياڳي خان سان يادگيرين ۾ ملايو آهي، مون محسوس ڪيو تہ سياڳو خان ڳالهائيندي ڪيترائي ڀيرا اکين مان لڙڪ اگهندو رهيو ۽ پنڊال کي ڏڪارو ڪيو، پنهنجين محنتن، تڪليفن جو ذڪر ڪري وڏو پيغام ڏئي ويو ۽ ٻارن کي محنت جو پيغام ڏنو. منهنجي دل ۾ اها اميد ٿي تہ هيءُ ٻار بہ محنت ڪندا. پروگرام ختم ٿيڻ کان پوءِ سياڳو خان حيدرآباد واپس ٿيو، ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ مون کي سياڳي خان چيو تہ الله توکي ڊپٽي ڪمشنر ڪري، تون سجاڳ ماڻهو آهين، هر شيءِ تي تنهنجي نظر آهي. هن منهنجو شڪريو ادا ڪيو ۽

دعا ڪئي. 7-6 مهينن کان پوءِ ٽنڊي سومري جي شاگردن جيڪي ڪرڪيٽ راند جا شوقين هئا، جن محترم امداد نظاماڻي جيڪو پڻ ڪرڪيٽ جو شوقين هو، معرفت گذارش ڪئي. سياڳي خان کي عرض ڪيو ته توهان ڪرڪيٽ جا شوقين آهيو سو مون کيس دعوت ڏني ته اسان جي شاگردن سان ڪرڪيٽ کيڏو. هن دعوت قبول ڪئي، ڏنل تاريخ ۽وقت تي ڪرڪيٽ راند جي ڪٽ ۾ ٽنڊي سومري آيو ۽ ڪرڪيٽ راند کيڏي، ڏاڍو خوش ٿيو. اتي ٽنڊي الهيار سب ڊويزن جا ڪرڪيٽ جا رانديگر به آيا ۽ راند کيڏي. راند کان پوءِ هن سيني کي شاباس ڏني ته توهان تعليم سان گڏ راند کي اهميت ڏيو ٿا. هن امداد نظاماڻي کي چيو ته جيڏو تون سٺو ذميندار ۽ آبادگار آهين ايترو سٺو رانديگر به آهين. سياڳو خان منهنجي سب ڊويزن ۾ ايندو رهيو، ان دور ۾ ڌاڙيلن جو دور هو انڪري لا اينڊ آرڊر جي گڏجاڻين جي سلسلي ۾ ايندا هئا، سياڳو خان جيترو وقت ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد رهيو ان دور ۾ ڌاڙيلن جو دور هو هو چوويهه ڪلاڪ سجاڳ رهندو هو. ڪنهن ڪاروائي جي صورت ۾ اڌ رات جو اتي پهچي ويندو هو. پوليس سان ٽيل مقابلن ۾ هو به گڏ هوندو هو، پوليس سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي هلندو هو، جنهن علائقي ۾ ڌاڙيل ڪاروائي ڪندا هئا اتي پهچي ويندو هو.

ٻن سالن کان پوءِ مون هڪ ڏينهن کيس عرض ڪيو ته سائين ٽنڊي الهيار جا ننڍا هاري توهان سان پنهنجي ٻني ۾ ڪچهري ڪرڻ ٿا چاهين، ڇا توهان هارين سان پٽ تي ويهي ڪچهري ڪندؤ؟ مون کي چيائين ته اها مون لاءِ تمام وڏي ڳالهه ٿيندي. پوءِ اسان مِسڻ ڳوٺ ۾ هڪ ننڍي هاري جي ٻني ۾ ڪچهري جو پروگرام ڪيو. ان ۾ ڳوٺ جي هارين ۽ زرعي ماهرن، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي زرعي پروگرام وارا ان پروگرام کي رڪارڊ ڪرڻ آيا، ڀڃڙي جي علائقي ۽ پاڻي جي ڪوٽ جي ڪري ايريگيشن ۽ ايگريڪلچر جي اعليٰ آفيسرن کي به مدعو ڪيوسين. ان موقعي تي سنڌي پلاءُ جون ديڳيون تيار ڪرايوسين، ان موقعي تي هارين دهل شرنائين وارن کي گهرايو. اجرڪ ۽ گل ڊي.سي کي پارايا دلن ۾ پاڻي پيل هو، نڪر جي ٽانون ۾ ماني کاڌيسين. مغرب کان پوءِ سياڳو خان ڪچهري واري هنڌ پهتو، جتي حال احوال، ڏور، سگهڙائپ جون ڳالهيون، بيت وايون، شاهه لطيف جا پارڪو ۽ راڳ جي محفل ٿي، جنهن ۾ مقامي فنڪارن حصو ورتو، دل وندرائڻ، ڪل ڀوڳ جون ڳالهيون سياڳي خان ٻڌيون ۽ ڏنيون ۽ سياڳي خان جتوئي هارين جا مسئلا، پاڻي جو مسئلو توڙي ٻج ڀاڻ جو معاملو هجي دل سان ٻڌيون.

ريڊيو پاڪستان اهو سمورو پروگرام رڪارڊ ڪيو، اها چوڏهين جي رات هئي ۽ سياڳو خان چنڊ وانگر ڀڪي پيو. پنهنجي تقرير ۾ چيائين ته اسان مسڪين مارو ماڻهو آهيون، منهنجا ناناڻا هاري هئا، منهنجو جنم ان هارياڻي جي ڪُک مان ٿيو آهي، جيڪا هڪ هارياڻي ۽ سگهڙ ماءُ آهي ۽ اڻين محفل ختم ٿي ۽ هرڪو موڪلائي پنهنجي ماڳ تي روانو ٿيو. سياڳي خان سان اسسٽنٽ ڪمشنر طور اٽڪل اڍائي سال ڪم ڪيو ۽ سياڳو خان ٽرانسفر ٿي جيڪب آباد جو ڊپٽي ڪمشنر ٿي ويو. ان کان پوءِ مان ڇهه مهينا رهيس ۽ اڻين مون بطور اسسٽنٽ ڪمشنر ٽي ٽنڊي الهيار ۾ رهيس ۽ پوءِ خيرن سان منهنجي به اتان بدلي ٿي. ان کان پوءِ مان مختلف سب ڊويزنن، مورو، سانگهڙ ۾ به رهيس ۽ وري مون کي سياڳو خان وري جڏهن هو ڊپٽي ڪمشنر سکر ٿيو ته پاڻ وٽ ڊسٽرڪٽ اسسٽنٽ ڪمشنر سکر ڪرايو ۽ مون کي چيو ته تون 6 مهينن لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر سکر ٿي اچ ڪجهه ڪم آهي جنهن ۾ تنهنجو اچڻ ضروري به آهي. پوءِ جڏهن منهنجو آرڊر ٿيو ته مون وڃي جوائن ڪيو. ٻين اهم ڪمن کان علاوه مون کي چيائين ته هتي آچر بازار لڳرائجي، مون محنت ڪري اسٽيشن سامهون ريلوي بازار لڳرائڻ لاءِ ڪوشش ورتي، سياڳو خان جتوئي آچر بازار ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، اڻين هر آچر تي سکر ۾ آچر بازار لڳرائيندو رهيو. اڻين اٽڪل

چئن پنجن مهينن کان پوءِ مون کيس عرض ڪيو ته منهنجي فيملي حيدرآباد اڪيلي آهي، مهرباني ڪري منهنجي بدلي ڪرايو ته جيئن مان گهر کي ويجهو ٿيان. ائين پنجن مهينن کان پوءِ منهنجي سکر کان بدلي ٿي. مون سياڳي خان جتوئي کان موڪلايو، سياڳو خان جتوئي تمام سٺو، سجاڳ ۽ همٿ وارو آفيسر رهيو. جيڪي به فيصلا ڪندو هو سو سوچي سمجهي فيصلا ڪندو هو، پنهنجي ماتحت عملي سان سٺو سلوڪ رکندو هو ۽ عزت ڏيندو هو، ضلعي جي سيني آفيسرن توڙي پوليس سان هو 24 ڪلاڪ رابطي ۾ رهندو هو. مون ڏٺو ته جڏهن به ميٽنگ ٿيندي هئي، ته تلاوت شريف پاڻ ڪندو هو، تمام سٺو ديني مطالعو هئس، ائين سياڳي خان سان ڏينهن ۽ راتيون گذريون، جيڪي وساري نه سگهيو آهيان. مان سمجهان ٿو ته ان کان به اهي نه وسرنديون.

**محمد شريف بلوچ**: سال 83-1982ع ۾ مان مختيارڪار سانگهڙ ٿي آيس، ان وقت محمد شريف بلوچ ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ هو، محمد آدم قاسمي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ۽ محترم محمد بچل ٻوهيو ايس.ڊي.ايم سانگهڙ هو. جن کي منهنجي اڳي ئي ڄاڻ هئي ته مان اسسٽنٽ ڪمشنر مان مختيارڪار ٿيو آهيان، هو منهنجي همت افزائي ڪندا رهيا ۽ ڏاڍو مان ڏيندا ۽ عزت ڏيندا هئا. ٽن مهينن گذرڻ کان پوءِ مان پنهنجي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر محمد آدم قاسمي کي عرض ڪيو ته سانگهڙ سنڌ جو تاريخي ضلعو آهي، هن ۾ حضرت پير صاحب پاڳاري جا حر رهن ٿا، جيڪي پاڪستان لاءِ جنگين ۾ ڀرپور حصو وٺندا رهيا آهن، پاڻ نياهيندا آهن، چو نه هن تاريخي شهر ۾ جشن سانگهڙ ملهايون. هتان جي ريتن، رسمن ۽ ثقافت کي نروار ڪيون، ۽ هڪ ضلعي سطح تي ٽن ڏينهن جو جشن سانگهڙ ڪري ملهايون. اها حقيقت قاسمي صاحب ڊپٽي ڪمشنر سان ڪئي ۽ مون کي به گهرايو، پوءِ ضلعي جي هڪ گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ ضلعي ڪائونسل جو چيئرمن ۽ ٽائون ڪميٽي جا چيئرمين ۽ ثقافت جي ڄاڻو ماڻهن کي گهرايو ۽ هڪ ڀرپور ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ خاص طرح سان ضلع ڪائونسل جي چيئرمين ۽ ٽائون ڪاميٽي جي چيئرمينن شرڪت ڪئي. ثقافت جي پارکو ۽ محقق عبدالله ورياهه به شرڪت ڪئي. سيني کان رايا ورتا ويا. مرحوم عبدالله ورياهه تجويز ڏني ته جشن سانگهڙ بجاءِ سانگهڙ ثقافتي ميلو لڳايو وڃي. اهڙي رٿ قبول ڪئي وئي. اهو ميلو ٽن ڏينهن بجاءِ پنج ڏينهن جاري رهيو، جنهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، الاهي بخش سومرو ۽ سنڌ جي صوبائي و ثقافتي وزيرن شرڪت ڪئي. سنڌي راڳين ڳايو ۽ داد حاصل ڪيو، اهو ثقافتي ميلو سانگهڙ جي تاريخ ۾ يادگار رهيو. ڇاڪاڻ ته ان ۾ ملهه مقابلا، ڏاندن جي ڊوڙ، ادبي ڪانفرنس، سگهڙن جي ڪچهري وارا پروگرام نئين انداز ۾ ڪرايا ويا. ان سلسلي لاءِ هڪ ڪشادي ۽ سٺ باءِ ٽيهه جي ڊگهي ۽ وڏي اسٽيج ٺهرائي وئي هئي، بهتر روينيو ڪم ڪار ۽ ان ڪم جي ڪارڪردگي تي ڊپٽي ڪمشنر محمد شريف بلوچ بورڊ آف روينيو کي منهنجي لاءِ به ايڊوانس انڪريمينٽس تجويز ڪري موڪليون، ان کان علاوه ڪجهه سال گذرڻ کان پوءِ هڪ تعليمي سيمينار منعقد ڪرايو، جنهن ۾ تعليم ڪيتري قدر مفيد آهي جي موضوع تي هن موضوع تي تقريري مقابلو ٿيو. سٺي تقرير ڪندڙ شاگردن کي سائيڪل، پکو ۽ شاگرديائڻين کي سلائي مشين ڏني وئي، ان جي صدارت ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر محمد آدم قاسمي ڪئي ۽ ٻهريون پيرو بخشڻ مهراڻوي جيڪو اڄ جو وڏو خوبصورت ڪمپيئر آهي ڪمپيئرنگ ڪئي. اٽڪل ڏيڍ سال کان پوءِ منهنجي اتان بدلي ٿي وئي.

**محمد عثمان پنهور**: سال 93-1994ع ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر شهدادپور ٿي آيس، ان وقت محمد عثمان پنهور ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ هو. انهن ڏينهن ۾ روينيو جي ڪم ڪار کان علاوه مان تعليمي سيمينار ڪرايا ۽ پوري سنڌ جي تعليمي ماهرن، اسڪالرن جن ۾ سيني يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن کي دعوت ڏني، ۽ سيني يونيورسٽين جا نمائندا آيا، لاڙڪاڻي مان ميمڻ

عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، حميد سنڌي، ۽ ٻين شرڪت ڪئي. سيمينار جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ محمد عثمان پنهور ڪئي. اهو تعليم جي حوالي سان هڪ تاريخي سيمينار هو، جنهن ۾ پري پري کان تعليمي ماهرن شرڪت ڪئي، جنهن ۾ مقررن تعليم لاءِ محنت جي ضرورت تي زور ڏنو. ڊپٽي ڪمشنر آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو، ۽ آيل مهمانن کي اجرڪ اوڍايا. ان موقعي تي سيني کي سليٽ پٽي، مس ڪُپڙي ۽ ڪلڪ جا سيٽ ورهايا ويا. ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ اسان فلم، ٽي.وي ۽ ريڊيو جي اداڪارن پي.ٽي.وي ڪراچي جي سنڌي اداڪارن ۽ ڊائريڪٽرن کي شهدادپور گهرايوسين ۽ انهن کي گولڊ ميڊل ڏناسين، جن ۾ قربان علي چنه، صلاح الدين تنيو، نورمحمد لاشاري، انور سولنگي، مشتاق جسڪاڻي، مشتاق چنگيزي، شهزادي ۽ ٻين فنڪارن کي گولڊ ميڊل ڏنا ويا. ان موقعي جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ محمد عثمان پنهور ڪئي. محمد عثمان پنهور پنهنجي آفيس ۾ دروازا کولي کلي ڪچهري ڪندو هو ۽ ماڻهن جي مسئلن تي احڪامات جاري ڪندو هو، اهڙيءَ طرح هڪ ڏينهن هڪ سب ڊويزن ۾ گذاريندو هو. ماڻهن جي مسئلن ٻڌڻ ۽ احڪامات جاري ڪندو هو. اسڪول، اسپتال ۽ ڪاليج وزٽ ڪندو هو ۽ شهر جي صفائي ۽ سترائي لاءِ شهر جو دورو ڪندو هو، چيئرمين ٽائون ڪاميٽي ۽ ميونسپل ڪاميٽي کي پاڻ سان گڏ وٺي هلندو هو. محمد عثمان پنهور ڪڏهن ڪڏهن اوچتو ڪنهن شهر، ڳوٺ ۾ پهچي ويندو هو، وائرليس ڪري آفيسرن کي گهرائيندو هو، ۽ کليل ڪچهري ڪري عوام جا مسئلا ٻڌندو ۽ حل ڪندو هو. 97-1996ع جي آخر ۾ منهنجي اتان بدلي ٿي وئي. پوءِ مان سکر جو SDM ٿي ويس. محمد عثمان پنهور مون کي روڪيو ته تو چو بدلي ڪرائي آهي. مون ڪيس چيو ته مون کي هتي ٻه سال ٿيا آهن. منهنجي بدلي ڪرائڻ تي صوبائي وزير عبدالسلام ٿهيم به ناراض ٿيو، پر مون سياڳي خان جتوئي جي چوڻ تي بدلي تي ها ڪئي هئي.

**محمد شفيق کوسو:** 1997ع ۾ محترم شفيق کوسو صاحب ڪمشنر حيدرآباد ان مون کي سيڪريٽري آر.ٽي.اي رکرايو. ڪجهه مهينن کان پوءِ مان ڪيس عرض ڪيو ته سائين مان سيڪريٽري RTA نٿو رهڻ چاهيان چاڪاڻ ته هن ڪم ڪرڻ ۾ تمام گهڻيون تڪليفون ۽ طريقيڪار غلط آهن، ان ڪري سڌاري نٿو سگهان. اها به ڳالهه ڪيان ته مان ۽ شفيق احمد کوسو گڏ اسسٽنٽ ڪمشنر ٿياسين، گڏ ٽريننگ حاصل ڪئي، منهنجي اسسٽنٽ ڪمشنر مان مختيارڪار ٿيڻ تي هن کي ڏاڍو رنج پهتو، هو سدائين مون کي همٿائيندو رهندو هو. سو منهنجي عرض تي هن مون کي SDM ماتلي ڪرايو. مون ڪيس عرض ڪيو ته توهان جي مهرباني. مون هن کي چيو ته چا مون کي ڊپٽي ڪمشنر چارج ڏياريندو. هن ڊپٽي ڪمشنر کي فون ڪري چارج ڏيڻ لاءِ چيو. پوءِ مان SDM ماتلي ٿي رهيس، جتي مان روينيو جي ڪم کان علاوه محنت ڪئي، اها تمام سٺي سب ڊويزن هئي. هتي تمام قابل آفيسر ٿي گذريا هئا، خاص طور عبدالغفور نظاماڻي، حاجي شفيع محمد نظاماڻي، پيرل خان نظاماڻي، محمد اڪرم نظاماڻي، ڊاڪٽر بشير نظاماڻي ان کان علاوه ٽنبو غلام علي ۾ مير بنده علي نظاماڻي (جيڪو وقت جو وزيراعليٰ به رهيو) ان جو اولاد مير غلام علي ۽ مير بابو خان، حاجي عبدالله هاليپوٽو جيڪو هميشه ايم.اين.اي رهيو، بشير هاليپوٽو جيڪو ايم.پي.اي رهيو آهي، اهي هتان جا مانائتا، خوشحال ۽ زميندار پيشي سان وابسته رهيا. غريبن جا هڏڏوکي ۽ غريبن لاءِ سندن اوطاق جا دروازا کليل رهندا هئا. عام ماڻهو سان سولائي سان ملندا هئا. عزت ۽ محبت ڏيڻ وارا ماڻهو. مون سان سندن ورتاءُ تمام سٺو رهيو. مان ٻه سال ماتلي ۾ بطور SDM رهيس، مون کي هن ڪڏهن به غلط ڪم لاءِ نه چيو. اتي مان تعليمي سيمينار ڪرايا، زرعي سيمينار ڪرايا، جنهن ۾

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر عبدالرحمان ميمڻ وائيس چانسيلر مهراڻ يونيورسٽي، اسرا يونيورسٽي جو چانسيلر، ڊاڪٽر اسد الله قاضي، زرعي يونيورسٽي جا وائيس چانسيلر، ڊاڪٽر اي.ڪيو مغل، ڊاڪٽر بشير چانڊيو سيمينارن ۾ ايندا رهندا هئا. سيمينارن ۾ ٻارڙن کي بہ گهرائيندا هئاسين، سندن امتحاني ڪارڪردگي تي انعام ڏنا ويندا هئا.

اهڙن محنتي ٻارڙن جي والدين کي پٽڪو ٻترايو ويندو هو ۽ استادن کي ٽوپي ۽ اجرڪ پارايا ويندا هئا. ان ۾ ڊپٽي ڪمشنر عبدالقادر ميمڻ ۽ اقبال دراني صدارت ڪندا هئا. ۽ مهمان خاص ڊاڪٽر اي.ڪيو مغل، ڊاڪٽر بشير چانڊيو، پبلڪ اسڪول حيدرآباد جو پرنسپال جيڪو ماتلي جو رهواسي هو، اسحاق ابڙو صدارت ڪندا هئا. ٽنڊي هاري کي ڏاندن جو جوڙو، هر وغيره انعام طور ڏنا ويندا هئا. ان کان علاوه مون ماتلي ۾ سنڌي فلم، ٽي.وي ۽ ريڊيو جي اداڪارن پروڊيوسرن ۽ ليکڪن جن ۾ شفيع محمد شاهہ، صلاح الدين تنيو، سڪينہ سمون، عبدالقادر جوڻيجو، انور سولنگي، محمد بخش سميجو، محمود صديقي، يار محمد شاهہ آيا. ان موقعي تي ڊاڪٽر غلام علي الانا صدارت ڪئي ۽ خاص مهمان عبدالله ورياهہ هو، ان موقعي تي يارمحمد شاهہ ۽ محمود صديقي کي پڳ ٻترائي ۽ ٻين اداڪارن کي گولڊ ميڊل پارايا ويا. انهن مهمانن جو استقبال ٽنڊي محمد خان کان ماتلي تائين ڪيو ۽ ڪين پنڊال ۾ وٺي آيا. انڪري ماتلي شهر جو تاريخي پروگرام طور ياد ڪندا آهن. اهو پروگرام محفل موسيقي سان جيڪي صبح جو چار وڳي پنهنجي پڄاڻي تي پهتو.

**ٽنڊي الهيار ۾ بطور اسسٽنٽ ڪمشنر جي وزيراعليٰ سنڌ سان ملاقات:**

جڏهن مون ٽنڊي الهيار جي اسسٽنٽ ڪمشنر طور جوائن ڪيو تہ مس بہ ڏينهن گذريا هوندا تہ مون کي اطلاع مليو تہ توکي سنڌ جي وزيراعليٰ جام صادق علي ٽنڊي آدم ريسٽ هائوس ۾ صبح جو 9 وڳي ملاقات لاءِ سڏيو آهي. مان تيار ٿي صبح جو پوڻين 9 وڳي ٽنڊو آدم جي ريسٽ هائوس پهتو هوس. ٿوري دير ۾ وزيراعليٰ بہ ريسٽ هائوس پهتو، اتي سندس پٽ جام ذوالفقار علي مليو جيڪو مون کي گهڻي وقت کان سڃاڻندو هو، مون کي مبارڪ ڏنائين، ۽ چيائين مون بابا کي ٻڌايو تہ تون ٽنڊي الهيار جو اسسٽنٽ ڪمشنر ٿيو آهين، مون ئي توکي هتي گهرايو آهي. تون ڏڄ نہ، تون صرف بابا (وزيراعليٰ) سان هٿ ملائي هليو وڃجان. جڏهن وزيراعليٰ جام صادق علي سان سندس پٽ هلي ملايو ۽ تعارف ڪرايو. وزيزاعليٰ مون کي مبارڪون ڏنيون ۽ خاص هدايتون ڏنيون، مون کي ان وقت معلوم ٿيو تہ منهنجي پوسٽنگ ۾ منهنجي مهربان دوست ٽنڊي الهيار جي شخصيت مدد ڪئي. ان جو دعاگو آهيان ۽ وزيراعليٰ سنڌ کي منهنجي سٺي ڪارڪردگي کان آگاهہ ڪيو، ان ٽنڊي الهيار جي شخصيت جي چوڻ تي مون کي ٽنڊي الهيار جو SDM مقرر ڪيو ويو هو.

مان پنهنجي دوست جام ذوالفقار علي جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن منهنجي مدد ڪئي ۽ وزيراعليٰ سان ملايو ۽ تصويرن ڪڍايون، ۽ چيو تہ هي تصويرون منهنجي طرفان تولاءِ تحفو آهن. سنڀالي رکجان. ٽنڊي الهيار ۾ مون ان مهربان دوست جو روبرو وڃي شڪريو ادا ڪيو ۽ ٻئي دوست انور ٻڄاڻي جو بہ شڪرگذار آهيان، جنهن منهنجي ٽنڊي الهيار جي ايس.ڊي.ايم طور مقرري دوران مدد ڪئي ۽ ساٿ ڏنو.



**نصير مرزا**
حيدرآباد

# ورڻ جون وري وار وايون وري آ

## [21- آگسٽ 1940ع — 04- نومبر 1991ع]

عبدالڪريم پلي سائين کي روبرو مون ڏٺو، سندن حُسناڪين جي هاڪ پهرئين ٻڌي، پوءِ ته جنهن جنهن قلمڪار، راڳي ۽ ويراڳيءَ کان ٻڌم، سندن واکاڻ ئي ٻڌم... پلي سائين ڪافي جا بي مثل شاعر آهن. اهلِ دل، اهلِ ذوق انسان آهن. سخي بادشاهه ۽ مزاجن محبوب آهن. ۽ اِها آئون اوٽيهه سؤ ستر- پنجهتر جي پيو ڳالهه ڪريان. جڏهن لکڻ پڙهڻ جي دنيا ۾ مون پهرئين ڏاڪي تي پير ڏريو هو. تڏهن سينئرز واتان ڪريم سائين جي سخا ۽ جاهه جلال جا تذڪره ٻڌي ڪين ڏسڻ جي خواهش ته مون ڪئي، خبر پئي، پاڻ هاڻي مڪمل گوشه نشيني اختيار ڪري چڪا آهن. پنهنجي اوطاق ۾ ذاتي ڪمري کي حجرو بنائي ڇڏيو اٿن ۽ قسمتي، بس اوطاق تائين سندن زندگي محدود آهي. سندن سمهڻ ۽ جاڳڻ جا به پنهنجا اوقات آهن. يعني ساري رات اوجاڳو ۽ ڏينهن سڄو آرام، ۽ اِهوئي سندن روز جو معمول، هاڻ اُها منهنجي چوڪراڻي وهي ۽ عمر ويهه ايڪيهه سال مس. تڏهن منهنجي ڇا مجال، جو خانصاحب عطا محمد پلي ڳوٺ پهچي سندن اوطاق جو دروازو وڃي کڙڪايان ۽ سندن آرام ۾ خلل جو سبب وڃي بڻجان. هونئن ان ڇمار ۾ اجازت به ڪٿي هئي مون کي ته اڪيلو يا ڪنهن يار سان ڪنهن بس ۽ پوءِ ٽانگي ٽئڪسي ۾ چڙهي، ايتري دور دراز راجهه رستي عمرڪوٽ جي سفر تي نڪري پوان. هونئن هتي هي به سچ ٿو لڳان ته ڪريم سائين سان ملڻ ۽ ڪين روبرو ڏسڻ جي سِڪ، منهنجو پيڇو ڪڏهن نه ڇڏيو ۽ جڏهن جڏهن به ۽ جنهن جنهن مهل، ڪنهن جي واتان سندن ڳالهه ٻڌندو هوس، دل مان آواز ايندو هو آهي ڪو اهڙو مهربان، قدردان! جيڪو مون کي هن محبوب انسان... سائين عبدالڪريم پليءَ سان روبرو هلي ملرائي.



هاڻي هي حُسن اتفاق 1984ع ۾، تعليم مڪمل ڪرڻ بعد آئون ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پروڊيوسر ۽ اهو به شعبئه موسيقيءَ جو نوجوان سربراهه مقرر ٿيس، ٻڌو اٿر دل کي دل سان راهه ٿيندي آهي ۽ سچي سِڪَ هميشه ٻه طرفي هوندي آهي، بهترين چوٽي آهي، تون مون کي ياد ڪر، آئون توکي نه وساريندس. هاڻي ڪو يقين ڪري يا نه... آئون قسم کڻي پيو لکان، ته جنهن هستي جي سِڪ ۾ آئون سُڪ ۽ جنهن کي ڏسڻ لاءِ، اکڙيون سالن کان آتڙيون ۽ جنهن جي لاءِ ٻڌم ته ورهين کان گوشه نشين... هڪ ڏينهن اوچتو بي حد خوبصورت ۽ معطر ليٽر پيڊ تي، ريڊيو حيدرآباد جي موسيقيءَ وارن پروگرامن بابت، مون وٽ سندن هڪ طويل خط اچي پهتو، خط ۾ اکر سندن سنها سنها، قلوپيٽرا جي سارو پن وانگر سهڻا، موتي داڻا.... جيڪي سائي مس سان ۽ پڪ سان شيفر پين سان لکيل... هاڻي پتاشن جا مڻ وٺي ورهايان يا

تاهري پٽ رڏي غريبن کي کارايان... ڪريم سائين... خط جي ابتدا ۾ مون کي مخاطب ٿي لکيو هو... منهنجا پيارا نصير... هاڻي جنهن هستيءَ سان بي پناهه منهنجو سِڪ هجي ۽ جنهن جي قلم هڪ کان هڪ شاهڪار ڪافي تخليق ڪئي هجي، اهو بنان ڪنهن روبرو ملاقات يا ذاتي ڄاڻ سڃاڻ جي، الائي ڇو مون کي ان لائق ڄاڻو هو جو موتي داڻن اکرن ۾ لکيو هئائون، منهنجا پيارا نصير... ڇا چوان ريڊيو حيدرآباد تان ڳالهايل منهنجي الائي ڪهڙي ڳنتي ۽ الائي ته ڪهڙي پروگرام عيوض، سنڌي ڪافيءَ جي هن سر موڙ شاعر جي دل، جيتي چڪو هوس. مون کي ڪا خبر ناهي ته ڇو، پر قسمر کڻي ٿو لکان، بنان ملڻ ۽ روبرو ڏسڻ جي، مون پڻ ٽن هستين کي دل ۾ ديوتا ڪري پوڄيو آهي. هڪ شيخ اياز، ٻيو مخدوم سائين طالب المولىٰ ۽ ٽيون عبدالڪريم پلي صاحب.

هتي ڇا حرج جي، سنڌي غزل جي شهزاده شاعر وفا پلي جي سِڪ محبت جو ذڪر به ڪندو هلان. هي به آسپاس ساڳيا سفر و سيال هئا جو منهنجا به نثري ڪتاب شايع ٿيا... ”سفر من اندر“ ۽ ”خيمي ۾ شام“، خدا ڄاڻي الائي ڪهڙي سٽ يا پئراگراف وفا پليءَ جي دل جون تارون ڇيڙيون ۽ ان به ڀريون پيرو مون کي خط ۾ لکيو... ۽ بي پناهه محبت سان لبريز ٿي لکيو... ”نصير! تنهنجو هي ڪتاب ”خيمي ۾ شام“ مون کي ڏاڍو وڻيو. نثر جو ويجهڙائيءَ ۾ اهڙو ڪتاب نه پڙهيو اٿم. تو نثر ۾ وڻ وڃائي ڇڏيا آهن.

هاڻي هي مارچ 1989ع جو قصو، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي سڀ کان سهڻي اسٽيشن ڊائريڪٽر عنايت بلوچ صاحب، ريڊيو احاطي اندر ڪل سنڌ اردو سنڌي مشاعري جي رٿا جوڙي. آئون ان عظيم الشان مشاعري جو پروڊيوسر مقرر ٿيس ۽ عنايت بلوچ صاحب پاڻ اُن جو نگران. مشاعري جي صدارت مخدوم سائين طالب المولىٰ جن لاءِ مخصوص ٿي. ان مشاعري لاءِ، شاعرن جي نوانوي سيڪڙو چونڊ عنايت بلوچ صاحب ڪئي، جنهن ۾ صرف هڪڙي شاعر جي نالي جي هجت منهنجي پاران هئي ۽ اهو نالو هو ”عبدالڪريم پلي صاحب“ جو، ان نالي جي چونڊ پويان منهنجو مطلب صاف ته، ان بهاني سندن روبرو درشن ۽ ملڻ جو موقعو متان مون کي ملي پوي. مون يڪدم هزارين هجتون ۽ التجائون پري، ڪين انهيءَ مشاعري ۾ شرڪت لاءِ عرض ڪيو... منهنجا ڀلا ڀاڳ، ڪريم سائين،ڪريم ڪيو ۽ رضامندي ڏيکاريائون سندن اهڙو خط، تڏهن ڇا مون کي مليو هو، ڪپڙن ۾ نه پئي آئون ماپيس.

نيٺ ان ”ڪُل سنڌ اردو سنڌي مشاعري“ جي تاريخ ظاهر ڪئي وئي، جيڪا نائين (9) مارچ هئي ۽ سن 1989ع شرڪت لاءِ پاڻ منجهند تائين، تڏي سڙڪ تي جيڪا پنهنجي دؤر جي شاندار هوٽل سائنجيز، ان ۾ اچي ترسيا، ۽ اهڙو اطلاع فون تي ڏنائون. شام ٿي ۽ شاعرن جي آمد شروع ٿي، ته دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي، سڀ کان اول مخدوم سائين طالب المولىٰ جن پهتا. هاڻي جنهن هستي کي ڏسڻ ۽ ملڻ جو گهڻو اشتياق... ۽ اتاولائي... اهو عبدالڪريم پلي سائين، سندن ڪار احاطي ۾ پهتي ته ”يڪ نه شد دو شد“. ڪار مان هڪ پاسي لال گلال پنهنجي رنگ ترنگ ۾ وفا پلي ۽ ٻئي پاسي کان عبدالڪريم پلي سائين لٿا تڏهن اندر مان ڪٿان آواز آيو


ويو وڇوڙو ٿيو ميلاپو، مؤلا محب ملايو، دوست پيهي در آيو.

اڳيان وڌي مون کي ڀاڪر ۾ پريو، پاڻ ان وقت لڳ ڀڳ پنجاهه ورهين جا ۽ آئون ٽيهن سالن جو هوس، پيار ۾ ائين ڏنائون، جئن تارؤن تار درياهه، ڪنهن ننڍڙي نديءَ کي محبت سان ڏسندو آهي. سندن قدڪاٺ مناسب، کُلها ٿورا جهڪيل، رنگ ڪڻڪائون، بدن تي شلوار قميص، کُلهن ۾ سهڻي صدري، مٿي تي سنڌي ٽوپي، ساروپا صاف ۽ سهڻا... هلڪي هلڪي سونهاري... آواز ڪرج وارو، پر لهجو نرم... مشاعره گاه تائين ڪچهري ڪندا هليا... مشاعرو شروع ٿيو ته حفظِ مراتب واري اچڻ تي، چند چوسٽا ۽ ڪافي نما هي غزل پڙهيائون:

هير وانگر هُلي به پئو پيارا.

پوري پنڊال، ڪين سِٽ سِٽ تي دل کولي داد ڏنو، شاعري جي اِها رڪارڊنگ اڄ به منهنجي ساهه سان سانڍيل آهي. بعد ۾ سندن اِهوئي غزل مون

فضل الله ’فدا‘ چانڊيو
ڪُنري



# مولانا غلام حسين ’مير‘ چانڊيو

## (لاڙ جو چئن زبانن جو شاعر)

غلام حسين ’مير‘ ولد قادربخش چانڊيو جو جنم 1960ع ڌاري، ٺٽي ضلعي جي وَر شهر کان ٻه ميل اولهه طرف ڳوٺ جگو خان چانڊيو ۾ ٿيو، مولانا صاحب چانڊين جي ڏنگاڻي پاڙي مان هئا، چانڊين جي سڀني پاڙن ۾ هي پاڙو تاريخي طور، جنگجو، بهادر ۽ طاقتور طور سڃاتو وڃي ٿو. مير صاحب شروعاتي ڪتاب، قرآن پاڪ ۽ فارسي ساڳئي ڳوٺ ۾ مولوي محمد خان چانڊيو وٽ پڙهيو، ان کان پوءِ مولوي علي محمد زنگياڻي ڪلمتي ٻروچ وٽ پڙهيو. مٿيان ديني ڪتاب پڙهڻ لاءِ مير صاحب سڄاول جو رخ ڪيو، سڄاول ۾ مولانا خليل، جيڪو ديوبند دارالعلوم مان فارغ ٿي آيو هو، انهيءَ وٽ پڙهڻ لاءِ ويو، اُتي ڪيس خبر پئي ته ٿرپارڪر ضلعي (تڏهوڪو ٿرپارڪر، هاڻوڪو عمرڪوٽ) جي سامارو تعلقي جي ڳوٺ شيرخان چانڊيو ۾ مدرسه احياء العلوم ۾ مولانا غلام رسول چانڊيو، مولانا محمد عثمان قراني جي مدرسي مان فارغ التحصيل ٿي، پڙهائي رهيو آهي. اها خبر ٻڌي مير صاحب ۽ سندس سؤٽ مولانا مفتي محمد اشرف مرحوم ٻئي سڄاول مان دارالعلوم احياء العلوم ڳوٺ شير خان چانڊيو پهتا ۽ مولانا غلام رسول چانڊيو مرحوم جيڪو پڻ چانڊين جي لاڏواڻي، ڏنگاڻي پاڙي مان هو ۽ ديني علوم جي سڀني فنون ۾ مهارت رکندو هو، انهيءَ وٽ درس نظامي جا مٿيان ڪتاب پڙهي پنهنجي تعليم مڪمل ڪيائين. مولانا صاحب 1960ع کان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. مولانا غلام حسين مير، فارسي ۽ عربي جو وڏو ماهر هو، مولانا صاحب پنهنجي تعليم مڪمل ٿيڻ بعد درس تدريس جي شروعات مولوي عبدالحق نصرپوري جي مدرسي کان ڪئي، جتي فارسي ۽ عربي ادب پڙهائيندو هو. ان کان پوءِ ڪراچي جي ڳوٺ ريڙهي ۾ سندس سؤٽ مولانا مفتي محمد اشرف چانڊيو جي مدرسه تفهيم القرآن ۾ فارسي ۽ عربي ادب پڙهايائين.



مدرسه تفهيم القرآن ريڙهي ڪراچيءَ ۾ پندرنهن سال پڙهائڻ بعد مولانا مفتي محمد اشرف مدرسو ڇڏي گهارو منتقل ٿيڻ سبب، مولانا غلام حسين مير به پنهنجي ڳوٺ وَر هليو ويو. مولانا غلام حسين غزل، نظم، مناجاتون، منقبتون، حمد و نعت، ڪافيون، وايون، تاريخي توڙي واقعاتي شاعري تمام گهڻي ڪئي، هن نه رڳو سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي بلڪ، فارسي، عربي ۽ اردوءِ ۾ پڻ شاعري ڪئي، مولانا صاحب جو هڪ شعر چئن زبانن ۾ آهي، سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي ۾ نه معنيٰ ۾ فرق پئي ٿو، نه وزن، بحر، قافيه ۽ رديف ۾.

زندگيءَ جي مهورتي تقريب جي سلسلي ۾ سانگهڙ اينديءَ، ڪجهه ماڻهو ڏاڍا ياد آيا. اُنهن مان اهم شخص سورهيه بادشاهه پير صبغة الله شاهه راشدي آهي، جنهن بابت سواءِ پروفيسر محمد عمر چنڊ جي، ڪنهن به محقق، تحقيق ڪرڻ جي همت نه ساري آهي. ان ڪان اڳ ڪرنل وصال احمد يا سنڌ پوليس جي اڳوڻي آءِجي. آفتاب نبيءَ هڪ ڪتاب 'سورهيه بادشاهه ۽ ڪورٽ مارشل' لکيو هو. دراصل سنڌ جي 'ماضي قريب' جي تاريخ، جنهن ۾ قومي سياست اهم آهي، اُن تي ڪم ٿي نه ٿيو آهي. مون جڏهن 1970ع ۾ 'اڳتي قدم' رسالو ڪڍيو هو ته اُن لاءِ سائين جي. ايم. سيد هڪ مختصر پيغام ڏنو هو، جنهن ۾ هن نوجوانن کي 'ماضي قريب جي سياست جو مطالعو ڪرڻ' لاءِ چيو هو. اُن وقت به اها ڳالهه منهنجي به مٿان کان گذري وئي؛ پر اُن جي اهميت اڄ محسوس ڪريان ٿو. 'حر تحريڪ' به اسان جي 'ماضي قريب' جو هڪ اهم باب آهي، پر هن اهم تحريڪ بابت اسان جي آڏو ڪي به اهڙا مستند ڪتاب نه آهن، پر شابس هجي اُنهن چند ماڻهن کي، جن سانگهڙ ۾ ويهي، حُر تحريڪ جي اکين ڏٺل ماڻهن جا انٽرويو ورتي، برٽش سرڪار جي اُنهن ڦهري ڪاروائين کي وائکو ڪيو؛ جن ڪاروائين، جرمن جي ڪنسنٽريشن ڪئمپن ۾ ٿيندڙ مظالم کي به شرمندو ڪري ڇڏيو. ايئرمارشل اصغر خان پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ذڪر ڪري ٿو ته ڪيس سانگهڙ ويجهو حرن جي ڪئمپن تي هوائي جهاز ذريعي بم اڇلائڻ جو حڪم ڏنو ويو، پر جڏهين اسين اُنهيءَ ڪئمپ وٽ پهتاسين ته مٿان هوائي جهاز مان مون ڏٺو ته، اهو ڪوئي ڪئمپ نه هو، پر معصوم ٻارڙا، عورتون ۽ پوڙها مرد، اجهي جي ڳولا ۾ سرگردان اچي رهيا هئا. اهو لقاءُ ڏسي، مون بمباري ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ۽ واپس حيدرآباد موٽي آيس، جنهن تان مون کي سزا طور ڪجهه وقت لاءِ معطل ڪيو ويو. اهڙا ڪيترائي واقعا آهن، جن مان خبر پوي ٿي ته برٽش سرڪار، 1942ع واري حُر تحريڪ ۾ نه رڳو سانگهڙ ۽ گڙنگ بنگلي تي بمباري ڪري اُن کي تباهه ڪيو، پر الهورائي بهڻ چوائي: جڏهن هو ڪئمپس مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ گڙنگ پهتا، ته اُتي 1942ع ۾ ليمبرڪ جي باهين ڏٺل گهرن ۾ ڪاريءَ وارن ڪکن جو نظارو ڏسي، ڏک مان موٽي آيا هئا.

دوستو، ٿيڻ ته ائين گهرجي ته سنڌ يونيورسٽيءَ کي پنهنجي 'هسٽري ڊپارٽمينٽ' طرفان، سنڌ ۾ برٽش سرڪار طرفان حُرن کي قيد ڪرڻ، يعني ڪنسنٽريشن ڪئمپ ۾ رکڻ بابت موضوع ڏئي، Ph.D ڪرائڻ گهرجي ته جيئن اُهو سمورو احوال، تحقيقي لحاظ کان محفوظ ٿي سگهي. مثال طور سنڌ ۾ گهٽا ڪئمپ ۽ ڪٿي قائم هئا، اُنهن ۾ مردن ۽ عورتن جو تعداد ڪيترو هوندو هو، مٿن چوڪسيءَ لاءِ ڪهڙا پوليس عملدار مقرر هئا. وغيره وغيره هتي مون کي ياد ٿو اچي ته سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مون سان 'قومي تحريڪ' ۾ حصو وٺندڙ هڪ اهم شخص اسماعيل وساڻ- لوڙهي، يعني اُنهن ڪئمپن مان هڪ ڪئمپ ۾ پيدا ٿيو هو. مون سندس اُها والده به ڏٺي هئي، جنهن ڪيس لوڙهي ۾ جنم ڏنو هو.

سنڌ ۾ ڌارين جي ٻيڻڪي راڄ جي تاريخ طويل آهي. عربن جي حملي کان اُها شروعات ٿي، جنهن ڪان پوءِ اُن ڏکوئيل تاريخ جا سلسلا، ڊگها ۽ ڏاڍ سان ڀريل آهن. هتي مون کي لعلچند امر ڏني مل جي ڪهاڻي- حُرمڪيءَ جا' پڻ ياد اچي رهي آهي، جنهن 1898 جي پهرين حُر تحريڪ بابت هڪ دستاويزي ڪهاڻي لکي، هڪ ڏور کي ڪُوزي ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. حُر تحريڪ جي پس منظر ۾ مون کي ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب هڪ واقعو ٻڌايو ته حُر تحريڪ جي مختلف واقعن جهڙوڪر جوالا سنگهه سِکَ جو حُرن هٿان مارجڻ ۽ بچو بادشاهه جو پنهنجي رياست قائم ڪرڻ وغيره تي ڳوٺ حاجي منعم پلي مرحوم جي مَل محمود پلي زبردست شاعري ڪئي هئي (جيڪا

مون واقعاتي بيت ڪتاب ۾ پڻ پڙهي آهي). هن شاعري کي عوام ۾ تمام گهڻي مقبوليت حاصل ٿي جنهن جو نوٽيس وٺندي مل محمود پلي مرحوم کي بمبئي جي ڪورٽ ۾ طلب ڪيو ويو، مٿس الزام هئو ته هُن سرڪار جي باغين (حُرن) تي چو شاعري ڪئي آهي. ڪيس اڍائي مهينا جيل ۽ -/300 رپيه ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ويئي. مَل مرحوم غريب ماڻهو هو ڪيس بمبئي تائين حاجي پرچو پلي مرحوم وٺي ويو. 'مَل' کان جڏهن ڪورٽ ۾ پڇيو ويو ته سرڪار جي باغين تي چو شاعري ڪئي آهي ته مل مرحوم چيو ته مون انهن جي بهادري جي ڳالهه ڪئي آهي، ۽ حُر 'دلير' آهن تڏهن انگريز جهڙي فيل مست حڪمرانن سان مهاڏو اٽڪايو بيٺا آهن. سندس ڏنڊ جا پئسا حاجي پرچو مرحوم ڀريا ۽ قيد انهي شرط تي معاف ٿيو ته انگريزن جي واکاڻ ڪر. مل مرحوم چيو ته انگريزن جي صرف هڪ ڳالهه مون کي پسند آهي اها آهي ته هو ملڪ ۾ انصاف ڪن ٿا ۽ پوءِ صرف اُهو انصاف جي ڳالهه وارو هڪ بيت چيائين.

تڏهن ٿرپارڪر جو پوليٽيڪل ايجنٽ ڪرنل ٽروٽ، ۽ 1942ع جي مارشل لاءِ ۾ هڪ سوال آفيسر لئمبرڪ، هئا. ٽروٽ ته بعد ۾ سمنڊ ۾ ٻڏي مري ويو، البت لئمبرڪ به پڇاڙيءَ جا ڏينهن ڊپ ۽ هراس ۾ گذاريا. مون کي ياد ٿو اچي، غالباً سال 1986ع ۾، لئمبرڪ جي مرڻ کان پوءِ، هن جا سمورا ڪتاب ۽ ڊائريون، سندس پٽ ۽ سندس ڌنهن، لنڊن مان ڪٿائي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ کي ڏيڻ آيا هئا. سنڌالاجيءَ ۾ هڪ تقريب به ٿي هئي، اُن ۾ مون به شرڪت ڪئي هئي، پڇاڙيءَ ۾ مون لئمبرڪ جي پُٽ کان هڪ انٽرويوءَ ۾ سوال ڪيو هو ته آخرڪار توهان جي والد کي پنهنجا سمورا ڪتاب ۽ ڊائريون سنڌالاجيءَ کي ڏيڻ جو چو خيال آيو؟ هن ٻڌايو هو ته سندس والد جي دماغ تي ڪو بار هو، يعني هن کي لڳندو هو ته ماضيءَ ۾ ڪانئس وڏيون غلطيون، سنڌ جي نوڪريءَ دوران ٿيون آهن، اُن ڪري، هو سدائين، ذهني ڪشمڪش ۾ رهندو هو. ڪنهن ڪنهن مهل ڪيس خوف ٿيندو هو، ته سنڌ مان ڪجهه ماڻهو يعني حُر ڪيس قتل ڪرڻ لاءِ انگلنڊ لاءِ نڪتا آهن. اُن ڪري هُو هروڀرو ڪنهن اوپري ماڻهوءَ سان ملاقات نه ڪندو هو. بهرحال، لئمبرڪ جي ڪليڪشن سنڌالاجيءَ ۾ رکي وئي، پر تنهن وقت هڪ دوست سڪرالدين هڪ ڀرپور ڪالم لکي اعتراض ڪيو هو ته لئمبرڪ سنڌ جو قومي غدار آهي، ان ڪري سندس ڪليڪشن کي سنڌالاجيءَ ۾ نه رکڻ گهرجي. ان ڪري ڪجهه وقت اهو ڪارنر بند رهيو، بعد ۾ شوڪت حسين شوري جي وقت ۾ اهو ڪارنر کوليو ويو هو.

مقصد ته اهو سڀ سنڌ جو ماضي آهي. لئمبرڪ هئو ته انڊين سول سروس جو ماڻهو، پر ڪيس ڊپٽي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جون ذميواريون به حوالي هيون. محمد عمر چنڊ جو ڪتاب:

"The brutality of the British empire against pir sahib pagara & his family"

بهرحال، ڳالهه هلي پئي اسان جي دوست الهورائي ٻهڻ صاحب جي آتم ڪٿا جي، ۽ اُن حوالي سان حُر تحريڪ جو ذڪر نه نڪري، ته اهو ناممڪن آهي. خود پير صاحب صبغة الله شاهه پيرپاڳارو به هڪ بهادر ۽ قومي سوچ رکندڙ ماڻهو هو. هن پنهنجي شروعاتي جيل جا ڪيترا سال بنگال جي خوفناڪ سينٽرل جيل مدناپور ۾ گذاريا، جتي اڪثر ڪري بنگالي ڪرانتيڪارن کي ڦاسيون ڏنيون وينديون هيون. هاڻي مدناپور جي اُنهيءَ جيل ۾ اُنهن ڪولين کي قومي يادگار قرار ڏنو اٿن، جن ۾ اُهي بنگالي انقلابي ڦاهي چاڙهڻ کان اڳ ۾ قيد ڪيا ويا هئا. اها خبر نه آهي ته اُنهن ڪولين ۾ پير صاحب پاڳاري واري ڪولي به شامل آهي يا نه؟ پر مون وٽ پير صاحب سورهيه بادشاهه جو هڪ خط موجود آهي، جيڪو مون کي سرغلام حسين هدايت الله جي ڪاغذن پٽن مان

هٿ آيو هو. اُهو خط سال 1934ع ۾ پير صاحب، سر صاحب کي لکيو هو، جيڪو مدناپور مان ٽپنو، سکر سينٽرل جيل پهتو ۽ ان کان پوءِ سر صاحب کي ڏنو ويو. اُن خط جي هڪ اهم ڳالهه، هتي اوهان کي ٻڌائيندو هلان: پير صاحب لکي ٿو، "مون کي برٽش سرڪار 'وار فنڊ' ۾ چندو ڏيڻ لاءِ زور پري رهي آهي. ٺيڪ آهي آءٌ چندو ڏيندس. منهنجا 30 هزار روپيا خانبهادر (محمد حيات جوڻيجو) وٽ پيل آهن، پر اهي پئسا، اها رقم وار فنڊ ۾ نه، پر سيليولر جيل انڊيمان ۾ 'ڪاري پاڻيءَ' جي سزا ڪاٽيندڙن جي فلاح ۽ بهبوديءَ تي خرچ ڪئي وڃي." هاڻي اوهين ڏسو ته سال 1934ع ۾ پير صاحب جي سوچ ڪيترو نه اڳتي هئي!

مون کي سچ پچ ته ياءُ الهورائي ٻهڻ جي آتم ڪٿا ايتري وڻي، جو آئون هڪ ئي نشست ۾ پڙهي، ان کي توڙ تائين پهچائي ويس. زندگيءَ جي ڪارزار ۾ هر انسان جا پنهنجا شخصي تجربا هوندا آهن. اُنهن تجربن کي لکڻ وقت ڪيئن ويهي بيان ڪجي، ته اهو ليکڪ جي تحرير ۽ فن جو ڪمال هوندو آهي. خوشي اٿم ته ياءُ الهورايو، پنهنجي هن ڪوشش ۾ سؤ فيصد ڪامياب ويو آهي.

عالمي ادب ۾ آتم ڪٿائن ۽ جيل جي ڊائرين کي پڻ وڏي اهميت حاصل آهي. ننڍي کنڊ ۾ جيتوڻيڪ 1858ع ۾ انڊيمان جيل ۾ قيد، آزاديءَ جي جنگ ۾ حصو وٺڻ جي ڏوهه ۾، عمر قيد جي سزا ڪاٽيندڙ مولانا فضل الحق خيرآباديءَ جي لکيل عربي ٻوليءَ ۾ ڊائري، 'باغي هندستان' کي پهرين جيل ڊائريءَ جو درجو حاصل آهي، پر اُن کان به اڳ اپريل 1843ع ۾ سنڌ جي آخري حڪمران، ميرنصير خان ٽالپر، سندس پٽن ۽ ٻين عزيزن کي انگريزن، حيدرآباد سنڌ مان پاڻيءَ جي جهاز 'نمرود' ۾ چاڙهي، پهريان بمبئي، پوءِ ڪلڪتي ۾ وڃي قيد ڪيو هو. ميرنصيرخان ٽالپر حيدرآباد کان، ڪلڪتي جو اُهو سفر فارسي شاعريءَ ۾ قلمبند ڪيو هو، جيڪو پڻ قيد وبند جو احوال آهي. اهڙي طرح مولوي جعفر ٿانيسريءَ جو لکيل انڊيمان قيد ڪهاڻيءَ وارو ڪتاب، مولانا حسرت موهانيءَ جو 'قيد فرنگ' يا سنڌي ٻوليءَ ۾ چينمل پرسرام جي لکيل جيل ڊائري 'ترنگ جو تيرٿ' ۽ حُرتحريڪ جي ذڪر سان ڀرپور هي ڪتاب 'قيد ڪشالا زندگي'. نه وسرندڙ ڪتاب آهن. ٻهڻ صاحب واقعي پنهنجي حياتي، وڏن ڪشالن سان گذاري آهي. سندس حياتيءَ جي سموري جدوجهد، هن پنهنجي ڪتاب ۾ بيان ڪئي آهي. ان لحاظ کان، منهنجي نظر ۾ هيءَ هڪ مڪمل آتم ڪٿا آهي، جيڪا سنڌي ادب ۾ هر لحاظ کان پنهنجي اهميت ۽ حيثيت برقرار رکندي.

ٻهڻ صاحب، آتم ڪٿا ۾ ٻه اهم سوال اُٿاريا ۽ ڳالهيون ڪيون آهن، جيڪي تاريخ جي چاڻيءَ ۾ ڇٽڻ گهرجن:

(1) جڏهن سنڌ اسيمبليءَ سال 1942ع ۾ حرائڪٽ پاس ٿي ڪيو ته اسيمبلي ميمبر ڇو خاموش هئا؟

(2) جڏهن نواب جان محمد جوڻيجو شهيد الهه بخش سومري کي 17 مئي 1942ع تي لاهورميل مان حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي خاموشيءَ سان لاهي حيدرآباد ۾ پنهنجي بنگلي تي وٺي وڃي رهيو هو ته هن شهيد الهه بخش کي ٻڌايو هو ته هن ٽرين کي ننڍي آدم ويجهو وهاب شاهه اسٽيشن تي ڪيرايو ويندو!

ڊاڪٽر اسد جمال 'پلي'
عمرڪوٽ



# ڪتاب: 'هِنئڙي سَجَڻ سارِيا' جون ڳالهيون

## مصنف: نياز پنهور

ڪالم نگاري ادب جي جدا صنف نہ آهي، نہ پنهنجي فن ۾ نہ معنيٰ ۽ فڪر ۾. 'ڪالم' بنيادي طور اهي مضمون آهن جيڪي اڪثر ڪرنٽ افيئرز يا حالات حاضره سان تعلق رکن ٿا ۽ 'اخبار' ۾ جيڪا سيٽ والارين ٿا انهيءَ جي شڪل ڪالم (Column) واري آهي انهيءَ ڪري اُهي ڪالم آهن ۽ لکندڙ جيڪو بنيادي طور 'مضمون نگار' آهي اُهو سڏجي ويو 'ڪالم نگار' اگر ساڳيا مضمون اخبار جي بجاءِ ڪتاب ۾ ڇپرائين ڇپجن تہ اُهي مضمون سڏبا نہ ڪِ ڪالم بلڪل ساڳي طرح جڏهن 'سوانح حيات' کي 'ماه و سال' جي قيد و بند مان آزاد ڪري 'زندگيءَ' جي آزاد وصفن ۾ آندو وڃي تہ اُهو ٿيندو 'خاڪو'. 'خاڪ نويس' اصل ۾ 'سوانح نگار' جي غير نميوار يا آزاد صورت آهي. سوانح نگار، سوانح حيات تحرير ڪرڻ وقت پابند آهي تہ هو ترتيب وار زندگي جي سڄي Statics ۽ احوال بيان ڪري. ان جي ابتڙ 'خاڪ نويس' انهيءَ سڄي ترتيب جو بلڪل پابند نہ آهي. هُو ڪنهن بہ شخص جي زندگيءَ جي چند ڳالهين واقعن ۽ حادثن کي پنهنجي رنگين نثرنگاري سان بيان ڪري انهيءَ شخصيت بابت پنهنجو منفي يا مثبت Opinion ناهي پيش ڪري ٿو. اهو خاڪ نويس جو فن ئي آهي تہ ڪنهن ناڪاره کي ڪارگر ۽ ڪارگر کي ناڪاره ناهي سگهي ٿو. نيڪ ۽ پارسا کي گناه گار ۽ ڏوهيءَ جا سڀ ڏوهہ ۽ پاپ پنهنجي قلم سان ڌوئي ان کي پاڪ ۽ پويتر ناهي ٿو سگهي.

هي جيڪي اسان جي سنجيده، نميوار ۽ سينيئر اديب محترم نياز پنهور صاحب جي 'هِنئڙي سَجَڻ سارِيا' آهن، انهن جي خاڪن ۾ سڀ مذڪوره ڳالهيون اسان کي محسوس ٿين ٿيون، خاڪن ۾ جيڪا مضمون نگاريءَ جي تشنگي اڪثر محسوس ٿيندي آهي، اُها تمام دانائي سان هر ڪنهن خاڪي جي شروع ۾ 'بلاڪ' ۾ ڏيئي، محترم نياز پنهور صاحب انهيءَ اُڄ ۽ اساڻ جو اُتار ڪيو آهي.




محترم نياز پنهور پنهنجي قلمي ڪاوش جي حوالي سان ڪو غير معروف نالو تہ آهي ڪونہ جو سندس تعارف ڪرائجي، جيڪو سندس قلمي پورهيو آهي ۽ اڃان بہ جيڪو ان ۾ واڌارو ايندو، هيءُ ڪتاب ان سلسلي جي ڪڙي آهي. پاڻ جيڪو ڪاوش مئگزين ۾ 'خاڪن' جو هيءُ سلسلو شروع ڪيو آهي،

ان جو جاري رهڻ انڪري بہ ضروري آهي تہ پڙهندڙ ان مان لُطف حاصل ڪري ٿو ۽ ڄاڻ حاصل ڪري ٿو. سندس انتخاب بہ هن سلسلي ۾ سهڻو آهي جو پنهنجي آفيس جي ساٿين کان وٺي پنهنجي استادن ۽ اديب ساٿين تائين ان انتخاب جو دائرو آهي، جيڪو اجان بہ وڌندو ۽ وسيع ٿيندو. خاڪ نويس جو هڪ ڪمال اِهو بہ آهي تہ هُو ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي پسنديده شخصيت کي وڌيڪ پسنديده ناهي ٿو، پر ڪنهن جي غير پسنديده شخصيت کي بہ برداشت جي حد تائين آڻي پڙهندڙ کي پنهنجي راءِ تي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو. اِئين نياز صاحب جي هن خاڪن ۾ بہ محسوس ٿئي ٿو.

محترم نياز پنهور صاحب ڪٿي ڪٿي عام فهم ڳالهيون ڪندي پڙهندڙ کي تمام گهرا زخم بہ ڏيکاري اهو سوچڻ تي مجبور ڪريو ڇڏي تہ هيئن بہ سوچي ڏسو تہ جيئن تصوراتي جمود ٽُٽي پئي ۽ حقيقتون چٽيون ٿي پون. سندس انهيءَ اسٽائل کي اسين محترم نزهت پناڻ جي خاڪي ۾ محسوس ڪريون ٿا ۽ قبول ڪرڻو ٿو پوي تہ اهو خاڪو هڪ ڪامياب صحافي ئي لکي سگهي ٿو.

محترم حميد سنڌيءَ کان محمود مغل تائين ۽ عبدالقادر جوڻيجو کان نصير مرزا ۽ ناز سهتو تائين سندس سيني خاڪن ۾، سندس قلم جو رُخ ڪٿي بہ تذبذب جي ڌٻڻ ۾ ناهي ڦاٿو ۽ هُو پنهنجي تحرير جي آدَام کي برقرار رکي سگهيو آهي. هُو ڪردارن کي ايترو بئلنس طريقي سان بيان ڪري ويو آهي جو وچ ۾ ڪنهن جملي جي وِٿي ڇڏي ئي نٿو. آپا نذير ناز، اظهر جتوئي، خان محمد پنهور، مانيڻو اوٺو خواه تاج جويو تي لکندي ائين ٿو محسوس ٿئي تہ هر ڪنهن شخصيت تي لکندڙ جڻ ساڳيو ليکڪ نہ هجي. ۽ ائين هُو پنهنجي دعويٰ ۾ سچو آهي، تہ ڪنهن عورت تي لکجي تہ عورت ٿي لکجي. بلڪ آئون هِن ڳالهہ کي اجان چٽو ڪندس تہ ڪنهن صحافيءَ تي لکجي تہ صحافي ٿي ۽ ڪنهن سياستدان تي لکجي تہ سياستدان ٿي لکجي.

آخري ڳالهہ جيڪا اسين سنڌي ماڻهو ڪندا آهيون، تہ فلاڻو منهنجي ڳوٺ جو آهي ۽ ائين چئي نسبت وڌائيندا آهيون. آئون ڳالهہ کي بلڪل ٻئي رُخ ۾ ٿو رکان تہ اها منهنجي لاءِ اُتساهہ ۽ خوشي جي ڳالهہ آهي تہ آئون هن سهڻي قلمڪار جو ڳوٺائي آهيان.

ريٽي ندي جو اوپر ڪناري ۽ ڄام چنيسر جي حوالي سان مشهور داستان جي پڙي لڳ اُهو 'ڳوٺ شادي پلي' جنهن سان رئيس غلام محمد پرڳڙيءَ جي بہ نسبت آهي تہ وڏيري محمد سگهي پلي جي بہ وابستگي آهي.

اها منهنجي دل جي خواهش آهي تہ جيئن محترم نياز پنهور صاحب جا ٻئي ڪتاب جيترا خاڪا تيار ٿين تہ پيڪاڪ پبلشرس- سنڌ وارا وري بيو ڀاڳو ساڳي دلڪش ڇپائي، ساڳي خوبصورت Layout ۽ ساڳي بائينڊنگ، ڪاغذ ۽ بسٽ ڪور سان، ساڳي 350/ روپيہ قيمت ۾ آڻين. حيرت انگيز ڳالهہ تہ پروف ريڊنگ جي ڪابہ غلطي جيئن هن ڪتاب ۾ ناهي اڳتي نہ هجي تہ جيئن سنڌي ادب هنن 'خاڪن' جي خوشبوءِ سان مالامال ٿيندو رهي.



**سلطانه جمالي**
حيدرآباد

# حيدرآباد- سپنن جو شهر [يادگيريون]

سنڌي ادب ۾ وڏو نالو رکندڙ اديب، قاضي خادم هيءُ ساروڻين جو ڏهون ڪتاب ’حيدرآباد - سپنن جو شهر‘ بقول مظهرالحق صديقيءَ جي، ’سنڌ جي سماجي تاريخ جي حيثيت رکي ٿو‘.

هن ڪتاب کي پڙهڻ سان گذريل صديءَ جي هن عظيم سماجي ۽ ثقافتي ورثي جي مالڪ شهر جو نقشو چٽيءَ طرح سان اکين آڏو اچيو ٿو وڃي. هن شهر جي سونهن ۽ سرهاڻ جڻ ته اڄ به تازي ٿيو وڃي. هيرآباد جي ٿڌڙين هيرن کان وٺي الهداد چنڊ جي ڳوٺ، ٽنڊو آغا، ٽنڊو نوڙهو، پريٽ آباد، فقير جو پڙ، گرونگر، گدبس ناڪو، الهندو ڪچو، صدر، گئوشالا، ڪاري موري، ڏينوءَ جو پڙ، واڍن جو پڙ، ڊومڻ واهه، واڌوواهه، آڏواڻي لين، پتاشا گلي، تلڪ چاڙهي، لجپت روڊ، ڪاهي روڊ، ڪندن مل گرلز ڪاليج، ميران گرلز ڪاليج، تاراچند اسپتال، نور محمد هاءِ اسڪول، گورنمنٽ هاءِ اسڪول (ساڌو هيرانند اڪيڊمي)، سنڌ يونيورسٽي (نو وديالہ اسڪول)، گورنمينٽ بوائز ڪاليج (ڏيارام گدو مل نيشنل ڪاليج)، ڦليليءَ کان سنڌو جي ڪپ تائين ۽ ريلوي اسٽيشن کان نوولراءِ مارڪيٽ ٽاور تائين ته ٻئي طرف شاهي بازار ۽ ان جي پاسن کان ڦٽندڙ ڪيئي مشهور گهٽيون ريشم گلي، پتاشا گلي، چونڪي گهٽي، مکي هائوس، پرتاب محل، موتي محل، پوڪياڻي مينشن، هوم اسٽيڊ هال، بسنت هال، ميٺارام هاسٽل ته وري مياڻي روڊ، مساڻ روڊ، رسالا روڊ، اسٽيشن روڊ ۽ نوڙهي جي چاڙهي، ڏٽل شاهه جي چاڙهي، اميدن پرئي جي چاڙهي، ڪچو قلعو ۽ پڪو قلعو، جنهن ۾ عاملن جا خوبصورت گهر ته اڃا به موجود آهن، ليڪن نون مالڪن جي بي رحميءَ جو شڪار ٿي پنهنجو رنگ روپ وساري ويٺا آهن.




هن شهر جي اسڪولن، ڪاليجن، هوٽلن، سئنيمائن ۽ باغن جو اهڙو ته ذڪر ڪيو آهي، جيڪو هاڻ صرف ڪتابن ۾ ئي ڏسي سگهجي ٿو. داس گارڊن جيڪو هاڻ راڻي باغ سڏجي ٿو. اسٽيشن وارو راڻي باغ، پريم پارڪ، ڦليلي وارو شامداس پارڪ، سوسائٽي وارو گول باغ جتي هاڻ گول بلڊنگ ٺهيل آهي. تروٽ جو باغ، آفندي گارڊن، مکي جو باغ، جنهن ۾ ڍنڍ هوندي هئي، جنهن ۾ ٻيڙيءَ جو سير به ڪيو ويندو هو ته ان باغ جو ميوو وٺي کائبو به هئو.

پراڻن پاڙن جا رهاڪو، اتي جا پڪوڙا ڻاهيندڙ، نانوائي، قلعي گر، ڦٽي گر، مينهن جي واڙن وارا ۽ شهر جون وڏيون رهائشي هوٽلون ۽ کاڌي پيتي جون هوٽلون جن ۾ خاص ڪراچي هوٽل ۽ سلطان هوٽل جنهن تي سنڌي اديب ميڙاڪا مچايو ويٺا هوندا هئا ته اردو ڳالهائيندڙ اديب به ويهندا هئا. صدر واري ڪيفي جارج، جنهن تي صدر جا دانشور محفلون مچائيندا هئا ته تلڪ چاڙهيءَ تي ڪيفي يوٽني ۽ ان کان اڳتي نور محمد هاءِ اسڪول وٽ ڪيفي شيرازين هائوس، جنهن جو ذڪر ريٽا شهاڻي به ڪيو آهي ۽ شيش محل، فرنٽيئر هوٽل ۽ سيما هوٽل جا دلفريب منظر.


شهر جي تفريحي ماڳن ۾ مشهور سئنيمائون فردوس، راحت، شمس (جيڪا پهرين جڳت ٽاڪيز هئي)، ايلائيٽ (اڳ اها پريات ٽاڪيز هئي)، ڪيپيٽل سئنيما (ان جو نالو سائي رنگ جي ڪري سائي سئنيما پئجي ويو هو)، گدس ناڪي واري شاليمار ٽاڪيز ۽ ڦليلي تي قيصر ۽ نور محل سئنيمائون، ميمڻ محلي ۾ شهاب ٽاڪيز، جيڪا اڃا توڻي موجود آهي. صدر جي لالا نورالدين واري نيو مئجسٽڪ سئنيما ۽ ڪئين اهڙيون عمارتون، رستا جيڪي هاڻ ته آهن ئي ڪونه، پر هن ڪتاب ۾ اهي سڀ موجود آهن بلڪ ٽنڊي يوسف، ٽنڊي آغا ۽ بابن شاهه جي مقامن جو به ذڪر آهي.

ان سان گڏ شهر ۾ رنگارنگ چلڪندڙ ٽانگن، وڪٽوريا گاڏين توڙي هنڌ هنڌ تي ٺهيل گهوڙن جي پاڻي پيئڻ جي ٽانڪين ۽ سڄي شهر جي رستن تي ٿڌيون هوائون ڏيندڙ پپر ۽ ٻڙن جي چانورَ کي به ڪونه وساريو آهي.

هڪ طرح سان هيءُ ڪتاب حيدرآباد جي يادگيرين جو هڪ خزانو آهي، جيڪو وقت گذرڻ سان گڏوگڏ وڌيڪ اهميت وارو ٿي ويندو، ان ڪري جو هيءُ شهر ڪليل اکين سان سپنا ڏسڻ جو شهر آهي، جنهن جي سونهن ۽ ساپيان جنهن ڏني، تنهن کان وسرندي ڪانه.

## نئون ڪتاب



آصف نظاماڻي
خيرپور ميرس




# ابراهيم ڪرل جي ڪهاڻي ڪتاب 'رنگ بازار' تي تبصرو

'رنگ بازار' ابراهيم ڪرل جو چوٿون ڪهاڻي ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڪل اوڻويهه ڪهاڻيون شامل آهن، هن ڪتاب جو مُهاڳ مدد علي سنڌيءَ لکيو آهي، ابراهيم ڪرل جي ڪهاڻين تي پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته: "ابراهيم ڪرل جي ڪهاڻين ۾ هڪ تمام وڏي اهم ڳالهه آهي، هن جي ڪهاڻين جو اسلوب ۽ ٻولي، خاص طرح اصلوڪي سنڌي جيڪا اڄڪلهه اسانجي سنڌي ادب جي ڪهاڻين مان غائب ٿيندي پئي وڃي". مدد صاحب جي ان ڳالهه ۾ ڪو به وڌاءُ ڪونه آهي، ڇو ته ابراهيم ڪرل جو هي ڪتاب ۽ هن کان اڳ ايندڙ ڪتاب 'موٽي ايندس مان' جڏهن مون ڪمپوز پئي ڪيو ته نج ٻهراڙيءَ جا لفظ، چوڻيون، پهاڪا ۽ منظر منهنجي اکين سان گڏ ذهن جي اسڪرين تي ڇڻ ساهه کڻي رهيا هئا. ڪردار جي ٻولي ۽ اٿڻ ويهڻ ڪرت کي ڏسي ائين پئي محسوس ٿيو ته مان به انهن سان گڏ موجود آهيان.

هن ڪتاب جي پهرين ڪهاڻي 'دل جي ميراث' جڏهن پڙهجي ٿي ته پيار جي موضوع تي لکيل هيءَ ڪهاڻي پنهنجي تجسس ۽ روانيءَ سبب ذهن تي ڇانئجي وڃي ٿي. هن ڪهاڻيءَ جا منظر ڪنهن آرٽ فلم جيان سوچ کي قابو ڪري ٿا وجهن. سندس ڪهاڻي 'وڏيرو بازار ۽ نٽ' پڻ هڪ اهڙي موضوع تي لکيل ڪهاڻي آهي جنهن ۾ اسان جي سماج جا اولڙا سچ جي ڪرڻن جيان چمڪي رهيا آهن، وڏيري جو ڪردار، بازار بلڪ حسن بازار جا جلوه ۽ هڪ پيار ڪندڙ زال جي نٽ، وڪامجي وڃڻ جو درد ذهن جي ڪنڊن ۾ ويهجي وڃي ٿو. پنهنجي ذهني عياشيءَ خاطر وڏيرو زال جو گهر وڪڻي، هڪ ٽوئر کي اهميت ڏئي ٿو ۽ پوءِ انهيءَ نٽ جا پئسا 'نٽ لاهڻ' تي خرچ ڪري ٿو.

ڪهاڻي 'ڪفن' ۾ هڪ اهڙي موضوع کي بيان ڪيو ويو آهي، جيڪو مذهبي طريقي مطابق هڪ مسلمان جي آخري خواهش کي ظاهر ڪري ٿو ته ڪيس ڪفن به پلي پار جو نصيب ٿئي. هو جڏهن




مڪي مديني وڃي ٿو ته پنهنجي لاءِ ڪفن وٺي ٿو اچي، جيڪو سندس هيروئني پٽ چورائي، وڪڻڻ لاءِ وڃي ٿو: ته سندس ايڪسيڊنٽ ٿي پوي ٿو ۽ هو مري وڃي ٿو، مٿان مڙي آيل ماڻهن مان ڪو چوي ٿو "مري ويل پاڻ سان گڏ ڪفن به کڻي نڪتو هو". ڪهاڻين ۾ سندس لکيل ڪهاڻيون 'ڪنوارپ' سهسين سائر ٻوڙيون، ٻي ٻٽيادي به پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ڪهاڻي 'جمعي رات' جنسي موضوع تي لکيل ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ نوجوان عورت جي درد

ڪتا بيان ڪئي وئي آهي جنهن جي شادي سندس پيءُ ان ڪري نٿو ڪرائي ته ڪو دينداز ۽ نمازي ماڻهو رشتي جي گهُر ڪري، پردي جو خاص خيال ڪري، پاڻ ته جمعي رات اهتمام سان ملهائي ٿو، پر جوان اولاد جي جذبن جو خيال نٿو ڪري، هيءَ ڪهاڻي سماج جي ٻٽي رويي کي ظاهر ڪري ٿي.

ڪهاڻيون ’دال مهڻٽي جو درد‘، ’آخري هٽ‘، ’ڪچي ٻوٽي‘، ’ڳاڙهو طوفان‘، ۽ ’جهنگ جي رياست‘ علامتي ڪهاڻيون آهن، جن ۾ ابراهيم ڪرل فطرت جي سونهن سان هٽ چراند ڪندڙ، ماڻهن کي ۽ سندن روين کي ظاهر ڪري ٿو.


سندس مجموعي ۾ ’پئڪيج‘، ’ڪونج‘ ۽ ’رنگ بازار‘ اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جيڪي سندس نج ٻوليءَ ۽ پنهنجي اسلوب جي نشاندهي ڪن ٿيون. ’ڪونج‘ ڪهاڻيءَ لاءِ مدد علي سنڌي لکي ٿو ته ”هن تي شاندار ناول لکي سگهجي ٿو. ڪاش اهڙي ٻولي مان لکان ها ته بهترين ناول لکي وڃان هان.“


رنگ بازار ڪهاڻي، جيڪا ڪتاب جي ٽائيٽل ڪهاڻي آهي جنهن ۾ بازار جي رنگن ۽ سماجي رنگن ۾ ڇا ته ڪهاڻي لکي وئي آهي؟ غربت سبب بازار جي ماڻهن هٿان جيڪي بي واجبيون ٿين ٿيون، انهن کي ابراهيم ڪرل ڪمال ڪاريگريءَ سان لکيو آهي.

هن ڪتاب جو بئڪ ٽائيٽل ناميار ي ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار منور سراج لکيو آهي جيڪو لکي ٿو ته: ”ابراهيم جي ڪهاڻين ۾ ٻوليءَ جو نجپڻو، مقامي لهجو، سادگي، ڪردار نگاري، فطرتي ڊائلاگ، رواني، تجسس، تخليقيت، ۽ تسلسل پڙهندڙ کي پهرين جملي کان ڪلائيميڪس جي ڪناري تائين، پاڻ سان ٻڌي رکي ٿو“.

هن ڪهاڻي ڪتاب کي پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور جي سرواڻ قربان منگي ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي، ٽائيٽل نامور مصور سعيد منگيءَ ٺاهيو آهي جڏهن ته لي آئوٽ آصف نظاماڻي ۽ ڪمپوزنگ عرفان ڀٽي ڪئي آهي، ڪتاب جي قيمت ٽي سؤ رکي وئي آهي، هڪ سؤ چاهتر صفحن جو هيءُ ڪتاب تازو مارڪيٽ ۾ آيو آهي.

نئون ڪتاب





**بلاول حميد پنهور**

ڄام شورو

# استاد ذوالفقار علي سان رهاڻ

**(سنڌي وائي تي پي ايڇ ڊي ڪندڙ استاد ۽ محقق ڊاڪٽر ذوالفقار علي کي پرائيڊ آف پرفارمنس ملڻ تي سنڌ ماڻڪ تنظيم طرفان روح رهاڻ ۽ پڳ ٻڌرائڻ جي تقريب)**

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وائي کي نرالي انداز ۾ ڳائيندڙ، ماس ڪميونيڪيشن شعبي سنڌ يونيورسٽيءَ جي استاد ۽ سنڌي وائيءَ تي ڊاڪٽريٽ ڪندڙ اسڪالر ڊاڪٽر ذوالفقار عليءَ کي حڪومت پاڪستان طرفان صدارتي ايوارڊ ملڻ تي سندس مانَ ۾ 'سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم' پاران هڪ عاليشان تقريب حيدرآباد جيمخاني ۾ منعقد ٿي. ان موقعي تي نامياري راڳي استاد فتح علي خان، مظهر علي، استاد ميان نظر حسين سميت وڏي تعداد ۾ استادن، اديبن، اسڪالرن ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار عليءَ جي فن سان محبت ڪندڙن شرڪت ڪئي. تقريب ۾ 'سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم' جي سرواڻ محمد عثمان منگيءَ نامياري راڳي ڊاڪٽر ذوالفقار عليءَ کي سنڌي پڳ ٻڌرائي، جنهن کي محفل ۾ موجود استاد فتح علي خان، ڊاڪٽر قاضي خادم، ڊاڪٽر انور فگارهڪڙو، پروفيسر نذير حسين قاسمي، شريف اعواڻ، نصير مرزا، سعيد منگي، عبدالمجيد پنهور، ڊاڪٽر بشير ميمڻ، ڊاڪٽر مخمور بخاري، استاد ميان نظر حسين ۽ ٻين پڳ جا وَرَ ڏنا. پروفيسر نذير حسين قاسمي خيالن جو اظهار ڪندي سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم ۽ محمد عثمان منگيءَ کي ساراهيو. هن چيو ته محمد عثمان منگي محنتي ماڻهو آهي. هُو لطيف جي بيت 'هلو هلو ڪورئين نازڪ جن جو نينهن ڳنڍين سارو ڏينهن چنڊ مور نه سڪيا' وانگر سيني کي ڳنڍڻ ۽ گڏ ڪرڻ جو فن ڄاڻي ٿو. هن ڊاڪٽر ذوالفقار عليءَ جي فن کي ساراهيو ۽ چيو ته سندس سريلو آواز ئي سندس سڃاڻپ آهي. شعبي ماس ڪميونيڪيشن سنڌ يونيورسٽيءَ جي چيئرمين ڊاڪٽر بشير احمد ميمڻ چيو ته هن لاءِ فخر جي ڳالهه آهي جو سندس استاد کي حڪومت صدارتي ايوارڊ سان نوازيو آهي. هن چيو ته جڏهن ڪنهن به محفل ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار عليءَ جو نالو ورتو ويندو آهي ته هن کي دلي خوشي ٿيندي آهي. اديب نفيس احمد شيخ خيالن جو اظهار ڪندي ڊاڪٽر ذوالفقار علي جي فن جي ميدان ۾ ڪيل ڪاميابين کي ساراهيو. هن 'سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم' پاران منعقد ڪيل تقريب تي عثمان منگيءَ کي جَس ڏنو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ ڊزائن جي ڊائريڪٽر سعيد منگيءَ چيو ته ڊاڪٽر ذوالفقار علي هڪ محنتي ۽ جفاڪش انسان آهي. هن ميوزڪ ڳائڻ سان گڏ ان تي ڊگري حاصل ڪئي ۽ وري ميوزڪ تي ئي پي ايڇ ڊي ڪئي. تاريخ ۽ موسيقي جي ماهر ڊاڪٽر اسد 'جمال' پليءَ چيو ته ڊاڪٽر ذوالفقار علي پنهنجي محنت سان ئي فن جي دنيا ۾ اعزاز ماڻيو آهي. هُن چيو ته مون اڄ کان چاليهه سال اڳ (1980ع ۾) مظهر علي کي راڳ جي هڪ چنائيپيٽي واري پروگرام ۾، سخي تاج محمد ڪسيلرو جي درگاهه تي جهڏو شهر ۾ ٻڌو هو، اُن وقت به سڃاڻن اِهو چيو ته هن ننڍڙو ڪلاڪار اينڊڙ وقت جو خانصاحب گويو ٿيندو، بيشڪ هنن پائرن مسلسل محنت ۽ ڪلام جي سهڻي انتخاب سان اِها ڳالهه سچي ثابت ڪئي آهي.

ڊاڪٽر ذوالفقار عليءَ جي پي.ايڇ.ڊي ٿيسز جي گائيڊ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي فيڪلٽي آف آرٽس جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو چيو ته ڊاڪٽر ذوالفقار علي خان جي خاندان سان منهنجو ويجهو لاڳاپو آهي. جنهن پاڙي ۾ استاد گامڻ خان، استاد سينتو خان، استاد جمال خان، استاد منظور علي خان رهندا هئا، مان هتي جو ئي آهيان. منهنجي خوش قسمتي آهي ته مان ذوالفقار علي خان جو پي ايڇ ڊي لاءِ گائيڊ مقرر ٿيس. ۽ ان پنهنجو مقالو 'وائي آف شاهه عبدالطيف ڀٽائي اورجن، ايووليوشن اينڊ رول آف ماس ميڊيا' جي عنوان تي مڪمل ڪري پي.ايڇ.ڊي ڊگري حاصل ڪئي. ان مقالي کي ثقافت وسياحت کاتي ڪتابي صورت ۾ ڇپرايو آهي. ۽ انهيءَ تي ذوالفقار علي خان جي پرائيڊ آف پرفارمنس ۾

نومينيشن ٿي. ذوالفقار علي خان تمام محنت سان، محبت سان ۽ لڳن سان تحقيقي ڪم سر انجام ڏنو. ذوالفقار علي خان جو پڙڏاڏو شڪارپور جي قبرستان ۾ دفن آهي ۽ تاريخي اهڃاڻ ٻڌائيندي هن چيو ته استاد گامڻ خان جڏهن راڳ ديپڪ ڳائيندو هو ته پاڻي جي تلاءُ ۾ ٻاهه لڳي ويندي هئي، تنهن جي ڪري استاد جو نالو چڻنگ پئجي ويو. اڄ انهيءَ نالي جي ڪري شڪارپور جي قبرستان جو نالو چڻنگي جو مقام آهي. جتي استاد منظور علي خان، استاد سينگار علي سليم، استاد ارباب خان کوسو، استاد نياز حسين ۽ تمام پلا ۽ سهڻا راڳي سندس مزار تي حاضري ڏيندا هئا. ڊاڪٽر ذوالفقار علي نه رڳو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي راڳ تي تمام لاجواب ڪم ڪيو آهي. پر هاڻ شاهه عنات رضوي جي سرُ جيت سرِي تي تازو تحقيقي مقالو لکيو آهي، جيڪو شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ چيئر جي شايع ٿيندڙ ريسرچ جرنل ۾ شايع ٿيو آهي.

موسيقيءَ جي ماهر شريف اعوان خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته ذوالفقار علي خان ۽ مظهر حسين خان سان منهنجي واقفيت 2004ع ۾ ٿي. جڏهن اسان تهذيب فائونڊيشن تحت انهن ٻنهي ڀائرن کي ڪراچيءَ ۾ راڳ همير ڪلياڻ جي محفل رکائي. هن وڌيڪ چيو ته مان ائين ضرور چوندس ته اڄ تائين ڪراچيءَ جي ڪلاسيڪل ٻڌڻ وارن سامعين کي اهو همير ڪلياڻ ذهن ۾ نقش ٿيل آهي. هن چيو ته ذوالفقار علي ۽ مظهرحسين لائيٽ موسيقيءَ جا ڪوڏيا آهن پر ڪلاسيڪل به واهه جو ڳائن ٿا. ذوالفقار علي خان فيوچرسٽ ڪلاڪار آهي. هن چيو ته ذوالفقار علي خان اسان جي ملڪ جو اعليٰ سرمايو ثابت ٿيندو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي سابق اسٽيشن ڊائريڪٽر، شاعر نصير مرزا ان موقعي تي پروگرام جي ڪارروائي هلائيندي پنهنجي اظهار ۾ چيو ته ڊاڪٽر ذوالفقار علي خان ۽ مظهر حسين سنگيت جي دنيا ۾ سنڌ جي مثالي جوڙي آهي، جيڪي هر بهترين محفل جا مور هوندا آهن. اهو ايوارڊ گواليار گهراڻي جي سنڌ سان محبت جو تمام لاجواب حوالو آهي. اڄ استاد نياز حسين جو روح خوش ٿيندو هوندو.


نامياري راڳي استاد فتح علي خان چيو ته ڊاڪٽر ذوالفقار علي جو ڏاڏو استاد ٻيبو خان اعليٰ ڳويو هو ۽ ان جو پڙڏاڏو استاد گامڻ خان بيمثال ڳويو هو ۽ هن جي ڳوڻي ٿيڻ ۾ ڪوئي شڪ ئي ناهي. سڀني کان سهڻي ڳالهه اها آهي ته هن راڳ سان گڏوگڏ پنهنجي علم سان به ياري رکي آهي. اسان جو هي لائق پاڻ آهي. الله سائين ان کي اڃا به وڌائيندو اسان جون دعائون ۽ نيڪ تمنائون ان سان گڏ آهن.

خانصاحب فتح علي خان صاحب پنهنجي خطاب ۾ نوجوان راڳين جي همت افزائي به ڪئي ۽ ايوارڊ سان گڏ هِن شاندار تقريب ٿيڻ جي پڻ مبارڪباد ڏني.

آخر ۾ محفل جي مور ڊاڪٽر ذوالفقار علي خان سڀني جا ٿورا مڃيا. هن سنڌ 'مائٽ موتي تنظيم' طرفان سندس مانُ ۾ هيءَ تقريب ڪرائڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي محمد عثمان منگيءَ جا ٿورا مڃيا. هن چيو ته هو پنهنجي ڀائرن استاد ميان نظر حسين، مظهر حسين ۽ امانت علي خان کان به سکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. تحقيق جي ڪم ۾ سندس مدد تي پنهنجي پٽن کي شاباس ڏني. هن پنهنجي تعليم ۽ راڳ جي سکيا ۾ استادن کي پڻ زبردست پيٽا ڏني. هن چيو ته هيءُ ايوارڊ سندس وڏن جي محنتن ۽ دعائن ۽ سندس ڪم جي ڪري مليو آهي.

پروگرام ۾ سنڌ مائٽ موتي تنظيم جي سرواڻ عثمان منگيءَ استاد فتح علي خان ۽ مظهر حسين کي پڻ اجرڪ پارايا. تقريب ۾ ناميارن شاعرن اياز گل ۽ احمد سولنگي ڪانسواءِ فيض کوسو، عبدالمجيد پنهور ۽ محمد حسن ڪلهوڙو ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سنڌ مائٽ موتي تنظيم جي سرپرست اعليٰ عثمان منگيءَ سنڌ جي پلوڙ شاعر اياز گل کي ٽوپي پارائي ۽ اجرڪ پارايو. سنڌ مائٽ موتي تنظيم جي سرواڻ محمد عثمان منگيءَ آيل، مهمانن جا ٿورا مڃيا. هن چيو ته نوجوان راڳي ذوالفقار علي خان جي مانُ ۾ منعقد هيءَ تقريب هميشه يادگار رهندي.

شهيد الله بخش سومرو يونيورسٽي آف آرٽس اينڊ ڊزائن جي ناميارن آرٽسٽ ۽ استاد عبدالملڪ چنا ان موقعي تي سندس ناهيل ڊاڪٽر ذوالفقار علي جو پورٽريٽ ڪيس پيش ڪيو. عزيز آرٽ سرڪل جي روح روان محمد عزيز ان موقعي تي ذوالفقار عليءَ کي سندس يادگار فوٽو پيش ڪيو.



رپورٽ: محمد ارشد بلوچ

# سنڌي پروليءَ جو فني جائزو

سنڌ جي ناليواري دانشور، محقق ۽ لوڪ ادب جي پارکو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪيل خدمتن کي مڃتا ڏيڻ لاءِ سنڌ حڪومت 26-سيپٽمبر 2009ع ۾ سندس نالي سان 'ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ' ادارو قائم ڪيو.

هن اداري جي اهم مقصدن مان هڪ مقصد سنڌ جي لوڪ ادب کي هٿي ڏيارڻ پڻ آهي، انهي مقصد کي اُجاگر ڪرڻ خاطر هن اداري طرفان 3-فيبروري 2021ع تي لوڪ ادب جي هڪ اهم صنف 'پرولي' بابت 'سنڌي پرولي جو فني جائزو' جي موضوع تي اداري ۾ هڪ ليڪچرر جو پروگرام منعقد ڪيو ويو.

هن پروگرام جي شروعات تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي، جنهن کان پوءِ هن انسٽيٽيوٽ جي ريسرچ آفيسر محمد ارشد بلوچ آيل مهمانن کي خوش آمديد چيو ۽ شرڪت ڪرڻ تي شڪريو پڻ ادا ڪيو.

هن پروگرام جي صدارت محقق، اديب، شاعر ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر محترم ڊاڪٽر اسد 'جمال' پلي ڪئي. جڏهن ته خاص مهمان محترم نفيس احمد شيخ ۽ اعزازي مهمان محترم انور فگار هڪڙو ۽ عبدالمجيد چانڊيو هئا.

هن اداري جي مانواري ڊائريڪٽر الطاف حسين جوکيي 'پرولي' جي اهميت بابت پنهنجو ليڪچر ڏنو. هُن چيو ته، پرولي لوڪ ادب جي نهايت اهم صنف آهي، جنهن تي ننڍا توڙي وڏا پيا طبع آزمائي ڪندا آهن، هن ٻڌايو ته پروليءَ کي فارسي ۾ 'چيستان'، عربي ۾ 'لغز'، هندي ۾ 'پهيلي'، سنسڪرت ۾ 'پر هيلڪا'، فرانسي ۾ 'ڊيونيتي' ۽ انگريزي ٻولي ۾ 'رڊل' چوندا آهن. ڊاڪٽر الطاف جوکيي وڌيڪ ٻڌايو ته 'پرولي' انسانذات جي ذهانت، ظرافت ۽ ڪيفيت کي ڳجهه ۾ بيان ڪرڻ جو هڪ عمدو نمونو آهي، جنهن ۾ سُگهڙ معاشري، ماحول ۽ فطرت وغيره جي عڪاسي لڪ ۽ ڳجهه ۾ هڪبئي سان بيان ڪندا آهن، هن چيو ته سنڌي ڳجهارت جو بنياد به پروليءَ تي آهي، پر ڳجهارت جو گهاڙيٽو ۽ فن پروليءَ کان بنهه نرالو آهي، هن پرولي جي جوڙجڪ ۽ ان جي مختلف ڏهن قسمن بابت تفصيل کي پڻ بيان ڪيو.

پروگرام جي اعزازي مهمان ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيي خطاب ڪندي چيو ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي شاباس هجي جنهن لوڪ ادب جي خزاني کي 42 ڪتابن ۾ سهيڙي گڏ ڪري هميشه لاءِ جياري ڇڏيو.

پروگرام جي اعزازي مهمان ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي پنهنجي تقرير ۾ چيو ته اسان فخر سان چئي سگهون ٿا ته سنڌ جو لوڪ ادب ايترو ته وسيع ۽ مالامال آهي، جو شايد ئي دنيا جي ڪنهن ٻي ٻوليءَ جو لوڪ ادب مالامال هجي، هن وڌيڪ چيو ته اسان جي سنڌ جي لوڪ ادب کي سهيڙڻ ۽ محفوظ ڪرڻ جو سَهرو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڏانهن وڃي ٿو.

پروگرام جي خاص مهمان نفيس احمد شيخ صاحب پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ جَس لهڻي جنهن سنڌ جي لوڪ ادب جي

اهميت تي هيءُ عاليشان پروگرام شروع ڪري سُگهڙن جي همت افزائي ڪئي آهي.

پروگرام جي صدارتي خطبي ۾ محترم ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب چيو ته سنڌ جو لوڪ ادب گڏ ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جي ڪُنڊڪڙڇ ۾ ڀهراڙين ۾ ٽيمون ڏاهيون، ڳوٺن ۾ ورڪر مقرر ڪيا، جن جي مدد سان لوڪ ادب گڏ ٿي سگهيو. هن 'پرولي' بابت ٻڌائيندي چيو ته پروليءَ جو بنياد 'اڏي' آهي. 'اڏي' جي معنيٰ آهي ننڍو واٽر ڪورس جيڪو ننڍو ٻار به آساني سان ٽپي سگهي. هن وڌيڪ چيو ته 'اڏي' جا اَٺ قسم آهن، جيڪي عام طور تي ننڍا ٻار ذهني صلاحيت لاءِ استعمال ڪندا آهن. هن چيو ته بعد ۾ ڪجهه وڏي ڄمار جا ٻار 'اڏي' کان پوءِ ڏٽ ۽ پرولي استعمال ڪندا آهن. هن وڌيڪ چيو ته 'پرولي' اصل ۾ تربيت جو نالو آهي ۽ هن جو هي آخري مرحلو ڳجهارت هوندي آهي، جنهن وڏو سماجي ڪارج آهي.

پروگرام جي دوران علي محمد رونجهي چنگ وڄائي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ۽ نالي واري سگهڙن، پروليءَ جا مختلف نمونا هڪ ٻئي کي پروليون ڏئي پيش ڪيا، ان موقعي تي نياڻين ڪنيز فاطمه لاشاري ۽ حليمان چانڊيو پڻ ڏٽ پرولي جو نمونو پيش ڪيو.

محترم سڪندر شاهه سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ۽ محترم محمود مغل صاحب ڊائريڪٽر سنڌالاجي پروگرام ۾ خصوصي شرڪت ڪئي.

جڏهن ته هن سڄي پروگرام جي ڪاروائي لوڪ ادب جي ڄاڻو سگهڙ عاجز رحمت الله لاشاري هلائي.




ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو، ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيو، نفيس احمد شيخ، ڊاڪٽر اسد جمال پلي ۽ سيد سڪندر علي شاهه اسٽيج تي



پروگرام ۾ آيل سامعين



محترم ارشد بلوچ آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪندي



نفيس احمد شيخ، ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو،
ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيو



**خطائي ٽيهو**
ڀوڏار فارم- عمرڪوٽ

# مچ ڪچهري

ڳوٺ سڏار سنگت پاران ڳوٺ دودو خاصخيلي لڳ ڪنري ۾ تاريخ 6.2.2021 ڇنڇر شام تي مچ ڪچهريءَ جو اهتمام ڪيو ويو. هن ڪچهري جو ميزبان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو اڳوڻو ڊائريڪٽر حاجي علي نواز خاصخيلي هو.

مچ ڪچهريءَ جو مهمان خاص نالي وارو محقق ڊاڪٽر اسد 'جمال' پلي هو. جڏهن ته ناميارو سُگهڙ تاج محمد هاليپوٽو، عاصي عبدالواحد هڪڙو، ايوب ڪوسو ۽ صالح احمداڻي اعزازي مهمان هئا.

مچ ڪچهريءَ کي خطاب ڪندي خاص مهمان ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ چيو ته مچ ڪچهري سنڌ جي ثقافت جو خاص اهڃاڻ آهي. ڪچهرين جي وسيلي نئين نسل جي تربيت ٿيندي آهي، اسان جو لوڪ ادب شاهوڪار آهي. هن مچ ڪچهريءَ مختلف شاعرن ۽ سُگهڙن جو ڪلام ٻڌي خوشي ٿي آهي، حاجي علي نواز ڪيرون لهڻي جنهن هيءُ سهڻو مچ مچايو آهي.

هُن وڌيڪ چيو ته اڄ تائين ڪچهري لفظ جو مفهوم ۽ مقصد ته بيان ڪيو ويو آهي پر ان جي ڪنهن به لغت ۾ معنيٰ نه لکي ويئي آهي، مون هن لفظ جي معنيٰ تي مڪمل مضمون لکيو آهي جيڪو 'سنڌي ٻولي- تحقيقي جرنل ۾' شايع ٿيل آهي. بنيادي طور هي مرڪب لفظ آهي جيڪو 'ڪچ + هري' مان نڪتو آهي. حضرت پٽ ڌڻي هن سلسلي ۾ هينئن رهنمائي ڪئي آهي ته:


اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي.

اسان وٽ ڪچهرين جي ڪلچر کي ڀيهر مچائجي ته اسان جو نوجوان نشي جهڙي برائي کان بچي سگهندو ۽ علم تعليم ۽ تربيت ڏانهن وِکون کڻندو.



ڪچهريءَ جو صدر: ڊاڪٽر اسد جمال پلي
مهمان خاص: تاج محمد هاليپوٽو ۽ ميزبان: علي نواز خاصخيلي

تاج محمد هاليپوٽو، عاصي عبدالواحد هڪڙي ۽ ايوب ڪوسي پڻ مچ ڪچهريءَ کي خطاب ڪيو جڏهن ته خطائي ٽيهو، خالد مجاهد، غلام مصطفيٰ چانڊيو، علي بخش چانڊيو، هرلال امر، صالح احمداڻي، نورمحمد حساس خاصخيلي، پروفيسر نياز بيدار خاصخيلي، احساس سمون، رمضان عادل خاصخيلي، ناز فقير محمد شاهاڻي، راجا طيب خاصخيلي، عطا خاصخيلي ۽ قربان خاصخيلي پنهنجي نڪور شاعري پيش ڪئي. تاج محمد هاليپوٽو، صالح احمداڻي، عاصي عبدالواحد هَڪڙي ڳجهارتون، ڏور ۽ بيت ٻڌائي ڪچهريءَ کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. آيل مهمانن کي حاجي علي نواز خاصخيلي پاران اجرڪن جي اوڍاڻي ڏني وئي. آخر ۾ راڳي ايوب ساگر سُر ڇيڙي مچ ڪچهريءَ کي مندي چاڙهيو، رات جي پوين پهرن تائين جاري رهندڙ هن مچ ڪچهري ۾ ڏوڏا دکندا رهيا ۽ مچ مَتل رهيو.



**محمد رفيق جمالي**
بکر جمالي/سعيدآباد

# سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪوٺايل تعزيتي ميڙاڪو

15- فيبروري 2021ع تي ڄامشورو جي مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ آڊيٽوريم ۾ تازو موجوده بورڊ آف گورنرس جي وڇڙي ويل ٻن ميمبرن جسٽس سيد ارشاد علي شاهه، عبدالقادر جوڻيجو ۽ بورڊ آف گورنرس جي اڳوڻي ميمبر، ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو.

هن پروگرام جي صدارت بورڊ جي مانواري چيئرمين مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' صاحب ڪئي. پروگرام جو باقاعده آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو جنهن جو شرف حافظ احمد دين انڙ حاصل ڪيو. ان کان پوءِ بورڊ جي معزز ميمبر جناب سرفراز راڄڙ صاحب آيل مهمانن جي آجيان ڪئي. هُن آجياڻي تقرير ۾ چيو ته بورڊ هڪ قومي ادارو آهي، سنڌي ادب، ٻولي، ثقافت جي سڃاڻپ رهيو آهي، سنڌ جي عالمن اديبن جو بورڊ سان هميشه محبت وارو تعلق رهيو آهي. موجوده بورڊ جي مانواري چيئرمين صاحب باقاعده بورڊ کي متحرڪ ڪيو آهي، بورڊ جو رسالو 'مهراڻ' سنڌي ادب جو رکوالو رهيو آهي، ٻاراڻي ادب جو رسالو 'گل ڦل' ۽ 'سرتيون' رسالا سالن کان سنڌي ادب جي خدمت ڪري رهيا آهن.

ان کان پوءِ تعليمي ماهر ۽ بيورو آف ڪريڪيولم جي ڊائريڪٽر محترم ادريس جتوئي، ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪيل ڪم تي روشني وڌي. ادريس جتوئي چيو ته: الانا صاحب سنڌي ادب، سنڌي ٻولي لاءِ لازوال خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، الانا صاحب پهريون سنڌي اسڪالر هو، جنهن لسانيات جي موضوع تي لنڊن مان Ph.D ڪئي. الانا صاحب پنهنجي ذات ۾ ادارا هئا. سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن ۽ سنڌي ادب ۽ تاريخ تي 40 ڪتاب لکيا، الانا صاحب ادارا ساز شخصيت جو مالڪ هو، سندس وڇوڙي سبب سنڌي لسانيات ۽ ادب ۾ وڏو خال رهجي ويو آهي.

ان کان پوءِ الانا صاحب جي نائيءَ محترم ڊاڪٽر عبدالرحيم صاحب الانا صاحب جي خدمتن تي ڳالهائيندي چيو ته اسان بورڊ جي چيئرمين صاحب جا تمام گهڻا ٿورائتا آهيون، جنهن اسان جي بابا سائين کي ياد ڪيو ۽ سندس علمي ادبي پورهئي کي مانُ ڏنو.

شاعر اديب ۽ صحافي محترم نياز پنهور ڳالهائيندي چيو ته تمام گهڻي خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو سنڌي ادبي بورڊ وبائن جي دور ۾ وفائن ڪرڻ جا پروگرام سجايا آهن ۽ پنهنجي مصنفن ۽ ميمبرن کي ياد ڪيو آهي، جن سنڌي ادب، سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪئي آهي، اڄ سنڌ جا ادب دوست گڏ ٿيا آهيون، اسان کي خبر آهي سيد ارشاد علي شاهه هڪ شخص جو نالو نه آهي، هن جو وجود ڪارائتو ثابت ٿيو. ڀهراڙيءَ مان پڙهيو، مختلف کاتن ۽ ادارن ۾ وڏو ڪم ڪيو. سائين ارشاد شاهه پنهنجي سرڪاري نوڪريءَ کان سواءِ شاعر ۽ علم فلڪيات جو وڏو ڄاڻو هو. هن جي علم ادب سان محبت ۽ سچائي جي ڪري ٻين ادارن سان گڏ ادبي بورڊ جا متحرڪ ميمبر رهيا. مخدوم صاحب ڪڏهن ڪڏهن اجلاس جي صدارت به ڪانئس ڪرائيندا هئا. هُو پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين رهيو، ليڪن سندن دامن ۾ ڪو داغ نه رهيو.

ان کان پوءِ ارشاد شاهه جي فرزند شهزاد شاهه صاحب ڳالهايو، سائينءَ جي فرزند چيو ته: آئون بورڊ جي مانواري چيئرمين مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' صاحب جا ٿورا مڃيان ٿو. جنهن اسان جي بابا سائينءَ جي علمي ۽ ادبي خدمتن کي مانُ ڏنو. بابا ننڍي هوندي کان شاعري ڪندا هئا، مولود شريف، نعت شريف پاڻ پڙهندا هئا، مختلف سنڌي رسالن ۾ بابا جي شاعري ڇپبي هئي.

ان بعد سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر جناب محمود مغل، عبدالقادر جوڻيجو جي شخصيت تي ڳالهائيندي چيو ته جوڻيجي صاحب پنهنجي دور ۾ جيڪي ڇڻ

چڻيا، ڪهاڻيون، ناٽڪ، ٽي.وي ڊراما لکيا اهي تمام گهڻو مقبول ٿيا. آئون سندن گهر جي پرسان 18 سال گڏ رهيو آهيان. پاڻ گهڻو وقت سنڌالاجي جا ڊائريڪٽر رهيا. ٽي.وي ڊرامن جي ڪري ادا عبدالقادر تمام گهڻو مصروف رهيا. عبدالقادر صاحب ٻين گهڻن ايوارڊن سان گڏ صدارتي ايوارڊ پڻ ماڻيا، سماجي حوالي سان هر ڪم ڪار ۾ مان ساڻن گڏ هوندو هوس.

ان بعد محترم عبدالقادر جوڻيجو جي فرزند محترم نصير جوڻيجو کي اسٽيج تي اچڻ جي دعوت ڏني وئي. جنهن چيو تہ آئون بورڊ انتظاميہ جو ٿورائتو آهيان، جنهن بابا سائينءَ کي ياد ڪيو، بابا ڏاڍو بهادر ۽ دلبر شخصيت جو مالڪ هو، هن پوري زندگي علم ادب جي خدمت ۾ ڏني آهي. منهنجي ڌيءَ فاطمہ بابا جي نقش قدم تي هلڻ جي جستجو ڪري رهي آهي.

ان کان پوءِ صحافي ۽ اديب محترم مدد علي سنڌي صاحب چيو تہ: آئون بورڊ کي شابس ڏيندس جنهن ڊاڪٽر الانا صاحب، عبدالقادر جوڻيجو صاحب سائين ارشاد شاهہ صاحب تي ميڙاڪو ڪوٺايو آهي.

ارشاد شاهہ نڊر هوندي قومي ڪارڪن رهيو، قومي گيت بہ پاڻ ڳائيندو هو. ارشاد شاهہ، الانا صاحب، عبدالقادر جوڻيجو صاحب ادارا ناهيا، هن معززين تي جيترو ڳالهائجي اهو گهٽ آهي.

جوڻيجو صاحب کي شيخ اياز منيءَ مان وٺي اچي يونيورسٽي ۾ نوڪري ڏني. بورڊ جي ۽ بورڊ جي چيئرمين کي ڏسي مون کي مخدوم طالب المولىٰ ياد اچي ويو، مخدوم طالب المولىٰ ماضيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ کي ڪامورن کان بچايو، ايوب خان جي دور ۾ بہ بورڊ کي مخدوم سائين بچايو. ۽ مخدوم صاحب گرامي صاحب کي وڏي عزت ڏيندا هئا.

مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' صاحب پنهنجي خطاب ۾ آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا، ۽ چيو تہ اسان جي اداري ۽ سنڌي ادب جي خدمتگارن الانا صاحب، ارشاد شاهہ ۽ عبدالقادر جوڻيجو جن جي خدمت تي روشني وڌي پاڻ فرمايائون تہ: آئون جڏهن بورڊ جو چيئرمين ٿي آيس تہ بورڊ جون ڪافي گهُرجون هيون انهن ۾ ڪافي بهتري آندي آهي. اسان کي توهان ليکڪن، اديبن ۽ ميڊيا جي تعاون جي ضرورت آهي. اسان سيني کي گڏجي ڪم ڪرڻو آهي، سنڌي ادبي بورڊ اسان وٽ امانت آهي، جنهن جي خدمت ڪندو رهندس، ادبي بورڊ واحد علمي، ادبي ادارو آهي، جنهن وٽ سوين قلمي مخطوطات ۽ مسودا ڇپجڻ جي انتظار ۾ آهن. اسان محدود وسيلن آهر بورڊ جي خدمت ڪري رهيا آهيون. اسان جي گرانٽ گهٽ آهي، جنهن جو 80 سيڪڙو پگهارن ۾ وڃي ٿو. باقي 20% سيڪڙو ٻين خرچن ۾ وڃي ٿو. حڪومت کي اسان گرانٽ وڌائڻ لاءِ لکيو آهي، اميد تہ بورڊ جون گهُرجون پوريون ڪيون وينديون.


مخدوم صاحب وڌيڪ خطاب ڪندي چيو تہ هن کان اڳ بورڊ مخدوم جميل الزمان صاحب جي سربراهيءَ ۾ ڪافي ڪم ڪيو، جنهن دور ۾ بورڊ جي گرانٽ وڌرائي وئي، جميل سائينءَ جي دؤر ۾ ڪتاب بہ گهڻا ڇپيا آهن، منهنجي اچڻ کان پوءِ ٿوري ئي عرصي ۾ 110 ڪتاب ڇپجي پترا ٿيا آهن. اسان جون ڪوششون آهن تہ گهڻي کان گهڻا ڪتاب ڇپرايون. ان بعد ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي، ۽ فرمايو تہ آئون سنڌي ادبي سنگت جو بہ ٿورائتو آهيان جن مون کي حسن ڪارڪردگي مڃتا ايوارڊ 2021ع جي اعزاز سان نوازيو. اسان هميشہ سيني لکندڙن کي پاڻ سان گڏ کڻي هلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. آئون محترم مدد علي سنڌيءَ جو بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجو ايڊٽ ٿيل انگريزي ڪتاب (SKETCHES IN SCINDE) اڄ تحفي ۾ ڏنو. چيئرمين صاحب آخر ۾ سيني آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ تقريب جي پڇاڙي ٿي.

ان کان پوءِ نصير مرزا پنهنجي خاص انداز سان تقريب جي پڇاڙي ڪئي، تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ معززين ۾: مخدوم امجد صديقي، فقير محمد بخش ضامن، ڊاڪٽر اسد جمال پلي، محترمہ نذير ناز، نجمہ پنهور، ثمينہ ميمڻ، گلبدن جاويد، ڊاڪٽر مخمور بخاري، ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو، غلام محمد غازي، ابرار قاضي، ڊاڪٽر فهيم نوناري، زيب سنڌي، سليم چنا، روزينہ جوڻيجو، نور سنڌي، اسد جوڻيجو، ڊاڪٽر زبيده جوڻيجو، يوسف جويو، شيخ عبدالله، ڊاڪٽر پروين موسىٰ ميمڻ، نسيم خان پنهور، الهہ بچايو ميمڻ، عبدالرحمان سيال، گلشن جوڻيجو، گل حسن درس سروري، زاهده ابڙو، نجمہ آفتاب منگي، پير راحيل، ڊاڪٽر مولا بخش ٿيبو، بورڊ جي ملازمن ۽ ٻين گهڻن ماڻهن شرڪت ڪئي.

هال جي ٻاهران سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال پڻ لڳايو ويو. آخر ۾ مهمانن جي خاطر تواضع لاءِ ڊنر باڪس ۽ بورڊ پاران ڇپرايل 2021ع جو خوبصورت ڪيلينڊر بہ سيني مهمانن ۾ تقسيم ڪيا ويا.



تاريخ 15 فيبروري 2021ع تي چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ مخدوم سعيد الزمان "عاطف" کي
محترم مدد علي سنڌي پنهنجو ايڊٽ ٿيل انگريزي ڪتاب "SKETCHES IN SCINDE"
تحفي طور پيش ڪري رهيو آهي




سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ مخدوم سعيد الزمان "عاطف" کي سنڌن
علمي، ادبي خدمتن ۽ سنڌي ادبي بورڊ ۾ تاريخي خدمت عيوض "حُسن ڪارڪردگي"
مجتا ايوارڊ 2021ع سان نوازيو ويو آهي

"MEHRAN" (Regd. No: NS-20)Quarterly

# مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ رحہ

اديب، شاعر، سجاده نشين ۽ سياستدان

اهوئي طالب الموليٰ ٿئي ٿو،
جو مولا کان سواءِ ٻي ڏي نہ راغب،
ٿيو الله جي آڏو جو مغلوب،
جهان ۾ سڀ ڪنهين تي سوئي غالب.



جنم:۔ 4 آڪٽوبر 1919ع وفات:۔ 11 جنوري 1993ع